
ڪلهوڙا دؤر جو
تاريخي ۽ تحقيقي جائزو
مرتب
جهانگير عباسي
مشتاق ڪلهوڙو
عباسي ڪلهوڙا تنظيم، سنڌ
kaptan abro

ڪلهوڙا دؤر جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو

(ڪلهوڙا دؤر جي مختلف موضوعن تي چونڊ ۽ ايوارڊ يافته مضمُون/ مقالا)

مرتب

جهانگير عباسي
مشتاق ڪلهوڙو

عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ

لاڙڪاڻو

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ

ڪتاب جو نالو : ڪلهوڙا دؤر جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو
موضوع : تحقيقي مقالا ۽ مضمون
مرتب : جهانگير عباسي / مشتاق ڪلهوڙو
ڇاپو پهريون : اپريل 2019ع
ڇپائيندڙ : عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ، لاڙڪاڻو
ڇپيندڙ : مارئي اڪيڊمي، حيدرآباد سنڌ
ڪمپوزنگ : راڻو خان ميگهواڙ
: سُورج پرنٽرس، حيدرآباد سنڌ
قيمت : 400/_ (چار سؤ رپيا)

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

2023ع

Kholora Dour jo Tarekhi aye Thakeki Jaezo.
Topic: Mazmoon/Makala.
Compiled by: Jahangir Abbasi/ Mushtaq Kalhoro
Edition: First.
Quantity: 500/00.
Price: 400/00.
Year: April 2019.
Published by: Marvi Publishers Hyderabad.
Publisher: Abbasi Kalhora Tanzem Sindh Larkana.

ارپنا

نندي ڪنڊ جي عظيم شخصيت
امان ڊاڪٽر بيگم اشرف عباسي
جي نانءُ
جنهن پنهنجي سموري حياتي
ڏکي انسانيت جي سماجي خدمت ۽
پاڪستان ۾ مستحڪم حقيقي جمهوريت لئہ
جدوجهد ڪندي گهاري.

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران سنڌ جي تاريخ بابت ڪتاب ”ڪلهوڙا دؤر جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون، جنهن جا مرتب ڪندڙ جهانگير عباسي ۽ مشتاق ڪلهوڙو آهن.

سنڌ جي تاريخ ۾ محققن ۽ عالمن، ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت کي سنڌ جو شاهڪار ۽ سنهري دؤر سڏيو آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪلهوڙن جي دؤر متعلق ليکڪن، محققن، استادن ۽ عالمن جا 15 انعام يافته مقالا/مضمون شامل ڪيا ويا آهن جن ۾ ڪلهوڙا دور جي مختلف پهلوئن کي سهيڙيو ويو آهي. هي مقالا تنظيم جي مختلف ڪانفرنسز ۾ پيش ڪيا ويا آهن.

هي ڪتاب 2019ع ۾ عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ پاران مارئي اڪيڊمي، حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

❊ پبلشر نوٽ	مشتاق ڪلهوڙو	7
❊ پيغام	پڳدار حاجي منور عباسي	9
❊ مرتب پاران	جهانگير عباسي	10

مضمون ۽ مقالا:

❊ ڪلهوڙاجي دؤر ۾ چانڊڪا پرڳڻي جون سياسي ۽ سماجي حالتون	منظور علي ”پيارو“ عباسي	14
❊ ڪلهوڙا دؤر حڪومت جي سياسي، سماجي حالتن جو مختصر جائزو	سڪندر عباسي	20
❊ ميان آدم شاهه ڪلهوڙو ۽ چانڊڪا پرڳڻو	ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“	24
❊ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دؤر جو تحقيقي جائزو	نذير احمد ”شاڪر“ بروهي	29
❊ ڪلهوڙا دؤر جو هڪ نامور سپهه سالار ميان محمد دائود خان عباسي	محمد پنهل ڏهر	52
❊ ڪلهوڙا دؤر جا نامور حڪمران	غلام محمد پٺاڻ	71
❊ ڪلهوڙا حڪمرانن جا سپهه سالار	ڊاڪٽر بدر ڏامراهو	82
❊ ڪلهوڙا دؤر جو عظيم سپهه سالار جرنيل شاهه بهارو	جهانگير عباسي	97
❊ ڪلهوڙا دؤر جون جنگيون	گوهر سنڌي	101
❊ ڪلهوڙا دؤر جو نهري ۽ زرعي نظام	منظور سولنگي	124
❊ ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌي ادب جي اوسر	پروفيسر موهن لعل پريمي	135
❊ ڪلهوڙا دؤر جا مخطوطات	ڊاڪٽر هدايت پريم	147
❊ ڪلهوڙا دؤر ۾ ٺٽي جا ناموَر عالم	پروفيسر محمد شريف ”شاد“ سومرو	156
❊ ڪلهوڙا دؤر جا نامور شاعر	پرويز شمس ڪلوڙ	170
❊ ڪلهوڙن جي دؤر جا مخطوطات: هڪ جائزو	راجا ”ڏاهر“ عباسي	176

پبلشر نوٽ

عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ لاڙڪاڻو اها واحد تنظيم آهي جيڪا سنڌ اندر گذريل چاليهہ ڏهاڪن کان وٺي عباسي ڪلهوڙا قوم جي ماڻهن جي مسئلن جي علاوه سندن مالي سهائتا ڪرڻ سان گڏ بنا ڪنهن تفريق متييد. ذات پات ۽ قوم قبيلي جي، باقي قومن جي پڻ سياسي، سماجي، معاشي ۽ ادبي حوالي سان بہ خدمتون سرانجام ڏيندي رهي ٿي. انهيءَ جو عملي مثال هي ڪتاب ”ڪلهوڙا دؤر جو تحقيقي ۽ تاريخي جائزو“ آهي.

هن تنظيم جو سرپرست اعليٰ ۽ عباسي ڪلهوڙا قوم جو سردار پڳدار حاجي منور علي عباسي جي شخصيت ۽ ڪردار ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي جنهن ٻين سرگرمين ساڻ گڏ ادبي حوالي سان بہ سنڌي ادب جي اوسر ۾ عباسي ڪلهوڙاجي نمايان ڪم ڪي غير معمولي درجو ڏنو آهي. برک ليکڪ، شاعر، لطيف جي پارکو ڊاڪٽر تنوير عباسي جي وفات بعد ادبي ميدان طور سندس نالي سان ”ڊاڪٽرتنوير عباسي ايوارڊ“ منعقد ڪندا رهيا آهن ۽ هيل تائين ست ڊاڪٽر تنويرعباسي ايوارڊ تقريبون منعقد ڪري چڪا آهن. هي ڪتاب انهن ايوارڊ تقريبن مان آيل چونڊ ۾ انعام يافتہ مقالن، مضمونن تي مشتمل آهي، جيڪي ڪلهوڙا دؤر حڪومت جي مختلف عنوان تحت تنظيم پاران گهرايا ويا هئا.

هن کان اڳ عباسي ڪلهوڙا تنظيم ڪيترائي ڪتاب، ڪيلينڊر شايع ڪرڻ سان گڏ هر مهيني اخبار ”آواز ڪلهوڙا“ مسلسل شايع ڪندي رهي ٿي. تنوير ايوارڊ ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي تي لکيل مضمون ۽ مقالن جو ڪتاب ”مان تنوير آهيان“ کان پوءِ اٺين ايوارڊ جي موقعي تي ڪتاب ”ڪلهوڙا دؤر جو تحقيقي ۽ تاريخي جائزو“ شايع ڪندي، نهايت سرهائي محسوس ٿي. ڪتاب جو مرتب سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ جو ليکڪ، مترجم پروفيسر جهانگير عباسي ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ناهي جنهن وڏي جستجو ۽ لگن سان محنت ڪندي هي ڪتاب ترتيب ڏنو آهي، جنهن لاءِ تنظيم سندس ٿورائتي آهي.

اسان هيءَ اميد رکون ٿا تہ عباسي ”ڪلهوڙا تنظيم سنڌ“ لاڙڪاڻو پاران شايع ڪيل هي ڪتاب، ادب ۽ تاريخ جي شاگردن، استادن، عام پڙهندڙن سان گڏ سنڌي ادب ۾ بہ پنهنجي موضوع جي اعتبار کان نمايان مقام حاصل ڪندو. مستقبل ۾ پڻ تنظيم هن قسم جا ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب شايع ڪندي، ٻين شعبن جيان ادب ۾ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي. هن سلسلي ۾ اسين هر قسم جي تجويز ڪي دل سان ڀليڪار ڪنداسين. بقول شاهہ سائين

ٿورا نہ ٿورا مون تي مارو‍ئڙن جا

2 مارچ 2019ع

خادم العلم

مشتاق علي ڪلهوڙو

انچارج شعبو ادب

عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ

لاڙڪاڻو

پيغام

عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ لاڙڪاڻو واحد تنظيم آهي جيڪا گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان وٺي سماجي، سياسي، مذهبي، تاريخي، علمي ۽ عَملي شعبن ۾ پاڻ پتوڙي رهي آهي. مفت اکين جي ڪئمپ، غريبن ۾ عيد برات جي موقعن تي راشن ۽ ٻيو سامان ڏيڻ. تاريخي ماڳ مڪانن جي سار سنڀال خاص ڪري ڪلهوڙا دؤر جي حڪمرانن بابت سيمينار منعقد ڪرڻ، ديني خدمتون ڪرڻ ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي ڪم آهن، جن ۾ هيءَ تنظيم پنهنجو ڪردار احسن طريقي سان سرانجام ڏيندي پئي اچي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي جيڪو سنڌي ٻولي ۽ ادب جو برک شاعر، نقاد هو جنهن جي نالي سان تنظيم ڊاڪٽر تنوير عباسي ايوارڊ ڪندي رهي ٿي. هي ڪتاب انهن تي گذريل ايوارڊن ۾ آيل ڪلهوڙا دؤر جي مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل آهي، جن مان چونڊ مضمون ۽ مقالا جن کي ليکڪن کي تنوير ايوارڊ ڏنو ويو، هاڻ ڪتابي صورت ۾ ڪلهوڙا دؤر جو تحقيقي ۽ تاريخي جائزو جي عنوان سان شايع ڪندي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون.

عباسي ڪلهوڙا تنظيم مستقبل ۾ پڻ ٻين سرگرمين سان گڏ ادب، ٻولي، سماجيات، تاريخ ۽ تمدن تي ڪم ڪندي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

حاجي منور عباسي
پڳدار
عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ
لاڙڪاڻو

مرتب پاران

سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمراني تقريباً 82 سال رهي آهي. ڪلهوڙن جو دؤر حڪومت سنڌ جو سڀ کان اهم ۽ تاريخي دؤر ٿي گذريو آهي. ”ڪلهوڙن جي حڪمراني ميان آدم شاهه “ڪلهوڙن کان شروع ٿي گذريو آهي. ميان عبدالنبي تائين ختم ٿئي ٿي. ڪلهوڙن جي دؤر کان سنڌ سالن جي غلامي واري عذاب کان آجي ٿي خودمختيار ۽ آزاد رياست جي حيثيت ۾ ترقي جي راهه تي گامزن رهي آهي. ڪلهوڙا جيڪي سنڌ جا مقامي رهاڪو هئا. پيري مريدي کان سياسي طاقت ذريعي اقتدار ۾ آيا ڪين پنهنجي سموري دؤر ۾ جتي اندروني سازشن کي منهن ڏيڻو پيو اتي وري ڌارين جي يلغارن ۽ ڦرلٽ سان به مهاڏو اٽڪائڻو پيو هو. ڌارين جي حملن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏکيايون ڪلهون کي نادر شاهه، احمد شاهه ابدالي ۽ مدد خان پٺاڻ جي حملن ۾ پيش آيون آهن، جن جي ظلمن ۽ راتاهن کي ياد ڪندي اڄ به ڏندين آڱريون اچيو وڃن ٿيون. پوءِ به ڪلهوڙا حڪمران مڙس ماڻهو ٿي انهن حالتن جو مقابلو ڪندي آزاد سنڌ رياست جي سک ۽ استحڪام لاءِ جدوجهد ڪئي آهي.

هي ڪتاب ”ڪلهوڙا دؤر جو تحقيقي ۽ تاريخي جائزو“ ڪلهوڙا دؤر حڪومت جي انهن اهڙن اهم حالتن، واقعن تي ڪئي آهي، هن ڪتاب ۾ ڪلهوڙا دؤر جي تاريخ کي چونڊ مقالن ۽ مضمونن جي صورت ۾ ڪتابي صورت ڏني وئي آهي. هي مقالا ۽ مضمون سنڌ جي نامور اسڪالرن، محققن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ نثر نگارن جا تحقيقي انداز ۾ لکيل آهن، جيڪي عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ لاڙڪاڻو پاران پهرئين کان ستين تائين هر سال منعقد ٿيندڙ ڊاڪٽر تنوير عباسي ايوارڊ لاءِ ڪلهوڙا دؤر جي مختلف عنوانن تحت تنظيم پاران ايوارڊ جي موقعي تي گهرايا ويا هئا. سنڌ جي برک اديب، محقق ۽ شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي جي وفات بعد سندس ادبي مجتا طور تي تنظيم جي روح روان ۽ پڳدار حاجي منور عباسي پاران ڊاڪٽر تنوير

عباسي ايوارڊ باقاعده سان منعقد ٿيندو رهي ٿو. هن جي علاوه نامياري سگهڙ محمد ملوڪ عباسي ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن جي حوالي سان پڻ عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ پنهنجيون علمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

هن ڪتاب ۾ شامل مضمون ۽ مقالا ”تنوير عباسي ايوارڊ“ لاءِ نامزد ٿيل آهن، جن کي ڪتابي صورت ۾ حاجي منور علي عباسي شايع ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو هو. مجموعي طور تي ستن ايوارڊ دوران تنظيم کي ”ڪلهوڙا دؤر حڪومت“ بابت ڪل 23 مضمون ۽ مقالا وصول ٿيا، جن مان 13 چونڊ مقالا ۽ مضمون هن ڪتاب ”ڪلهوڙا دؤر جو تحقيقي ۽ تاريخي جائزو“ جي عنوان سان مرتب ڪري اٿين ڊاڪٽر تنوير عباسي ايوارڊ جي موقعي تي پڌرو ڪجي ٿو. هن جي علاوه تنظيم ”سومرا دؤر“ تي بہ مختلف ليکڪن ۽ محققن کان مضمون ۽ مقالا گهرايا هئا، جيڪي ڪنهن ايندڙ ڊاڪٽر تنوير عباسي ايوارڊ جي موقعي تي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويندا.

ڪتاب ”ڪلهوڙا دؤر جو تحقيقي ۽ تاريخي جائزو“ ۾ مقالن جي ترتيب ۾ هن ڳالهہ کي لازمي اهميت ڏني وئي آهي تہ ڪلهوڙا دؤر جي سيني پهلوئن جي مناسبت سان مقالا ۽ مضمون شامل ڪيا وڃن، جيئن ان دؤر جو مڪمل احاطو ڪرڻ سان گڏ ”ڪلهوڙن جي دؤر وارن واقعن، حالتن ۽ تبديلين کي بهتر تاريخي، سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جي عڪاسي ڪندڙ منظور علي پيارو عباسي ۽ سڪندر عباسي جا لکيل مقالا ۽ مضمون آهن نامور محقق ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ جو محترم نذير احمد ”شاڪر“ ۽ محمد پنهل ڏهر جا دقيق مقالا شامل آهن. سپهہ سالارن، جرنيلن، اڳواڻن ۽ بهادرن جي متعلق ڊاڪٽر بدر ڏامراهو ۽ جهانگير عباسي ۽ غلام محمد پٽني جا مضمون ۽ مقالا آهن. جنگي حالتن جي تاريخ گوهر سنڌي، نهري ۽ آبپاشي نظام تي محترم منظور سولنگي جا مقالا شامل آهن. اهڙي طرح ديني عالمن، مدرسن ۽ مخطوطن بابت وري ڊاڪٽر هدايت پريم

سرڳواسي.... پروفيسر موهن لعل پريمي، پروفيسر شريف شاد سومرو ۽ شمن ڪلوڙجا مقالا رکيا ويا آهن.

سنڌجي تاريخ ۾ محققن ۽ عالمن ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت کي سنڌ جو شاهڪار ۽ سنهري دؤر سڏيو آهي. انهيءَ لحاظ کان ڪتاب ”ڪلهوڙا دؤر جو تحقيقي ۽ تاريخي جائزو“ هن دؤر متعلق ليکڪن، محققن، استادن، ادب جي شاگردن سان گڏ عام پرهندڙن کي پڻ ڪارائتو لاپ ڏيندو. جنهن ۾ شامل مجموعي مقالن ۾ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ وارن سيني پهلوئن کي سموهڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي وئي آهي.

تحقيق هونئن بہ ڏکيو عمل آهي جنهن ۾ ڪابہ ڳالهہ ۽ آخري حتمي نہ هوندي آهي. سو ممڪن آهي تہ ليکڪن جي لکيل هنن مقالن ۾ پڻ ڪيترين ئي ڳالهيون ۽ رخ رهجي ويا هجن. هي مقالا 15 سال اڳ لکيل آهن جن جي چونڊ ۽ ترتيب بيحد ان لحاظ کان ڏکي هئي تہ هڪ موضوع تي هڪ کان وڌيڪ مقالا موجود هئا پر ڪوشش اها ڪئي وئي آهي تہ موضوع ۽ مواد جي لحاظ کان چونڊ ڪجي. بطور مرتب نگار ڪيتري حد تائين ڪامياب ٿيو آهيان. انهيءَ جو فيصلو هن ڪتاب جا پڙهندڙ ڪندا، پر آئون پنهنجي وس آهر هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي تہ هڪ جامع ڪتاب پڙهندڙن آڏو مرتب ڪري پيش ڪري سگهجي. ڪجهہ مقالن ۾ غير ضروري حوالا، فارسي متن ۽ ضميما بہ ڏنا ويا هئا جن کي ڪتاب جي سهيڙ کي مدنظر رکندي شامل نہ ڪيو ويو آهي تہ جيئن ڪتاب ۾ وڌ کان وڌ موضوعن کي شامل ڪري سگهجي.

هن ڪتاب جي سهيڙ ۽ ترتيب دوران مان محترم مشتاق ڪلهوڙي جو بيحد ٿورائتو آهيان جنهن مسلسل 15 سالن تائين هي سمورا مضمون ۽ مقالا پنهنجي ساهہ ۾ سانديي رکيا. هو عباسي ڪلهوڙا تنظيم لاڙڪاڻو جو هڪ سچو، مخلص ۽ پراڻو هڏ ڏوکي ڪارڪن پڻ آهي. جنهن جي صلاحن مان هن ڪتاب جي ترتيب دوران مون پڻ فائدو ورتو آهي. ڪتاب جي پبلشر محترم سڪندر ملاح جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن هي ڪتاب شايع ڪري ڏيڻ واري

ذميواريءَ سان گڏ پنهنجون نيڪ صلاحن سان پڻ نوازيو آهي. سڀ کان وڏيڪ مان تنظيم جي روح روان پڳدار حاجي منور عباسي جو شڪر گذار آهيان، جنهن جي ذاتي دلچسپي، ادب دوستيءَ جي طفيل هي ڪتاب اوهان تائين پهتو آهي، مان حاجي صاحب جو ٻه شڪرگذار آهيان، جن مون مٿان اعتبار ڪندي هي عظيم ادبي پورهيو سرانجام ڏيڻ لاءِ بطور مرتب نگار مون کي هي ذميواري نڀائڻ جو موقعو ڏنو. سچ ته پنهنجي عمل، ڪردار ۽ سوچ ۾ هو هڪ جديد ترقي پسند ۽ روشن خيال وڏيرو، ادب دوست ۽ عباسي ڪلهوڙن جو پڳدار آهي.

مان اميد رکان ٿو ته هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ سان گڏ ڪلهوڙا حڪمرانن جي دؤر کي سمجهڻ ۾ نوان گس ڏيندي رهنمائي ڪرڻ سان گڏ سنڌي ادب ۾ پڻ منفرد مقام ماڻيندو. ڪتاب جي ترتيب ۾ جيڪڏهن ڪا غلطي يا ڪمي رهجي وئي هجي ته ان جو سمورو بار عباسي ڪلهوڙا تنظيم تي نه پر مون مٿان رکيو وڃي.

جهانگير عباسي

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ چانڊڪا پرڳڻي جون سياسي ۽ سماجي حالتون

منظور علي ”پيارو“ عباسي

لاڙڪاڻي جو پراڻو نالو ”چانڊڪا“ آهي. چانڊڪا پرڳڻي جون سياسي ۽ سماجي حالتون عباسي ڪلهوڙا دؤر ۾ هيئينءَ طرح ۽ نموني جون هيون. چانڊڪا پرڳڻي يعني هاڻوڪي لاڙڪاڻي ۾ ڪلهوڙن جي دؤرِ حڪومت ۾ ميان شاهل محمد لاڙڪاڻي جو گهاڙ واهه (گهاڙ) کوٽايو جيڪو اڄ به موجود آهي.

ميان نصير محمد:

ميان نصير محمد جي شهرت ۽ سندس جماعت جي مقبوليت تي ماڻهن جي حسد سبب بکر جا مغل اُٿيا جنهن ڪري هو لاچار ٿي ٿر ڏانهن هليو ويو پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ، پوک پلاهه جا انسان جي قوت گذراڻ لاءِ ضروري آهي جي ذريعن نه هجڻ ڪري، موٽي اچي پنهورن جي حد ۾ رهڻ لڳو. پنهورن جو سردار مير پنهوار بکر جي حاڪم سان صلاحو ٿي، هڪ زبردست لشڪر جنهن ۾ سيويءَ جو حاڪم مرزا خان پني پڻ شامل هو وٺي آيو. ٿوريءَ ٽڪا ٽڪيءَ کان پوءِ مرزا خان ڪيس صلح سان گهرائي پنهنجي چاچي محبت خان هٿان عالمگير جي دربار ۾ ڏياري موڪليو. هيءُ ميان نصير محمد جو مختصر حال احوال هيو پر ميان دين محمد جي وقت ۾ ميان يار محمد قلات ۾ به سال پريشانيءَ جي حالت ۾ گذاريا. اڪثر سرائي سردار پڻ پاسڙو وٺي ويهي رهيا ۽ سندس ملڪ جي گهڻي ڀاڱي تي مرزا خان جي پٽ بختاور خان جي ماڻهن قبضو ڪري ورتو. ٻن سالن کان پوءِ 1113هه ۾ ميان يار محمد، راڄي فقير ۽ سرائي لشڪر جي اچڻ تي مريدن کان بيعت وٺي التماس خان بروهيءَ کي مدد ۾ ڪٺي، پنهنجي موروثي زمين ڏانهن رخ رکيو. پهريائين زيدي کان لنگهي منزل ڪندا منڇر ڍنڍ جي ڪناري تي هٿڙي تعلقي جي نيتڪ ۽ سانوه ڳوٺن ۾ پهتا. جن کي زالون ساڻ هيون سي اُتي رهجي پيا، پاڻ اڳتي وڌي پهريائين قيصر پنهور کان سامتاڻي وٺي پوءِ ڳاهن ۾ اچي چانوڻي هنيائين. تنهن کان پوءِ، پنهنجي ڀاءُ مير محمد کي

سرائي سردارن سان گڏ اڳتي موڪليائين، جنهن وچي مارڪپور ۾ گاهي جمشيد تي قبضو ڪري، فتحپور جو قلعو ڇڏايو. هن فتح کان پوءِ ميان يار محمد پاڻ بہ اچي سرائين سان مليو. التماس خان بروهي بخت جي ههڙي يا وري ڏسي چيو تہ "توهان جو الله تعاليٰ مددگار ڪافي آهي منهنجي ضرورت ڪانہ آهي." اهو چئي ميان يار محمد موٽي ويو.

هاڻي ٽڙي پکڙي ويل سرائي هر طرف کان اچي گڏ ٿيا ۽ هيءُ گڇيرو فتح ڪري، پهنورن جي گادي شڪارپور جو نالو ڦيرائي "خدا آباد" رکي، اُنهيءَ ۾ رهڻ لڳو پوءِ هيڏي هوڏي فوجون موڪلي گهاري ۽ ڪديارہ لشڪر جي مدد سان آزاد ڪرائي لاڙڪاڻو بختاور خان جي پاءُ الله بخش جي هٿ مان ڇڏايائين. بختاور خان لاچار ٿي ملتان جي شهزادي معزالدين جي خدمت ۾ عريضو موڪليو تہ "دين محمد جي پاءُ وري شورش مچائي آهي ۽ هي وقت واهر ڪرڻ جو آهي." اگرچ هن شهزادي کي پنهنجي مطلب لاءِ گهرايو هو ليڪن "مَن حَفَرَ بِيراً الاَخيہ وَقَعَ فِيهِ" (ڪر ڪڏ ڪٽي ٻئي جي ڪاڻ ڪِري پاڻ) جي مقتضا موجب، نتيجو اُبتو نڪتو. اتفاقاً جڏهن شهزادي سڌو سندس ملڪ جي رستي سان رخ ڪيو، تڏهن ملڪ جي بربادي جي خوف کان عرض ڪيائين تہ "هن رستي کان نہ اچڻ گهرجي." شهزادي کي هي مختلف عريضا ڏسي انهيءَ ۾ خلل ڏسڻ ۾ آيو ۽ انهيءَ پاسي روانو ٿيو. هن کي ڪٽي ڪنيو بيٺي هٿي تنهن ڪري روڪڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ سخت مقابلي ڪرڻ کان پوءِ قتل ٿي ويو.

ايتري ۾ هن طرف جي وڪيلن حاضر ٿي (بادشاهہ زادي جي) دل تي پنهنجي غلاميءَ ۽ اخلاص جي خاطر خواهہ اثر وهاريو. شهزادو بختاور خان کي قتل ڪري ڪجهہ وقت اچي بکر ۾ رهيو. سيويءَ جو دڙو بختاو خان جي انتقال ڪرڻ کان پوءِ غازي خان دودائي کي عطا ٿيو پر هن کان جوڳو انتظام ڪونہ ٿي سگهيو، جنهن ڪري ڦيرائي بختاور خان جي ڀاءُ الله بخش خان کي ڏنو ويو، تنهن کان پوءِ اسلام خان ۽ قائم خان نهارن کي مليو، پر ڪوبہ پورو انتظام رکي ڪونہ سگهيو ۽ نيٺ ميان يار محمد جي وڪيلن جي حوالي ٿيو تہ وچي پنهنجي موڪل (اَصيل) کي پهچائين. انهيءَ سان گڏ هي بہ حڪم ٿيو تہ "هن سرفرازيءَ جي عيوض ميان يار محمد حضور ۾ حاضر ٿي دست بوسيءَ جو شرف حاصل ڪري." طلب موجب ميان يار محمد

دربيلي ۾ پهتو ته خواج حسين خان گهڻين نوازشن سان هن حڪم جي منسوخيءَ جو فرمان ڪٺي آيو ۽ ديري جي نگراني سندس حوالي ڪيائين. اُتان ڪان شاهي غلامن جي قطار ۾ داخل ٿيڻ جي ابتدا ٿي، ۽ "خدا يار خان" جو خطاب سندن طره امتياز بڻيو. هن ڪان پوءِ سندس پٽ ميان نور محمد، "خدا يار خان" جي لقب سان، پيءُ جو ملڪ سنڀاليو. صاحبزادو دائود خان ٿي سال هن جو مخالف رهيو. پر پوءِ نيٺ اچي پاڻپيءَ جو ناتو رکيائين.

حڪومت جي چوٿين سال مطابق (I.V) 1135هه ۾ دائودپوٽا لڙائيءَ لاءِ اُٿيا، ۽ ملا جيئندو ابڙو، جو بکر تعلقي جي جتوئي پرڳڻي ۾ ڪن زرخريد ديهن جو سنڀاليندڙ هو، تنهن سان جهڳڙو ڪيائون. شڪارپور ۽ خانپور جي سرزمين ۽ آسپاس جي ديهن سميت مير عبدالواسع خان جي جاگير هئي، هنن انهيءَ ۾ پڻ دخل ڪري مٺئين خان کي ڪوبه جواب ڪونه ٿي ڏنو. تنهن ڪري ناري خدمتگار کي حضور ۾ موڪلي مٿينءَ جاگير کي پنهنجي حوالي ڪرڻ جي گهر ڪري هنن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ متوجهه ٿيو ۽ ڪجهه لڙاين ڪان پوءِ ڪين شڪارپور جي قلعي ۾ گهيرو ڪري آڻ مڃايائين.

ملڪ کي چار حصا ڪري ٻه حصا جاگير جي مالڪ کي ۽ هڪ حصو دائودپوٽن کي ڏيئي، چوٿون حصو پنهنجي هٿ ۾ رکي، ضمانت وٺي موٽي آيو. هيءَ قوم بار بار عهد شڪني ڪري ملڪ ۽ زمين ڪان دربدر ٿي ويئي. آهستي آهستي خدا يار خان 1139هه ۾ شڪارپور ۾ منزل ڪري، دائودپوٽن جي بيخ ڪنيءَ لاءِ لشڪر روانو ڪيو. جنهن وڃي "دهلي"(1) جي قلعي ۾ ڪين گهٽيو. آخر سيدن جي منٿ ڪرڻ تي ڪين امان ملي، ۽ فساد جو خيال بلڪل دل مان ڪڍي ڇڏيائون. هن وقت "نهاران" جي زمين، جا انهيءَ بدانتظاميءَ واري زماني ۾ دائودپوٽن کي هٿ آئي هئي، سا پوريءَ طرح مالڪن کي موٽي ملي آهي ۽ دربدر ٿي وڃي ڏوراهين ملڪ ۾ پيا ۽ وڃي ملتان جي پرڳڻن جهڙوڪ "پهلي" ملڪ امام الدين جويه (1) ۽ فريد خان لکهديره، تاين (2) بهاولپور، هانسي (3) سمي جو مڪ، افغانن جي سرحدن جي ويجهڙائيءَ واري زمين، بابا فريد جو پٽن ۽ صبر ۾ رهيا آهن. نيٺ ٻن سالن ڪان پوءِ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي نوڪريءَ جي التجا ڪيائون، جنهن تي لائق گذران عطا ڪري ڪين بکر تعلقي واري زمين ۾ جا سرائين کي تازي هٿ آيل هئي جاگيرون ۽ گهر ڏيئي رهايو ويو. ساڳيءَ طرح ملتان

جي آسپاس جا مشهور زميندار شيخ حميد ۽ شيخ عثمان روتڪ پڻ ٻارين ٻچين اچي ملازمت ۾ داخل ٿيا.

1142هه ۾ مراد ڪليري عرف گنجو سيويءَ تي مقرر ٿيو ۽ گنجا وه جي زميندار قيصر مگسي، محال شورن جي سردار ميرو گواري رند، محال سنيءَ جي سائيس گهرام لاشاريءَ جي اولاد، محال ڪڇيءَ جي مالڪ ميرو بليدي محال، ٻاگ ناڙيءَ جي زميندارن هرهڪ ميان اَميري ۽ لهپا ماڇيءَ ڏاڏار جي مالڪن، بازوئي قوم جي ڪالا خان ۽ ٻين ڪوهستان جي بلوچ زميندارن، ۽ ڪنڪانيءَ جي محالدار بهار خان عمراڻيءَ کي جو هرهڪ هزارين لشڪر جو سردار هو، ماري مات ڪري قلات جي خان عبدالله بروهيءَ سان جو پاڻ کي "ڪوهستان جو شهباز" سڏائيندو هو وڃي هٿ ڳنڍيائين. آخر 1143هه ۾ پنهنجي سر چڙهائي ڪري، گهيري ۽ جنگ سان ڪرته جو قلعو مبارڪ خان کان ورتائين، ۽ لشڪر اڳتي وڌي اسماعيل خان بروهيءَ کي شڪست ڏيئي ڪاڪر بروهيءَ کي قتل ڪري سوڀارو ٿيو.

هن واقعي کان پوءِ مير عبدالله خان پنهنجون به نياڻيون صاحبزادن کي ڏيئي صلح ڪيو. اتفاقاً سال 1144هه ۾ بروهين جي هڪ قوم عهد شڪني ڪري فريد آباد جي ڀر واري ڪاڇي جي زمين کي ڦريو، جنهن تي ميان پاڻ پنهنجي سر انتقام وٺڻ جي خاطر وڃي لاڙڪاڻي ۾ منزل انداز ٿيو ۽ نامور سردارن کي امير عبدالله خان سان جنگ ڪرڻ واسطي موڪليائين.

جڏهن ٻهر ۾ جتي مير عبدالله خان اڳرائي ڪري آيو هو ٻنهي ڌرين جو ٽڪر ٿيو. هو (مير عبدالله) رستم جهڙي جنگ کان پوءِ مارجي ويو ۽ آئيندي لاءِ بروهين جو زور ٽٽي پيو. 1145هه ۾ صاحبزادي محمد مراد ياب خان چونڊ سردارن سان گڏجي "کهيارو" ۽ "نرڪار" وڃي مير عبدالله خان جي سئوٽ مراد عليءَ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. 1146هه ۾ صاحبزادو خداداد خان هنن ماڻهن مان شادي ڪري مراد مند ٿيو. هن کان پوءِ نادر شاهه بادشاهه جي اچڻ جا سبب پيدا ٿيا ۽ اوڏانهن وڪيل اچڻ وڃڻ لڳا. 1149هه ۾ بکر جو ملڪ هٿ آيو. سيوستان انهيءَ کان اڳ هٿ اچي چڪو هو. 1150هه ۾ ٺٽو پڻ جيئن مٿي بيان ٿيو قبضي ۾ آيو ۽ اتي جي نائبيءَ جو شرف شيخ غلام محمد کي نصيب ٿيو. انهيءَ سال نادر شاهه قنڌار فتح ڪري سنڌ جي رستي هندستان ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتو تنهن ڪري سرحدن کي مضبوط ڪرڻ

خاطر (پاڻ) لاڙڪاڻي وجي، صاحبزادي محمد مرادياب کي ننڍي روانو ڪيائون.

اهو 1151هه جي ذوالقعد مهيني جي آخر ۾ ٺٽي پهتو. تہ ڏاراجا جو حاڪم راڻو اجمال ۽ ڪڪرالي جو ڄام ساٽس ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ لڳا ۽ ساموندي آرماڙ مٿي درياءَ ۾ وٺي آيا جنهن ڪري پاڻيءَ توڙي خشڪيءَ تي ڪيئي جنگيون لڳيون. سندن جهازن ٺٽي جي گهاٽ وٽ پهچي نصرپور تائين ٻنهي ڪپن تي قرلٽ ڪئي. آخر جڏهن هن پاسي کان توبون آڻي ڪناري تي بيهاري ڇوڙيائون، تڏهن شڪست کائي موٽي ويا پر سرائين جي فوج پيڇو ڪري ٻنهي کي زبردستيءَ آڻ مڃائي. تنهن کان پوءِ نادري تفرقو پيدا ٿيو. محمد مرادياب خان شوال جي ابتدا ۾ ٺٽي مان وڃي پيءُ سان مليو. خدا يار خان عمرڪوٽ پهچي اهل و عيال کي تلهار روانو ڪيو ۽ جنهن رات جي صبح جو پاڻ کي پڻ نڪرڻ جو ارادو هوس انهيءَ جي صبح جو بادشاهہ پنهنجي سر ناگهاني آفت وانگيان عمرڪوٽ جي ٻاهران ڪڙڪيو. هاڻي جڏهن ڪم هٿان نڪري چڪو هو، تڏهن لاچار خدا يار خان گنهگارن وانگيان اچي هٿ ٻڌي حاضر ٿيو. بادشاهہ ڪيس پاڻ سان وٺي اچي لاڙڪاڻي منزل انداز ٿيو ۽ هڪ ڪروڙ روپيا وٺي، ملڪ وري بخشي، سيوي پناڻن ۽ شڪارپور داؤدپوٽن کي ڏيئي، عزت افزائيءَ لاءِ ”شاهہ قلي خان“ جو لقب عطا ڪري صاحبزاده محمد مرادياب خان ۽ غلام شاهہ کي ضمانت ۾ وٺي 11 محرم الحرام 1153هه ۾ لاڙڪاڻي کان واپس موٽي ويو.

مٿئين سڄي حال احوال مان اهو ٿو معلوم ٿئي تہ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ چانڊڪا پرڳڻي جون سياسي ۽ سماجي حالتون پنهنجي جڳهہ تي پنهنجي اعليٰ معيار جون هيون. ڪلهوڙن جي دؤرِ حڪومت ۾ چانڊڪا پرڳڻي يعني هاڻوڪي لاڙڪاڻي جون سياسي سماجي حالتون تمام تعريف جي لائق آهن ڇاڪاڻ تہ ان وقت ڪجور ۽ چانورن ۽ ٻين شين جو واپار بلوچستان سان ۽ عربستان جي ملڪن سان تمام گهڻي پئماني تي هلندو هيو. لاڙڪاڻي جا چانور ۽ ٻيون چيزون ملڪان ملڪ مشهور هونديون هيون. ڪلهوڙن جي وقت ۾ گورنري راڄ قائم هوندو هيو ۽ لاڙڪاڻي اندر بلڪل امن و امان، ديني تعليم، نياز نوڙت ۽ علم و ادب تي بهترين خيال ۽ عمل هوندو هيو. ان وقت چانڊڪا پرڳڻي ۾ رهندڙ ماڻهو ڪلهوڙن جي حڪومت

ڪان خوش ۽ پُرسڪون هوندا هيا. لاڙڪاڻي جا چانور ايترا تہ مشهور هوندا هئا جو فصلن مان زمين اندر ئي پري ڪان جنهن قسم جو فصل پوڪيل هوندو هيو خوشبوءِ ايندي هئي. منهنجي خيال ۾ تہ ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ چانڊڪا پرڳڻي ۾ وڏين نوڪرين تي قابض وڏا ماڻهو هوندا هئا جيئن اڄڪلهہ تہ سڄي پاڪستان ۾ ساڳيو ئي حال آهي باقي هلڪيون ڦلڪيون ۽ وچوليون نوڪريون غريبن کي ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ چانڊڪا پرڳڻي ۾ تمام گهڻيون ۽ جام ملنديون هيون. تنهن ڪري غريب طبقو تمام گهڻو خوش هيو ۽ چانڊڪا پرڳڻي ڏانهن ٻاهريان ماڻهو خشڪي رستي ۽ وري دريا رستي مختلف جانورن تي سوار ۽ پيادا ايندا ويندا هئا.

چانڊڪا پرڳڻي ۾ پراڻي وقت کان وٺي چانورن جي لحاظ کان ڳوٺ گهوگهارو مشهور ٿيو جو اڄ تائين ان ڳوٺ جو نالو تاريخي لحاظ کان ڪتابن ۾ موجود آهي ۽ اهو ڳوٺ اڄ چانڊڪا پرڳڻي (لاڙڪاڻو ضلعو) ۾ موجود آهي جو هن وقت نئين ٺاهيل قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ شامل ٿي ويو آهي. ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ چانڊڪا پرڳڻي ۾ واپار جي ڪري سيني ماڻهن وٽ ايترو تہ پئسو جام ۽ هيو جو منهنجي خيال ۽ اندازي مطابق لاڙڪاڻي وارو پهاڪو ”هجئي ناڻو تہ گهُم لاڙڪاڻو“ يقيناً پوءِ ئي مشهور ٿيو آهي جيڪو ڪلهوڙا دؤرِ حڪومت جو جي شاهوڪاري واري دؤر کي ظاهر ڪري ٿو.

بهرحال ڪلهوڙا دؤرِ حڪومت ۾ هاڻوڪي لاڙڪاڻي (پراڻي چانڊڪا پرڳڻي) جون حالتون سيسي، علمي ۽ سماجي لحاظ کان اهڙيون هيون جو هيءُ شهر بادشاهہ پرڳڻو هو ۽ هن وقت بہ لاڙڪاڻو يعني چانڊڪا پرڳڻو هر لحاظ کان بادشاهہ پرڳڻو آهي.

ڪلهوڙا دؤر جون سياسي سماجي حالتون

(مختصر جائزو)

سڪندر عباسي

تاريخ جي تهه خاني جي ڇنڊڇاڻ مان اها پروڙ پئي ٿي ته سنڌ اندر عباسي خاندان جي اثر و رسوخ واري بحث جو بنياد اهو وڃي بيهي ٿو ته جڏهن بنو اُميه خاندان جي خلافت جو خاتمو ٿيو ته، ان وقت کان بني عباس جي دؤرِ خلافت جو آغاز ٿيو پر جيئن اردو جي هڪ مشهور چوڻي مشهور آهي ته ”رسي سڙي وئي مگر سندس وڪڙ نه ويو“ چو ته انا به پنهنجي جاءِ تي هڪ ٺوس حقيقت هجي ٿي جيڪا انسان جي فطرت ۾ ڪنهن نه ڪنهن جاءِ موجود رهي ٿي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ به آرس پچي اٿي ويهي ٿي. سو اهڙي ئي هڪ اناپرست انارڪي عباسي خلافت جي آغاز ۾ ئي ڪر ڪنيو. ٿيو ائين جو پڇاڙي تي پهتل بنو اُميه طرفان سنڌ لاءِ مقرر ڪيل ان وقت جي گورنر، عباسي خليفي جي بعيت کان صاف انڪار ڪيو. ان ڳالهه جي ڪل جڏهن عباسي خليفي جي ڪنن تائين پهتي ته هن پنهنجي گورنر ابو مسلم خراسانيءَ کي ان منصور تي چڙهائي جو حڪم ڏئي انڪاري گورنر منصور کي قيد ڪري آڻڻ جو چيو. ابو مسلم خراسانيءَ حڪم تي فوري عمل درآمد ڪندي فوجي آفيسر نالي موسيٰ کي مقابلي لاءِ روانو ڪري ڇڏيو. جنهن باغي گورنر منصور کي شڪست فاش ڏئي فتح جو جهنڊو بلند ڪيو. اهڙي ريت عباسي خليفي جي باقاعده طور پهرين سوب ۽ دٻدٻي جو بنياد پيو.

چيو پيو وڃي ته عباسي ڪلهوڙن پنهنجي دؤرِ حڪومت ۾ مجموعي طور تي سياسي توڙي سماجي حالتن کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکيو. جيتوڻيڪ ڪافي اهڙا موقعا به آيا جڏهن ڪلهوڙا دؤرِ حڪومت جي گرفت انتظامي معاملن توڙي سياسي ۽ سماجي نقطئہ نگاهه کان ڪمزور ٿيندي نظر آئي، پر ان کان اڳ جو پاڻي مٿي تائين چڙهي اچي انهن حالتن تي ڪنٽرول ڪيو ويو. ڪنهن مفڪر جو قول آهي ته

“A state is a perfect body of free man, united together to enjoy common rights and advantages.”

رياست بلڪ هڪ آئيڊيل رياست متعلق بيان ڪيل انهن خوبين مان تقريباً سڀ ان دؤر حڪومت ۾ موجود هيون.

ڪلهوڙا دؤر جي سياسي سماجي حالتن جو جائزو وٺڻ کان اڳ بهتر اهو ٿيندو ته اڳ اهو معلوم ڪجي ته شروع کان ڪلهوڙن جو ان وقت جي رعايا مٿان ڪهڙو اثر هو. ان حوالي سان تاريخ جي ورق گرداني ڪندي خبر پئي ٿي ته هي هڪ مذهبي خيال جو قبيلو هو. هن نيات جا ڪي ماڻهو رات ڏينهن عبادت ۽ رياضت ۾ رڌل رهندا هيا. عام ماڻهو منجهن عقيدت رکندا هيا ۽ کين مرشد هادي ڪري مڃيندا هيا. سمن جي ايامڪاريءَ ۾ سنه 1450ع ۾ سيد ميان محمد مهدي جهونپري اچي سنڌ ۾ وارد ٿيو هو ۽ سنڌ جا ڪيترائي ماڻهو سندس مريد ٿيا هيا جن مان هڪ آدم شاهه ڪلهوڙو به هو. سندس تعلق عباسي خاندان سان هو. سيد ميان مهديءَ جي مڪي شريف ڏانهن وڃڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ميان آدم شاهه ڪلهوڙو سندس جانشين طور ڪم ڪرڻ لڳو. ميان آدم شاهه جي پوئلڳن ۾ آهستي آهستي واڌارو ٿيڻ لڳو. سندس وفات کان پوءِ ته سندس اثر ۽ شهرت ۾ تمام گهڻو واڌارو آيو ۽ هن جا پونئير ڇهن پيڙهين تائين هڪ ٻئي پٺيان مرشديءَ جي انهيءَ مسند تي ويهندا آيا. پنهنجين سماجي ۽ معاشي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪلهوڙن ڪجهه زميندارن جي زمينن تي ڪاهه به ڪئي، جن هڪٻئي سان ايڪو ڪري ڪلهوڙن سان ٽڪراءُ به ڪاڏو. پر ڪلهوڙن کين شڪست ڏئي ڇڏي. جڏهن ڪلهوڙن جي قوت جي خبر وقت جي گورنر تائين پهتي ته هن ڪلهوڙن جي ڪن مهٽ لاءِ فوج رواني ڪئي. ڪلهوڙن ڪيترن ئي مقابلن ۾ سرڪاري فوج کي شڪستون ڏنيون. دراصل ڪلهوڙن ان وقت پنهنجي ان عمل کي پنهنجو حق سمجهيو ته حق بس وٺڻو آهي، پوءِ ڪو ئي راضي رهي يا رنج، علامه اقبال جي هن شعر جيان ته:

هر طعنہ ديا جائي، هر طنز ڪيا جائي
ڪچهہ بهي هو مگر حد ادب مين نہ رها جائي
تاريخ ني قومون ڪو ديا هي يهي پيغام
حق مانگنا توهين هي حق چهين ليا جائي

ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته ڪنهن به رياست، ڪنهن جي به دؤر حڪومت ۾ سندس رياست جي سماجي حالتن جي بهتري جو اندازو لڳائڻو

هجي تہ ان لاءِ گهٽي مٿي ماري ڪرڻ بجاءِ پهرين شرط ان وقت جون علمي خدمتون، تعليمي حالتون ڏسجن، ڇو تہ تعليم ئي اهو مضبوط ٿنڀو هجي ٿي جيڪا ڪنهن بہ رياست جي عمارت کي جٽاءُ فراهم ڪندي آهي ۽ سمورين سماجي حالتن جي سڌاري جو دارومدار بہ تعليم تي هجي ٿو. ان لاءِ اسان کي جيڪڏهن عباسي ڪلهوڙا دؤرِ حڪومت جي سماجي حالتن جي خبر لهڻي آهي تہ ڇنڊڇاڻ جي شروعات تعليم جي سري کان ڪجي ۽ ان ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ ڪلهوڙا دؤرِ حڪومت علم دوستيءَ جي حساب سان مشهور آهي، هنن وس آهر علم کي عام ڪرڻ لاءِ جاکوڙيو. اهو ئي سبب آهي جو تاريخدان ڪلهوڙا دؤر کي تعليم جو سونهري دؤر ڪري لکندا آيا آهن. ڇو تہ هو وس آهر علم جي فروغ جي سرپرستي ڪندا هيا.

ڪلهوڙن جي علم دوستيءَ تي مون کي نظام الملڪ طوسيءَ جو هڪ واقعو ياد اچي ٿو جيڪو سلطان وٽ وزير هيو. ٿيو ائين جو سلطان، پنهنجي وزير نظام الملڪ طوسيءَ کي فوج ڀرتي ڪرڻ لاءِ فنڊ جاري ڪيا. نظام الملڪ انهن فنڊن مان فوج ڀرتي ڪرڻ بجاءِ درسگاهون کولرائي ڇڏيون. سلطان کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن نظام الملڪ کي ٻي رقم ڏني تہ وڃي فوج ڀرتي ڪر، هن ٻيري بہ طوسيءَ فوج ڀرتي ڪرڻ بدران علم جا ادارا کولرائي ڇڏيا. اهو معلوم ٿيڻ تي سلطان کي منيان لڳي هن نظام الملڪ طوسيءَ کي گهرائي ڪانئس حڪم عدوليءَ جو سبب معلوم ڪيو تہ طوسيءَ ڪيس اهو چئي لاجواب ڪري ڇڏيو تہ جاهل ۽ اڻپڙهيل فوج ڀرتي ڪرڻ کان بهتر آهي تہ رياست جي ديرپا سک لاءِ درسگاهون کولي پڙهيل لکيل نسل اڀتي آڻجي، جيڪو علم ۽ شروع جي طاقت سان اڻپڙهيل فوج کان هزار دفعا وڌيڪ بهتر نموني رياست جي حفاظت ڪري سگهندو.

تاريخ لکي ٿي تہ ڪلهوڙا حڪمرانن بہ پنهنجي دؤر ۾ پڙهيل لکيل نسل جي آبياريءَ لاءِ، سکر، بکر، الور، روهڙي، بوبڪ، سيوهڻ، خانوٽ، انڙپور، ڪپرو، نصرپور، گجر ڪوٽ، ڪاتيار، مٽياري، نيرون ڪوٽ، ٺٽو سن، شڪارپور، ولهار، دڙي، درٻيلو هنگورجا ۽ ساڪر جي ڪناري جي ڳوٺن وغيره ۾ مذهبي تعليم جا اهم مرڪز کوليا، جيتوڻيڪ اها فهرست اڃا ڊگهي آهي، پر هتي مثال طور ڪجهہ علائقن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. لکڻ وارا لکن ٿا تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي وٽ هڪ عاليشان ڪتب خانو هيو. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ عربي ۽ فارسي علم جو رواج گهڻو عام هيو.

علمي خدمتن کان پوءِ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ وڻج واپار طرف نظر ڪجي ته اها به ڪافي حد تائين مطمئن ڪندڙ نظر اچي ٿي، ان وقت سنڌ جو واپار چين، عربستان ۽ آفريڪا سان وڏي پئماني تي هلندڙ هو. امن و امان جي صورتحال به ڪافي بهتر هئي، جنهن جي ڪري ئي ٻيا ملڪ وڻج واپار ۽ سيڙپڪاري وغيره ۾ سنڌ سان لاڳاپا رکڻ پسند ڪندا هيا. صنعتي پيداوار جي لحاظ کان به ڪلهوڙا دؤر تاريخ ساز ٿي گذريو آهي، ان وقت، سوٽي، ريشمي ڪپڙي، چمڙي جي سامان، بافتو وغيره ڪثرت سان تيار ٿيندا هيا. وڻج واپار کي اڃا به وڌيڪ فروغ ڏيڻ لاءِ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي شاهبندر تعمير ڪرايو. ان کان علاوه ڪلهوڙا حڪمرانن زرعي پيداوار کي طاقت وٺرائڻ لاءِ گهاڙ واهه، دادو واهه، سنڌ واهه، قليلي واهه، لڪي واهه، پيچاري واهه ۽ گوني واهه وغيره تعمير ڪرايا. سياسي لحاظ کان ڪلهوڙا دؤر حڪومت هيٺ مٿاهينءَ جو شڪار رهيو. ڪين وقت بوقت، معرڪن، بغاوتن، حملن سان منهن ڏيڻو پيو. جنهن جو جيڪڏهن مختصر ۽ مجموعي جائزو وٺي تت ڪيجي ته ڪلهوڙن ڪڏهن به اهڙن معاملن ۾ اٻهرائپ جو مظاهرو ڪونه ڪيو. هنن ڪڏهن به صبر ۽ استقلال جو دامن هٿان ڪونه وڃايو. سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي ڪلهوڙا حڪمران سڀ تحمل مزاج وارا هيا ۽ سياسي حالتن کي سوبرپٽي ۽ سنجيدگيءَ سان نبيريندا هيا.

مشهور مفڪر Quincy Franklin پنهنجي ڏانهن لکيل خط ۾ هڪ خوبصورت جملو لکيو هو ته "There is no Good War or bad peace." ۽ حقيقت به اها آهي ته دنيا ۾ ڪا به جنگ سٺي نه آهي ۽ نه ڪو امن خراب آهي. البته اهي جنگيون جيڪي حقن جي حصول ۽ باطل خلاف وڙهيون وڃن ٿيون، اهي بهرحال بهتر آهن. ان لحاظ کان ڪلهوڙن يا ته ڪنهن عظيم مقصد تحت ڪنهن تي ڪاهه ڪئي يا پنهنجي دفاع ۾ ڪنهن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي. مجموعي طور تي هنن سياسي طور تي پاڻ کي ڪافي مضبوط رکيو ۽ سياسي تعلقات بهتر رکيا. ان لحاظ کان اهو لکڻ ۾ واقعي به ڪا مبالغه آرائي ڪونه آهي ته ڪلهوڙا دؤرِ حڪومت پنهنجي سياسي، سماجي، ديني، مذهبي، تعليمي ۽ عملي حالتن بدولت سنڌ جو هڪ تاريخ ساز ۽ سونهري دؤرِ حڪومت رهي آهي.

مياں آدم شاهہ ڪلهوڙو ۽ چانڊڪا پرڳڻو

ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“

ڪلهوڙا خاندان جي هن مهان شخصيت متعلق لکڻ کان اڳ اسان اهو معلوم ڪيون تہ ڪلهوڙا عباسي سنڌ ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن وارد ٿيا. تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو مسئلو ڪي قدر متنازعہ آهي. اعجازالحق قدوسي ”تاريخ سنڌ“ (جلد ٻيو) ۾ ٻڌائي ٿو تہ عباسي خاندان ۾ امير سلطان احمد ثاني هڪ رات خواب ۾ حضرت امام زين العابدين جي زيارت ڪئي ۽ کين گذارش ڪئي تہ حڪومت جي حصول ۾ منهنجي مدد فرمايو. حضرت امام کيس فرمايو تہ سنڌ طرف وڃو.

بهاولپور گزيٽيئر ۾ لکيل آهي، شاهہ مزمل جو فرزند سلطان احمد ثاني مصر جي ڇهين عباسي خليفي ابو الفتح المعتضد بالله ابوبڪر جي عهدِ حڪومت (1326ع۔ 1370ع) ۾ مصر ڇڏي ڪيچ مڪران جي رستي انهيءَ اميد تي سنڌ آيو تہ کيس دهليءَ جي دربار ۾ مانُ ملندو. جڏهن تہ حڪيم محمد صادق راڻيپوري جي تحقيق مطابق قائم ۽ احمد نالي ٻہ سڳا ڀائر 873ع ۾ ڪيچ مڪران رستي سنڌ ۾ آيا.

عباسين جي سنڌ ۾ آمد جي مٿين سالن ۾ پورن 500 سالن جو فرق آهي. تنهن جو مطلب اهو ٿو نڪري تہ سلطان احمد ثاني سنڌ ۾ گهڻو پوءِ آيو. ان کان ڪافي اڳ قائم ۽ احمد عباسي سنڌ ۾ پهچي چڪا هئا. خير اسان جو ان سان بحث نہ آهي تہ سنڌ ۾ ڪير اڳ ۾ ۽ ڪير پوءِ آيو. ليڪن هن خاندان جي جن فردن سنڌ ۾ پنهنجو وڏو نالو ڪڍيو ۽ ڌاڪو ڄمايو تن ۾ ٻہ نالا سرفهرست آهن. هڪ مياں محمد آدم شاهہ ۽ ٻيو سندس پوٽو مياں شاهل محمد ڪلهوڙو.

لُبِ تاريخ سنڌ جو مصنف خاداد خان ”تحفة الڪرام“ جي حوالي سان لکي ٿو تہ سنڌ جا ڪلهوڙا حڪمران اصل ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي چاچي سائين حضرت عباس رضہ جي اولاد مان آهن. پهريائين مڪران ۾ رهندا هئا پوءِ سنڌ ۾ آيا.

مياں آدم شاهہ جو شجرو ڏهن پيڙهين تائين تصديق سان ملي ٿو، جيڪو هن ريت آهي: آدم شاهہ بن گجڻ شاهہ بن مين صاحب بن ميان خان بن ميان طاهر بن ميان راڌو بن ميان ابراهيم بن ميان محمد بن ڄام چنو جيڪو هن گهراڻي جو مؤرث اعليٰ هو.

مولانا غلام رسول مهر "تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر" (جلد پهريون) ۾ ميان آدم شاهہ جو دؤر 1520ع کان 1600ع ٻڌايو آهي. ميان صاحب، مير سيد محمد عارف ميران محمد جونپوري کان فيض حاصل ڪيو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي جي پر سان هڪ ڳوٺ "هٽڙي" جنهن کي هٽڙي غلام شاهہ بہ سڏبو آهي ۾ اچي رهيو. ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي پنهنجي شخصيت، اخلاق ۽ ڪردار سان وڏو نالو ۽ ناموس پيدا ڪيو. روحاني لحاظ کان بہ هن جو وڏو نالو ڳڻايو وڃي ٿو. جنهن جو عملي ثبوت "تحفة الڪرام" مان ملي ٿو. اڪبرِ اعظم جي نون رتنن مان هڪ نواب عبدالرحيم خان خانان ان دؤر ۾ سنڌ کان اچي نڪتو ۽ ميان آدم شاهہ جي روحاني منزلت جي هاڪ ٻڌي وٽس دعا لاءِ آيو. دعا کان پوءِ نذرانو قبول ڪرڻ جو عرض ڪيو. پوءِ نذراني طور ميان صاحب کي چانڊڪا پرڳڻي جي زمينداري حوالي ڪري روانو ٿيو.

چانڊڪو تي اهو نالو ان ڪري پيو جو هن علائقي ۾ چانڊيا قوم جي اڪثريت هئي، ڪيس چانڊڪو پرڳڻو ڪري سڏيو ويندو هو. چانڊڪو جو علائقو پراڻي وقت ۾ موجوده لاڙڪاڻي ضلعي سميت قمبر ۽ شهدادڪوٽ ضلعي تي مشتمل هو. اها وڏي جاگير انگريز سرڪار جي مدد ڪرڻ عيوض ان وقت چانڊين جي سردار سريمڻ خان کي ملي هئي. هن ڄام ننڊو جي سپہ سالار دريا خان جي شاهہ بيگ ارغون جي خلاف مدد بہ ڪئي هئي. اهڙي طرح لاڙڪاڻي واري هن علائقي تي چانڊڪا پرڳڻو نالو پئجي ويو. البتہ لاڙڪاڻي جو شهر گهڻو پوءِ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي زماني ۾ وجود ۾ آيو.

عبدالقادر خان "تاريخ ديره غازي خان" (جلد اول) ۾ ميان آدم شاهہ جي ديني مسلڪ جي حوالي سان لکي ٿو. "ميان آدم شاهہ ڪلهوڙو مهدوي تحريڪ ۽ طريقت سان وابستہ هو. سيد محمد جونپوري مهدوي برادريءَ کي "دائري" جو نالو ڏنو هو. جيڪو مڪمل مساوات جي علامت آهي. سندس دائري ۾ وڏي ننڍي ۽ امير غريب جو امتياز ڪونہ هو. مريد دائري ۾

اجتماعي زندگي بسر ڪندا هئا ۽ زندگيءَ جي ضرورت جون شيون پاڻ ۾ برابر برابر ورهائي ڪٽندا هئا. ميان آدم شاهہ بہ دائري جي طريقي تي عمل پيرا هو ۽ سرڪاري ڍل يا محصول ڏيڻ کان منحرف هو.“

سيد سبط حسن ”پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا“ ۾ رقم طراز آهي.

”ميان آدم شاهہ زمين جي گڏيل ملڪيت کي سياسي قوت حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻايو. ڪيس جيڪا بہ زمين خالي يا غير آباد ملي ان تي مريدن جي مشترڪ استعمال لاءِ قبضو ڪندو هو.“

ميان آدم شاهہ کان پوءِ شاهہ عنايت شهيد بہ انهيءَ اصول تي عمل ڪيو ۽ هن ”جيڪو کيڙي سو کائي“ جو نعرو ڏنو. جيڪو اصول دائري واري اصول سان مطابقت رکي ٿو. جنهن ڪري جاگيردارن کي پنهنجو مستقبل اونداهو نظر آيو ۽ هنن شاهہ عنايت کي بہ ميان آدم شاهہ وانگر شهيد ڪرائي ڇڏيو.

ميان آدم شاهہ جي وڌندڙ طاقت، مانَ مرتبي ۽ ميڄتا سبب ٺَرَ جا زميندار ميان جا مخالف ٿي پيا. کين پنهنجي معتبري خطري ۾ نظر آئي. آخر انهن پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري بکر جي مغل گورنر جا ڳَنَ پريا. ڇيو وڃي ٿو تہ بکر جي گورنر خود پنهنجي لاءِ بہ ميان صاحب کي خطري جو سبب سمجهيو. جنهن ميان آدم شاهہ کي قيد ڪرائي ملتان موڪلي ڇڏيو. جتي قيد خاني ۾ ئي ميان جو جسد خاڪي وڃي پنهنجي ربّ سان مليو. اهو 1592ع وارو سال ٻڌايو وڃي ٿو.

”تحفة الڪرام“ ۾ اچي ٿو تہ ميان آدم شاهہ ملتان جي حاڪم جي ڪوتوال شاهہ محمد کي وصيت ڪئي هئي تہ سندس وفات کان پوءِ کيس سکر ۾ دفن ڪيو وڃي. اسيريءَ واري وقت ۾ ميان آدم شاهہ ڪوتوال شاهہ محمد کي ڪافي روحاني فيض رسايو هو تنهن ڪري شاهہ محمد، ميان صاحب جي ان وصيت تي عمل ڪيو ۽ ميان جي وفات بعد سندس ميت سکر ڪڻائي آيو ۽ هڪ ٽڪريءَ تي دفنايو جنهن کي بعد ۾ آدم شاهہ جي ٽڪري سڏيو ويو.

ميان آدم شاهہ جا بہ پٽ ميان ابراهيم ۽ ميان دائود هئا. ميان کان پوءِ سندس پٽ دائود مسند نشين ٿيو. دائود جي زماني ۾ ڪوبہ غير معمولي واقعي رونما ڪونہ ٿيو. ميان دائود جو مقبرو هٽڙي جي قريب موجود آهي.

مياڻ دائود پنهنجي پٺيان ٻہ فرزند ڇڏيا جن مان هڪ ميان الياس محمد ۽ ٻيو ميان شاهہ علي عرف شاهل محمد هيو. ميان الياس پنهنجي والد بزرگوار جي گادي سنڀالي پر ڪو خاص ڀوڳو ڪونہ ڀاريو. سندس وفات کان پوءِ ميان شاهہ علي عرف ميان شاهل محمد جوابداريون سنڀاليون.

ميان شاهل محمد جي شخصيت گهڻ پهلو نظر اچي ٿي، هڪ طرف هو زرعي ماهر هو. جنهن جو ثبوت اهو آهي جو هن قدرتي گهاٽ يا ڦاٽ کي مهارت سان کوٽائي وسيع ڪيو ۽ آبپاشي جو هڪ بهترين وسيلو بڻائي ڇڏيو. اهڙي وهڪري کي گهاڙ واهہ جي نالي سان سڏيو ويو. جنهن جا چٽا چوکا اهڃاڻ اڄا تائين موجود آهن. ميان صاحب جو اهو غير معمولي ڪارنامو ۽ سهڻي خدمت ليکي ويندي.

گهاڙ واهہ جي ٻنهي ڪنارن تي بهترين زمينون ۽ باغات هن وقت تائين ميان شاهل محمد جي بي لوث خدمت جي ساک ڏئي رهيا آهن. ان دؤر ۾ اهي زمينون هتان جي مقامي قومن ابڙن ۽ سانگين جي قضي ۾ هيون. ميان شاهل محمد اهي زمينون مذڪوره قومن کان ڇڏائي پنهنجي قبضي ۾ ڪيون.

ميان صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار جي متعلق ”لُبِ تاريخ سنڌ“ جو مصنف مرحوم خداداد خان لکي ٿو: ”ميان شاهہ علي تمام متقي ۽ پرهيزگار انسان هو. ’تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر‘ جو مصنف مولانا غلام رسول مهر ميان شاهل محمد جي اعليٰ صلاحيتن ۽ ڪردار متعلق رقم طراز آهي: ’ميان شاهل محمد وڏي پايي جو بزرگ هو. ان کان سواءِ منجهس عمراني ۽ انتظامي صلاحيتون اعليٰ پيماني تي موجود هيون.‘“

جيئن تہ ميان صاحب سانگين ۽ ابڙن کان زمينون وٺي پنهنجي قبضي ۾ ڪيون هيون، تنهن ڪري ٻنهي قومن سان سندس معرڪہ آرائي ٿيندي پئي رهي، جيتوڻيڪ اهي ٻئي قومون ميان صاحب جي مريدن ۾ شامل هيون پر ملڪيت جي چڪر ۾ هنن پيري مريدي جا تعلق وساري ڇڏيا. ڇيو وڃي ٿو تہ ڄام صديق ۽ جلال خان ابڙي ٻين زميندارن سان گڏجي ميان صاحب سان ڪيترائي مقابلا ڪيا. آخر بکر جي حاڪم جي مدد سان 1657ع ۾ ميان شاهل محمد کي شهيد ڪرايو. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي 1188هہ ۾

ميان جي مرقد مٿان خوبصورت مقبرو جوڙايو. هي مقبرو لاڙڪاڻي کان ڪجهه مفاصلي تي گهاڙ جي ڪناري اڄ بہ موجود آهي.

ڏٺو وڃي تہ تاريخ ٻنهي بزرگن (ميان آدم شاهہ ۽ ميان شاهل محمد) لاءِ ڇڻ اهڙو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن هو فقط هتان جي زمينن تي غاصبن وانگر قبضو ڪرڻ لاءِ آيا هجن. جيڪا ڳالهہ اهڙن برگزيده بزرگن جي ڪردار ڪشي برابر آهي، جڏهن تہ هڪ طرف اهي ئي تاريخدان انهن کي متقي، پرهيزگار ۽ وڏي پايي جو بزرگ قرار ڏين ٿا. تہ پوءِ اهڙن متقي ۽ پرهيزگار بزرگن جي مٿان ان قسم جي الزام تراشي ڪهڙي معنيٰ رکي ٿي! ٻنهي صاحبن جي معتقدن ۽ مريدن جو حلقو وسيع هو ۽ مخالفت ڪرڻ وارا بہ سندن مريد هئا تہ پوءِ اهڙو تاثر ڏيڻ بلڪل غلط آهي. منهنجي نظر ۾ انهن اختلافات جا اسباب ميان صاحب جن جي عام و خاص ۾ غير معمولي مقبوليت ئي هئي، جيڪا تَرَ جي زميندارن کي اک ۾ ڪنڊي جيان چڀندي ٿي رهي.

بهرحال مذڪوره مسئلو بحث طلب آهي. اُميد تہ اسان جا تاريخ نويس ۽ محقق ان سلسلي ۾ پنهنجي قلم جا ڪونتل ضرور ڪُڏائيندا.

جن ڪتابن تان استفادو ڪيو ويو:

- ”تاريخ سنڌ“ (جلد ٻيو) “ اعجازالحق قدوسي
- ”لُبِ تاريخ سنڌ“: خداداد
- ”تحفة الڪرام“
- ”تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر“: مولانا غلام رسول مهر
- ”تاريخ ديره غازي خان“ (جلد اول): عبدالقادر خان
- ”پاڪستان مين تهذيب ڪا ارتقا“: سيد سبط حسن
- ”لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو“: مرتب: ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ

مياں يار محمد ڪلهوڙي جي دؤر جو تحقيقي جائزو

نذير احمد "شاڪر" بروهي

سترهين صديءَ جو پويون ڏهاڪو ۽ ارڙهين صديءَ جي پهرين چوٿائي يعني 1692ع کان 1719ع تائين سنڌ جي تاريخ ۾ وڏي اهميت جو حامل آهي. ان دؤر ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙو پيري ۽ مريدي جي دائري کان ٻاهر نڪري مڪمل طور سياسي ۽ فوجي طاقت جي زور تي سنڌ، هند ۽ بلوچستان جي تاريخ ۾ وڏي آب و تاب سان نمودار ٿيو. ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ ٽي اهم سياسي ۽ فوجي طاقت ٽريون موجود هيون. جن ۾ پهريون قبائلي سردار، جن وٽ ڪجهه سؤ ماڻهن جي فوجي طاقت موجود هئي ۽ انهن جو اصل ڪردار وڏيري يا جاگيردار جو هو. اهڙن قبائلي سردارن ۾ مير پنهور فتحپور وارو ۽ نهمردي (نومڙيا) هئا. ٻي ڌُر جن جو واسطو نيم حڪمران طبقي سان هو جيڪي سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف خطن تي حڪمران هئا. انهن ۾ قلات رياست جا بروهي حڪمران، سيوي يعني سبيءَ جا پَٽي پناڻ حڪمران ۽ شڪارپور جا دائودپوٽا (هي اصل ۾ شڪارپور ۾ پٺين طرفان جاگيردار مقرر هئا، حاڪم نه هئا پر سندن سياسي اهميت وڏي هئي). ٽين ڌُر دهليءَ جا مغل هئا، جن جي حيثيت مڪمل طور تي حڪمرانن جي هئي، جن جو سنڌ - بلوچستان ۽ سبيءَ تي مڪمل سياسي ۽ فوجي دٻدٻو هيو.

انهن ٽنهي اهم سياسي ۽ قوتي مُهرن جي ڪردار يا سندن سياسي ڪارنامن کي سمجهڻ سان گڏ ميان يار محمد جي دؤر يا سندس دؤر کان اڳ هند، سنڌ ۽ بلوچستان ۽ سبيءَ جي سياسي منظر جو به اجمالي جائزو وٺڻ ضروري آهي ته جيئن اِدوز جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو وٺڻ وقت ذڪر ايندڙ ڪردارن جي باري ۾ مڪمل طرح آگاهي ملي سگهي.

ميان نصير محمد ڪلهوڙو جي 1103هه/ 1692ع ۾ وفات بعد سندس وڏو پٽ ميان دين محمد ڪلهوڙن جو واڳ ڌڻي بڻيو. ان دوران اورنگزيب عالمگير (پهرين ذي القعد 1068هه/ 21 جولاءِ 1658ع 28 ذي

القعد 1118هه/ 3 مارچ 1707ع) دهليءَ جي تخت تي بطور مغل حڪمران نمودار هيو.(1) سندس دؤر يعني 1688ع ۾ نواب مقرم خان جي جاءِ تي نواب باقر خان بطور ملتان جو گورنر منتخب ٿيو پر انهيءَ سال نواب باقر خان جي جاءِ تي ٻيهر نواب مُقرم خان کي ملتان جو گورنر يا نواب مقرر ڪيو ويو.(2) 1695ع ۾ شهزادو معزالدين شاهه ملتان جو گورنر مقرر ٿيو جيڪو 1707ع تائين پنهنجي عهدي تي برقرار رهيو.(3) سموري سنڌ (بکر ۽ سيوهڻ جا صوبا) سبي ۽ رياست قلات جا حڪمران ۽ علائقا پڻ ملتان صوبي يعني شهزادي معزالدين جي سياسي اثر هيٺ رهيا. جن تي سندس سياسي ۽ فوجي دٻدٻو قائم رهيو. بکر جو آخري مغل نواب مير محمد اڪرم (1090هه/ 1679ع) هيو. ڪانئس بعد مغل حڪمرانن طرفان بکر تي گورنر مقرر ٿيڻ بند ٿي ويا ۽ جتي ڪٿي خصوصاً سنڌ جي اُترين علائقن تي ڪلهوڙن طرفان ماڻهو مقرر ٿيڻ لڳا.(4) سبيءَ تي پٺي پناڻن جي حڪومت جو آغاز 30 آگسٽ 1659ع ۾ ٿيو. انهي خاندان جو پهريون حاڪم جُنيد خان البمعروف ملڪ جيوڻ ولد بارُو خان هيو جنهن 30 آگسٽ 1659ع کان 1666ع تائين حڪمراني ڪئي. ڪانئس بعد سندس وڏو پٽ مرزا خان المعروف بخت بُلند خان (1666ع کان 1699ع تائين) سبيءَ جو حاڪم مقرر ٿيو. قلات رياست جي نامور بروهي حڪمران مير احمد خان ٿين (1666ع ـ 1695ع) هن کان سبيءَ جو علائقو حاصل ڪرڻ لاءِ ساڻس ارڙهن جنگيون جوٽيون، پر بروهي حاڪم کي ڪجهه نه وريو. ليڪن پٺي حاڪم فوجي، سياسي ۽ معاشي طور تي بلڪل ڪمزور بنجي ويو ۽ سندس ملڪي حالت يا صورتحال ڏاڍي اُبتڙ رهي.(5) سبيءَ جي حاڪم مرزا خان پٺيءَ جا ٽي راڄڌانيون مقرر هئا. جن ۾ پهريون سبي، ٻيو ڍاڍر ۽ ٽيون شڪارپور هئا.(6) اُهي مورخ ۽ محقق جيڪي اِن دؤر ۾ دائودپوٽن کي شڪارپور جا حاڪم تصور ڪن ٿا، اُهي غلط فهميءَ جو شڪار آهن.(7)

هي هيو ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وفات ۽ ان کان بعد جي ملڪي صورتحال جو اجمالي جائزو. هاڻي اسان پنهنجي مقالي جي اصل موضوع طرف اچون ٿا.

ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي 1103هه/ 1692ع ۾ وفات بعد سندس وڏو پٽ ميان دين محمد ڪلهوڙن جو واڳ ڌڻي بڻيو. هن جي برسر

اقتدار اڇڻ کان پوءِ وري ٻيهر شورش پسندن بغاوت شروع ڪئي. ان دوران ميان دين محمد ساڻن ڪيترائي زبردست معرڪا ڪيا، جن ۾ فتح هميشه ڪلهوڙن کي حاصل ٿيندي رهي.(8) فتحپور جيڪو اصل مير پنهور سردار جو ڳوٺ هو تنهن تي ڪلهوڙن پاران قبضي خلاف وري ٻيهر ميان نصير ڪلهوڙي واري دؤر جي چالاڪي ڏيکاريندي سبيءَ جي حاڪم مرزا خان پٽيءَ کي ميان دين محمد جي مٿان چاڙهي موڪليو. پر اِهو ناڪام ويو جيئن مير علي شيخ قانع لکي ٿو ته:

”سو (مير پنهور) بادشاهه جي حضور ۾ دانهين ويو ۽ مرزا خان پٽيءَ جي نالي حڪم ڪڍيائين. هن به ٽي دفعا حملا ڪيا پر ڪجهه نه ڪري سگهيو.“(9)

هن کان بعد امير شيخ جهان آيو هو به مارجي ويو ۽ بکر جي حاڪم الله يار خان(10) پڇي جند ڇڏائي. قنبر (قمبر) خان بروهي (بروهي حاڪم جو پاءُ) مٿس چڙهي آيو پر هي به بيوس بڻجي، ساڻس صلح ڪري واپس وريو. انهيءَ لقاءَ کي ڏسي مير پنهور مجبور ٿي، هميشه لاءِ اطاعت قبول ڪئي.(11)

شهزادو معزالدين، ميان دين محمد جي ان بغاوتن جو سلسلو ڏسي ڪلهوڙن تي حملي ڪرڻ لاءِ بکر پهتو. ميان دين محمد بهترين سفارتي انداز ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير محمد کي کهل ۽ قاسم وڪيل سان گڏ شهزادي جي خدمت ۾ موڪليو. جن شهزادي کي راضي ڪيو. شهزادو معزالدين، ڪلهوڙن جي بغاوت کي سندن پاران ختم ٿيل سمجهي واپس وريو ته پوئتان بهار شاهه جي وڏي ڀاءُ مقصود فقير طاقت جي نشي ۾ ماٿيلي جي آس پاس کي لُٽيو. اِها خبر ٻڌي شهزادو معزالدين مينهن واءُ هڪ ڪري واپس پهتو. شهزادو ڪاوڙ ۾ سيوستان ۾ ويهي، گهاري ۽ آس پاس جي ٿَر کي تباهه ڪري ڇڏيو. شهزادو سيوستان ۾ ڇهه مهينا رهيو ته ميان دين محمد ڪلهوڙو مجبور ٿي، سندس آڏو پيش پيو. جنهن کي شهزادو پاڻ سان گڏ ملتان وٺي ويو ۽ پنهنجي پويان هڪ وڏي فوج ڇڏي ويو جن جا ڪلهوڙن سان ڪيترائي معرڪا ٿيا. جن ۾ هڪ وڏو معرڪو ميان دين محمد جي ڀاءُ ميان يار محمد، شاهي فوج سان ڪيو. جنهن ۾ مغلن پاران ڪجسنگ پٽي ۽ سورج مل اڏيپوري ۽ ڪلهوڙن پاران تاجو فقير، جادوفقير ۽ بختاور فقير

اوٺوال ڪسجي ويا ۽ مغل فوج کي شڪست ٿي.(12) ان معرڪي کان پوءِ ڪيترائي ٻيا ننڍا ننڍا معرڪا ٿيا. آخر ميان يار محمد وڏيڪ فوج گڏ ڪري ۽ سهٽي نموني سان مغلن سان منهن ڏيڻ لاءِ قلات رياست جي بروهي حاڪمن کان مدد وٺڻ لاءِ روانو ٿيو. هوڏانهن شهزادو معزالدين، قلات رياست جي بروهي حاڪم مير محراب خان بروهي پهرين (1695ع-1697ع) ڏانهن پيغام موڪلي، ميان يار محمد کي گرفتار ڪرڻ لاءِ چيو.(13) آخر ڪرخ (خضدار ۽ ڪيرٿر جبلن جي وچ ۾ هڪ ڳوٺ) جي مقام تي، اٽڪاٽائي جي هڪ جهڙپ ۾ بروهي حاڪم زخمي ٿي، ٽئين ڏينهن وفات ڪري ويو.(14) ته سندس جڳهه تي مير سمندر خان بروهي قلات رياست جو حاڪم بڻيو.(15) جنهن ميان يار محمد ۽ سندس خاندان ۽ ماڻهن کي نه صرف پاڻ وٽ رهايو، پر اندروني طرح مغلن جي خلاف ٻنهي پاڻ ۾ ناهه به ڪيو. ميان يار محمد جي قلات وڃڻ بعد سرائي فقير ڪجهه پاسيرو ٿي ويا ۽ حالتن جو جائزو وٺڻ لڳا. ڪلهوڙن جو ملڪ ڇڏي وڃڻ ڪري، ڪوئي به واڳ ڌڻي نه رهيو. ان لاءِ شهزادو معزالدين، ڪلهوڙن جي فتح ڪيل علائقن تي احمد خان البمعروف بختيار خان ثانيءَ کي نگران مقرر ڪيو. بختيار خان ثاني مرزا خان پٽي جو پٽ هو جيڪو مرزا خان يعني پنهنجي پيءُ جي 1699ع ۾ وفات بعد سبيءَ تي پٽي خاندان جو ٽيون نمبر حاڪم بڻيو.(16) بختيار خان ثاني پنهنجي پاران چانڊڪا ۽ سيوستان تي هڪ بااعتماد رشتيدار الله بخش کي ناظم مقرر ڪيو.(17) غلام رسول مهر، بختيار خان ثانيءَ کي صرف سيوستان ملڻ جي تصديق ڪندي لکي ٿو ته

”شاهي دربار مان هن وٽ فرمان پهتو ته پيءُ جي جاءِ تي توهان کي سيوستان جو ناظم بنايو ويو آهي.“(18)

غلام رسول مهر واقعن کي نه سمجهي ۽ غلط تجزيو ڪري صرف بختيار خان ثانيءَ کي سيوستان علائقي ملڻ جو ذڪر ڪيو آهي، دراصل حقيقت ۾ بختيار خان ثانيءَ کي شاهي حڪم نامي تحت ڪلهوڙن جي سموري فتح ڪيل علائقن تي نگران مقرر ڪيو ويو هو. جنهن ۾ چانڊڪا ۽ سيوستان ۽ ٻيا علائقا شامل هئا. بختيار خان ثانيءَ کي وڏيڪ پرڳڻا ملڻ ڪري سندس سياسي ۽ معاشي قد ڪاٺ متي ايري بيٺو. ان دوران 1699ع ۾ 1700ع جي وچ ڌاران امير بهادر خان ثاني دائودپوٽو جيڪو هميشه

شڪارپور جي علائقي کي پٽي پناڻن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ هميشہ اندروني طرح مغلن ۽ ڪلهوڙن سان لاڳاپا وڌائڻ ۾ مصروف رهيو وفات ڪري ويو. تہ سندس جاءِ تي هن جي نوجوان پٽ امير مبارڪ خان جنهن جي ان وقت عمر تقريباً ارڙنهن سال هئي. دائودپوٽن جو پڳدار بنايو ويو.(19) امير مبارڪ کي بختيار خان ثاني، پنهنجي خلاف سمجهي، شڪارپور مان تڙي ڪڍيو. دائود پوٽا، مختلف هنڌن تي قسمت آزمائي ڪندا، پهرين آگسٽ 1701ع تي شهزادي معزالدين وٽ ملتان پهتا.(20) جنهن اتي معزالدين کي بختيار خان ثانيءَ جي خلاف مڪمل طرح ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي. دائودپوٽن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ اڳيئي خفيہ معاهدو ٿيل هو انهيءَ معاهدي ٿيڻ جوا شارو راورٽي هنن لفظن ۾ ڏئي ٿو تہ. "معلوم ٿئي ٿو تہ دائودپوٽن ۽ يار محمد ڪلهوڙن جي خفيہ سمجهوتو هيو تہ هو (شهزادو) بختيار خان کان ناراض ٿئي."(21)

عزيز لوٽي پڻ اهڙين ڳالهين جي تصديق ڪندي، ان معاهدي ۾ قلات جي بروهي حاڪمن کي بہ ٽيون فريق هجڻ جي تصديق ڪري ٿو. هو لکي ٿو تہ "ان کان علاوه هو (بختيار خان ثاني) بيوقوف هيو ۽ براهوئي، ڪلهوڙا ۽ دائود پوٽن جي اتحاد (يعني معاهدي يا سمجهوتي) کان بيخبر رهيو."(22) انهي معاهدي تحت دائود پوٽن، شهزادي کي، بختيار خان ثانيءَ کي معزول ڪرڻ ۽ سندس جڳهہ تي سنڌ جي حڪومت ڪلهوڙن کي ڏيڻ جي سلسلي ۾ مڪمل سياسي ۽ سفارتي ڪوششون شروع ڪري ڏنيون.(23)

ميان يار محمد ڪلهوڙو، قلات ۾ بہ سال رهي 1113هہ/1701ع(24) ۾ واپس قلات جي بروهي حاڪم جي هڪ رشتيدار التماس خان بروهي جي نگرانيءَ ۾ بروهي فوج سان گڏ، منڇر ڍنڍ جي ڪناري تي هنڙي تعلقي جي سِڱ ۽ سانوهہ ڳوٺن ۾ پهتا. اتان اڳتي وڌي قيصر پنهور کان سامتاٽي کسيائون، پوءِ اچي ڳاهن ۾ ڇانوٽي هنيائون ۽ اتان مارڪپور ۽ گاهي جمشيد تي قبضو ڪري فتحپور جو قلعو ڇڏايائون. هن کان پوءِ بروهي فوج واپس هلي وئي ۽ ميان يار محمد گچيرو فتح ڪري، پنهورن جي گادي شڪارپور (جنهن کي هاڻي ڦڪن يا پڪا سڏيو وڃي ٿو.(25) جو نالو ڦيرائي "خداآباد" رکي، رهڻ لڳو.(26) پوءِ ان مرڪز تان سرائي فوجن جو لشڪر اماڻي گهاري ۽ ڪنڊيارا فتح ڪيائين.(27) ان ريت ميان يار محمد

بغير ڪنهن رڪاوٽ جي ميان نصير محمد جي دؤر ۾ قبضي هيٺ آيل علائقن کي وري ٻيهر حاصل ڪري پنهنجي حڪومت کي قائم ڪري ورتو.(28)

پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد لاکو ميان يار محمد جي انهن فتحن ۽ سبيءَ جي پٽي حاڪمن سان دشمنيءَ متعلق تحرير ڪري ٿو ته "ان پس منظر ۾ مقامي ماڻهو يار محمد کي ڏنڊائي چوندا آهن. جنهن تلوار هلائڻ کان سواءِ صرف ڏنڊي جي زور تي حڪومت ورتي. ليڪن اڃا شهزادو معزالدين ملتان ۾ موجود هو. سبيءَ جا حاسد پناڻ حڪام ٻه سرگرم هئا ته مقامي زميندارن جي دشمني الڳ هئي. بهرحال ميان يار محمد وڏي حڪمت عمليءَ سان حالتن کي منهن ڏنو ۽ سيني آزمائشن مان نڪري پار پيو."(29)

ميان يار محمد جي ان هڪ ٻئي پنيان فتوحات يا قبضن جو بختيار خان ثاني مڪمل طرح جائزو وٺي رهيو هو ۽ هو سبي ڇڏي اچي شڪارپور ۾ گوڏا کوڙي ويهي رهيو. پاڻ, سندس پاران لاڙڪاڻي ۾ سيوستان تي مقرر ناظم الله بخش کي هر ممڪن مدد ڪري رهيو هو ته ٻئي طرف ملتان جي وائيسراءِ شهزادي معزالدين کي سموي صورتحال متعلق رپورٽنگ ڪندو رهيو. آخر ميان يار محمد لاڙڪاڻي تي قبضو ڪيو ۽ اتان الله بخش نالي ناظم کي تڙي ڪڍيو. سنڌ جي تقريباً سيني مورخن, الله بخش کي, بختيار خان ثانيءَ جو ڪنهن چاچو ته ڪنهن ڀاءُ, ته ڪنهن وري سندس ڀائيٽو قرار ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ مير علي شير خان لکي ٿو ته "لاڙڪاڻو بختيار خان جي ڀاءُ الله بخش جي هٿ مان ڇڏيائين."(30)

غلام رسول مهر, الله بخش کي بختيار خان ثانيءَ جو ڀائيٽو ڪوٺيو آهي, هو لکي ٿو ته "بختيار خان جي ڀائيٽي ملڪ الله بخش کان لاڙڪاڻو کسيائين."(31)

انهن مٿين مورخن کي شايد غلط فهمي ٿي آهي. باروزئي خاندان جي تاريخي مطالعي ۾ سندن شجري مطابق "الله بخش" نالي ڪو به ماڻهو بختيار خان ثانيءَ جو ڀائيٽيو ڀاءُ ۽ چاچو نه هو.(32) عزيز لوٽائي, الله بخش جي شخصيت جي متعلق وضاحت ڪندي لکي ٿو ته "الله بخش جنهن کي لاڙڪاڻي جو حڪمران چيو وڃي ٿو. اهو مرزا خان جو ڀاءُ نه هيو, بلڪ ان جو پري جو رشتيدار هيو."(33) جڏهن يار محمد, لاڙڪاڻو الله بخش کان

ڪسيو تہ بختيار خان ٿاڻي ۾ مغل فوجي ڪاردار ڪنهن بہ قسم جي مزاحمت گوارا نہ ڪئي. بختيار خان هڪ طرف ملتان جي گورنر ڪي خط لکيا تہ ٻئي طرف ٺٽي جي گورنر معرفت ميان يار محمد کي ايلاز منٿ ڪري، لاڙڪاڻي ڇڏائڻ جون ڪوشش ڪرڻ لڳو. اهڙي قسم جو هڪ خط ميان يار محمد ڏي لکيل آهي، جنهن ۾ يار محمد کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ هو پنهنجي ميرڻ فقير سرائي کان، اهو زمين جو ٽڪروخالي ڪرائي. هن خط مان ۽ تاريخي واقعن جي تجزيي مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ اهو خط شايد ٺٽي جي گورنر(34) لکيو هوندو. خط جو متن هن ريت آهي ”حال ۾ بختيار خان جي تحرير مان ظاهر ٿيو تہ ميرڻ فقير ڪجهہ اوباشن سان گڏجي دشت ڪنگا ني جي زمين تي هڪ ننڍو قلعو اڏائڻ چاهي ٿو ۽ هي زمين بختيار خان جي آهي. هن قسم جي حرڪت ميرڻ فقري جهڙي سياسي ماڻهوءَ کان پري آهي ۽ ظاهر آهي تہ اوهان بہ اهڙي قسم جي ڳالهہ کي هرگز روا نہ رکندا. اسان جي رضامندي انهيءَ ۾ آهي تہ اگر ڪو بہ مغالطو/ ڦڏو پيد ٿئي تہ اسان تي بادشاهي ملازم جي اعانت لازم آهي. ان صورت ۾ باقي ڇا بچندو؟ وڏيڪ ڇا لکجي!“(35)

پر خط لکندڙ کي ڪجهہ نہ وريو ۽ معاملا وڌيڪ گنڀير ٿيندا ويا. ميان يار محمد جي ان سموري فتوحات دوران شهزادي معزالدين پاران مقرر ڪيل ناظم بختيار خان ثانيءَ ڪابہ مزاحمت نہ ڪئي. هوڏانهن دائود پوٽن جا اندروني طرح ڪلهوڙن سان مسلسل رابطا جاري هئا. شهزادي معزالدين هي سمورو لقاءُ پئي ڏٺو تہ سندس پاران مقرر ڪيل بختيار خان ثاني، سنڌ جي اندروني پيچ ڌاهہ ۾ ڪابہ مدخالفت نہ ڪري رهيو آهي، تہ ٻئي طرف بختيار خان ثاني خلاف سندس ئي هڪ قبيلي جو سربراهہ دانهين ٿيو تہ هن منهنجي ڌيءَ کي اغوا ڪيو آهي، ٿئين طرف دائو پوٽا، جيڪي شهزادي سان ساڻ هئا، تن سنڌ ۾ سواءِ ڪلهوڙن جي ٻئي ڪنهن کي طاقت نہ سمجهي، کين حڪومت ڏيڻ جون صلاحون ڏيڻ لڳا انهن ڳالهين جو تجزيو ميجر راور لفظن ۾ ڪري ٿو تہ ”معلوم ٿئي ٿو تہ صوبيدار (شهزادي) کي ان معاملن ۾ ملوث ڪرڻ ۾ دائودپوٽن ۽ غالباً ميان يار محمد جو خفيہ سمجهوتو هيو بختيار خان ڪنهن حد تائين بزدل حڪمران هيو ۽ ذميواريون وٺڻ کان گهبرائيندو هو.“(34)

بختيار خان ثانيءَ جي موت بابت چار مختلف روايتون هرهڪ پهريون شيخ محمد اعظم ابن شيخ محمد صالح ۽ لالادولت راءِ ولد لالا عزت راءِ(37) ٻي آخوند محمد صديق،(38) ٽين مير علي شير ”قانع“ ۽ گولڊ سمٿ(39) ۽ چوٿين ملا فاضل ۽ راءِ بهادر هيتو رام(40) بيان ڪيون آهن. غلام رسول مهر انهن چئني روايتن(41) کي صحيح قرار ڏئي ٿو.(42) پر پٽي خاندان جي خانداني روايتن راورٽيءَ جي تحقيق مطابق، اها ڳالهه درست نه آهي، ته بختيار خان ثاني، شهزادي معزالدين جي هٿان قتل ٿيو.(43) بختيار خان ثانيءَ جي قتل جي اصل وارتا ميجر راورٽي هنن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو:

”مڪار دائود پوٽي (امير مبارڪ خان)... شهزادي (معزالدين) جي ذهن کي ان حد تائين تيار ڪيو ته شهزادي بختيار خان کي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جي حامي ڀري، تنهن ڪري هي (دائودپوٽا) شهزادي جي دَستن کي پنهنجي دَستن سان ملائي، انهن کي وڏي سليقي سان غير معروف رستن کان وٺي ويا ۽ هي پنهنجي پيش قدمي کي خفيو رکندا، هڪ ڏينهن اچانڪ شڪارپور پهتا، جتي ان وقت بختيار انهن حالتن کان بيخبر موجود هيو...“(44)

ساڳي ڳالهه ”تذڪرة الملڪ“ جي مصنف يحيٰ خان به ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته ”اورنگزيب جي اقتدارجي چائيتاليهن سال رمضان 1113هه/ جنوري 1704ع ۾ ملتان ۾ هڪ بختيار نالي زميندار فتنو برپا ڪيو ۽ اعلانيه بغاوت ڪيائين. شهزادو معزالدين صوبيدار ملتان، ٻن هزار سوارن، تازه دوم ليويز پنهنجي محافظن ۽ صوبي ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ وارن (دائودپوٽن جي) دستن سان گڏ سندس (بختيار جي) سوڪوبي لاءِ روانو ٿيو. انهن ۾ هڪ شديد جهڙپ ٿي، جنهن ۾ باغي شڪست کائي ويا ۽ بختيار خان مارجي ويو....“(45)

ميجر روارٽي ۽ يحيٰ خان جي مٿين بيانن مان به ڳالهيون سامهون اچن ٿيون. هڪ ته شهزادو بختيار خان ثانيءَ سان دوبدو جنگ نه ڪئي ۽ ٻيو ته شهزادو پنهنجي فوج جا دستا امير مبارڪ خان دائود پوٽي جي نگرانيءَ ۾ اڳ موڪليا، جنهن دغا، فريب ۽ مڪاريءَ سان بختيار خان کي گرفتار ڪري ۽ پاڻ پنهنجي هٿن سان جنوري 1702ع ۾ (اورنگزيب جي حڪمراني جي چائيتاليهين سال جي شروعات ۾) قتل ڪيو. پٽي حاڪمن

جو درٻاري مورخ ملا فاضل، ان واقعي متعلق وڏيڪ تفصيل ڏيندي لکي ٿو ته: ”جڏهن شهزادو معزالدين، افغان سردار جي موت جي باري ۾ ٻڌو ته هن خواهش ظاهر ڪئي ته هو پنهنجي مغرور مخالف کي ڏسڻ چاهي ٿو. جڏهن هن هن جي خوبصورت ۽ ڊگهي قد واري لاش کي رَت ۾ مٽيءَ ۾ ٻڏل/ پيريل ڏٺو ته حيران ٿيو.“(46)

بختيار خان ثانيءَ جي مارجڻ بعد هندستان جي حاڪم اورنگزيب شهزادي معزالدين کي مبارڪ جو فرمان، اعزازي لباس ۽ ٻين قيمتي تحفن سان گڏ ڏهه لک دام ڏنائين.(47)

بختيار خان ثانيءَ جي قتل بعد مغل سرڪار ٺٽي کان علاوه باقي سموري اتر سنڌ جي واڳ ڏٽي ٻڄجي وئي. ان دوران اتر سنڌ ۾ باقي ٻه اهم سياسي ۽ فوجي طاقتون رهيون. هڪ ميان يار محمد جي سرڪردگيءَ ۾ ڪلهوڙا ۽ ٻيو دائودپوٽا. جن شڪارپور کي پٺاڻن کان آزاد ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. امير بهادر ان دائود پوٽي، بختيار خان ثانيءَ کي قتل ڪرڻ بعد، شهزادي معزالدين کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسايو ۽ ڪلهوڙن سان اڳ ۾ ٿيل خفيه معاهدي تحت شهزادي کي ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. آخر سندس ڪوششون رائگان نه ويون ۽ هن ڪلهوڙن کي عليحده ٽڪرو وٺي ڏيڻ سان گڏ شڪارپور تي پنهنجي علحده حاڪميت حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. شهزادي معزالدين ان دوران اتر سنڌ کي گهڻا ٽڪرا ڪيا ۽ انهن تي ڪنهن ڪنهن کي حاڪم يا نگران مقرر ڪيائين، تنهن متعلق مير علي شير ”قانع“ تحرير ڪري ٿو ته ”شاهزادو، خانپور مير امين الدين خان کي شڪارپور سنجر خان، مبارڪ خان ۽ هوت خان دائود پوٽي کي ۽ سيوستان غلام محمد سڪانيءَ کي ڏنا.“(48)

مير قانع جي ان بيان کي غلام رسول مهر،(49) اعجاز الحق قدوسي،(50) ۽ ٻين مورخن(51) نقل ڪيو آهي. جيتري قدر مير قانع جو ”سيوستان“ جي علائقي کي غلام محمد سڪانيءَ کي ڏيڻ جو تعلق آهي ته اها قبوليت جوڳي نه آهي. ڇو ته سيوستان، دراصل ٺٽي سرڪار جو هڪ پرڳڻو هو.

تاريخي حقائق جي مطابق شهزادي، جيڪي اتر سنڌ جا ٽڪرا ڪيائين، تن جو تفصيل هن ريت آهي:

الف: چانڊڪا ۽ دادو (جنهن ۾ جابلو پٽي ۽ ڪاڇي وارا علائقا شامل هئا) جا علائقا ميان يار محمد ڪلهوڙي کي ڏنا.

ب: خانپور جو علائقو مير امين الدين خان کي ڏنائين.

ج: شڪارپور جي علائقي کي امير مبارڪ خان دائود پوٽي کي ڏنائين .شڪارپور يا سنڌ جي تاريخ ۾ دائود پوٽا پهريون دفعو جنوري 1702ع ۾ شڪارپور جا حاڪم بڻيا.

د: سيوري (سبي) جو علائقو غازي خان دودائي کي ڏنائي.(53) غازي خان دودائي سبيءَ جو حاڪم مقرر ٿيڻ بعد علائقي جو انتظام سنڀالي نہ سگهيو. ڇو تہ هڪ تہ سبي گهٽ پيداواري علائقو هو ٻيو تہ بختيار خان ثاني جي قتل بعد مختلف قبيلن جي سربراهن، سبي جي حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ شورشو برپا ڪيون، تن کي غازي خان پنهنجي نااهلي سبب ختم نہ ڪري سگهيو ۽ ناڪام ويو. ان ڪان بعد سبيءَ تي مختلف وقتن تي مختلف ماڻهو مقرر ٿيندا رهيا. پر اُهي بہ صحيح نموني سان انتظام سنڀالي نہ سگهيا. ان سلسلي ۾ مير علي شير قانع لکي ٿو تہ: ”سيوي جو دَرُو بختيار خان جي انتقال ڪرڻ ڪان پوءِ غازي خان دودائي کي عطاءَ ٿيو. پر هن ڪان جوڳو انتظام نہ ٿي سگهيو. جنهن ڪري قيرائي الله بخش خان کي ڏنو ويو. تنهن ڪان پوءِ اسلام خان ۽ قائم خان نهارن کي مليو. پر ڪوبہ پورو انتظام رکي نہ سگهي ۽ نيٺ ميان يار محمد جي وڪيلن جي حوالي ٿيو تہ وجي پنهنجي موڪل (اصيل) کي پهچائين!

ميان يار محمد ڪلهوڙو پاڻ سبي ملڻ جي اصل وارتا هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو تہ ”سبي ۽ گنجا بہ جي درن جي حقيقت هن طرح آهي تہ مان پهرئين ڏينهن ڪان ئي ان خدمت جي خواهش نہ رکندو هوس، ليڪن بختاور خان جي قتل ڪان پوءِ پهريان هن جو پائيتو باوجود هن سموري خطي ڪان واقف هجڻ جي ۽ احمد يار خان ۽ دلاور خان باوجود وڏا منصبدار هجڻ جي، هن ڪوره درن جي نظم و نسق تي قابو نہ پائي مستعفي ٿيا.

ميان يار محمد ڪلهوري کي هاڻي سنڌ جي ڪجھ حصن جي حڪمراني، سبيءَ جا لڪ، شاهي سرپرستي ملي چڪي هئي، ليڪن اجان هڪ وڏوفڪر هو.(56) اهو اهو تہ جو هن جو اهل و عيال ۽ ماڻهو بروهي

حاڪم وٽ ترسيل هئا، جن کي بروهي حاڪم سمندر خان، ميان يار محمد سان ٿيل خفيہ معاهدي تان ڦري وڃڻ ڪري، آزاد نہ ڪري رهيو هو.

بروهي حاڪم، ميان يار محمد جا ٻار ۽ ماڻهو آزاد ڇو نہ پيو ڪري؟ ان سلسلي ۾ سنڌ جي گهڻن مورخن ٻنهي خطن جي حاڪمن جي وچ ۾ ڪجهہ چپقلشن جو ذڪر وڏي آب و تاب سان ڪيو آهي، جنهن تحت بروهي حاڪم، ڪلهوڙي حاڪم جا ٻار ۽ ماڻهو قيدي بڻائي ڇڏيا هئا.(57) هن ان ڳالهہ جي اَمر جي ضرورت آهي تہ بروهي حاڪم مير سمندر خان بروهي ۽ ميان يار محمد جي وچ ۾ چپقلشن جو سنڌ، بلوچستان، سبي ۽ هندوستان جي تاريخي پسمنظر جي حوالي سان تحقيقي جائزو وٺڻ کپي، تہ جيئن بلوچستان ۽ سنڌ جي مورخن جي وچ ۾ جيڪي غلط فهميون پيدا ٿيون هيون، تن کي تاريخي سچائين سان نروار ڪرڻ کپي.

قلات رياست جي بروهي حڪمرانن کي هميشہ ڪڇي ۽ گندا واهہ جي علائقن جي ضرورت رهي. هو ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سبيءَ جي پٽي پناڻ حاڪم مرزا خان البمعروف بخت بلند خان (1666_1699ع) سان ارڙهن جنگيون ڪيون، پر پوءِ بہ ڪجهہ هٿ حاصل نہ ٿين. جڏهن ميان دين محمد کي ملتان ۾ قتل ڪيو ويو تہ ٻن ٽن سالن جي قليل عرصي ۾ ڪلهوڙن پاران چپ رهي ان سياسي ماناڻ جي ماحول دوران سنڌ ۾ سبيءَ جا پٽي پناڻ هڪ ئي قوت وجي بچي. شهزادي معزالدين، ٻي ڪا واهر نہ ڏسي ڪلهوڙن جي فتح ڪيل علائقن تي مرزا خان جي پٽ بختيار خان ثانيءَ کي نگران مقرر ڪيو. شڪارپور جا دائود پوٽا يعني امير بهادر خان ثاني، جنهن شڪارپور جو بنياد وڌو هو. تنهن مرزا خان جي سموري حڪمراني جي عرصي دوران ڪلهوڙن جي ايرندڙ طاقت کي ڏسي هميشہ ساڻن سياسي ۽ ياڻپيءَ وارا لاڳاپا قائم رکيا ۽ خفيہ نموني سان پٽي پناڻن جي خلاف ڪلهوڙن جو ساٿ ڏنو. ميان نصير محمد جو دهليءَ جي قيد مان آزادي پڻ امير بهادر خان ثانيءَ جي سفارتي ڪوششن جو نتيجو هئي.(58) ميان دين محمد جي قتل بعد ميان يار محمد قلات هليو ويو. جتي بروهي حاڪم ۽ ڪلهوڙي حاڪم جي وچ ۾ هڪ "ٻہ ڏريو" معاهدو طئي ٿيو. ان معاهدي ٿيڻ جا هر مورخ اشارا ڏنا آهن، پر تفصيل ڪنهن مهيا نہ ڪيا آهن. آغا مير

نصير احمد زئي، بروهي ۽ ڪلهوڙي حاڪمن جي وچ ۾ معاهدي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو

”1. امير بلوچستان، سنڌ جي ڪلهوڙا خاندان جي حڪمرانن کي مصيبت وقت مدد ڏيندو ۽ انهن جي سنڌ ۾ حڪومت کي استحڪام بخشڻ لاءِ مدد مهيا ڪندو.

2. امير سنڌ (ڪلهوڙا خاندان) ان امداد جي عيوض ۾ امير بلوچستان کي ساليانو مبلغ چاليھ هزار رپيا خراج ادا ڪندو.

3. سنڌ جا ڪلهوڙا حڪمران، امير بلوچستان جي مخالفن کي سنڌ ۾ پناھ نہ ڏيندا، بلڪ انهن کي گرفتاري ڪري امير بلوچستان جي حوالي ڪندو.

4. ميان يار محمد ڪلهوڙو سنڌ ۾ جيترن علائقن کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻيندو تہ هو (ڪلهوڙو حاڪم) ان علائقن جي ايراضيءَ جو ٽيون حصو براهوئي حاڪم لاءِ مختص ڪندي، امير بلوچستان جي نمائندي جي حوالي ڪندو.

5. ڪڇي جي خطي ۾ گندا واھ جو سمورو علائقو امير بلوچستان جي حوالي ڪندو.

هي معاهدو قلات ۾ مورخہ 8 ڊسمبر 1698ع تي امير بلوچستان سمندر خان ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙو جي وچ ۾ طئي ٿيو.“(59)

ان ريت وري امير بهادر خان ثاني دائود پوٽو ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي وچ ۾ پڻ معاهدي ٿيڻ جا قوي امڪان موجود آهن. انهن ٽنهي فريقن جو هڪ ٻئي سان معاهدا ڪرڻ جا پنهنجا پنهنجا ذاتي، سياسي، معاشي ۽ فوجي مفاد لڪل هئا. مثلن سبي، ڪڇي ۽ گندا واھ جو علائقو بروهين جي ضرورت هئي. دائود پوٽن کي شڪارپور جي ضرورت هئي. جڏهن تہ ٽين ڌر ڪلهوڙن کي اتر سنڌ جي ضرورت هئي. انهن ٽنهي ڌرين کي پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ ۾ سبيءَ جو پٺي حاڪم بختيار خان ثاني رڪاوٽ بڻيل هو. جيڪو ميان دين محمد جي قتل بعد اتر سنڌ ۾ شاهي سرپرستيءَ همٿ هيٺ هڪ واحد اهم طاقتي مهري طور سامهون آيو هو. ان لاءِ ٽنهي ڌرين گڏجي پٺي حاڪم کي هر محاذ تي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. جڏهن بختيار خان ثاني، دائود پوٽن کي شڪارپور مان تڙي ڪڍيو تہ هنن هن جي خلاف ڪم ڪرڻ کان وسان ڪين گهٽايو. هوڏانهن بروهي

حاڪم، ڪڇي، گنداوهہ ڪي حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ ميان يار محمد ڪي مليو تہ هن بروهي حاڪم سان ٿيل معاهدي تي عمل درآمد نہ ڪيو ۽ ڦري ويو. ان دوران بروهي حاڪم مير سمندر خان بروهي، ڪيس سفارتي ڌمڪي موڪلي "جيڪڏهن سمورين عطا ٿيل جاگيرن مان گنجا بہ ڇڏي ڏين، تہ پنهنجو صلح قائم رهندو، ٻيءَ صورت ۾ جنگ لاءِ تيار ٿي وڃ."(60) آخر ميان يار محمد پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير محمد ڪي بروهي حاڪم ڏانهن روانو ڪيو. تہ بروهي حاڪم ڪيس جواب ڏنو "گنجا بہ منهنجي حوالي ڪيو تہ مان توهان جي اولاد ۽ قبيلي ڪي وڃڻ جي اجازت ڏيان ۽ قول ۽ قسم جي بنياد تي نئين طرح سان صلح ڪريان. انهيءَ ڪان پوءِ اوهان ڪي ڪوبہ نقصان نہ رسندو. جيڪڏهن هن گنجا بہ نہ ٿا ڏيڻ چاهيو. تہ پوءِ صلح ۽ امن جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. اٿو هتان هليا وڃو. توهان جي قبيلن متعلق جيڪي منهنجي دل ۾ ايندو، اهو ئي ڪندس."(61) بروهي حاڪم مير سمندر خان بروهيءَ وڏيڪ چيو

"منهنجا (سمندر خان جا) ماڻهو چون ٿا تہ اڳ ڪي قدر مال وغيره ڏيندا هئا، هاڻي تہ اهو سلسلو بہ ختم ڪري ڇڏيو اٿن ۽ ڪجهہ بہ نہ ٿا ڏين، گويا پنهنجي انجام ڪان ڦري ويا آهن."(62)

"اڳ ڪي قدر مال وغيره ڏيندا هئا." جي لفظن مان مراد اها آهي تہ ميان يار محمد ڪلهوڙو، قلات ۾ قيام دوران ڪان وٺي بروهي حاڪم ڪي هر سال چاليهہ هزار رپيا ساليانو خرچ ڏيندو هو. جيڪو پوءِ ميان صاحب بند ڪري ڇڏيو.(63) مير محمد خان، بروهي حاڪم جي جواب جو جواب ڏيندي، چيئي ٿو تہ "جو ڪجهہ پاڻ ۾ طئي ٿي چڪو آهي، ان ۾ اجا تائين ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. جيڪڏهن ڪجهہ ٿيو بہ آهي تہ اڳتي ايئن نہ ٿيندو."(64)

مير محمد خان جي جواب جا هي لفظ، "ڪجهہ ٿيو بہ آهي تہ اڳتي ايئن نہ ٿيندو." وڏي اهميت جا حامل آهن، جنهن مان سموري ڳالهہ آشڪار ٿئي ٿي تہ ميان يار محمد، بروهي حاڪم ڪي معاهدي تحت چاليهہ هزار ساليانو خراج ۽ ڪڇي گندا واهہ جا علائقا ڏنا هئا، جنهن تحت ڪلهوڙو حاڪم بہ ٿي سال باقاعدگيءَ سان چاليهہ هزار ڏيندو رهيو هو پر پوءِ اهو بہ ڏيڻ بند ڪيائين. يعني ميان صاحب معاهدي جي طئي شده ڳالهين ڪان ڦري ويو هو. انهيءَ ڪري بعد ۾ پوءِ ٻنهي حاڪمن وچ ۾ سياسي ويڇا وڌيا.

ان طرح صرف بروهي حاڪم کي مورد الزام ٺهرائڻ صحيح نہ آهي. انهن ويچن وڌڻ ۾ اصل محرڪ ٻنهي ڌرين جو تڪڙو مفادن کي حاصل ڪرڻ آهي.

بلوچستان جي تقريباً سمورن مورخن ميان يار محمد جو قلات وڃڻ دوران سندس فوجن پاران بروهي حاڪم مير محراب خان مارجي ويو. ملتان جي وائسراءِ پاران بروهي حاڪم جي خون جي عيوض ۾ ڪلهوڙن کان ”ڪراچي“ جو علائقو کسي، بروهي حاڪم مير سمندر خان کي ڏنو. قلات جو پهريون تاريخي تذڪرو، آخوند محمد صديق سن 1276هہ/ 1840ع ۾ ”اخبارالابرار“ جي نالي سان تيار ڪيو. ان وقت ميان يار محمد ۽ محراب خان جي جهڙپن کي هڪ سؤ سٺ سال گذري چڪا هئا. آخوند محمد صديق هن واقعي متعلق رقمطراز آهي تہ: ”بہ ٽي ڏينهن مير محراب خان زندهہ رهيو. آخوند محمد صالح وزير کي طلب ڪري وصيت ڪيائين تہ احمد خان ۽ عبدالله خان منهنجا پٽ آهن، پر حڪومت انهن کي نہ ڏني وڃي. مير قمبرمنهنجو وڏو پاءُ هو مير سمندر ان جو وڏو پٽ آهي. حڪومت ان جي حوالي ڪئي وڃي. خان جي حڪم تي عمل ڪيوويو. چغتہ بادشاهہ ڪورو ۽ ڪاراچي (ڪراچي) جا علائقا ميان ڪلهوڙن کان وٺي مير محراب خان جي خون بها طور احمد زين کي ڏنا.“(65)

آخوند محمد صديق جي ان بيان کي بعد جي بلوچستان جا سمورا مورخن(66) حوالي طور استعمال ڪندا رهيا آهن. آخوند جي ان بيان ۾ ڪيتري سچائي ۽ حقيقت آهي، ان جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو وٺڻ ضروري آهي. سنڌ جو نامور محقق ۽ مورخ پروفيسر غلام محمد لاکو سيٺ نائونمل جي حوالي سان ڪراچيءَ جي بنياد متعلق تحرير ڪري ٿو تہ

”هڪ پاٽيءَ جو چشمو هو جنهن کي ڪلاچيءَ جو ڪن سڏيندا هئا. ڪن جي معنيٰ آهي هڪ اونهي پاٽيءَ واري ڪنڌ ۽ ڪلاچي هڪ ميربحر جو نالو پڻ هو. ڪنڌ جي چوڌاري تمر جا وڻ هئا. آخر جاءِ پسند ڪري، اتي گهر ٺهرايا ويا ۽ کڙڪ بندر مان سڀ متحرڪ سامان منتقل ڪيو ويو. پوءِ سڀ ڪلاچيءَ جي ڳوٺ جو ان وقت ”ڪراچي“ سڏبو هو اتي اچي ويناسين.... نسبت 1785 (1729ع) ڌاري پکڙڪ بندر جا ماڻهو لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ وينيا.“(67)

حاصل مطلب تہ ڪراچيءَ جو بنياد 1729ع ڌاري پيو. ڪلاچي اصل ۾ هڪ مهاڻي عورت هئي، جيڪا پنهنجي راڄوندي هئڻ سبب اهميت رکندڙ هئي، جنهن جي نالي ۾ هي شهر وجود ۾ آيو ۽ نيٺ ”ڪراچي“ ۾ بدلجي ويو.(68)

بروهي حاڪم مير محراب ان بروهي 1698ع(49) ۾ قتل ٿي ويو ۽ ان جي قتل کان ٻٽيھہ سال پوءِ ڪراچي شهر جو بنياد پيو. ان طرح ميان يار محمد ڪلهوڙو، ڪراچي بندرگاھہ ڪهڙي حساب سان بروهي حاڪم جي قتل جي عيوضي ۾ ڏئي ٿو. سنڌ جو نامور مورخ ۽ محقق ڊاڪٽر غلام محمد لاکو ان اهم علمي ۽ تاريخي نقطي متعلق لکي ٿو تہ: ”مغل دؤر ۾ ڪراچيءَ وارو سمورو علائقو ٺٽي صوبي ۾ شامل هو... محراب خان 1111ھہ/ 1700ع(70) ۾ مارجي ويو. نائونمل جي لکت موجب هيءَ بستي (ڪراچي) 1142ھہ/ 1729ع ۾ وجود ۾ اچي چڪي هئي. تڏهن بہ بحيثيت هيٺ دؤر ۾ ان تي اڃا مغلن جو قبضو هو. ڪلهوڙن کي 1150ھہ/ 1726ع ۾ ٺٽو صوبو آخري مغل نواب صادق علي خان جي هٿان مليو، ان بعد وڃي سڄيءَ سنڌ تي پھريون ڀيرو ڪلهوڙن جي حڪمراني قائم ٿي. هن صورتحال ۾ ”ڪراچي“ ڪيئن ڪلهوڙن کان وٺي خان قلات کي ڏني ويئي، سا ڳالھہ پڌري پيئي آهي. نہ ان دؤر ۾ ڪراچي ڪلهوڙن جي عمل دخل ۾ هئي ۽ نہ وري ڪلهوڙن کان ڪراچي ڪسي، خون بها طور بروهين کي ڏني ويئي.“(71)

هن مٿين بيان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ بلوچستان جي مورخن جي اها ڳالھہ تہ شهزادي معزالدين، بروهي حاڪم مير محراب خان بروهي جي خون بها طور ميان يار محمد کان ڪراچي وٺي ڏيڻ وارا بيان بي بنياد ۽ غلط آهن. ميان يار محمد ڪلهوڙو، قلات مان ٻار وٺي اچڻ لاءِ هر وسيلا ۽ حربا اختيار ڪيا پر ڪجھہ نہ وريو. آخر هڪ اهم واقعو نمودار ٿيو جنهن جي وجھہ کان ميان صاحب جا ٻار ۽ ماڻهو قلات مان سنڌ پهتا، اهو واقعو هي هيو تہ لَڪن جي علائقي ۾ شاھہ محمد پٽ غازي خان باھہ ٻاري ڏني هئي. شهزادو خود شاھہ محمد جي خاتمي لاءِ اڳتي وڌيو پر ڪيس ڪاميابي نہ ٿي. مير شهداد خان ٽالپر هن معاملي ۾ سرگرمي ڏيکاري ۽ شاھہ محمد جو خاتمو ڪيو. هن واقعي هڪ طرف مير شهداد کي پَٽَ باران ۾ جاگير ڏياري(72) ۽ ٻئي طرف

شاهي طرف کان خود يار محمد مان بہ مطمئن ٿي ويو. مٿس پڻ انعامن ۽ درجن ۾ اضافي جي بارش ٿي. هنن واقعن کان پوءِ معزالدين جي دخل ڏيڻ تي ميان يار محمد جو اولاد ۽ گهر وارا آزاد ڪيا ويا ۽ اهي خير خوبيءَ سان سنڌ ۾ موٽي آيا.(73)

مير علي شير قانع ان واقعي کي شهزادي پاران سنڌ تي ٻئي حملي (پهريون حملو 1697ع ۾ ڪيائين، جڏهن ميان دين محمد کي گرفتار ڪري ملتان وٺي) کانپوءِ "ٿوري وقت کان پوءِ" جا لفظ چئي، ڄاڻايو آهي،(74) جڏهن تہ غلام رسول مهر، ان واقعي کي جهوڪ واري مسئلي يعني 1718ع جي شروعات جو قرار ڏنو آهي.(75) پر اڳتي هلي ان واقعي کي ميان يار محمد کي سبي ۽ گنجابو علائقا ملڻ بعد جو قرار ڏئي ٿو.(76) دراصل اهو واقعو 1117هہ/ 1705ع جو آهي ۽ انهي سال شهزادي، غازي خان جي پٽ شاهہ محمد کي آخري شڪست ڏني. شهزادي جو ان معرڪي ۾ ڪاميابي ماڻڻ بعد اورنگزيب عالمگير کيس 12 ربيع الاول 1117هہ/ 1705ع جون تي انعام طور اعزازي لباس هڪ هاٿي، هڪ گهوڙو ۽ ٻيا تحفا عنايت ڪيا.(77)

تقريباً ٻہ سال ميان يار محمد ڪلهوڙو سڪون جا گذاريا تہ مرڪز ۾ حڪومتي تبديلي آئي. اورنگزيب عالمگير 28 ذوالقعد 1118هہ/ 3 مارچ 1707ع تي گذاري ويو. هن جي عمر قمري حساب سان ايڪانوي سال، سترنهن ڏينهن هئي ۽ پنجاهہ سال، ٻہ مهينا، ستاويهہ ڏينهن حڪومت ڪيائين.(78) هن جي وفات سان ئي سندس پٽن ۾ حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ خونريز جنگين جو سلسلو شروع ٿي ويو. ايئن وڏي ويڙهاند بعد سندس وڏو پٽ محمد معظم شاهہ عالم بهادر شاهہ پهريون 30 محرم الحرام 1119هہ/ 3 مئي 1707ع (79) تي تخت نشين ٿيو. هن جي دؤر ۾ ڪوبہ چڱو ڪم نہ ٿيو بلڪ ملڪ ۾ ڪيترائي سياسي مسئلا پيدا ٿيا. مغل سلطنت هن جي دؤر کان وٺي زوال طرف گامزن رهي. ڪجهہ اهڙا گروهہ پيدا ٿيا، جيڪي اڳتي هلي مستقبل ۾ ملڪ لاءِ خطري جا نشان بڻيا. هندستان ۾ هن کي "شہ بي خبر" يعني امور سلطنت ۾ ڪابہ دلچسپي نہ وٺندڙ سڏيو ويندو هو. هن 21 محرم 1124هہ/ 27 فيبروري 1712ع ۾ وفات ڪئي. هن جي عمر ستر سال، ڇهہ مهينا هئي ۽ سندس دؤر حڪومت پنج سال هڪ

مهينو ٻاويهه ڏينهن رهيو.(80) مرڪز جي اهڙي سياسي گهوٽالي ۾ به ميان يار محمد جي حڪومت سياسي توڙي فوجي حوالي سان مضبوط رهي.(81) پر ٺٽي صوبي ۾ ڪجهه شرپسند ٽولا ڦرلٽ ۾ مصروف عمل هئا.

ٺٽي جي گورنر سعيد خان (1119هه/ 8_1707ع_ 1121هه/ 10_ 1709ع) جي دؤر(82) ۾ نومڙين (نهمڙي) فساد برپا ڪيو.(83) نومڙين جو قبيلو سيوهڻ، ڪوٽڙي ۽ محال ڪوهستان تعلقن جي جابلو پٽي ۾ رهندو هيو. ان جو مطلب ته اهي اوٿل، ساوه، عزيزاٽي، رني ڪوٽ، ٿاٽي، جهانگارا، ڪائي ۽ نار ۾ رهندا هئا. هي ڳوٺ سيوهڻ کان ترتيب وار 38، 30، 26،20، 14 ۽ 10 ميلن تي هوندا هئا. نومڙيا، سيوهڻ ۽ جوهي تعلقن جي اولهه ۾ ڪاڇي طرف يلغارون ڪندا هئا. نومڙيا اصل ۾ سميجن جو هڪ پاڙو آهي، پر اهي هاٽي پاڻ کي ٻروچ سڏائين ٿا. نومڙيا سميجن سان گڏجي لَڪي ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ ڀڳي ٺوڙهي جي آسپاس ڦرون ڪندا هئا. هي قبيلا سَن جي پرڳڻي ۾ لڪي، آمري ۽ ٺهٽي کي ڦريندا هئا.(84) ٺٽي جي گورنر عطر خان المعروف سعيد خان، ڪمزور هجڻ ناتي، ميان يار محمد کي بار بار مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي. آخر 1119هه/1708ع ۾ ميان صاحب وڏي فوج سان گڏ نومڙين کي نه صرف شڪست ڏني پر کين هَب ۽ پَب جبلن کان به پيڇائي ڪڍيائين.(85)

بختيار خان ثانيءَ جي پاڻتين ۽ ٻين هرهڪ دولت خان ولد محبت خان ولد بارو خان، سبزل خان ولد خليل خان ولد بارو خان (86) پنجو خان، رحيم خان پڙانگ ۽ دولت کان پڙانگ (پناڻ) جن 14 ذوالحج 119هه/ 25 فيبروري 1708ع تي قنڌار ۽ نومڙين جي فتني جو فائدو وٺي سبيءَ تي قبضو ڪيو.(87) آخر سنتيهن ڏينهن کان پوءِ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي فوجن 21 محرم 1120هه/ 1 اپريل 1708ع تي ڍاڍر ۽ سبيءَ جا قلعا وڏي خون ۽ خرابي کانپوءِ واپس ڪيا.(88)

ميان يار محمد سبيءَ کي ٻيهر حاصل ڪري ملڪي انتظامن ۽ معاشي سڌارن ڏانهن توجهه ڏنو ته ان دوران دائود پوٽا، جن کي مغل حاڪم هند، شڪارپور جوعلائقو تفويض ڪري ڏنو هو. تن پنهنجي طاقت کي شاهي پنيرائي جي آڙ ۾ غلط استعمال ڪيو ۽ مختلف ماڻهن جي زمينن تي قبضو ڪيو ۽ ميان جي ملڪ ۾ درانگيزي ڪرڻ شروع ڪيائون. آخر ميان

صاحب هڪ وڏي فوج موڪلي امير مبارڪ خان دائود پوٽي سان مهاڏو اٽڪايو هڪ هفتي تائين وڏي ويڙهه هلي ۽ ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي سئو ماڻهو ڪُسجي ويا پر اچانڪ ميان يار محمد کي شاهي حڪم پهتو ته فوج ملتان روانو ڪيو. ان لاءِ ميان صاحب تڪڙو نظريءِ ضرور تحت دائود پوٽن سان صلح ڪري، مسئلي کي ٿڌو ڪري ڇڏيو.(89)

ميان صاحب جو دائود پوٽن سان ويڙهه ۽ فوجن کي ملتان رواني ڪرڻ کان پوءِ شڪارپور، تعلقي ڳڙهي ياسين جي تپي نوشهرو ابڙو(90) جي هڪ افغان زميندار رحيمداد افغان، سبيءَ جي پٽي ۽ ٻين پناڻ قبيلن جي سربراهن جي مدد سان سبي ۽ ڍاڍر تي قبضو ڪيو. ميان صاحب اهو ٻڌي پنهنجي پٽ دائود خان کي وڏي ڪٽڪ سان روانو ڪيو. جنهن رحيمداد افغان کي شڪست ڏيئي ڀڄايو. ميان يار محمد ان معرڪي ۾ ڪاميابيءَ تي دائود خان کي هڪ ڀلو گهوڙو، خاص تلوار ۽ جڙدار خنجر انعام طور عنايت ڪيا. سيد عبدالجيل بلگرامي(91) رحميداد خان افغان جي هار ۽ دائود خان جي جيت جي واقعي جي تاريخ هن سٽ مان ڪڍي آهي: ”زدائود شد فتح سيوي و داد هر 1128هه/1713ع. مطلب ته دائود خان سبي ۽ ڍاڍر فتح ڪيو.“(92)

ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دؤر جا آخري ڇهه سال امن ۽ سڪون سان گذريا. سندس حڪمراني جي آخري سال جهوڪ وري مسئلي ڪرُ ڪنيو. جيڪو سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ نمايان هجڻ سان گڏ اهم تڪراري موضوع رهيو آهي.(93) هن موضوع تي غير سنجيده ليڪڪن غير تحقيقي انداز ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي کي جوابدار ٺهرائي جهوڪ واري مسئلي ۾ شاهه عنايت شهيد جو قاتل قرار ڏنو آهي.(94) پر اصل ۾ ميان صاحب جو ان ۾ ڪوبه هٿ نه هو ۽ نه ئي شاهه عنايت سان ڪو سياسي يا خانداني وير هوس. شاهه عنايت جڏهن ٻنوري پرڳڻي ۾ غازيان جي ڪناري ”جهوڪ“ ۾ سڪونيت پذير ٿيو ته سندس شهرت هر طرف ڦهلجي ويئي.(95) ان دؤر ۾ ٺٽي جو گورنر لطف علي (1125هه/ 1713ع کان 1128هه/ 1716) هو. بلڙيءَ جا سيد، جيڪي پڻ پيري ۽ مريدي جو سلسلو هلائيندڙ هئا. تن شاهه عنايت جي وڌندڙ شهرت کي ڏسي سندس ذاتي دشمن بنجي ويا. شاهه عنايت، شاهي حڪم تحت مريدن کي زمينون ونرائي ڏنيون ۽ انهن مٿان ڍل

به معاف ڪرائي.(96) اهڙي طرح سندس ۽ مريدن جو گذران ڏينهون ڏينهن بهتر ٿيندو ويو. ان منظر کي ڏسي علائقي جي زميندارن جا هاري پڻ پنهنجي زميندارن کي الوداع چئي، شاهه عنايت جي حلقي ۾ شامل ٿيا.(97) ان مسئلي تر جي زميندارن کي ڪاوڙايو ۽ بلڙي سيدن جو هم رڪاب بڻايو. بلڙي سيد ۽ زميندار، ٺٽي جي گورنر لطف عليءَ جا ڪن ڀريا، جنهن کين شاهه عنايت جي خلاف پنهنجو پاڻ قدم کڻڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي.(98) جن وڏي لشڪر سان شاهه عنايت جي درگاهه تي حملو ڪيو جنهن ۾ سندس ڪيترائي مريد شهيد ٿي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. مريدن داد رسيءَ لاءِ پڪاريو. شاهه عنايت انصاف جي تقاضا موجب، قاتلن جي زمينن تي قبضو ڪري، ”جو ڪيڙي سو کائي“ جو مشهور نعرو بلند ڪيو.(99) ان تحت هزارين معاشي طور بدحال خاندانن جا فرد ۽ هزارين ابوجهه ۽ مظلوم ماڻهو سندس ٻانهن ٻيلي بڻيا.

1128هه/1716ع ۾ لطف علي جي قتل کان بعد نواب اعظم خان ٺٽي جو نواب مقرر ٿي آيو.(100) بلڙي جي سيدن ۽ ترَ جي زميندارن جيڪي اڳيئي شاهه عنايت جا دشمن بڻيا ويٺا هئا تن نئين نواب يعني اعظم خان جا ڪن ڀريا. تنهن شاهي حڪم تحت مليل زمينن تي معاف ٿيل ڍل جي اوڳاڙي شروع ڪئي ۽ قبضو ڪيل زمينن کي واپس ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي. ان قدم شاهه عنايت ۽ سندس مريدن کي ڪاوڙائي وڌو. ان ڪاوڙ جو فائدو وٺي نواب اعظم خان مرڪز کي غلط رپورٽنگ ڪئي ته شاهه عنايت ۽ سندس فقير حڪومت جا دعويدار بڻجي رهيا آهن ۽ خليفة الله جو حڪم نه ٿا مڃين.(101) مرڪز طرف حڪم پهتو ته شاهه عنايت جي ان فتني کي فوجي طاقت جي زور تي ڪچليو وڃي. نواب اعظم، سموري سنڌ جي مختلف حصن تي مغل حڪمرانن پاران مقرر نگرانن يا حاڪمن کي خود فوج سميت پهچڻ جا حڪم جاري ڪيا.(102)

ميان يار محمد ڪلهوڙو جيئن ته مغل حڪومت جو هڪ خاص ۽ اهم منصبدار هيو ۽ جڏهن کيس سبي ۽ ڪڇي جا علائقا ڏنا ويا ته هو اُن ٿيل معاهدي جي هڪ شق: ”جڏهن بادشاهه کي ضرورت پوي ته پنهنجي فوج وٺي، ملتان ۽ ٺٽي جي نوابن سان گڏ، خدمت لاءِ تيار رهڻ گهرجي.“ جو پابند بڻيل هو.(103) ان طرح ميان صاحب پنهنجي فوج سميت نواب اعظم جي

مدد طور ساڻس گڏ شاهه عنايت تي 18 ذي القعد 1129هه/13 آڪٽوبر 1717ع ۾ حملو ڪيائين ۽ ڪيس 18 صفر 1130هه/ 7 جنوري 1718ع تي قتل ڪيو ويو.(104)

سنڌي زبان ۾ هڪ شعر موجود آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو شعر شاهه عنايت، ميان صاحب کي بد دعا ڏيندي چيو شعر هن ريت آهي

ڪاهي ڪلهوڙو آيو ڪري مندي صلاح،
اچي آڙيو انهن سان، جنين واٺ الله،
ڪلهوڙي جي باهه، وسائي ورهين ڪي.

يعني ڪلهوڙو مدائي جي نيت رکي آيو آهي ۽ انهن سان اچي اڙيو آهي جن وٽ الله آهي. ڪلهوڙي جي باهه ورهين لاءِ وسامي ويئي.(105) غلام رسول مهر، هن شعر جي صحت تي بي داغ عالمانه تبصرو ڪيو آهي ۽ ان کي شاهه عنايت جو قرار نه ڏنو آهي.(104) ۽ ان سان گڏ ميان صاحب کي ان دؤر جي سياسي ۽ تاريخي حالتن جو تحقيقي انداز ۾ عالمانه تجزيو ڪري، بي ڏوهي ثابت ڪيو آهي.(107)

ميان يار محمد ڪلهوڙو ارڙنهن سال (جنوري 1702ع کان سيپٽمبر 1719ع تي وفات ڪري ويو.(108)

حوالا، حاشيا ۽ واڌارا:

1. HUMAIRA FAIZ DASTI, MULTAN_APROVINC OF THE MUGHUL EMPIRE (1525_1751) KARACHI, ROYAL BOOK COMPANY, 1998, PP.157.1
2. (2) Ibid, pp.169 to 171.
3. (3) Ibid, pp.171, 177.
4. خانبهادر خداداد خان: ”لب تاريخ سنڌ“ (سنڌي ترجمو): حافظ خير محمد اوحدي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1989ع، ص 90
5. سنڌ جي گهڻن مورخن ۽ محققن کي سبيءَ جي پٽي حاڪمن متعلق تمام گهٽ معلومات آهي. ان لاءِ گهڻين غلط فهيمن جو شڪار ٿيا آهن. سبيءَ جي پٽي حاڪمن جي متعلق تفصيل لاءِ ڏسو:
ABDUL AZIZ LUNI, "AFGHANS OF THE FRONTER PASSES" VOL:1, QUETTA, QUETTA BOOK STALL, 1992.
6. شڪارپور، ان دؤر ۾ سبي جي پٽي حاڪمن جي جاگرافيائي حدن ۾ هجڻ سان گڏ، سندن حڪومت جي ٽين راڄڌاني هو. تفصيل لاءِ ڏسو
ABDUL AZIZ LUNI, OP. CIT. P. 182+ALSO SEE.
ايڇ. جي راورٽي، ”سرزمين افغان و بلوچ“ (حصو ٻيو) اردو ترجمو: پروفيسر سعيد احمد خالد، ڪوئيٽا، سپنزر پرنٽرز 1991ع، ص 882، 883

7. سنڌ جا گهڻا مورخ، دائود پوٽن کي 1702ع کان اڳ ۾ شڪارپور جا حاڪم تصور ڪن ٿا. ان لاءِ هيٺين ڪتابن ۾ شامل مختلف مقالا پڙهڻ گهرجن. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (مرتب)، "شڪارپور: ماضي ۽ حال"، شڪارپور پبليڪيشن ڪاميٽي، 1984ع، ص 34 کان 53
ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو (مرتب): "شڪارپور صدين کان"، شڪارپور ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي، 1988ع، ص 20 کان 49
خليل مورياڻي (مرتب): "شڪارپور سونهن جو شهر" شڪارپور ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي، 1994ع، ص59 کان 75
(8) غلام محمد لاکو: "ڪلهوڙا دؤر حڪومت" ڪراچي، انجمن اتحاد عباسيہ 2004، ص112
(9) مير علي شير "قانع": "تحفة الڪرام" سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1976ع، ص260
(10) مير محمد اڪرم کان پوءِ 1695ع ۽ 1696ع جي وچ ڌاري تن چئن مهينن لاءِ الله يار خان بکر جو نواب مقرر ٿيو هو.
(11) مير علي شير قانع، حوالو ڏنل آهي، ص 260
(12) ايضاً، = ص، 260.261
(13) MIR AHMED YAR KHAN BALUCH, "INSIDE BALUCHISTAN"KARACHI, ROYAL BOOK COMPANY, 1975, P_76
(14) C.F. MINCH III, "THE GAZETEER, OF BALUCHISTAN" SERIES "SARAWAN", QUETTA, GOSH_A_E_ADAB, 1986, P.27
(15) مير گل خان نصير: "تاريخ بلوچستان" (اردو)، ڪوئيٽا، قلات، پبلشرز، 1993ع ص 22
(16) ABDUL AZIZ LUNI, OP. CIT. PP.195.196
(17) هن واقعي کي گهڻن مورخن نہ سمجهي، غلط فهميءَ جو شڪار ٿيا آهن. مثلن، مير علي شير قانع، حوالو ڏنل آهي، ص262
ڊاڪٽر غلام محمد لاکو حوالو ڏنل آهي، ص 113
(18) غلام رسول مهر، "تاريخ ڪلهوڙا" (حصو پهريون)، اردو، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع ص 194,197
(19) امير مبارڪ خان 1683ع ۽ 1685ع ڌاري پيدا ٿيو.
(20) غلام رسول مهر، حوالو ڏنل آهي، ص202
(21) ايچ.جي راورٽي، حوالو ڏنل آهي، ص883
(22)A.AZIZ LUNI, OP.CIT.P.202
(23)ايچ.جي راورٽي، حوالو ڏنل آهي، ص883
(24) شهزادي معزالدين، 1702 جي شروعات ۽ سياري جي عروج ۾ ميان صاحب مٿان حملو ڪرڻ لاءِ آيو.
(25) ڊاڪٽر لياقت مگسي: "خداآباد جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حيثيت"، دادو: ميان يار محمد ڪلهوڙو تاريخي، ثقافتي يادگار ڪميٽي دادو، 1997ع، ص 14
(26) ايضاً، = ص114
(27) مير علي شير "قانع": حوالو ڏنل آهي، ص262، 263
(28) غلام محمد لاکو: حوالو ڏنل آهي، ص113،114
(29) ايضاً، = ص114
(30) مير علي شير"قانع": حوالو ڏنل آهي، ص 262، 263
(31) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص 212
(32) راءِ بهادر هيتورام: "تاريخ بلوچستان" (اردو)، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، 1973ع، ص 790 جي سامهون ڏنل شجرو
(33)A.AZIZ LUNI, OP.CIT.PP. 202.203
(34) خانبهادر خداداد خان: حوالو ڏنل آهي، ص 122

(35) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص 193،194
(36) ايچ. جي راورٽي: حوالو ڏنل آهي، ص 883،884
(37) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص 204
(38) آخوند محمد صديق: "اخبار الابرار"، (اردو ترجمو): مير گل خان نصير ڪوئيٽا، نساءَ ٽريڊرز ڪوئيٽا، 1984ع ص34، 35
(39) مير علي شير "قانع": حوالو ڏنل آهي. ص. 263
(40) راءِ بهادر هيتورام، حوالو ڏنل آهي، ص 782
(41) غلام رسول مهر، حوالو ڏنل آهي، ص 204 کان 214 تائين
(42) ايضاً، = ص 213، 214
(43) گهڻن بختيار خان جي قتل جو جوابدار معزالدين ڄاڻايو آهي. مير علي شير قانع، حوالو ڏنل آهي، ص 263
(44) ايچ جي راورٽي: حوالو ڏنل آهي، ص 884
(45) ايضاً، ص844

(46) A.AZIZ_ LUNI, OP.CIT.p.195
(47) H.FAIZ DASTI, OP. CIT.P.175.

(48) مير علي شير "قانع": حوالو ڏنل آهي، ص 264
(49) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص 214، 215
(50) اعجازالحق قدوسي: "تاريخ سنڌ" (جلد ٻيو اردو)، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1985ع، ص 408
(51) مير قانع جي ان بيان کي گهڻن نقل ڪيو آهي. ان لاءِ ڏسو غلام محمد لاکو حوالو ڏنل آهي، ص 115
(52) خانبهادر خداداد خان، حوالو ڏنل آهي، ص 123
غلام محمد لاکي پنهنجي هڪ مقالي ۾ "سيوهڻ" کي ننڍي صوبي جي جاگرافيائي حدن ۾ ٻڌايو آهي، ڏسو: ٽه ماهي مهراڻ، نمبر 1-2، 2001ع، ص 62
(53) مير علي شير "قانع": حوالو ڏنل آهي، ص 263، 264
(54) ايضاً، = ص. = =
(55) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص 215، 214، 217
(56) غلام محمد لاکو: حوالو ڏنل آهي، ص 115
(57) گهڻن مورخن بروهي، ڪلهوڙا چپقلشن جو ذڪر ڪيو آهي. ان لاءِ ڏسو: مير علي شير قانع، حوالو ڏنل آهي، ڪلهوڙا دور. غلام محمد لاکو حوالو ڏنل آهي، مختلف صفحا.
(58) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص175، 176
(59) آغا نصير احمد خان احمد زئي، "تاريخ بلوچ و بلوچستان" (جلد پنجون، اردو)، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، 1994ع، ص49، 50
(60) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص 220، 221
(61) ايضاً، = ص 222
(62) ايضاً، = ص 229، 230
(63) آخوند محمد صديق: حوالو ڏنل آهي، ص39
(64) غلام رسول مهر: حوالو ڏ نل آهي، ص 230
(65) آخوند محمد صديق: حوالو ڏنل آهي، ص 37
غلام رسول لاکو مقالو: ٽه ماهي "مهراڻ"، جلد 49، نمبر 4، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1999ع، ص 74
(66) آخوند محمد صديق جي ان بيان کي بعد جا سيئي بلوچ مورخ نقل ڪندا رهيا آهن. ان لاءِ ڏسو: مير گل خان نصير، حوالو ڏنل آهي، ص 23، آغا نصير احمد زئي، حوالو ڏنل آهي، ص53
MIR.AHMED YAR KHAN. OP.CIT.P.80
(67) سيٺ نائونمل هوتچند: "يادگيريون" سنڌي ترجمو: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1978ع ص53، 54 ۽ غلام لاکو مقالو ٽه ماهي "مهراڻ"، جلد 49، نمبر 4، 1999ع، ص72

(68)غلام رسول لاکو: مقالو ته ماهي ”مهراڻ“، جلد 49، نمبر4، 1999ع، ص73
(69) مير علي شير قانع، حوالو ڏنل آهي، ص262
(70) غلام محمد لاکو: (مقالو) ته ماهي ”مهراڻ“، جلد 49، نمبر 4، 1999، ص75
(71) ايضاً، = ص 75، 76
(72) مولائي شيدائي: ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1985ع، ص 65، 466
(73) مير علي شير ”قانع“: حوالو ڏنل آهي، ص 264
(74) ايضاً، = ص 264
(75) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص 313
(76) ايضاً، = ص314
(77) ايڇ. جي راورٽي، حوالو ڏنل آهي، ص866، 884
(78) HUMIRA FAIZ DASTI, OP.CIT.P.176
(79) IBID = P.177
(80) IBID = ,PP.179,126, 129.
(81) غلام رسول لاکو: حوالو ڏنل آهي
(82) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص319
(83) ايضاً، = ص317، 318
(84) ايضاً، = ص317
(85) ايضاً، = ص318 ۽ پڻ ڏسو عبدالرسول قادري بلوچ: ”ڪلهوڙا دؤر جي ڊائري“ (مقالو)، ته ماهي ”مهراڻ“ نمبر 4، جلد 34، 1987ع، ص117
(86) A.AZIZ LUNI, OP.CIT.P.133.
(87) مير علي شير ”قانع“: حوالو ڏنل آهي، ص264
(88) ايضاً، = ص264
(89) ايضاً، = ص
(90) J.POLLEN, "MEMOIRS OF HERDITARY JAGIRDARS, KHARATDARS, PATTADARS AND H.SSADARS IN SINDH." 1888, P.270.
(91) عارف نوشاهي: ”بلگرام جي هڪ علمي گهراڻي جي سنڌ ۾ وقائع نگاري“ (مقالو)، ته ماهي ”مهراڻ“ نمبر 3، 4، جلد 47، 1998ع، ص 117، 118، 119
(92) ايضاً، = ص 118
(93) سبط حسن: ”نويد فڪر“ (اردو)، مڪتبہ دانيال لاهور، 1988ع، ص180 کان 219
(94) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص271
(95) مير علي شير قانع: حوالو ڏنل آهي، ص427، 250
(96) غلام رسول مهر: حوالو ڏنل آهي، ص279.
(97) مير علي شير قانع: حوالو ڏنل آهي، ص 250
(98) ايضاً، = ص
(99) ايضاً، =، ص204
(100) ايضاً =، ص. 249
(101) ايضاً، = ، ص. 250
غلام رسول مهر، حوالو ڏنل آهي، ص 280، 283
(102) مير علي شير قانع، حوالو ڏنل آهي، ص 428، 250
غلام رسول مهر، حوالو ڏنل آهي، ص 281، 282

مياں محمد دائود خان عباسي: ڪلهوڙا دؤر جو هڪ نامور سپه سالار

محمد پنهل ڏهر

مياں محمد دائود خان عباسي، سنڌ جي پهرئين ڪلهوڙي حاڪم مياں يار محمد خان جو پٽ ۽ ٻئي ڪلهوڙي حڪمران مياں نور محمد خان جو ڀاءُ هو. هن جي ولادت جي تاريخ، مهيني، سال ۽ ولادت جي هنڌ ۽ سندس تعليم، تربيت ۽ اساتذه متعلق تاريخ جا سمورا ورق بلڪل خاموش آهن. مياں دائود خان عباسي هڪ نامور سپہ سالار هجڻ سان گڏ، ملڪي نظم و نسق تي بہ پوري دسترس رکندو هو. هو هڪ سٺي اديب سان گڏ فارسي جو هڪ بهترين شاعر پڻ هو. طب ۾ تمام گهڻي مهارت رکندو هو جنهن ڪري هو پنهنجي وقت جو هڪ مشهور طبيب ۽ حاذق حڪيم پڻ هو. ميرعلي شير قانع هن متعلق لکيو آهي تہ ”محمد دائود اهلِ دل ۽ سخي امير هو. پاڻ سٺو شاعر ۽ طبيب بہ هو. هن وٽ عالم ۽ حڪيم جام ڏٺا ويا. مياں محمد دائود طب ۾ گهري معلومات ۽ گهڻي شفا جو مالڪ هو.“(1) سيد حسام الدين راشدي هن متعلق لکيو آهي تہ ”مياں محمد دائود خان پاڻ بہ هڪ وڏو حڪيم هو ۽ سيني علمن ۾ طاق هو پر طب سان هن جو خاص شفا هو“ (2)

مولانا اعجاز الحق قدوسي، هن جي علمي اهميت ۽ فياضي متعلق لکي ٿو تہ ”حقيقت هيءَ آهي تہ هن جي شاعري کان زياده سندس علم ۽ فضل جو پلڙو ڀاري آهي. هو خود بہ صاحب علم ۽ فضل هو ۽ ان سان گڏ معارف نواز ۽ عالم پرور امير هو... طب تي هن کي پوري دسترس حاصل هئي.“(3) غلام رسول مهر، مياں صاحب جي علمي مرتبي متعلق لکي ٿو تہ ”محمد دائود عباسي، ڪلهوڙا خاندان ۾ علم ۽ فضل جي اعتبار کان سڀ کان مٿانهون هو. اهل علم جي پرورش ۽ بزرگ داشت جو مرڪز هو.“(4)

ڊاڪٽر ظهورالدين احمد، هن جي انتظامي ۽ علمي ڪارنامن متعلق لکيو آهي تہ ”هو حڪومت نظم ۽ نسق سان گڏوگڏ علم ۽ ادب سان بہ دلچسپي رکندو هو. هو علم ۽ فن جو سرپرست ۽ فياض هو.“(5) ڊاڪٽر لياقت علي مگسي، هن جي بهادري متعلق لکيو آهي تہ ”تلوار بازي ۾ پنهنجو

مٿ پاڻ هو. تنهن ڪري ميان يار محمد ڪيترين ئي جنگين ۾ ميان دائود جي سربراهي ۾ جنگي جوڙا موڪليندو هو.“(6) ڊاڪٽر غلام محمد لاکي، هن جي علمي ادبي ۽ طبي ڄاڻ متعلق لکيو آهي ته ”ميان نور محمد خان سان صلح ڪانپوءِ محمد دائود عالمن ۽ اديبن جي صحبت اختيار ڪئي.... هيءُ پنهنجي دؤر جو وڏو طبيب به هو.“(7) هيٺ سڀ کان پهريائين ميان دائود خان جي جنگي ڪارنامن ۽ سندس انتظامي نظم و نسق جو تفصيلي جائزو پيش ڪجي ٿو.

ميان دائود محمد خان جو قلات ۾ يرغمال طور رهڻ، فرار ٿيڻ ۽ آزاد ٿيڻ

ميان محمد دائود خان جو نالو تاريخ جي ورقن ۾ پهريون ڀيرو ان وقت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جڏهن سن 1111هه/1700_1699ع ۾ ملتان جي حاڪم شهزادي معز الدين، ميان دين محمد ڪلهوڙي کي بغاوت ۽ شورش جي الزام هيٺ گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ ملتان وٺي ويو ۽ اتي ميان دين محمد کي مارائي ڇڏيائين. شهزادي معزالدين، ميان دين محمد جي گرفتاري بعد هڪ فوج سندس لاڳاپيدارن جي گرفتاري لاءِ مقرر ڪئي هئي. ميان دين جو وچون ڀاءُ ميان يار محمد پنهنجي خاندان جو سربراهه هو. هو پنهنجو پاڻ کي شهزادي جي حوالي ڪرڻ تي آماده نه ٿيو ۽ شاهي فوج سان مقابلو ڪيائين. ميان يار محمد هڪ طرف شاهي فوج سان مقابلي جو سلسلو جاري رکيو ۽ ٻئي طرف پنهنجي سموري اهل عيال ۽ لاڳاپيدارن کي وطن (سنڌ) مان ڪڍي اولهه طرف ڪنهن محفوظ جاءِ تي پهچائي ڇڏيو. جڏهن ڪيس اطمينان ٿي ويو ته هو هاٿي فڪري جي حدن کان ٻاهر نڪري چڪو آهي، تڏهن ميان يار محمد پوئتي هٽندو هٽندو قلات پهچي ويو ۽ اتي پنهنجي قيام جو بندوبست ڪيائين. ميان يار محمد جڏهن شروع ۾ قلات ۾ بروهين وٽ پهتو ته بروهي سندس مقابلي لاءِ سنبري آيا. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ بيخبريءَ ۾ پنهنجي فوج جي ئي گولي لڳڻ سان قلات جو حاڪم محراب خان بروهي مارجي ويو. آخرڪار ميان يار محمد قلات جي بروهين سان صلح ڪيو ۽ پنهنجا ٻه پٽ ميان نور محمد ۽ ميان دائود خان بروهين وٽ يرغمال طور پيش ڪيا جنهن ڪري ڪيس خاندان سميت اتي رهائش جي اجازت ڏني ويئي.(8)

ميان دين محمد خان جي قيد ٿي وڃڻ ڪانپوءِ جڏهن شاهي فوجن جي خوف ڪان ميان يار محمد خان سنڌ کي ڇڏي ٻاهر هليووبو تہ ان سموري واقعي جي تفصيل روئيداد ”محمد سعيد ڏوار“ هن ريت بيان ڪئي آهي تہ ”ان بعد ميان يار محمد پنهنجي خاندان جي سيني ماڻهن سان گڏ ڪرخ ۽ ڪڇلو جي علائقي ۾ پناهہ ورتي. انهيءَ موقعي تي شهزادي معزالدين هڪ فرمان قلات جي حاڪم محراب خان ڏانهن موڪليو تہ هو يار محمد ۽ سندس خاندان کي بلوچستان جيئي حدن ۾ داخل ٿيڻ سان ئي گرفتار ڪري ملتان پهچائي. تنهنڪري خان محراب خان هڪ مختصر قبائلي لشڪر وٺي انهيءَ هنڌ پهتو ۽ ميان صاحب کي پيش پوڻ لاءِ چيائين ليڪن ميان صاحب پيش پوڻ لاءِ تيار نہ ٿيو ۽ خان کي چيائين تہ ڪيس گرفتار ڪرڻ جي بجاءِ ايران وڃڻ ڏنو وڃي. آخرڪار نوبت جنگ تائين وڃي پهتي. بدقسمتيءَ سان انهيءَ لڙائي دوران مير محراب خان کي پنهنجي ئي لشڪر مان هڪ گولي لڳي جيڪو ٿن ڏينهن ڪان پوءِ فوت ٿي ويو. انهيءَ حادثي ڪان پوءِ مير محراب خان جو جانشين مير سمندر خان، ميان يار محمد خان ۽ سندس عزيز اقارب کي قلات وٺي ويو.“(9) ميان يار محمد خان جڏهن پنهنجي اهل عيال سان گڏ ٻنهي فرزندن نور محمد خان ۽ دائود خان کي يرغمال طور سمندر خان جي حوالي ڪري ڏنو تہ پوءِ ميان يار محمد خان کي آزادي ملي وئي.

هي سن 1111هہ/1699ع-1700ع جو واقعو آهي. ميان صاحب قلات ۾ تقريباً ٻہ سال گذاريا. (10) انهيءَ يرغماليءَ واري عرصي ۾ ميان نور محمد ۽ ميان دائود خان کي وڏي پريشاني ڏسڻي پيئي. قلات جي خانن ميان صاحب جي پٽن ۽ عورتن کي تڪليف رسائڻ ۾ ڪابہ ويرم نہ ڇڏي. هو عام ماڻهن وانگر شهر ۾ رهندا هئا. ڪيترا دفعا کين حڪم ڏنو ويو تہ هو پنهنجي گهرن مان لڏي قلعي ۾ رهن. انهن مشڪلاتن جو ٿورو بيان ميان يار محمد خان پنهنجي هڪ خط ۾ هن طرح ڪيو آهي تہ، ”منهنجا پٽ ۽ چار خانوادا هن وعدي خلاف جي انجام تي قلات ۾ رهندا هئا انهن سان سمندر جو سلوڪ سٺو نہ هو. انهن ڏينهن ۾ هن منهنجي پٽن کي حڪم ڏنو تہ پنهنجي گهرن مان نڪري قلعي ۾ اچو. ساڳي وقت عورتن کي بہ پنهنجي جاين مان لڏڻ جو حڪم ڏنو ويو. جيئن تہ هي طرز عمل عزت ۽ ناموس جي

خلاف هو.(11) قلات جي دربار ۾ ميان صاحب جي اهل عيال ۽ سندس پٽن کي جيڪي تڪليفون آيون، انهن تڪليفن ۽ پريشانين جو سبب محمد سعيد ڏوار ۽ بيبن هيءَ لکيو آهي ته. سن 1113هه/02_1701ع ۾ ميان يار محمد خان جا ٻه پٽ ميان نور محمد ۽ ميان دائود قلات ۾ يرغمال طور رهائش پذير هئا. مير سمندر خان ۽ وزير آخوند ملا محمد صالح جي حسن سلوڪ شرافت ۽ رواداري ڪري انهن کي گهڻيون سهولتون ميسر هيون، جنهن ڪري هو آزادي سان گهمندا ڦرندا هئا. مٿن ڪابه پابندي نه هئي. ٻئي ڀائر انهيءَ آزاديءَ جو غلط فائدو وٺندي اتان ڀڄي نڪتا ۽ جوهان جي رستي بي بي ناني جي طرف وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ خيار لهڙي وٽ اچي رهيا جنهن خان قلات ڏانهن سندن اچڻ جي خبر موڪلي ڏني، جنهن ڪري خان قلات جي سپاهين ٻنهي کي گرفتار ڪري ورتو ۽ واپس قلات آندو ويو. انهيءَ فراري کان اڳ ۾ ٻنهي ڀائرن کي رهائش لاءِ قلعي کان ٻاهر جاءِ ڏني ويئي هئي ليڪن هاڻي رهائش لاءِ سندن قلعي اندر بندوبست ڪيو ويو جنهن مان اهي خوش نه هئا ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي اهل عيال لاءِ بيعزتي سمجهندا هئا."(12)

بلوچستان جا مورخ لکن ٿا ته "انهيءَ فراري ۽ گرفتاريءَ کان پوءِ دائود خان ۽ نور محمد خان جڏهن سمندر خان بروهي جي اڳيان پيش ٿيا تڏهن هن سندن قتل جو حڪم ڏنو. آخوند محمد صالح گذارش ڪئي ته قيدين کي قتل ڪرڻ بادشاهن کي نٿو سونهي ۽ جيڪڏهن اها سزا ڏني ويئي ته بلوچن جي حڪومت جي دامن تي بدنما داغ لڳي ويندو. ان سان گڏ جان بخشي لاءِ آخوند پنهنجي پڳ ڪلهوڙن ڀائرن کي پهرائي پڳ آخوند جي عزت هئي. سمندر خان بروهي کي آخوند جي عزت جو وڏو خيال هو انهيءَ ڪري دائود ۽ نور محمد جي قتل جو حڪم واپس ورتائين. ڪلهوڙا ڀائرن، سمندر خان کان معافي ورتي ۽ آئنده قلات جي خان جي ماتحت رهڻ ۽ چاليهه هزار رپيا ساليانو بطور خراج به قلات جي خان کي ڏيڻ جو اقرار ڪيائون."(13) سن 1113هه/02_1701ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي شهزادي معزالدين سان صلح ٿي ويئي، شهزادي طرفان سبي ۽ ڍاڍر جو علائقو ميان يار محمد خان کي خدا يار خان جو لقب ڏئي سندس حوالي ڪيو ويو ۽ ڪجهه عرصي بعد وري بکر ۽ سيوستان جي زمينداري به ميان صاحب جي

حوالي ڪئي وئي ۽ انهيءَ سان گڏ آخرڪار ٻن سالن کان پوءِ 1702ع ۾ شهزادي معزالدين جي مداخلت ۽ حڪم سببان ميان يار محمد جي عزيزن کي قلات جي بروهي حاڪمن وٽان رهائي ملي.(14)

ميان نور محمد خان ۽ ميان دائود خان جي رهائي متعلق مير گل خان نصير لکي ٿو ته، ”ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مير سمندر خان ٻنهي ڪلهوڙا يائرن کي ساڻ ڪري شهزادي معزالدين وٽ ملتان ويو. شهزادو مير سمندر خان جي جوان مردي ۽ وفادارانه خدمتن مان تمام گهڻو خوش ٿيو. هن شهنشاهه اورنگزيب ڏانهن مير سمندر خان لاءِ سفارش موڪلي ۽ ڪلهوڙن لاءِ به معافي طلب ڪئي. اورنگزيب عالمگير، مير سمندر خان کي خدمتن ڪري نوازيو ۽ شهزادي ڏانهن حڪم صادر ڪيائين ته مير سمندر خان کي هڪ لک رپيا نقد انعام طور ڏنا وڃن. انهيءَ کان سواءِ ڪراچي جي بندرگاهه به، مير محراب خان جي خون بها عيوض ڪلهوڙن کان وٺي مير سمندر خان جي حوالي ڪئي وڃي ۽ ڪلهوڙا يائرن جي رهائي ۽ معافي لاءِ به اهو حڪم ڏنو ويو ته هو سمندر خان سان ڪيل وعدي تي ڪاربند رهندا.“(15) انهيءَ رهائي متعلق محمد سعيد ڏوار لکيو آهي ته، ”آخرڪار جڏهن هندستان جي بادشاهه طرفان سنڌ جي حڪومت ميان يار محمد خان کي ملي ته ٻنهي يائرن کي به واپس وڃڻ جي اجازت ڏني ويئي ۽ انهيءَ جي عيوض چاليهه هزار رپيا ساليانه قلات جي حاڪم مير سمندر خان کي ۽ ٻه هزار رپيا آخوند محمد صالح کي ملندا هئا.“(16) بلوچستان جي ڪيترن ئي مورخن جهڙوڪ آخوند محمد صديق، مير گل خان نصير ۽ جسٽس خدا بخش خان بجاراڻي مري وغيره سڀني اهو لکيو آهي ته ”شهزادي معزالدين، ميان نور محمد خان ۽ ميان دائود خان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سندن پيڇو ڪيو. جنهنڪري هو سنڌ کي ڇڏي قلات وڃي پهتا.“(17) بلوچي مورخن جي اها ڪليل غلطي آهي ڇاڪاڻ ته شهزادي معزالدين، ميان يار محمد خان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سندس فوج سان پيڇو ڪيو هو. جنهنڪري شهزادي جي فوج سان ميان يار محمد خان جي لشڪر جو مقابلو ٿيندو رهيو. البته ايترو ضرور آهي ته ميان يار محمد خان جي لشڪر ۾ سندس اهي ٻيئي پٽ ميان نور محمد ۽ ميان محمد دائود خان به ضرور شريڪ هوندا ليڪن انهن جو اهو لکڻ سراسر غلط آهي ته ميان يار محمد خان جي بجاءِ شهزادي

معزالدين سڌو سنئون ميان نور محمد خان ۽ ميان دائود خان ۽ سندس لشڪر جو پيڇو ڪيو ۽ مقابلو ڪيو.

ملتان جي حاڪم شهزادي معزالدين جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ سندس لشڪر جو ميان يار محمد خان ۽ سندس ساٿين پنيان پوڻ جو سبب ميان صاحب جي آزاد خيالي ۽ آڻ نہ مڃڻ هيو جنهن کي مغل حاڪم بغاوت جو نالو ڏئي ان کي ڪچلڻ ۽ آڻ مڃائڻ لاءِ اهو عمل ڪيو هو. ليڪن بلوچستان جي مؤرخن مان گل خان نصير ۽ ان جي تقليد ڪندي محمد عثمان دموهي انهيءَ حملي جو سبب ميان يار محمد خان جي پٽ ميان دائود خان عباسي ڏانهن هڪ من گهڙت افسانو منسوب ڪندي لکيو آهي تہ، ”سن 1697ع ۾ دائود خان ڪلهوڙي ملڪ باروزئي ڪان ڏيءَ جو سڱ گهريو. اهو سڱ يعني ملڪ جي ڌيءَ سندس پائتي کي ڏنل هئي جنهنڪري هن سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. دائود محمد ڪلهوڙي حڪومت جي نشي ۾ اچي ڪري هڪ ڏينهن زبردستي سان اها ڇوڪري کڻي هليو ويو. ملڪ ملتان وڃي شهزادي معزالدين وٽ فرياد ڪئي. جيتوڻيڪ شهزادي جي محمد دائود سان گهري دوستي هئي، ليڪن اورنگزيب جي خوف ۽ انصاف جي تقاضا کي سامهون رکندي دائود محمد کي هن لکيو تہ ملڪ باروزئي کي سندس ڌيءَ فورن واپس ڪري ڏي. مگر دائود محمد انڪار ڪيو. معزالدين کان مايوس ٿي، ملڪ باروزئي، اورنگزيب جي حضور ۾ دهلي پهچي ويو ۽ آخرڪار دهلي مان شهزادي معزالدين جي نالي دائود محمد جي موت جو پروانو حاصل ڪري واپس آيو. جنهن ڪري شهزادو معزالدين، دائود محمد کي سزا ڏيڻ لاءِ لشڪر وٺي حملو ڪيو. دائود محمد ۽ نور محمد ڪلهوڙي اگرچہ پنهنجي طاقت مطابق معزالدين جي فوج جو مقابلو ڪيو پر شڪست کائي ويا ۽ پوءِ فرار ٿي ڪيرٿر جي رستي قلات جي حدن ۾ داخل ٿي ويا. شهزادي معزالدين، مير محرب خان بلوچ کي لکيو تہ دائود محمد ۽ نور محمد ڪلهوڙو شهنشاهہ هند کان باغي ٿي سندن علائقي ۾ داخل ٿيا آهن. تنهنڪري انهن کي گرفتار ڪري ملتان موڪليو وڃي. انهيءَ حڪم تي مير محراب خان بلوچ لشڪر سان سندن گرفتاري لاءِ نڪتو. ڪلهوڙا برادران ڇڪو (جهالاوان) جي مقام وٽ مير محراب جو مقابلو ڪيو. جنگ دوران پنهنجي لشڪر جي طرفان غلطي مان مير محراب کي گولي لڳي ۽ فوت ٿي ويو. ليڪن انهيءَ

جي باوجود ڪلهوڙن کي شڪست آئي ۽ ميان نور محمد خان ۽ ميان دائود محمد گرفتار ڪيا ويا.“(18)

سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ جي مطالعي مان دائود خان ڏانهن منسوب مذڪوره افسانو هڪ مفروضو ثابت ٿيو آهي. خبر ناهي تہ گل خان نصير اهو مفروضو ڪٿان هٿ ڪيو آهي. هوڏانهن وري بغير ڪنهن چنڊڇاڻ جي عثمان دموهي بہ اهو مفروضو لفظ بلفظ مير گل خان نصير جي لکيل تاريخ تان وٺي ڪري پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. حالانڪہ اصل ۾ اهو واقعو ميان دائود خان جي بجاءِ ان دؤر جي هڪ مشهور شخصيت بختيار خان سان وابستہ آهي، جنهن کي غلام رسول مهر، راءِ بهادر هتورام جي حوالي سان هن طرح بيان ڪيو آهي تہ ”بختيار خان (جيڪو ان وقت مغل سرڪار طرفان سبي ۽ سنڌ جي ڪجهہ حصن تي حاڪم مقرر هو) جون عادتون ۽ اخلاق ڪري چڪا هئا ۽ بداخلاق ماڻهن جو صحبتي بڻجي چڪو هو. سندس ئي عزيزن مان هڪ شخص هو، جنهن پنهنجي نياڻي جو سڱ پنهنجي پائٽي سان ڪري ڇڏيو هو. هو ڪجهہ وقت لاءِ ڪنهن ڪم سان ٻاهر هليو ويو ۽ بختيار خان پويان وجهہ وٺي انهيءَ ڇوڪري کي ڪٽائي اچي پنهنجي گهر ڇڏيو. هن معاملي جي شڪايت جڏهن ملتان جي نواب شهزادي معزالدين وٽ پهتي، تڏهن هن ڪيس ڇوائي موڪليو تہ پنهنجي خاندان جي ماڻهون سان اهڙو قدم کڻڻ بلڪل برو آهي ۽ بهتر ايئن آهي تہ اها ڇوڪري هڪدم عزت ۽احترام سان سندس گهر واپس موڪلي ڏي. بختيار خان، شهزادي جي مشوري ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. آخر هن معاملي جي دانهن جڏهن مرڪز ۾ پهتي تڏهن شهزادي کي اتان حڪم پهتو تہ هن بدترين ڏوهہ جي تلافي جو بندوبست ڪيو وڃي. شهزادي، بختيار خان کي ٻيهر پيغام موڪليو، مگر بختيار خان غفلت جي ننڊ مان بيدار نہ ٿيو. تڏهن شهزادي فوج وٺي مٿس حملو ڪيو ۽ انهيءَ لڙائيءَ ۾ بختيار خان مارجي ويو.“(19)

انهيءَ واقعي جي اصل حقيقت کي مٿي عيان ڪري ۽ ميان دائود خان سان منسوب انهيءَ مفروضي کي رد ڪندي غلام رسول مهر هڪ ٻي جاءِ تي لکي ٿو تہ ”تازو مير گل خان نصير، بلوچستان جي جيڪا تاريخ شايع ڪئي آهي، تنهن ۾ هن واقعي کي بختيار خان جي بدران ميان دائود ۽ يار

محمد ڪلهوڙي سان منسوب ڪيو آهي ۽ اهو سن 1697ع جو واقعو ڪري ڏيکاريل آهي. هي بلڪل غلط آهي. اهو بہ غلط آهي تہ شهزادي معزالدين دائود ۽ نور محمد سان جنگ ڪئي ۽ شڪست کائي قلات ڏانهن هليو ويو. دائود ۽ نور محمد پنهنجي والد سان گڏجي سنڌ مان نڪتا هئا.(20)

مِيان دائود خان جو پنهنجي والد طرفان سبيءَ جو ناظم مقرر ٿيڻ

سنڌ جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن ميان يار محمد خان جي شهزادي معزالدين جي شاهي لشڪر سان چپقلش ۽ لڙائي هلي رهي هئي تہ ان وقت ميان محمد دائود خان عباسي بلڪل نوجوان هو. هن انهن مقابلن ۾ پنهنجي والد سان گڏ ڀرپور حصو ورتو. ميان محمد دائود خان پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ يعني نوجوانيءَ واري دؤر ۾ هڪ نامور سپہ سالار سان گڏ، ملڪي معاملن يعني سياسي ۽ انتظامي امور کان بہ چڱي طرح واقف هو. تحفة الڪرام جو بيان آهي تہ، ”سبي ۽ ڍاڍر جي حڪومت ملڻ کان پوءِ ميان يار محمد خان پهريائين پنهنجي ڀاءُ مير محمد خان کي سبي جي حفاظت تي مقرر ڪيو ۽ پوءِ اهو ڪم پنهنجي پٽ دائود جي حوالي ڪيائين. سبيءَ تي دائود خان جي مقرري دوران رحيم پرانگ ۽ دولت خان پٺي، سبيءَ تي حملو ڪيو.“(21)

انهيءَ حملي متعلق خود ميان يار محمد خان هڪ خط ۾ لکيو آهي تہ، ”مون پنهنجي پٽ کي سرحدي لڪن جي حفاظت لاءِ روانو ڪيو هو. اتفاق سان سبيءَ ۾ بخار جي عام وبا ڦهليل هئي ۽ ڪوبہ شخص ان کان محفوظ نہ رهيو هو. منهنجو پٽ بہ بخار ۾ ورنجي پيو. جڏهن مرض تمام شديد صورت اختيار ڪئي تہ هو واپس موٽڻ تي مجبور ٿي پيو. اڃا رستي ۾ ئي هو تہ رحيم پرانگ، يوسف ۽ دولت خان پٺي ٻين افغانن کي پاڻ سان ملائي فساد جو ارادو ڪيو. هو آڌي رات جو ڪاٺ جي ڏاڪڻين وسيلي سبيءَ جي قلعي ۾ پهچي ويا. اسان جا ماڻهون جيڪي اتي موجود هئا، اهي مرض جي شدت سبب مضبوطي سان مقابلو نہ ڪري سگهيا ۽ قلعي کان ٻاهر نڪري ويا. مون پنهنجي ٻئي پٽ کي فوج ڏيئي روانو ڪيو تہ وڃي افغانن جي فساد کي بند ڪري. هن پهريائين ڍاڍر جي قلعي کي گهيرو ڪيو. سخت لڙائي لڳي ۽ ان ۾ ٻارهن ماڻهو مارجي ويا. منهنجو پٽ زخمي ٿي پيو. سندس

سواري جي ٻن گهوڙن جي گردن تي سخت زخم رسيا، ستر ماڻهو قتيا ۽ ويهه گهوڙا مارجي ويا يا زخمي ٿيا. رحيم، يوسف، سندس ڀاءُ گوهر ۽ پنجو جيڪو افغانن جو سردار هو سي پنهنجي ڪيترن ئي ساٿين سان ميدان ۾ مارجي ويا. هيءَ حالت ڏسي سبزل خان ۽ دولت خان پناهه گهري ۽ لڙائي ختم ٿي ويئي. رات جي وقت اهي ماڻهو وجهه وٺي ڀڄي نڪتا. سندن پيڇو ڪيو ويو، ڀاڄ ۾ به سندن ڪچ جيترا ساٿي مارجي ويا. بهرحال خدا جي فضل سان ٻيئي قلعا واپس اسان جي قبضي ۾ اچي ويا.“(22)

غلام رسول هڪ ٻئي خط جي حوالي سان لکيو آهي ته ”ميان صاحب جو فرزند سبيءَ ۾ ايتريقدر بيمار هو جو سبيءَ کان پاڻ کي پالڪي ۾ ڪڍائي موٽيو هو ۽ هن جي غير حاضري ۾ قلعي تي حملو ٿيو هو. ياد رکڻ گهرجي ته هي واقعو سنه 1119-1120هه/1708ع ۾ ٿيو هو.(23) مٿئين اقتباسن مان معلوم ٿئي ٿو ته سبيءَ ۽ ڊاڊر جي انهيءَ لڙائيءَ ۾ سخت بيماريءَ جي ڪري ميان دائود خان شامل نه هو ۽ سندس جاءِ تي ٻئي ڀاءُ دشمن سان ٽڪر کائي انهن کي شڪست فاش ڏني ۽ قلعي تي وري قبضو ڪري ورتو. مگر صاحب ”تبصرت الناظرين“ جي لکت مان معلوم ٿئي ٿو معرڪي ۾ ميان دائود خان موجود هو ۽ پاڻ انهيءَ لڙائيءَ ۾ مردانگي جا جوهر ڏيکاريائين ۽ دشمن تي فتح حاصل ڪري والد کان انعام حاصل ڪيائين. هاڻي اها خبر نٿي پئجي ته سبي ۽ ڊاڊر جي قلعي تي اهو حملو ساڳيو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي يا ٻيو حملو آهي؟ راقم جي خيال موجب سبي ۽ ڊاڊر جي قلعي تي افغانن پاران هي ٻيو حملو هو جنهن جي اڳواڻي رحيمداد خان افغان ڪري رهيو هو. ڇاڪاڻ ته مٿي بيان ڪيل حملي ۾ انهيءَ افغان سردار جونالو به ڪٿي نظر ڪونه ٿو اچي ۽ تبصرت الناظرين ۾ انهيءَ حملي جو سال به 1125هه ڄاڻايل آهي جڏهن ته مٿئين حملي جو سال 1119-1120هه لکيو ويو آهي.

انهيءَ حملي متعلق تبصرت الناظرين جي صاحب لکيو آهي ته ”هن سال شڪارپور جي آسپاس ۽ نوشهري جي زميندار رحيمداد افغان، جبل جي زميندارن جي مدد سان وڏو لشڪر وٺي سيوي قلعي ۽ ڊاڊر تي حملو ڪيو ۽ قبضو ڪري ورتو. انهن قلعن جي نگران ميان يار محمد جڏهن اها خبر ٻڌي ته پنهنجي پٽ دائود خان کي وڏو ڪٽڪ ڏيئي روانو ڪيو ته

سيوي قلعي ڪي زور ۽ زبردستي سان رحيمداد افغان جي قبضي ما ڇڏائي. دائود خان ڪٽڪ سميت سيوي قلعي وٽ پهتو تہ رحيمداد افغان بڪايل شينهن وانگر جنگ ڪرڻ لاءِ سامهون آيو. دائود خان حڪمت عملي سان لشڪر کي ساڄي کاٻي ترتيب سان صفن آميزا ڪيو پوءِ گهمسان جي لڙائي ۾ مار ڌاڙ شروع ٿي. مطلب تہ دائود خان جو الله مددگار سندس تقدير رهنما توفيق شامل حال، فتح ۽ ڪاميابي ورونهن ۽ بخت ساٿ هو. ان ڪري لڙائي ۾ دائود خان جو پُٽُ ڳرو ٿيڻ لڳو ۽ رحيمداد پاڇ ڪائڻ لڳو. انهن کي ڀڄڻ هرگز فائدو نہ ڏنو. موت ڪان ماڻهو ڪيڏانهن ڀڄي سگهندو. آخرڪار رحيمداد افغان ۽ سندس لشڪر لڙائي جو ميدن خالي ڇڏي شڪست کائي، پويان پير ڪري ڀاڄ کاڌي ۽ دائود خان ڪلهوڙي جو لشڪر ڪامياب ٿي، انهن ڀاڄوڪڙن جي پنيان لڳو. بهرحال دائود خان، رحيمداد افغان تي فتح حاصل ڪري خدا جي درٻار ۾ شڪراني جو سجدو بجا آندو ۽ ڪامياب ٿي پنهنجي پيءَ يار محمد خان ڪلهوڙي وٽ واپس آيو. ميان يار محمد پنهنجي پٽ دائود خان کي پلو گهوڙو، خاص تلوار ۽ جڙائودار خنجر انعام ڏئي خوش ڪيو. (24)

صوفي شاهہ عنايت جي شهادت واري جنگ ۾ ميان دائود خان جي شرڪت

سن 29-1130هہ/17-1718ع ۾ دهلي جي مغل سرڪار پاران مقرر ٺٽي جي نواب اعظم خان ۽ شاهہ عنايت جي وچ ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ شاهہ عنايت شهيد ٿي ويو. انهيءَ لڙائي ۾ نواب اعظم خان جي لشڪر سان گڏ مغل سرڪار جي حڪم تحت ميان يار محمد ڪلهوڙو پاڻ ۽ سندس ڪجهہ هزار جنگجو بہ شامل ٿيا هئا. ميان يار محمد جي انهيءَ جنگجوئن جي لشڪر ۾ ٻين سان گڏ سندس پٽ ميان محمد دائود خان جو نالو بہ سرفهرست نظر اچي ٿو. ميان يار محمد خان ڪلهوڙو جيڪو بادشاهہ دهلي جي حڪم سان ان لڙائي ۾ بذات خود شريڪ هو، تنهن ميدان جنگ مان پنهنجي پٽ ميان نور محمد خان ڏانهن هڪ خط لکيو جنهن ۾ جنگ جي ڪيفيت ۽ ميان دائود خان ۽ ٻين جي انهيءَ جنگ ۾ شموليت ۽ جنگي ڪارنامن متعلق ڄاڻايو آهي تہ ”حسن اتفاق سان جنهن وقت هي هنگامو برپا ٿيو هو گهڻا فقير جيڪي سرڪاري تنبن تي بيٺل هئا ۽ نگهبان هئا.

اهي ٽڙي پکڙي ويا ۽ فسادين جي جماعت سرڪاري خيمن جي دروازي تي حملو ڪيو. پر نور چشم ميان دائود ۽ ميان غلام حسين، منهنجو ڀاءُ مير محمد ۽ ٻيا خاص ساٿي بروقت پهچي ويا، جن دليرانه مقابلو ڪري گهڻن کي جهنم رسيد ڪيو ۽ فتني جي غبار کي تلوار جي پاڻي سان ٺاريو. هن وقت جيڪي ساڄي کاٻي گرفتار ٿئي ٿو اهو سزا پوڳي ٿو. ٻيو سڀ خير ۽ سلامتي آهي. دلجاءِ رکندا، جنگ اڃا باقي آهي. انشاءَ الله فسادي کي جلدي بري ڪم جو بدلو ملندو تڪڙ ۾ هي مختصر خط لکيو ويو. ميان دائود جي سواري جي گهوڙي کي منهن تي پنج ڇهه زخم رسيا آهن ۽ ٻئي جسم تي به زخم آيا آهن. اهڙي طرح ميان محمود ۽ ميان غلام حسين جا گهوڙا به ڦٽيا آهن. پر الحمدالله جو پاڻ خير ۽ سلامتي سان آهن.“(25)

انهيءَ جنگ ۾ ميان دائود خان عباسي جي شرڪت ۽ سندس بهادري متعلق ميران سنگ کتري ملتاني پنهنجي هڪ خط ۾ لکي ٿو ته ”شاهه عنايت سوچيو ته قلعي ۾ ويٺي رهڻ مان نتيجو چڱو ڪونه نڪرندو. ان ڪري هن ٻن هزار ماڻهن کي مقابلي لاءِ موڪلي ڏنو. هنن خدايار خان عباسي (يار محمد خان) جي هاٿي کي گهيرو ڪيو. صاحبزادي دائود خان عباسي ڪجهه هزار سوارن سان مردانگي سان مقابلو ڪيو ۽ شاهه جي لشڪر جا ڪچ جيترا ماڻهو مارجي ويا. سبحان الله سندس تلوار ذوالفقار حيدري وانگر دوڌاري تلوار هئي، جنهن پنهنجي لشڪر کي ڪامياب ڪيو پر دشمن جو دم به پورو ڪيائين. اهي جو ذڪر هڪ فارسي شعر ۾ به ملي ٿو جنهن جو ترجمو هت پيش ڪجي ٿو.

”واه وا شير دلير مرد ميدان جا جنهن جي تلوار کان هر طرف خوف ۽ حراس پئجيو وڃي. ان جا تير به دشمن لاءِ جنجال ۽ تفنگ به دشمن جي جان لاءِ مصيبت آهن. ان جا پرون به ڪمان وانگر آهن ۽ ان جو منهن جاهه و جلال جو آئينو آهي ۽ ان جي دل به ڪمال جو خزانو آهي.“(26)

مطلب ته هن جنگي معرڪي ۾ ميان دائود خان عباسي نهايت ئي مردانگي سان وڙهيو. سندس بهادري متعلق غلام رسول مهر لکي ٿو ته، ”غالبن اهو ئي موقعو آهي، جنهن ۾ دائود خان بهادريءَ جا ڪرشما ڏيکاريا آهن.“(27)

ميان محمد دائود خان جي جنگي ۽ انتظامي ڪارنامن تي هڪ نظر

ميان محمد دائود خان عباسي پنهنجي والد ميان يار محمد خان ڪلهوڙي جي زندگي ۾ يعني سندس حڪومت واري دؤر ۾ جيئن مٿي تفصيل سان ڄاڻايو ويو آهي ته،

1. دهلي جي مغل سرڪار پاران ملتان جي حاڪم شهزادي معزالدين جي لشڪر ڪشي دوران پنهنجي والد سان گڏ پنهنجي ملڪ (سنڌ) کي ڇڏي، مصيبتون سهندو، دربدر ٿي قلات جي حدن ۾ پهتو.
2. قلات ۾ شهزادي معزالدين جي هُشي تي اتي جي حاڪم مير محراب خان هنن سان جنگ ڪئي جنهن ۾ هيءُ پنهنجي پيءُ سان گڏ بهادري سان وڙهيو.
3. ان بعد سانده ٻه سال حاڪم قلات وٽ يرغمال طور قيد ۾ رهي، مصيبتن ۽ مشڪلاتن جو منهن ڏنائين ۽ آخرڪار شهزادي معزالدين جي مداخلت تي آزاد ٿيو.
4. والد طرفان سبي ۽ ڍاڍر جي لڪن جي حفاظت تي مقرر ٿيو جتي ڪافي عرصي تائين لڪن ۾ رهائش اختيار ڪري، قلعي تي افغانن جي حملن کي مردانگي سان منهن ڏيندو رهيو.
5. ٺٽي جي مغل گورنر نواب اعظم خان جي حڪم تي پنهنجي والد سان گڏ شاهه عنايت جي شهادت واري جنگ ۾ شريڪ رهيو ۽ نهايت ئي دليري سان وڙهندو رهيو.
6. ڪيترا ئي ڀيرا ڪيس ملتان ڏانهن موڪليو ويو. ناظمن جي درخواست تي ڌاڙيلن ۽ خونين کي آڻ مڃائڻ لاءِ ويو.
7. پنهنجي والد ميان يار محمد خان ڪلهوڙي جي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ يعني سندس وفات وقت ڪنهن خاص ڪم سبب ٺٽي جي طرف ويل هو.
8. ميان نور محمد خان جي تخت نشيني ڪان پوءِ ميان دائود خان جي مخالفت ميان يار محمد ڪلهوڙو 1131هه/1719ع ۾ وفات ڪري ويو.(39)

ان وقت ميان محمد دائود خان ڪنهن مهم جي سلسلي ۾ ٺٽي ڏانهن ويل هو. والد جي وفات جو ٻڌي واپس آيو. هوڏانهن والد جي وفات کان پوءِ

سندس وڏو ڀاءُ ميان نور محمد خان پڳدار ٿيو ۽ کيس مغل سرڪار پاران پنهنجي والد وارن علائقن تي کيس حاڪم مقرر ڪيو ويو. ان وقت ميان دائود خان پنهنجي ڀاءُ ميان نور محمد خان جي خلاف ٿي بيٺو ۽ مخالفت ڪرڻ لڳو. تحفة الڪرام جو بيان آهي ته ”ميان نور محمد جي ڀاءُ محمد دائود خان ٽن سالن تائين مخالفت جو سلسلو قائم رکيو. ان بعد صلح ٿي.“(30)

ميان نور محمد خان انهيءَ مخالفت جو سبب پنهنجي هڪ خط ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي، ”جڏهن والد مرحوم جو انتقال ٿيو ته منهنجو ڀاءُ ميان دائود ٺٽي جي علائقي ۾ هو. انتقال جي خبر ٻڌي هو اتان هلي پيو. جڏهن شهداد پور پهتو، ڪجهه خراب صلاحڪار هن جي چوڌاري گڏ ٿيا. انهن مان چند ڦهريائين هن جا ساٿي هئا ۽ڪجهه اتي ساڻ ٿيا. انهن کيس اهڙيون مخالفانه ڳالهيون ٻڌايون جو منهنجو ڀاءُ اتي ئي رهي پيو ۽ مخالفت جو سامان گڏ ڪرڻ لڳو. يعني ضرورت کان وڌيڪ ماڻهن کي نوڪري ۾ رکيائين ۽ هٿيار ڏيڻ لڳو. مون کي اهو اطلاع مليو ته مون فورن کيس لکيو ته اهو طريقو وڏن جي روش جي خلاف آهي، توکي گهرجي ته فورن هت پهچ ۽ تعزيت ۾ شريڪ ٿي. اها ڳالهه هن جي دل ۾ نه ويٺي، بلڪ سندن شڪ ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. مون سندس انهن ڳالهين کي ڀاءُ جي اٽڄاٽائي ۽ غلط ماڻهن جي خراب مشوري جو نتيجو سمجهيو. تنهنڪري مون کيس سمجهائڻ لاءِ سڌي رستي تي آڻڻ لاءِ بزرگ سادات، خاندان جا وڏا ۽ معتبر فقير وٽس موڪليا. اهي ماڻهو ميان دائود ۽ ٻين سيني ماڻهن کي گڏ وٺي آيا.

دائود مون سان ملاقات ڪئي ۽ خانداني طريقي مطابق بيعت ڪئي. صرف هڪ رات رهڻ کان پوءِ زور رکيائين ته کيس هتڙي طرف موڪل ڏني وڃي. حالانڪ تازو فوتگي جي ڪري اها ڳالهه مناسب نه هئي. ليڪن مون کي خيال آيو ته اگر کيس روڪيو ويو ته ممڪن آهي هن جي دل ۾ وڌيڪ شڪ پيدا ٿين، تنهنڪري جاٽي ٻجهي اجازت ڏني ويئي. هتڙي پهچي دائود سپاهي ڀرتي ڪرڻ لڳو. قلعي، فيصل ۽ برجن جي تعمير شروع ڪري ڏنائين. ڪاهي ڪوٽائي ورتائين ۽ بڪر مان جيڪي چند توپون خريد ڪيون ويون هيون، انهن کي برجن تي لڳائي چڙهيائين. اهو احوال ٻڌي مون هن کي خط ه لکيو ۽ فقيرن هٿان پيغام به موڪليو ته هي ظاهر ۾ منهنجي خلاف

جنگ جي تياري آهي، بهتر آهي ٻاراٽي حرڪتن ڪان باز اچو جنهن جو نتيجو شرمندگي ڪان سواءِ ڪجهه بہ نہ نڪرندو. باوجود هن سپاهي، جنگ ۽ ڪائڻ پيئڻ جو سامان قلعي ۾ گڏ ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري ڪيس دماغ ۾ هوا ڀرجي ويئي ۽ منهنجا ماڻهون مايوس واپس موٽي آيا. گهڻو صبر ۽ چشم پوشي بہ مناسب نہ هئي. تنهنڪري مون انهيءَ طرف جي مزارن ڏانهن وڃڻ جو سوچيو. چاڪاڻ تہ انهن مزارن تان فيض حاصل ڪرڻ وارو طريقو وڏن جي زماني ڪان جاري هو. خيال هي هو تہ جيڪڏهن منهنجي پاءُ کي توفيق نصيب ٿي تہ ملاقات لاءِ ايندو ۽ عذر پيش ڪندو، ورنہ زيارتن ڪان پوءِ مان پاڻ هن ڏانهن ويندس. پوءِ جوڪجهہ پيش ايندو ان کي ڏسي پر ميان دائود رستن تي مورچہ بندي ڪري ڇڏي ۽ توبون لڳائي ڇڏيائين. چند بيڪار ماڻهن جي چئي ۾ اچي پنهنجي دؤر انديشي کي خدا حافظ چئي ڇڏيائين. مان جڏهن مورچہ بندي وري هنڌ ڪان ٽن ڪوهن تي پهتس، جيڪو هنڙي ڪان ائن ڪوهن تي آهي تہ اوچتو ميان دائود پاران سيدن هٿان معافي جي درخواست پهتي. انهن ماڻهن قسم کڻي وعدو ورتو ۽ ميان لاءِ امان طلب ڪيائون. انهيءَ وقت اها ڳالهہ طئي ٿي تہ هو چانڊڪي پرڳڻي بجاءِ لاڪاڻ پرڳڻي ۾ رهندو. هن ٽن چئن ڏينهن جي مهلت گهري ۽ ڪجهہ ٻيڙين جي درخواست ڪيائين تہ جيئن تيار ٿي لاڪاڻ هليو وڃي. بهرحال جنگ جي تياري جي باوجود هن اوچتو هار مڃي ورتي. مون پنهنجي وڏن وانگر صبر ڪان ڪم ورتو ۽ هن جي غلطين کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. هن جي موڪليل ماڻهن کي اطمينان ڏياري واپس موڪليو ويو. ٻن ٽن معتبر فقيرن کي بہ هن سان گڏ روانو ڪيو ويو تہ جيئن شرمساري دؤر ٿي وڃي ۽ هو اچڻ ۾ گريز نہ ڪري، بلڪ جلد اچي.“(31)

انهيءَ سلسلي ۾ مير علي شير قانع لکي ٿو تہ ”ڪجهہ لڙاين ڪان پوءِ دائود، ميان نور محمد خان جو فرمانبردار ٿي ويو.“ جڏهن ميان دائود خان اطاعت قبولي، ميان نور محمد خان جي سامهون آيو تہ مير منشي عبدالرئوف بہ موجود هو. خود ميان نور محمد خان لکي ٿو تہ ”جڏهن معافي ورتائين تہ هن کي ٻيڙي جي ذريعي ۽ سندس ساٿين کي خشڪي جي رستي هنڙي ڪان لاڪاڻ روانو ڪيو ويو.“(32)

ماثرالامراءَ ٻنهي ڀائرن جي تخت نشيني واري ڪشمڪش متعلق لکيو آهي تہ "يار محمد جي اولاد مان ٻہ پٽ هئا، شيخ نور محمد ۽ شيخ دائود. ڪجهہ ڏينهن ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ دنگو فساد رهيو. آخر شيخ نور محمد غالب آيو ۽ پيءُ جو جانشين ٿيو. نور محمد پنهنجي ڀاءُ دائود کي صلح لاءِ طلبيو ۽ ڪيس ڪجهہ حصو مقرر ڪري ڏنو."(33)

مياں نور محمد خان سان دائود خان جي انهي چپقلش جو عرصو، مير علي شير قانع ٽي سال لکيو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. انهي متعلق غلام رسول مهر لکي ٿو تہ "علي شير قانع، تحفتہ الڪرام ۾ جنهن مدت کي ٽي سال ٻڌايو آهي، اها وڌ کان وڌ ٽي مهينا هئي. صلح وارو اهو واقعو سنہ 1131هہ يا محرم 29 تاريخ سن 1132هہ يا بعد واري ڪنهن مهيني ۾ سمجهڻ گهرجي."(34) جيئن تاريخ ۾ لکيل آهي تہ صلح کان پوءِ ميان نور محمد خان، ميان دائود خان کي لاڪاٽ پرڳڻو ڏيئي ڇڏيو. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر لياقت علي مگسي لکي ٿو تہ "هن پوري علائقي يعني نورجا، خچر، دوآبو ۽ جکرا جي پنهور وغيره جو انچارج دائود خان هو."(35) ڊاڪٽر لياقت مگسي جي اها لکت مبهم آهي ڇاڪاڻ تہ سندس لکت مان اها خبر نٿي لڳي تہ ميان دائود خان انهن علائقن جو انچار پنهنجي پيءُ ميان يار محمد خان جي زندگي ۾ هويا اهي علائقا ڪيس برادر ميان نور محمد خان صلح بعد ڏنا. والله اعلم.

ٻنهي ڀائرن، ميان نور محمد خان ۽ ميان محمد دائود خان عباسي جي انهيءَ صلح کانپوءِ يعني ميان نور محمد خان جي دؤر حڪومت ۾ ٻنهي ڀائرن جا پاڻ ۾ ڪهڙا تعلقات رهيا، انهي دوران ميان دائود خان جو ڪهڙو سياسي ڪردار رهيو ۽ پوءِ سندس سياسي حيثيت ڪهڙي هئي وغيره. انهيءَ متعلق ڪنهن بہ ماخذ مان زياده معلومات نٿي ملي. فقط "نام نفز" ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ جڏهن نادر شاهہ جو ايلچي محمد علي بيگ، ميان نور محمد خان جي دربار (سنڌ) ۾ آيو ۽ ميان صاحب کي نادر شاهہ طرفان تابعداري قبول ڪرڻ ۽ خراج ڏيڻ جو چيائين. تڏهن نادر جي انهيءَ سفير کي ميان نور محمد خان جيڪو ڌمڪي آميز جواب ڏنو جنهن ۾ تابعداري نہ قبول ڪرڻ ۽ خراج نہ ڏيڻ کان علاوه اهو بہ چيائينس تہ "منهنجا پنهنجا عزيز بہ شينهن مڙس آهن، جيئن محمد مراد، خداداد خان، احمد يار خان،

غلام شاھ، عطر خان، غلام نبي ۽ غلام رسول. انهن مان هرهڪ کي ٽيھ ٽيھ هزار سپاھ آهن. منهنجو پاڻ دائود خان، غلام حسين، تاج محمد، فضل علي، اهي سڀ مرد دلير ۽ ببر شير آهن. هرهڪ جي هٿ هيٺ ڏھ ڏھ هزار سپاھ آهي.“(36)

ميان نور محمد خان جي انهيءَ بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ”صلح ڪان پوءِ ٻنهي پائرن جا پاڻ ۾ تعلقات خوشگوار هئا ۽ ميان دائود ان کي پنهنجو لشڪر رکڻ جي اجازت هئي، جنهن ڪري وٽس ڏھ هزار سپاھ موجود هيس. ميان نور محمد خان جي انهي چوڻ مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت ميان دائود خان سندس بلڪل فرمانبردار هو ۽ سندس وقت اچڻ تي مدد ڪرڻ لاءِ پڻ تيار هو.

ميان محمد دائود خان جو اولاد:

سنڌ جي تاريخ متعلق ڪتابن ۽ شاعري جي تذڪرن جي مطالعي مان اسان کي ميان محمد دائودخان جي فقط هڪ پٽ ”محمد علي“ جو نالو ملي ٿو. هي پنهنجي دؤر ۾ فارسي جو هڪ سنو شاعر هو. سندس تخلص ”عالي“ هو. هن متعلق مير علي شير قانع لکي ٿو تہ، ”هن کي نظم ۽ نثر ٻنهي تي مڪمل دسترس حاصل هئي. خط بہ خوب لکندوهو. زبان ۾ اگرچہ گهٽي لڪنت (ٻاتائي) هيس، ليڪن شعر پڙهندو هو تہ اها لڪنت بلڪل محسوس نہ ٿيندي هئي. قانع بہ هن جي صحبت ۾ خاصو وقت گذاريو.“(37)

ميان محمد دائود خان جا يادگار آثار:

ميان محمد دائود خان عباسي پنهنجي دؤر ۾ ڪهڙا يادگار ٺهرايا ۽ آثار ڇڏيا، انهن يادگارن ۽ آثارن متعلق بہ ماخذ خاموش آهن. فقط هڪ يادگار ”مسجد“ متعلق (جيڪا هن ٺهرائي هئي) ڊاڪٽر لياقت علي مگسي لکيو آهي تہ، ”نورجا وٽ وڏي چوڪي نهيل هئي. هتي ميان دائود، ميان يار محمد جي پٽ هڪ مسجد پڻ جوڙائي، جيڪا اڄ بہ خستہ حالت ۾ ڪلهوڙن جي ياد تازي ڪري رهي آهي. هن جي جڙاوت پڻ ڪلهوڙن جي ٻين مقبرن ۽ مسجدن وانگر آهي.“(38)

ميان محمد دائود خان جي وفات ۽ مدفن:

جهڙي طرح ميان محمد دائود خان جي ولادت جي تاريخ ۽ سن، جاءِ ولادت ۽ سندس تعليم و تربيت متعلق تاريخي ماخذن مان معلومات نٿي ملي. اهڙي طرح وري سندس جي تاريخ سن وفات ۽ مدفن متعلق بہ تاريخ جا ڪتاب خالي لڳا پيا آهن. سندس وفات ۽ مدفن متعلق فقط ڊاڪٽر غلام محمد لاکي قياس آرائي ڪندي ايترو لکيو آهي تہ ”هن جي وفات ۽ مدفن بابت علم ڪونهي. پر اسان کي خاطري آهي تہ هن خداآباد (دادو) ۾ وفات ڪئي ۽ دفن بہ ٿيو.“(39)

حوالا:

1. مير علي شير قانع، مقالات الشعراءَ (مرتب سيد حسام الدين راشدي) صفحو 212 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ڇاپو پهريون 1957ع

= نياز همايون، سنڌ جي طبي تاريخ جلد ٻيون. صفحو 541، 542، سنڌ سائنس سوسائٽي ڄام شورو. ڇاپو پهريون 1976ع.

= ڊاڪٽر اديب انقلابي، سنڌ جا عظيم ويڄ. صفحو 77، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1993ع.

= ڊاڪٽر غلام محمد لاکو ڪلهوڙا دؤر حڪومت. صفحو 387. انجمن اتحاد عباسيہ پاڪستان ڪراچي، ڇاپو پهريون 2004ع.

2. سنڌ جي طبي تاريخ جلد ٻيون، صفحو 541، 542.

3. مولانا اعجاز الحق قدوسي، تاريخ سنڌ جلد دوم، صفحو 579. مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ڇاپو پهريون 1974.

4. غلام رسول مهر، تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر، ڀاڱو ٻيون. صفحو 1010. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1958ع.

= ڊاڪٽر وفا راشدي، اردو ڪي ترقي ۾ اولياءِ سنڌ ڪا حصہ. صفحو 51، مغربي پاڪستان اردو اڪيڊمي لاهور، ڇاپو پهريون 1994ع.

5. ڊاڪٽر ظهورالدين احمد، پاڪستان ۾ فارسي ادب جلد سوم، صفحو 840. اداره تحقيقات پاڪستان دانشگاهہ پنجاب لاهور، ڇاپو پهريون، 1977ع.

6. ڊاڪٽر لياقت علي مگسي، خدا آباد جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حيثيت، صفحو 41، ميان نصير محمد، يار محمد ڪلهوڙو تاريخي ثقافتي يادگار ڪاميٽي خانپور دادو، ڇاپو پهريون، 1997ع

7. ڪلهوڙا دؤر حڪومت، صفحو 387، 388.

8. غلام رسول مهر، تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر، ڀاڱو پهريون. صفحو 190، 191، 207، 208 ۽ 210، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ڇاپو پهريون 1958ع.

= خداآباد جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حقيقت. صفحو 10 ۽ 36. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، واليءِ سنڌ ميان نور محمد خان ڪلهوڙو. صفحو 111، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو. ڇاپو پهريون 1991ع.

9. محمد سعيد ڏوار، تاريخ بلوچستان. صفحو 422. نساءَ ٽريڊرز ڪوئيٽا. ايڊيشن اول 1990ع.
10. تاريخ سنڌ جلد ڇهون، ڪلهوڙا دؤر، ڀاڱو پهريون، صفحو 208 ۽ 210.
11. منشي عبدالرئوف، گلدستہ نورس بهار (قلمي-فارسي) صفحو 94
بحوالا، تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دور، ڀاڱو پهريون. صفحو 225، 226 ۽ 359.
12. آخوند، ملا محمد صديق، اخبارالابرار (ترجمو: تاريخ خوانين قلات، مترجم، مير گل خان نصير، صفحو 38. نساءَ ٽريڊرز ڪوئيٽا. ڇاپو پهريون 1981ع
= گل خان نصير، تاريخ بلوچستان، صفحو 22. قلات پبلشرز ڪوئيٽا، ايڊيشن ٽيون 1993ع.
= محمد عثمان دموهي، ڪراچي تاريخ ڪي آئيني ۾، صفحو 39، انڊس پبليڪيشنز ڪراچي. ڇاپو پهريون.
= جسٽس مير خدا بخش بجاراڻي مري، بلوچستان تاريخ ڪي آئيني ۾ (مترجم پروفيسر سعيد احمد رفيق) صفحو 356. نساءَ ٽريڊرز ڪوئيٽا، ڇاپو ٻيون 1984ع.
13. تاريخ بلوچستان (گل خان نصير) صفحو 22-23.
= ڪراچي تاريخ ڪي آئيني ۾، صفحو 39- 40.
= تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر، ڀاڱو پهريون. صفحو 361 حاشيو.
14. تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر، ڀاڱو پهريون. صفحو 214، 217 ۽ 227.
15. تاريخ بلوچستان (گل خان نصير) صفحو 23
= ڪراچي تاريخ ڪي آئيني ۾. صفحو 40.
16. تاريخ بلوچستان (محمد سعيد ڏوار) صفحو 426، 427
17. تاريخ خوانين قلات. صفحو 36
= بلوچستان تاريخ ڪي آئيني ۾. صفحو 355
= ڪراچي تاريخ ڪي آئيني ۾، صفحو 38-39
18. تاريخ بلوچستان (گل خان نصير) صفحو 21.
= ڪراچي تاريخ ڪي آئيني ۾، صفحو 38-39
19. راءِ بهادر هتورام، تاريخ بلوچستان، بحوالا، تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر، ڀاڱو پهريون. صفحو 205
20. تاريخ سنڌ جلد ڇهون، ڪلهوڙا دؤر ڀاڱو پهريون، صفحو 206 حاشيو.
21. مير علي شير قانع، تحفتہ الڪرام ، جلد سيوم، حصہ اول (فارسي متن) (مرتب سيد حسام الدين راشدي) صفحو 439، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1971ع.
= تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر ڀاڱو پهريون. صفحو 232
= ڪلهورا دؤر حڪومت. صفحو 118
22. گلدستہ نورس بهار (قلمي) صفحو 29، 30 بحوالا، تاريخ سنڌ جلد ڇهون. ڪلهوڙا دؤر ڀاڱو پهريون. صفحو 232، 233
23. تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر، ڀاڱو پهريون. صفحو 234
24. سيد مير محمد بلگرامي، تبصرت الناظرين (قلمي)
= بحوالا ميان نور محمد خان ڪلهوڙو، منشورالوصيت و دستورالحڪومت. (مرتب سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ترجمو عبدالرسول قادري) صفحو 130-131، ضميمو ڪلهوڙا سيمينار ڪاميٽي ڪراچي. ڇاپو پهريون 1996ع.

25. قاضي عبدالرسول، مڪاتيب تاريخي (قلمي) صفحو 120 کان 123. ملڪيت سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
= بحوالا، منشورالوصيت و دستورالحڪومت (سنڌي ترجمو) صفحو 80 ضميمو.
= تاريخ سنڌ جلد ڇهون، ڪلهوڙا دؤر ٻاڳو ڀڀريون. صفحو 285، 286 ۽ 298 کان 300
27. تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر ٻاڳو ڀڀريون. صفحو. 361
29. تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر ٻاڳو ڀڀريون. صفحو 325، 354 ۽. 355
30. تحفت الڪرام جلد سيوم حصہ اول. صفحو 444
= تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر ٻاڳو ڀڀريون. صفحو 355
= ڪلهوڙا دؤر حڪومت. صفحو 121
31. گلدستہ نورس بهار (قلمي) صفهو 118 کان 120
= بحوالا، تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر ٻاڳو ڀڀريون. صفحو 355 کان 358
= والي سنڌ ميان نور محمد خان ڪلهوڙو. صفحو 111_112
32. مقالات الشعراءَ، صفحو 421
= تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر ٻاڳو ڀڀريون. صفحو 358_359
33. گلدستہ نورس بهار (قلمي) صفحو 120
= بحوالا منشورالوصيت و دستورالحڪومت (سنڌي ترجمو) صفحو 155 ضميمو.
34. تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙ دؤر ٻاڳو ڀڀريون. صفحو 359 حاشيو
35. خداآباد جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حيثيت 4. صفحو 35
36. باغ علي سنڌي، نامءِ نفز (قلمي) بحوالا منشورالوصيت و دستورالحڪومت (سنڌي ترجمو) صفحو 118_119
= ماهنامہ نئين زندگي حيدرآباد، ماه آڪٽوبر، نومبر 2003ع، صفحو 13
37. مقالات الشعراءَ. صفحو 394
= تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر ٻاڳو ٻيون، صفحو 1055
= ڪلهوڙا دؤر حڪومت. صفحو 388
= والي سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو. صفحو 138
= اردو ڪي ترقي ۾ اولياءِ سنڌ ڪا حصہ. صفحو 51
38. مقالات الشعراءَ، صفحو 394، 395

ڪلهوڙا دؤر جا نامور حڪمران

غلام محمد پنهور

سنڌ جي تاريخي عظمت ۽ ان جي تخليق ۾ سنڌ جي هزارن ماڻهن، هارين، نارين، پورهيتن، هنرمندن، دانائن، حڪيمن ۽ حاڪمن جون صلاحيتون ۽ ڪوششون ڪارفرمان رهيون آهن. سنڌ جي حاڪمن ڪيترين ڪچائن جي باوجود بہ سنڌ جي ترقي ۽ آزادي لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پئي ڏنو آهي. سنڌ جو ڪلهوڙا حڪمران گهراڻو بہ سنڌ جي تاريخ ۾ علمي، ادبي، زرعي توڙي وطن دوستي جي بهادرانا جذبن سان سنڌ جي تاريخ ۾ اهم مقام رکي ٿو. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ آسپاس جي ملڪن ۽ خطن سان خوشحال ۽ آزاد وطن جي حيثيت سان ڪلهو ڪلهي سان ملايو آهي. جنهن لئہ ڪلهوڙا حڪمران جو دؤر ۽ انهن جا ڪارناما ئي ان صداقتن جو سچو تاريخي سبب رهيا آهن. ڪلهوڙا حڪمرانن جي خانداني تربيتي شروعات جي بہ ڏِگهي تفصيلوار آهي جن جو نسب حضرت نبيﷺ جي چاچي حضرت عباس سان ڳنڍين ٿا. پر اسان انهن حڪمراني جي دؤر جو تربيت وار ذڪر ڪيون ٿا.

ڪلهوڙا پنهنجو نسب حضرت عباس جي چاچي حضور پاڪﷺ کان ڇڪين ٿا. سندن ڏاڏو ميان اوڍاڻو خدا پرست انسان هو. پهريان مڪران ۾ پيري مريدي جو سلسلو شروع ڪيو هئائين. پوءِ مڪران منجهان پنهنجي پائرن سان ڪاوڙجي مريدن سميت مڪران کان نڪري سنڌ ۾ سڪون اختيار ڪري رهيو ۽ اوڍيجا قوم ۾ رهڻ لڳو هو. هن سنڌ جي ڏيپلي تعلقي جي ڪانگڙي جي زميندار بلاول سمي جي ڌيءَ دهرا سان شادي ڪئي. ان مان پٽ محمد نالي ڄائو. جيڪو ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن ۾ شمار ٿئي ٿو. چنيا بن بهليل بن گل بن ميان اوڍاڻي سنڌ جي ستن راڻن جي ڌيئرن سان شاديون ڪيون هيون. بعد ۾ روهڙي تعلقي جي پريالو وٽ چينہ بيلي ۾ ڪجهہ وقت رهيو. 1220ع ۾ ڪنيات جي سانڪره ڳوٺ ۾ وفات ڪيائين، جت ان کي دفنايو ويو ۽ گل قاهره ٻيلي، لس ٻيلي جي گوجر قوم

ڪي شڪست ڏيڻ بعد لس ٻيلي تي قبضو ڪيو هو ۽ عيسوي 13 صدي تائين ڪلهوڙن جو فقط ايترو بيان تحفة الڪرام مان ملي سگهي ٿو.

محمد بن چينا بن بهليل بن گل بن ميان اوڊاڻي جي نائين پيڙهي مان آدم شاهه ڪلهوڙو لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوڪري جي هنڙي ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪري مهدي فرقي جي تبليغ ڪرڻ لڳو. چاڪاڻ ته ميان صاحب شيخ، الياس لنڪراچ ۽ شيخ ابوبڪر جتوئي جي ٻن واسطن سان سيد ميران محمد مهدي جونپوري جو مريد هو. هنڙي جي ڳوٺ ابڙو ۾ پنهنجي قبيلي سميت سندس مريد ٿيو. ميان آدم شاهه پنهنجي وقت دوران وڏو درويش ٿي گذريو ۽ ملتان جي سهروردي مشائخن سان سندس دوستانه رستو هو. انهن ڏينهن ۾ مرزا عبدالرحيم خان خانان ٺٽي تي ڪاهيندو ٿي ويو ۽ ڏس ملڻ تي ميان آدم شاهه ڪان دعا گهرڻ آيو ۽ ان موقعي دوران ڪيڙ ابڙي وجهه ڏسي فقيرن جي خرچ لاءِ مرزا ڪان چانڊڪي جهڙي پرڳڻي علائقي جي گهر ڪئي. مرزا خان اهو عرض قبول ڪيو. اهو علائقي ملڻ بعد ميان جا مريد زور وٺندا ويا ۽ آسپاس جي زميندارن کي هيسائڻ لڳا. جڏهن چانڊڪي پرڳڻي جي زميندارن ميان غلام شاهه خلاف ملتان جي حاڪم کي شڪايتون ڪيون، جنهن تي مغليه سپاهي ميان کي قيد ڪري ملتان وٺي ويا. جت قيد جي حالت ۾ ملتان جو ڪوتوال آقا شاهه محمد سندس مريد ٿيو. اتي ميان غلام شاهه قيد دوران ئي وفات ڪري ويو. سندس جي وصيت موجب مريدن ان جي جنازي کي سکر لڳ الهندي وارين ٽڪرين مان هڪڙي مٿان دفنايو ويو. جيڪا اڄ به آدم شاهه جي ٽڪري سڏجي رهي آهي.

ميان آدم شاهه ڪلهوڙو جي وفات بعد ان جي پٽ ميان دائود پيءُ جي گادي وسائي پر ان ڪوبه اهڙو ڪارنامو نه ڏيکاريو دائود جي وري پٽ ميان الياس مريدن ۾ گهڻو مقبول ٿيو ۽ ان گهڻي ڪان گهڻو واڌارو ڪيو ۽ مگر اهو به ستت ئي وفات ڪيائين جنهنجو مقبرو تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ انڙآباد ۾ موجود آهي ۽ ميان الياس ڪان پوءِ ميان شاهل محمد بن دائود بن آدم شاهه پيري مريدي جي مسند تي ويٺو ۽ سندس ان جي هوشياري ڪرڻ سان زمينداري ۽ مريدن ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. جڏهن شاهل محمد جا ابڙامريد هئا ۽ ميان صاحب گهاڙ واهه ڪوٺايو ۽ پنهنجي مريدن ابڙن جي زمين تي قبضو

ڪيو جيڪي گهاڙ واهہ جي ڀني ڪپن تي موجود هيون. اهي زمينون مائٽن ۾ ورهايون تنهن ڪان پوءِ ابڙن جو وڏيرو جلال خان بکر جي مغل نواب وٽ دانهن ڪٽي ويو. آخر مغلن جي لشڪر سان گڏجي ابڙن ميان سان جنگ جوتي، جنهن ۾ ميان صاحب شهيد ٿي ويو. جنهن کي قمبر کان 6 ميل اتر طرف گهاڙ واهہ جي ڪپ تي دفنايو ويو جنهن مٿان سن 1188هہ (1774) ۾ ميان غلام شاهہ عاليشان مقبرو اڏرايو هو. جڏهن تہ ميان شاهل محمد ڪلهوڙي کان پوءِ وري ميان الياس جي پٽ ميان نصير محمد سن 1048 (1657ع ۾ گادي وسائي. انهي وقت پيري مريدي گهٽي هئي پر تر جا زميندار ساڻس وڙهڻ لڳا. لڪ بک کان مغليہ لشڪر جو وڏو ڪٽڪ وني مٿان ڪاهي آيا. ميان صاحب راتو رات گهٽن مريدن سميت ريگستان ڏانهن پڇي ويو پر ان جو گذران تنگ ٿي ويو. پوءِ دادو تعلقي جي پنهور ڳوٺ ڏانهن موٽيو ۽ فقيرن جي لئہ پنهورن بکر جي نواب کان مدد گهري، جنهن سيوي جي حاڪم مير خان کي لشڪر جو اڳواڻ ڪري موڪليو هو. جڏهن تہ مير خان حڪمت سان ميان صلح ڪري پنهنجي چاچي سان گڏجي ميان عالمگير جي دربار ڏياري موڪليو ۽ اتي ميان صاحب کي قيد ڪيو ويو. بعد ۾ اهو قيد مان چوري پڇي سنڌ ۾ آيو ۽ پنهورن جي ڳوٺ ۾ نئون ڳوٺ ٻڌي وينو.

ميان نصير محمد چانڊڪي پرڳڻي واري جاگير جي آبادي ۾ واڌارو ڪرڻ لڳو. ان دوران بکر جي نواب مير يعقوب کي ميان صاحب هڪڙي جنگ ۾ ڏاڍي شڪست ڏني ۽ ساهتي پرڳڻي تي قبضو ڪري هن سيوهڻ جهڙي زرخيز پرڳڻي کي ٺيڪي تي ڪنيو ۽ سندن فقيرن مان فيروز نالي هڪڙو فقير ساهتي پرڳڻي ۾ نوشهروفيروز جو شهر تعمير ڪرايو ۽ ميان نصير محمد 25 سال حڪومت ڪئي. سن 1103هہ مطابق 1696ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس مقبرو خيرپور ناٿن شاهہ ضلعي دادو ۾ موجود آهي، ان کان پوءِ مان دين محمد ولد نصير محمد جي ڏينهن ۾ ڪلهوڙا فقير (سرائي) جي لقب سان سڏجڻ لڳا ۽ گهڻو زور آور ٿيا ۽ پنهور جي هڪڙي شهر فتح پور تي سرائين قبضو ڪري ورتو جنهن ڪري پنهور دهليءَ دانهن ڪٽي ويا، جتان هڪڙو امير شيخ جهان سرڪاري حڪم سان سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ ڳيريلي جي ڳوٺ وٽ سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ شيخ جهان

مارجي ويو. سرائين جي سوڀ تي ۽ لکي جي پرسان شڪارپور تي قبضو ڪيو نئين سر وري شڪارپور کي 1026 هجري مطابق 1617ع ۾ تعمير ڪيو ۽ ميان دين محمد سنڌ جي سرحد جا قلعا قلات جي بروهين کان کسيا ۽ شهزادي معزالدين ميان دين محمد کان شڪارپور کسي ورتي ۽ جڏهن شهزادي شڪارپور ۽ پروارن پرڳڻن جي سنڌ دائود پوٽن کي لکي ڏني. ملتان پهچڻ کانپوءِ شهزادي سن 1111هه (1700ع) ۾ سرائي دين محمد کي مارائي ڇڏيو.

گادي تي ميان يار محمد ويٺو. ان جي ويهڻ سان ئي درٻيلي ۾ شهزادي معزالدين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ان کي شهزادي معزالدين اورنگزيب جي پٽ کي ميان يار محمد خان کي خدا يار خان جو لقب ڏنو ويو ۽ ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪومت جو مڪمل بنياد ميان يار محمد خان وڌو ۽ ميان يار محمد خان 1701 هجري مطابق 1113هجري ۾ مغلن جي دربار منجهان پروانو مليو. جڏهن تہ ڪلهوڙا سمن جي گهراڻي کان پوءِ سنڌ جا حڪمران بڻيا آهن ۽ سمن ۽ ڪلهوڙن وچ ۾ 1520ع کان 1701ع تائين اٽڪل هڪ سئو ايڪاسي سال وچ ۾ گذري چڪو هو ۽ ميان يار محمد خان جي دؤر کي ڪلهورن جي ڪاميابيءَ جو دؤر سڏيو وڃي ٿو. ميان يار محمد خان پنهورن جي سردارن قيصر خان کان منڇر تائين علائقو فتح ڪرايو هو. بعد ۾ اورنگزيب عالمگيري جي ايلچي خواجہ حسين ميان يار محمد کي سيوي کان ڪنڊياري تائين علائقو حوال ڪيو هو. ميان يار محمد پنهنجي تخت دوران خداآباد نئون شهر جوڙايو هو جيڪو دادو ضلعي کان ست ميل ڏکڻ طرف واقع آهي ۽ جڏهن خداآباد تخت گاهہ بڻيو. تڏهن کان سيوهڻ جي حيثيت گهٽجڻ لڳي هئي.

خداآباد ڪلهوڙن جي دؤر ۾ 1701ع کان 1768ع تائين اٽڪل اٺهٺ سال تختگاهہ رهيو. جنهن سنڌ هڪ هٿ ۾ ڏاتو ۽ ٻئي هٿ ۾ ترار کڻڻ حاصل ڪئي هئي ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت دوران فوجي ٽالپرن ۽ بلوچن جي مريدن حوالي واڳون ڪيون هيون ۽ ميان يار محمد فوج جو سربراهہ مير الورو خان ٽالپر ۽ مسعود خان کي بڻايو هو ۽ انهن مٿان وبتر مير شهداد خان کي سپهہ سالار مقرر ڪيو. جيڪو عقيدتمندن مريدن منجهان هو ۽ مير شهداد خان کي پٽ باران جنهن کي ديره جات بہ سڏيندا هئا. اها شهدادپور ۽

ڪونيرا جي وچ تي هئي. اها جاگير مليل هئي. ميان يار محمدخان اتر سنڌ ۾ مهرن ڪان لکي ۽ دائود پوٽن ڪان شڪارپور جهڙا شهر کسي ورتا هئا ۽ ميان يار محمد سنڌ تي 1701ع ڪان 1718ع تائين اٽڪل 18 سال حڪومت ڪئي هئي. ميان يار محمد خان فوت ٿي ويو جنهن کي دادو ضلعي جي شهر خدا آباد ۾ دفن ڪيوويو ۽ سندس جو مقبرو جوڙايل اٿس.

ميان نور محمد ڪلهوڙي جون شروعات ۾ اقتدار لاءِ پنهنجن ڀن ڀائرن ميان غلام حسين ۽ ميان دائود سان جنگون ٿيون پر بعد ۾ انهن سان صلح ڪيائين. ۽ ميان نور محمد دائود پوٽن کي هميشه لاءِ شڪارپور ڪان بيدخل ڪيو هو. جڏهن ته ميان نور محمد سنڌ تي 1718ع ڪان 1755ع تئين اٽڪل 37 سال حڪمران رهيو هو ۽ سبي جي ويجهو ڪلهوڙن ۽ بروهين جي لڙائي 1736ع ۾ ڪئي وئي. ان جنگ ۾ ميان نور محمد کي فتح نصيب ٿي ان بعد بلوچسان جا علائقا ملتان جي هيٺائين حصي ڪان وٺي سمنڊ، ڪڇ، ڀڄ ريگستان، ڪوهستان، لاڙ، ٺٽي تائين سمورا قبضي ۾ هئا ۽ ميان نور محمد جي حڪمراني دوران نادر شاهه افشار جنهن جو اصل نالو نادر قلي هو ا سنڌ تي هندوستان ۽ سنڌ جي مٿان 1152هجري مطابق 1739ع ۾ آفت جيان ڪڙڪي پيو. هن ان وقت سنڌ ۾ فصل ساڙايائين. نادر شاهه جو مختصر ذڪر هي آهي ته نادر شاهه ستر سالن جي عمر ۾ پيءُ سان گڏ ازبڪن جي هٿان گرفتار ٿيو هو ۽ نادر شاهه قيد منجهان ڀڄي بابل بيگ نالي وٽ نوڪر بينو ان وقت امير کي قائل ڪري انهي جي ڌيءَ ڀڄائي ويو. ۽ ٿولا ٺاهي ڌاڙا هڻڻ لڳو ۽ نادر شاهه ايران جي بادشاهه سلطان اشرف غلزئي کا 1735 ۾ آزادي ڪرايو ۽ 1736ع ۾ ايراني سردارن ۽ اميرن هن جي مٿي تي تاج رکي هڪ لک ايراني سردارن ۽ اميرن کي تسليم ڪيو هو ۽ نادرشاهه ڪابل کي 1733ع ۾ فتح ڪيو ۽ قابل فتح ٿيڻ بعد هندسان جي تخت دهليءَ ڏانهن رخ رکيو ۽ هن کي ايشا جو فاتحن ۾ ٽيون نمبر ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ۽ هن کي وري دهليءَ مان اٽڪل ويهه ڪروڙ نقد، شاهجهان جو طائوسي تحت، زر ۽ جواهر جن ۾ ڪوهه نور هيرو سميت ذخيرو هٿ آيو ۽ بعد ۾ سنڌ جا مختلف علائقا مهراڻ دريا جا الهندي ڪناري وارا قبضي ۾ ڪيا. ان دوران ميان يار محمد کي پيرن ۾ زنجير ٻڌائي نادر شاهه مير محبت خان حوالي ڪيو ويو هو. ۽ وري مير محبت خان ڪڇي جو علائقو کسي

آزاد ڪيائين ۽ نادر شاهه وٽ ڇتيهه هزار جن منجهان بلوچن جو تعداد ڇهه هزار ۽ هڪ هزار بلوچ جوان هن جا باڊي گارڊ هئا. نادر شاهه سنڌ کان واپس وڃڻ کان پوءِ وري 27 نومبر 1739ع ۾ ڪابل کان سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ ميان نور محمد نادر شاهه هن جي اچڻ جو ٻڌي عمرڪوٽ نڪري ويو. نادر شاهه هن پٺيان عمرڪوٽ جي ديوارن هيٺيان خزانو هڪ ڪروڙ نقد ۽ ٻيو خزانو هٿ ڪرڻ بعد ۾ يار محمد کي گرفتارڪري لاڙڪاڻي ۾ آڻي نور محمد بکر وارو پرڳڻو ۽ شڪارپور وارو علائقو افغانستان ۽ ايران سان ملائي پنهنجي قبضي ڪيائين ۽ ساليانو ويهه لک نذرانو رکڻ وارو عهد ڪيو. بعد ۾ نادر شاهه، نور محمد ڪلهوڙو جا ٻه پٽ محمد مراداياب ۽ ميان غلام شاهه ضمانت طور ساڻ ورتا ويا. ڪڪرالي ۽ ڏاريچن جي ڄام راڻي کان ميان نور محمد لس ٻيلي ۽ نصيرپور وارا علائقا هٿ ڪيا. بدين پرڳڻي کي ميان نور محمد 1743ع ۾ فتح ڪيو ۽ لاڙ جي سموري علائقي کي ميان نور محمد اتر سنڌ جي شهر شڪارپور، بکر ۽ ان جي آسپاس وارا علائقا قبضي ۾ ڪيائين. جڏهن ته نادر شاهه کي سندس فوج جي قزلباش امير صلح بيگ ترڪمان سان گڏ جي 1747 مطابق 1160 هجري ۾ قتل ڪيو ويو.

نادر شاهه کان پوءِ سنڌ تي وري احمد شاهه ابدالي ڪاهه ڪئي، جيڪو نادرشاهه جو خدمتگار هو جڏهن ميان نور محمد 20 لک خراج ڏيڻ بند ڪيو. ته ان وقت 1168 هجري مطابق 1754ع ۾ وري ڪاهه ڪئي هئي. ميان نور محمد احمد شاهه ابدالي جو ٻڌي ريگستان، تڙ ڏانهن هليو ويو. جڏهن ته ميان نور محمدانهي سال ريگستان ۾ 1755ع ۾ وفات ڪري ويو. تنهن کان پوءِ نور محمد جي تخت جو والي سندس پٽ محمد مراداياب جنهن خراج ڏئي احمد شاهه ابدالي کي قبول ڪيو. احمد شاهه ابدالي ميان محمد مراداياب کي سربلند خان جو لقب ڏنو ۽ ميان محمد مراداياب سنڌ جي حڪومت سندس ڀاءُ ميان غلام شاهه کان 1758ع مطابق 1172 هجري ۾ کسي ورتي. احمد شاهه ابدالي روجهاڻ کان وٺي مديجي تائين سکر، بکر ۽ شڪارپور جا علائقا قبضي ۾ رکيا هيا. اهو دؤر ٽيون هو. (1) هندوستان جي مغلن جي ماتحت. (2) ايرن. (3) افغانستان ڪلهوڙن جو لکيو وڃي ٿو. جڏهن ڪلهوڙا حڪمرانن سڀ کان وڏيڪ سهڻي حڪومت هلائڻ جو اعزاز ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کي آهي. غلام شاهه ڪڇ ۽ ڀڄ جو سبت ۽

لکپت جا بندر کسيا هيا ۽ ڪڇ جي راجا کان هن ٻيو ڏيءُ جو سڱ پاڻ لاءِ ورتائين. ۽ دائودپوٽن کان بهاولپور جو قلعو وٺي سنڌ ۾ داخل ڪيائين ۽ بعد ۾ ڪراچي توڙي آسپاس وارا علائقا قلات جي خان کان کسيائين.

جڏهن احمد شاهه ابدالي 1764ع ۾ ميان غلام شاهه کي عصام ابدول جو خطاب ۽ شاهه وردي خان جو خطاب ڏنو. بعد ۾ ان ديري غازي ۽ ديري اسماعيل خان وارا علائقا حوالي ڪيا. وري خداآباد کي ڦيرائي پنهنجي درالحڪومت حيدرآباد کي بڻايو ويو. غلام شاهه تخت تي ويهڻ کانپوءِ شاهه بندر تعميرڪرايائين ۽ اتي قلعو بہ ٻڌرايائين ۽ ان وقت هندوستان جي حڪومت شاهه عالم جي هئي. جڏهن تہ حيدرآباد جي قعلي کي تعميرڪرايو. ان وقت نئي ۽ نصرپور ۽ سيوهڻ جو اوج گهٽجي ويو. ۽ ٺٽر کي آباد ڪرائڻ لاءِ موري وٽ بند ٻڌرايو هيو ۽ هن لس ٻيلي جي ڪلمتين ۽ برفتن جي طاقت ختم ڪرڻ لاءِ جوکيا قوم جي ماڻهن کي زور ونرايو. ان مهل جوکيا قوم جو اڳواڻ ڄام ٻجار خان جوکئي قتل ڪري سندس ميان غلام شاهه جي حوالي علائقا ڪيا. ديره جات وارو سڄو علائقو ٽن سئون ميلن جي ايراضي ۾ پکڙيل هيو. ان وقت ديره جات جي علائقن ۾ ناهر، نومڙيا ۽ ڪلمتي جيڪي سڀ بلوچ هئا. اهي قومون رهنديون هيون. ان دوران اهو علائقو 1768ع ۾ غلام شاهه فتح ڪيو ۽ غلام شاهه انگريزن کي سنڌ ۾ واپار جي اجازت 1760ع ۾ ڏني. آخر ۾ ميان غلام شاهه کي مختلف بيمارين فاليج، لقوه ۽ غشي حملو ڪيو. جيڪو 1186 هجري مطا بق 1772ع ۾ گذاري ويو. ميان غلام شاهه کي ڪلهوڙن جي گهراڻي ۾ ان ڪري وڏي اهميت ڏيندا هيا، جو وڏي مڙسي سان ۽ خودمختياري سان سنڌ تي حڪومت ڪئي ۽ سنڌ کي تمام وسيع بڻائي ويو. ميان غلام شاهه جي وفات کانپوءِ سندس پٽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو تخت تي ويٺو. ان وري طريقو بلڪل پيءُ جي ابتڙ هو. احمد شاهه ابدالي 1187 هجري ۾ مطابق 1773ع ۾ وفات ڪئي. پر احمد شاهه ابدالي ميان سرفراز کي خدا يار خان جو لقب ڏئي ويو.

ميان سرفراز، ميان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ حيدرآباد کي بدلائي هالن جي پرسان هڪ نئون شهر خداآباد جي نالي سان ٻڌايائين ۽ ان کي وري تختگاهه بڻائين. هن اهو شهر 1777ع ۾ تعمير ڪرايو. جڏهن ميان

سرفراز تخت تي ويٺو ان وقت فوج جو سربراهه مير بهرام خان ٽالپر جيڪو مير شهداد خان جو پٽ هيو ۽ ميان سرفراز خان بهرام خلاف ڪلهوڙن جي حڪومت جو درٻاري جو راچو سڪو جا، ڪن پرڻ لڳو. ان وقت بهرام خان جا پٽ مير صوبدار خان ۽ مير بجر خان وڏا عهدا رکندا هئا. ميان سرفراز کي ديوان گدو مل جيڪو هن جو صلاحڪار هو. ان جهيڙي نه ڪرڻ جو سمجهايو. ويتر ميان سرفراز دل منجهان بغض ته نه ڪيڍيائين ۽ وري مير بهرام خان کي مارائڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳو ۽ ڪچهري ۾ گهرايائين ۽ خط پڙهڻ لاءِ ڏنائين، جيئن خط پڙهڻ لڳو ته اشاري سان سندس سر ڌڙ کان الڳ ڪرايائين، انهي وقت مير بهرام خان جا پٽ ميرصوبدار خان ۽ ٻيو پٽ حج تي ويل هئا. جڏهن ان کي اها پيءُ جي قتل جي خبر پئي ته تلوار کڻي اٿيا، ٽن ماڻهن سان ملي ميان سرفراز خان جا ٻاويهه ماڻهو قتل ڪيائين ۽ انهي وقت ميان سرفراز ماڙي جي ڇت تي چڙهي لڪي گم ٿي ويو. ان دوران ميان صوبدار خان کي به سخت زخم رسيا ۽ وڙهندي وڙهندي قتل ٿي ويو. صوبدار خان کن پوءِ بلوچ سردار مير علي خان وٽ گڏ ٿيا ۽ ڪيس اڳواڻ بڻايائون. ان وقت مير فتح علي بلوچ چيو ته اڄ ڏسو مرشدن کي ڪلهوڙن طرفان مريدن کي جيڪو فيض پهتو آهي. اهو اوهان ڏسي رهيا آهيو. ان بعد مير فتح علي خان هڪ وڏو لشڪر کڻي خداآباد تي ڪاهه ڪيائين ته ان وقت وري ميان سرفراز خان پڇي راتو راهه ڀڄڻ وسيلي حيدرآباد جي قلعي ۾ پناهه ورتي.

جڏهن ڪلهوڙن جي درٻارين ۾ اهو ڪجهه ڏسي تڪڙو قدم کنيو ۽ ٿورڙو وقت ميان محمد ابا خان کي حڪومت جي تخت تي ويهاريو. ان بعد وري ميان غلام نبي کي 1777ع ۾ تخت تي ويهاريو. جڏهن ميان غلام نبي خان جي قلات ڏانهن پڇي وڃڻ کان پوءِ ڪجهه وقت ميان صادق علي خان درويش حڪومت ڪئي هئي. جڏهن ته ميان غلام نبي ۽ مير بجر خان جي شهدادپور تعلقي جي ليناريگوٺ ۾ جنگ لڳي، ان دوران ميان سپهه سالار فيروز خان پتافي مارجي ويو ۽ ميان خود زخمي ٿيو ۽ گرفتار ٿيو ۽ مير بجر جي اڳيان زخمن سبب دم ڏنائين. جڏهن ته مير بجر خان خداآباد آيو ته تڏهن بلوچ سردارن ڪارن لباس سان استقبال ڪيو ۽ جڏهن وري مير بجر خان جو لاچو ٻڌي خودڪشي ڪيائين. جڏهن ميان غلام نبي جي وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ عبدالنبي کي تخت تي ويهاريو ويو. جڏهن ته ميان عبدالنبي

سنڌ تي 1782ع کان 1783ع تائين حڪومت ڪئي. ۽ ان وقت حيدرآباد جي قلعي جو مالڪ هو. جڏهن ته مير بجر خان پنهنجي پيءُ ۽ والد جوکھڙي طريقي ميان محمر اجا خان،ميان سرفراز ۽ سندس ڀن پٽن عطر خان ۽ مير محمد خان کي قتل ڪري پلاند ورتائين. جڏهن ميان عبدالنبي کي مير بجر خان تخت تي ويهاريو هيو ۽ ميان عبدالنبي تخت تي ويهڻ شرط مير بجر کي پنهنجو وزير مقرر ڪيائين.

جڏهن ته سن 1782ع ۾ ڪلهوڙن جو شهزادو ميان عبدالنبي جي خلاف ميان عزت يار خان افغانستان جي حڪمران تيمور شاهه ڏانهن ڪٽي ويو. عزت يار خان تيمور شاهه افغاني لشڪر ڏئي ميان عبدالنبي تي ڪاهه لاءِ چيائين، اها جنگ شڪارپور جي ويجهو لڳي. ان جنگ ڪي ميان عبدالنبي جي لشڪر کي فتح ٿي ۽ ان جنگ کان پوءِ مير بجر خان وڏا ڪارناما ڏيکاريا ۽ ميان عبدالنبي جي مارڻ لاءِ مير بهرام وانگر پاڻ وٽ گهرائي خط پڙهڻ لاءِ ٻن راجپوتن جي مدد سان قتل ڪرايائين. زخمن ڪائڻ سبب انهي ٻنهي کي مير بجر خان ماريوڏو، اهو منصوبو ٿيو. ۽ مير بجر خان جي قتل ٿيڻ کن پوءِ راجا بجيسنگهه عمر ڪوٽ تي قبضي ڪرڻ جو قدم کنيو ۽ مير بجر خان جي قتل کان پوءِ بلوچ پنهنجو سردار مير عبدالله خان چونڊيو ۽ وري مير عبدالله خان ميان عبدالنبي کي مارڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. اهو ڏسي ميان عبدالنبي پنهنجا ٻه پٽن جو ڏيپور جي راجا بجيسنگهه ڏانهن ڏياري موڪليا ۽ پاڻ رفيقن ۽ خزانن سميت قلات جي حاڪم محمد نصير خان وٽ لڪيو هيو.

ميان عبدالنبي جي مدد لاءِ قلات جي حاڪم هڪ وڏو لشڪر ڏيئي سنڌ تي ڪاهه ڪيائين ۽ ميان عبدالنبي ۽ بلوچ جي لشڪر جي جنگ لاڙڪاڻي جي پير سان چالاڪ جي پل وٽ لڳي هئي. ان جنگ جو سپهه سالار رزڪ خان جيڪو محمد نصير جو ناتي هو. ان ئي جنگ ۾ فتح سنڌ جي بلوچن کي ٿي. مٿين چڪتاڻ منجهان محمد نصير خان اهو فائدو ورتو ته هن ڪراچي جو بندر قبضي ۾ ڪري سنڌ کان ڌار ڪري قلات ۾ شامل ڪيو. سنڌ کان هن بندر جي وڃڻ کان پوءِ سنڌ کي ڇهه لکن جو نقصان پيو. ۽ قلات جي لشڪر جي شڪست کائڻ کان پوءِ سنڌ جي حڪومت ميان عبدالنبي، تيمور شاهه جي سپهه سالار مدد خان کان ورتي. جيڪو ان وقت

افغانستان جي حاڪم جو سپهہ سالار ڪان مدد طلب ڪئي هئي. انهي وقت تيمور شاهہ جي سپهہ سالار مدد خان پٺاڻ انهي وقت بهاول پور تي ڪاهيو هو. انهي وقت مدد خان پٺاڻ، ميان عبدالنبي کي لالچ ڏني تہ سنڌ ۾ وڏا خزانا آهن. تنهنڪري انهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ فائديمند صلاح ڏني هئي. ۽ مدد خان پٺاڻ سنڌ تي اتر سنڌ کان لاڙ ۽ بدين تائين سڀ جا سڀ ڳوٺ تباهہ ۽ برباد ڪيا. انهن آفتن ڪري ڏڪر پيو ۽ اهو سنڌ جي تاريخ جو چوٿون ڏڪر هو. انهي وقت ٽالپرن بلوچن جا سردار اهي غير جانبدار هئا ۽ شهدادپور جي قلعي ۾ رهيا ۽ بلوچن سان مير فتح علي خان ۽ مير باگو خان، جيڪي عمرڪوٽ جي قلعي ڏانهن ناراض ٿي ويا. جڏهن تہ مير فتح علي خان پٺاڻ مدد خان عمرڪوٽ جي قلعي تائين ويا. ان قلعي تي حفاظت ڪرڻ لاءِ لغارين بلوچن، سوين پٺاڻ ماري وڌا هئا. ۽ مختلف واقعن کان پوءِ مير عبدالله ٽالپر ڏانهن ويو ۽ قرآن شريف تي هٿ رکي ساڻس صلح ڪيائين. انهي صلح بعد ميا عبدالنبي کي ٻيهر تخت تي ويهاريو ويو ۽ ميان عبدالنبي انجام تي نہ هڪ ڏينهن عبدالله مير فتح علي خان ميان عبدالنبي ساڻ ملڻ ويا تہ مير صاحب ٻنهي کي بنا هٿيارن جي اندر گهرايو ۽ گرفتار ڪري مارائي ڇڏيو.

مٿين واقعي کان پوءِ ڪلهوڙن جو چوٿون دؤر هيو اهو سال 1783ع ۾ ٿيو. ان کانپوءِ وري هالاڻي جي جنگ لڳي ان جنگ دوران ميان عبدالنبي وٽ اٽڪل ڏيڍ هزار فوج هئي ۽ ميرن بلوچن جي طرفان مير بهرام خان جو پوٽو مير فتح علي خان، مير سهراب خان، مير ٺارو خان، مير باگو خان، ٻيڙو خان کوکر ۽ مير الهندو يار خان جنگي جوان هئا. ميان عبدالنبي جي طرفان ڏگاڻو خان جتوئي، آڍو ٻڍو، فيروز ڪليري ۽ محمد حسن کهاوڙ فوجي جوان هئا. انهي جنگ مير فتح علي خان جي لشڪر کي فتح نصيب ٿي. انهي جنگ جي شڪست کان پوءِ ميان عبدالنبي ٻيو دفعو ٽيهہ هزارن جي لشڪر سان ميرن جي مٿان حملو ڪيائين ۽ اها جنگ هالاڻي وٽ لڳي ۽ اها فيصلہ ڪن جنگ هئي. ۽ انهي جنگ ۾ مير فتح علي خان جي لشڪر کي فتح نصيب ٿي. ۽ فرمان وٺڻ کان پوءِ ڪلهوڙن جي صاحبي جو هميشہ لاءِ خاتمو ٿيو. ۽ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ مخدوم جلال محمد، مخدوم عبدالحمود، ابو رفتح ولد ضياءُ، الله حاجي فقيرالله علوي شڪارپوري، محمد عابد سيوستاني رح.

مخدود عبدالواحد رحہ، مخدوم خواجہ محمد زمان لواري وارو وغيره سنت جا مشهور اهل الله ٿي گذريا آهن ۽ جن جو تعليمي فيض اڄ بہ جاري آهي ۽ ڪلهوڙن پنهنجي دؤر ۾ پراڻ، نارو، اڙل، ڦليلي، گوني، ٻيجارو، گانگرو، مک رستا، بگهاڙ واريجي، گهاڙ، امر ڪس ۽ نور واهہ سميت ٻيا واهہ کوٽيا ويا. ۽ شهر خداآباد، مراد آباد، الهہ آباد هلن جي ڀرسان، حيدرآباد ۽ شاهہ ڳڙهہ ٻڌرايا هيا. ۽ شاهہ بندر جي تعمير ڪرايو. ان وقت ميان يار محمد، ميان نور محمد، ميان غلام شاهہ جن فتحون حاصل ڪيون ۽ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ واپار اڪثر ڪري ٻاهرين سيٺني مشهور ملڪن سان هو ۽ سنڌ جي شهرن ٺٽو ۽ شڪارپور جا واپاري ملتان جا صراف، حيدرآباد جا لوهاٽا، پائيند، ۽ ميمڻ ڪندا هئا. جڏهن تہ ڪلهوڙن جو دؤر 1782ع تائين جاري رهيو.

دنيا جي تاريخ ۾ هميشہ اقتدار تي ويڙهون ٿينديون رهيون آهن. اهي حڪمراني جا اقتدار ماڻيندا ٽوٽي هار کائيندا رهيا آهن. سنڌ جي ماضي جي تاريخ ساز حڪمراني واري دؤر کان پوءِ سومرا، سما، ڪلهوڙا، ٽالپر ڪير بہ هجن. اڄ جو ۽ مستقبل جي سنڌ جو سوال بہ سنڌي ماڻهن جي اڳيان آهي. اڄ بہ ڪلهوڙا، سومرا، سما، ٽالپر حڪمراني واري يادگار کان علاوه سنڌواسي سنڌ جا خدمتگار ٿي، سڄي سنڌي قوم کي ساڻ ڪري آزاد ۽ خوشحال سنڌ لاءِ پاڻ پتوڙين تہ سنڌ ماضي واري دؤر جيان سکي، ستابي، شاهوڪار ۽ مضبوط ٿي سگهي ٿي.

مددي ڪتاب:

1. صدين جو سفر: عطا محمد ڀنيرو
2. سنڌ صدين کان: ممتاز مرزا
3. سنڌ جي تاريخ: محمد صالح کهڙو
4. سنڌي ادب جي تاريخ: سنڌي عبدالمجيد ميمڻ
5. رحيمداد مولائي شيدائي: جنت السنڌ.

ڪلهوڙا حڪمرانن جا سپہ سالار

ڊاڪٽر بدر ڏامراهو

ڪلهوڙن جو دؤر سنڌ جي سياسي، سماجي توڙي ادبي تاريخ جي لحاظ کان اهم آهي ۽ خاص اهميت رکي ٿو. ايتري ساري اهميت هوندي بہ هن دؤر جي ڪا مفصل ۽ تصديق ٿيل تاريخ ڪونهي سواءِ ڪجهہ اشارن جي غلام رسول مهر جي تاريخ ملي ٿي پر اها بہ مفروضن، انومان ۽ اندازن تي لکيل آهي. انومان ۽ اندازا ڪڏهن ڪڏهن غلط بہ ثابت ٿيندا آهن. ٻي ڳالهہ اها تہ ڪيترن ئي موضوعن تي نالي ماتر بہ احوال ڪونهي. انهي ڪري اها تاريخ، ڪلهوڙن جي دؤر جي تاريخ طرف هڪ قدم کان وڌيڪ ڪجهہ بہ ناهي. ايئن بہ ناهي تہ ڪو اها تاريخ ناقص آهي، اسان لاءِ وڏي غنيمت بہ آهي. هن تاريخ ۾ ڪوڙ سارا اهڙا پهلو آهن، جن تي هيءَ تاريخ روشني وجهڻ کان قاصر آهي. اهڙن پهلوئن يا موضوعن مان هڪ موضوع ”ڪلهوڙا حڪمرانن جا سپہ سالار“ آهي، ايتري تائين جو ”شاهہ بهاري“ جهڙي نامور سپہ سالار جو احوال بہ نالي ماتر آهي، ۽ اهڙيون ڪوڙ ساريون ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن.

هڪ ٻي اهم ڳالهہ اها آهي تہ، ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت جي ڳڻ ۾ بہ اختلاف آهي. سنڌيءَ جومعروف تاريخ نويس رحيمداد مولائي شيدائي ڪلهوڙن جو دؤر 1131هہ بمطابق19-1718 کان 1197هہ يعني 83-1782ع ڳڻي ٿو (1) . تاريخ ڪلهوڙا جو مصنف ميان نصير محمد کي ڪلهوڙن جي حڪومت جو بنياد وجهندڙ ڪوني ٿو. (2) جڏهن تہ ميان نصير محمد 1068هہ مطابق 1657ع ۾ گاديءَ تي ويٺو. ڇا انهيءَ ئي سن ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو پايو پيو؟ هي ڏگهو موضوع آهي جنهن تي ڪنهن ٻئي موقعي تي نظر وجهبي. هتي آئون ڪلهوڙا حڪمرانن جي سپہ سالارن تي پنهنجا ويچار پيش ڪنداسين.

ڪلهوڙن مان جيڪو بہ حڪمران ٿيو انهيءُ سڪون سان ويهي حڪومت نہ ڪيائين. ان کي هر گهڙيءَ، ڏيهي سردارن ۽ قبيلن جي مُک ماڻهن ۽ بلوچن سان مهاڏو اٽڪائڻو پيو. انهي کان سواءِ مغل شهنشاهہ نادر

شاهہ، مدد خان پٺاڻ ۽ احمد شاهہ ابدالي جي حملن ڪي بہ منهن ڏيڻو پيو. جيئن تہ سنڌ جي چوڌاري جيڪي بہ بادشاهيون يا سرداريون هيون، تن جي سرسبز ۽ شاداب سرزمين سندن اکين ۾ هئي. اهي سنڌ ۾ اکيون کپايون ويٺا هئا. تنهنڪري ڪلهوڙن کي هڪ مضبوط ۽ بهادر فوج جي ضرورت هئي. هنن انهي جي پيشنظر چونڊ قبيلن جي چونڊ ماڻهن کي ڪٺي فوج تيار ڪئي جن کي هو گهڻو ڪري "فقير" چوندا هئا. اهي بهادر هئڻ سان گڏوگڏ عقيدت رکڻ وارا هئا تنهنڪري اهي سر ۽ ڌڙ جي بازي لڳائڻ وارا ۽ مٿن قربن ٿيڻ وارا هئا.

جيئن مان اڳ ۾ چئي آيو آهيان غير قومون سنڌ ۾ اکيون کپايون ويٺيون هيون ۽ حملن مٿان حملا ٿي ڪيائون جن کان ڪلهوڙن کي پنهنجي بچاءَ ۾ لڙڻو ٿي پيو. تنهنڪري هنن ڪيتريون ئي لڙايون لڙيون. انهن لڙائين جو تفصيل احوال نہ ٿو ملي. البت ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ڪلهوڙن مان سڀ کان پهرين شاهہ علي جنهن کي شاهل محمد چيو ويجي ٿو ان سانگي ۽ ابڙا قوم سان لڙايون ڪيون. هن سلسلي ۾ تحفة الڪرام ۽ غلام رسول مهر جي تاريخ ۾ روايت آهي تہ، "گهاڙ واهہ واريون زمينون پنهنجي هٿ ڪرڻ تان ابڙن ۽ سانگي قومن جو ساڻس تڪرار شروع ٿيو.(3) انهن لڙاين مان هڪ لڙائي ۾ ميان صاحب قتل ٿيو.(4) تحفة الڪرام مطابق ميان صاحب جي وفات جو سن 1068هہ (1657ع) آهي.(5)

سپہ سالارن جي حوالي سان تاريخ ڪلهوڙا جي مصنف جي انهيءَ راءِ سان هر حال ۾ سهمت ٿيڻو پوي ٿو تہ، "ميان نصير محمد جي زماني ۾ مريدن مان لشڪر تيار ٿي ويا.(6) اها حقيقت آهي تہ، ميان آدم شاهہ، ميان دائود، ميان الياس، ميان شاهل محمد کان وٺندي ميان نصير محمد تائين هنن جو ڌيان فقط مريد وڌائڻ تي هو. ميان نصير محمد پهريون ڪلهوڙو حڪمران هو جنهن پنهنجي مريدن مان فوج تيار ڪئي هن نہ رڳو فوج تيار ڪئي، پر فوج لاءِ پورو پورو انتظام يا سرشتو جوڙيو. تاريخ ڪلهوڙا جو مصنف چوي ٿو تہ "ميان نصير محمد جي زماني ۾ مريدن مان لشڪر تيار ٿي ويا ۽ انهن جي پوري انتظام، حڪومت جو رنگ اختيار ڪيو".(7) هت معلوم ٿئي ٿو تہ، ميان نصير محمد مريدن مان فوجي دستا تيار ڪيا ۽ انهن لاءِ اصول ۽ ضابطا بہ ضرور مقرر ڪيا هوندائين، پر اسان کي معلوم نہ ٿو ٿئي اهو فوجي

سرشتو ڪهڙي نوعيت جو هيو جنهن بابت سيئي تواريخون هن سلسلي ۾ خاموش آهن. فقط اشارا ۽ اهڃاڻ ملن ٿا. سنڌ گزيٽئر جي روايت آهي ته، سن 1658ع ۾ نصير محمد ڪلهوڙي جي اڳواڻي هيٺ فقير (ڪلهوڙا خاندان) مغل فوجن سان ڪامياب جنگيون ڪرڻ لڳا. سندن انتظام ۽ ضابطي هڪ منظم حڪومت جي صورت اختيار ڪئي“(8) هن مان معلوم ٿئي ٿو ته، ڪلهوڙن جي فوج جا ماڻهو توڙي سپہ سالار فقير چوائيند هئا. جهڙيءَ طرح فوج جا قاعدا قانون نہ ٿا ملن، تهڙيءَ طرح فوجن ۽ سپہ سالارن جا تفصيل بہ نہ ٿا ملن. هن سلسلي ۾ ٽڙيل پکڙيل مواد مختلف تاريخن ۾ ملي ٿو پر اهو سطحي نوعيت جو آهي. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ اهو مواد اڻپورو آهي. تاريخ ڪلهوڙ ۾ آيو آهي تہ، ”ميان صاحب فوجي فقير ڪي هنڙي جي ڳوٺ ۾ ۽ عنايت شاهہ فقير ڪي ڪاڇي ۾ ويهاريو.(9) وڌيڪ احوال نہ ٿو ملي. فوجي فقير ڪير هو؟ ڪٿان جو هو ذات جو ڪير هو؟ ساڳيءَ طرح ڪوڙ سارا تاريخي ڪتاب اٿلائڻ ڪانپوءِ بہ عنايت شاهہ جو پتو نہ ٿو پوي البت هنن تحفة الڪرام ايترو احوال آيو آهي تہ، ”مير يعقوب خان نالي بکر جي حاڪم سان جنگ ڪيائون. انهيءَ جنگ ۾ هو سوڀارا ٿيا، پوءِ نہ حاڪمن سان ڪيترين ئي چڪرين ڪاڏائون، هر چڪري ۾ ڪامياب ٿيا.(10) هنن سيوهڻ جي مغلن ڪان لاڪاٽ وارو پرڳڻو کسي هٿ ڪيو.(11) اهڙيءَ طرح ٻيا ڪيترائي سپهہ سالار آهن، جن جا فقط نالا ملن ٿا. وڌيڪ احوال نہ ٿو ملي.

سنڌ جي مڙني تاريخن جي مطالعي مان انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ ميان نصير محمد ڪلهوڙو، ڪلهوڙا خاندان جو پهريون فرد آهي، جنهن ڪلهوڙا حڪومت جو بنياد وڌو. هن مقامي سردارن، بکر، سيوستان، سبي ۽ ڏاڍر جي حاڪمن سان جنگيون ڪيون. سندس سپہ سالار هن طرح هئا.

1. <u>فيروز ويراڻ:</u> ميان نصير محمد جو سپہ سالار هو. مغلن ڪان ساهتي پرڳڻو کٽي ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ آندائين ۽ ساهتي پرڳڻي ۾ ”نوشهرو فيروز“ نالي شهر ٻڌايائين.(12) پهنورن جي شهر فتحپور تي قبضو ڪيائين. مير پهنوار مغلن وٽ دانهين ويو ۽ مرزا خان ڪاهي آيو پر ناڪام ويو. پوءِ امير شيخ جهان آيو تہ بہ سپہ سالار ”فيروز ويراڻ“ ديري قلعي مان نڪري سندس سامهون ٿيو ۽ ڳيريلي جي ڳوٺ وٽ رهي ڪيس راتاهو

ڏنائين ۽ امير شيخ جهان، فقيرن جي ترار جو شڪار ٿي ويو.(13) جنهن عرصي دوران اها جنگ لڳي، تڏهن ميان دين محمد گادي تي هو.

2. فريد پاڳت: ميان نصير محمد جو سپہ سالار هو. هن سپہ سالار جي ڪوشش سان موري وارو پرڳڻو فتح ٿيو ۽ ڪلهوڙن جي تصرف هيٺ آندو. مورو ناهي ٿورو جو ليڪ، محمد مثل ڪمالٽي موري بابت ست روايتون آنديون. پنجين روايت ۾ لکي ٿو تہ، مورو فريد پاڳت ٻڌايو.(14)

3. فوجي فقير: ميان نصير محمد جو سپہ سالار هو. فريد پاڳت سان گڏجي مورو وارو پرڳڻو قبضي ڪرڻ ۾ شامل هو. ميان نصير محمد کيس تمام گهڻو نوازيو هو(15) هتڙي واري علائقي تي مقرر هو.(16)

4. عنايت شاهہ: ميان نصير جوسپہ سالار ۽ فريد پاڳت ۽ فوجي فقير جو ٽيون ساٿي هو. موري واري پرڳڻي کي فتح ڪرڻ ۾ سندس تمام وڏو ڪردار هو. ميان نصير محمد، فوجي فقير سان گڏوگڏ عنايت شاهہ کي بہ نوازيو هو.(17) ميان صاحب پوءِ کيس ڪاڇي تي مقرر ڪيو. عنايت شاهہ بکر جي حاڪم مير يعقوب خان کي شڪست ڏني (18) سيوستان جي مغلن کان لاڪاڻ جو پرڳڻو اجاري تي هٿ ڪيائين.

5. شاهہ پنجو سلطان: ميان نصير محمد جي دؤر جو سپہ سالار ۽ صلاحڪار هو. روايت آهي تہ، جتي شاهہ پنجي جو مقبرو آهي، اتي کيس ڇانوڻي طور ميان نصير محمد رهايو هو جيئن سنڌوءَ ۾ ٻيڙين وسيلي ٽپي آيل ماڻهن يا حملي آورن کي روڪي سگهي (20) اهو پتڻ "ٽڪڙ پتڻ" سڏجي ٿو. ميان غلام شاهہ مٿس مقبرو جوڙايو هو.

6. ناٿن شاهہ: سيد ناٿن شاهہ، ميان وال تحريڪ جي ڪارڪنن مان هو. خيرپور ناٿن شاهہ سندس نالي پويان سڏجي ٿو. ميان نصير محمد جي دؤر ۾ سپہ سالار ٿي رهيو.

7. شهداد فقير: ذات جونوتاڻي حسناڻي چانڊيو هو. ميان نصير محمد جو مريد ۽ سپہ سالار هو. مغلن جي لشڪر سان ڳيريلي وٽ وڙهندي 22 ربيع الاول 1110 هہ مطابق 1699ع تي شهيد ٿي ويو.(21)

8. سيد ساڏاري: بخاري سيد هو سندس وڏا ڳوٺ هتڙي جا رهاڪو هئا ۽ ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي جا مريد هئا. سيد ساڏاري ميان نصير محمد جو

مريد ۽ سپہ سالار هو. هيءَ 1110هہ مطابق 1699ع ۾ ڳيريلي وٽ مغلن سان لڙندي تيرهن ساٿين سميت شهيد ٿيو.(22)

9. پرمي پڳت: پرمي پاڳت چانڊڪي ڪاڇي جي ڳوٺ نوڙهي جو وينل هو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو سپہ سالار هو. ڳيريلي وٽ مغلن جي لشڪر سان لڙندي شهادت جو جام نوش ڪيائين.(23)

10. لڊو فقير: چانڊڪي ڪاڇي جي ڳوٺ نوڙهي جو وينل هو. ذات جو پاڳت هو. پهرين ميان نصير محمد جو مريد ٿيو ۽ پوءِ فوج ۾ شامل ٿيو ۽ مغلن جي لشڪر سان ڳيريلي وٽ لڙندي شهيد ٿيو. سندس مزار غيبي ديري لڳ ڏکڻ طرف آهي.(24)

11. پنجيل فقير: چانڊڪي ڪاڇي جي ڳوٺ نوڙهي جو وينل هو. ذات جو رنگ هو. ميان نصير محمد جو مريد ۽ سپہ سالار هو. ڳيريلي لڳ مغلن جي لشڪر جو مقابلو ڪندي شهادت جو جام پيتائين. سندس مزار غيبي ديري لڳ ڏکڻ طرف آهي. جتي پرمي پاڳت ۽ لڊو فقير مدفون آهن.(25)

ميان نصير محمد 1103هہ مطابق 1692ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات کان پوءِ هن جو پٽ ”ميان دين محمد ڪلهوڙو“ گادي نشين ٿيو. فيروز ويراڙ ۽ ٻيا ناليوارا سورهيہ سپہ سالار جيڪي ميان نصير محمد جي دؤر ۾ مقرر هئا، سي بہ سپهہ سالار رهيا ۽ ٻيا بہ ڪي سپهہ سالار مقرر ٿيا هوندا. تاريخن ۾ ميرن شاهہ جو نالو جو ميان دين محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ ملي ٿو. تاريخ ۾ اچي ٿو تہ ميان دين محمد پنهنجي طاقت کي وڌايو. طاقت کي وڌائڻ مان مراد آهي فوجي طاقت. هن پنهورن جي شهر ”فتح پور تي قبضو ڪيو تہ پنهور دهليءَ ڏانهن دانهن کڻي ويا، جتان سرڪاري حڪم سان شيخ جهان خان نالي هڪ امير سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ ڳيريلي جي ڳوٺ وٽ سخت لڙائي لڳي. تاريخ ڪلهوڙا ۾ آيو آهي تہ امير شيخ جهان ۽ بکر جو حاڪم الهيار خان شاهي لشڪر وٺي ڪلهوڙن تي هلان ڪئي تہ، فيروز ويراڙ سندن مقابلي لاءِ نڪتو. ڳيريلي وٽ اوچتو رات جو زبردست حملو ڪيائين جو چوڌاري هراس ڦهلي ويو .(26) هن جنگ ۾ امير شيخ جهان مارجي ويو.(27)

لڙائي ۾ جيڪي ماڻهو مارجي ويا اهي اتي دفن ڪيا ويا. اهو قبرستان اج بہ ڳيريلي ڳوٺ کان ٿوري مفاصلي تي موجود آهي، جنهن کي ”سارنگ

جو مقام“ سڏيو وڃي ٿو. ان ۾ اجتماعي قبرون بہ موجود آهن. سارنگ ميان دين محمد جي لشڪر جو سپہ سالار هو. جيڪو انهيءَ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو ۽ هتي ئي کيس دفنايو ويو. انهيءَ ڪانپوءِ هي قبرستان سندس نالي پٺيان مشهور ٿيو. انهيءَ واقعي ڪانپوءِ بکر جو گورنر جنهن ڳيريلي واريءَ جنگ ۾ پڄي جان بچائي هئي. پلاند ونڻ لاءِ قنبر خان بروهي کي ٽيڪ ڏئي، ڪلهوڙن تي چاڙهي موڪليو. منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ قنبر خان بروهي ۽ ڪلهوڙن جي لشڪر جي وچ ڏامراهن کان ڏيڍ ڪلو ميٽر پرتان ”پير دلوءَ“ جي مقام وٽ جنگ لڳي، پير دلوءَ ڪلهوڙن جي لشڪر جو سپہ سالار هو. هن مقام ۾ انهي معرڪي ۾ شهيد ٿيلن جون تمام گهڻيون قبرون آهن.

1. سرائي مقصود: ڀهنورن جي تحريڪ سبب مغل شهزادو محمد معزالدين، سنڌ تي ڪاهي آيو تہ ميان دين محمد پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير محمد کي ڪمل ۽ قاسم نالي وڪيلن سان گڏ بکر موڪليو. جن اچي شهزادي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري کيس راضي ڪيو. هو واپس موٽيو ٿي تہ شاهہ بهاري جي وڏي ڀاءُ سرائي مقصود جيڪو ميان جي فوج جو سپهہ سالار هو تنهن چيو تہ ”شهزادو اسان جي طاقت ڏسڻ کان سواءِ موٽيو وڃي، هڪ دفعو کيس پنهنجي طاقت ڏيکارڻ گهرجي.“ پوءِ ماٿيلي ۽ ان جي آسپاس وارن ڳوٺن تي حملو ڪيائين. جڏهن شهزادي خبر ٻڌي تہ سمنڊ جيان ڪڙڪي پيو ڇهن مهينن جي مارا ماريءَ ڪانپوءِ نيٺ ميان دين محمد پيش پيو ۽ شهزادو کيس پاڻ سان ملتان وٺي ويو. جتي سن 1111هہ (1700ع) ۾ وفات ڪيائين. ”تاريخي انشاءَ“ جو هڪ خط، تاريخ ڪلهوڙا جي مصنف تاريخ ڪلهوڙا ۾ نقل ڪيو آهي. انهي خط ۾ ميان جي ٽن سپهہ سالارن جا نالا مليا جيڪي هي آهن: تاجو فقير، جادو فقير ۽ بختيار فقير(28) انهيءَ خط ۾ کيس شڪايت ڪئي ويئي آهي تہ ميرڻ فقير، بختيار خان جي زمين ۾ قلعو ٺهرائڻ گهري ٿو انهي کان کيس روڪيو وڃي.(29)

2. اميد علي فقير: امد علي فقير ذات جو اڙول هو ۽ ميان دين محمد جو باڊي گارڊ چيو وڃي ٿو. ميان نصير محمد جي مقام ۾ مدفون آهي.(30)

3. غازي فقير: غازي فقير بہ اڙول قبيلي جو هو ۽ قبيلي جو چڱو مڙس هو. ميان دين محمد ڪلهوڙي جو سپهہ سالار هو ۽ ميان صاحب جي باڊي گارڊ جا فرائض سرانجام ڏيندو هو.(32)

ميان يار محمد:

ميان يار محمد، ميان دين محمد جو وچون پاءُ هو. هو بہ هڪ سورهيہ سپهہ سالار هو. ڪيترين ئي جنگين ۾ حصو ورتائين. جڏهن شهزادي محمد معزالدين، امير شيخ جهان جي قتل جي خبر ٻڌي ۽ هڪ لشڪر ساڻ ڪري سنڌ ڏانهن رخ رکيائين ۽ بکر اچي پهتو تہ ميان دين محمد وڪيلن وسيلي ڪيس مطمئن ڪيو پر سرائي مقصود جي حملي ڪري شهزادو ڪاوڙجي پيو ۽ پيل ڪرڻ شروع ڪيائين. نيٺ ڇهن مهينن کان پوءِ ميان پيش پيو. شهزادي ميان جي عزيزن ۽ لاڳاپيدارن کي گهرائڻ لاءِ موڪليو. ميان يار محمد، شهزادي وٽ وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ شاهي فوج سان جنگ جوٽي. تاريخ ڪلهوڙا جو مصنف لکي ٿو تہ، ”شاهي فوج جي سپهہ سارن ۾ راجا گج سنگهہ ۽ سورج مل قابل ذڪر هئا. سرائين جي لشڪر مان تاجي فقير، جادي ۽ بختيار فقير پنهنجا پنهنجا لشڪر وٺي شاهي فوج سان مقابلو ڪيو ۽ گاج نئين جي ڪناري شاهي فوج کي بُريءَ طرح شڪست ڏنائون.(32)

”گلدستہ نورس بهار“ مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ميان يار محمد وٽ ويهہ هزار سوار ۽ پيادا لشڪر هو.(31) حالتن مان اندازو آهي تہ، ضرورت وقت انهيءَ تعداد کان ٻيڻي فوج گڏ ٿي سگهي هوندي. ميان يار محمد 14 سيپٽمبر 1719ع تي وفات ڪئي. سندس دؤر ۾ هيٺيان سپهہ سالار ٿي گذريا آهن.

1. زنگي خان نوحاڻي: نوحاڻي بلوچن جو چڱو مڙس هو. چاندڪي ڪاڇي جي ڳوٺ ڪڙيو منو زنگي جوويٺل هو. ميان يار محميد ڪلهوڙي جو سپهہ سالار هو. سنڌ اترڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو جو ليڪڪ لکي ٿو تہ ميان صاحب جو مٿس وڏو اعتماد هو.(33)

2. منو خان ڪليري: چانڊڪي ڪاڇي جي ڳوٺ ڪڙيو منو زنگي جو ويٺل هو. ميان يار محمد جو خاص پروسي جوڳو سپاهي هو. ميان صاحب کيس مير شهداد ٽالپر سان گڏ قلات بہ موڪيل هو.(34)

3. پرمي فقير: پرمي فقير ذات جو پاڳت هو سپهہ سلار هو ۽ ڳيريلي واري لڙائي ۾ شهيد ٿيو.(35)

4. لڌو فقير: لڌو فقير، ذات جو پاڳت هو فوج جو سپهہ سالار هو. ڳيريلي وٽ مغلن جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿيو.(36)

5. پنجل فقير: پنجل فقير جي زندگي جو احوال نٿو ملي. ايترو معلوم ٿئي ٿو ته، ميان يار محمد جي زماني ۾ فوج ۾ هو ۽ ڳيريلي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو.(37)
6. مير شهداد ٽالپر: ميان يار محمد جو خاص ۽ ڀروسي جوڳو سپهه سالار هو. خاص خاص معاملن ۾ به ميان صاحب سان گڏ هوندو هو يا معاملا اڪلائڻ جو اختيار هوندو هئس.(38)

ميان نور محمد ڪلهوڙو:

ميان يار ڪلهوڙو: ميان يار محمد ڪلهوڙي 14 سيپٽمبر 1719ع تي وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ ميان نور محمد تخت تي ويٺو. سندس زماني ۾ فوج جو تعداد سٺ هزار هو.(39) ميان نور محمد به ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون جنگيون ڪيون. شڪارپور جي دائود پوٽن تي حملي وقت ساڻس سٺ هزار فوجي سان هئا. شهر جي چوڌري فوج گهيرو ڪيو ته شاهه بهاري اولهه پاسي واري ڀر جهلي، راجا ليکيءَ جي فوج اوڀر وارو پاسو جهليو، مراد ڪليري ۽ ڪوسا اتر پاسي مورچا هٽي پاسو جهلي ويٺا ۽ خود ميان صاحب ڏکڻ وارو پاسو جهليو.(40) ميان نور محمد جي دؤر ۾سندس سپهه سالار هن طرح هئا.
1. ميان ڏاتو کهاوڙ: شهدادڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ جاندهه جو ويٺل هو ميان يار محمد جو منعقد ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جو سپهه سالار هو. چاندڪي پرڳڻي جي اولاهين پاسي جي حفاظت تي مامور هو. ميان ڏاتي کي چار پائر هئا. ميان شهداد، ميان پيروز، ميان نارو ۽ ميان تاجو. اهي پڻ فوج ۾ هئا. وصيعت مطابق ميان ڏاتي کي خدا آباد جي تاريخي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.(41)
2. شاهه بهارو: ميان نور محمد جو بهادر سپهه سالار ۽ جرنيل هو. هو هر جنگ ۾ سوڀ ماڻيندو هو. مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته، "ڏهه هزار فوج سندس هٿ هيٺ هوندي هئي.(42) ڪن روايتن موجب 1188هه (1773ع) ۾ وفات ڪيائين. * "هوت بلوچ" نالي سندس خادم هو. هو شاعر به هو. هن لکيو آهي ته، شاهه بهاري 1150هه ۾ وفات ڪئي. هن لکيو آهي ته "زير حڪم شاهه بهارا جمله بيتست و پنج هزار سپاهيان لشڪر مي ماندند"(43).

ترجمو شاهہ بهاري جي هٿ هيٺ جملي 25 هزار سپاهين جو لشڪر هوندو هو) هوت بلوچ ئي بيان ڪيو آهي تہ شاهہ بهاري 84 جنگيون ڪيون.(44)

3. مراد ڪليري عرف گنجو: ميان نور محمد جي مکيہ سپهہ سالارن مان هڪ هو. ميان صاحب کيس 1142هہ مطابق 1729ع سيويءَ (سبي) جو حاڪم مقرر ڪيو هو. تاريخ ڪلهوڙا ۾ مراد ڪليريءَ بابت آيو آهي تہ هن وڏيون سوڀون ماڻيون(45) انهيءَ کان وڌيڪ احوال ڪونهي. تاريخ ڪلهوڙا ۾ سندس بابت آيو آهي تہ "هن جنگيون ڪري گنجابہ جي قيصر منگسي، رند قبيلي، شورن جي علائقي، ڪاڇي جي ميرو بليدي، پڳناڙي جي مينهون ايري ۽ لهڙو ماڇي، ڍاڍر جي ڪالو خان بارزئي ۽ ڪنگاٽي جي سردار بهار خان کي شڪست ڏئي مطيع ڪري ميان نور محمد جي اطاعت هيٺ آندو.(46)

4. بجار جوکيو: ميان نور محمد جي دؤر ۾ سپهہ سالار هو. هن ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي دؤر ۾ ضلعي سانگهڙ، ڏاريجا ۽ سوري بندي جي هندو راڻي، ارجن تي ڪاهہ ڪري کيس سندس ساٿين سميت ماري ختم ڪيو. اهڙيءَ طرح اهو علائقو ميان غلام شاهہ جي حڪومت ۾ شامل ڪيو. ميان غلام شاهہ کيس جوکيا قبيلي جو ڄام بنايو.(47)

5. مير علي: بجار جوکيءَ جو پوٽو هو ۽ ميان نور محمد جي لشڪر ۾ شامل هو. جنهن زماني ۾ انگريز سن ۾ پهتا، تڏهن هو سرداري جي منصب تي مقرر رهو.

6. ميان تاجو: ليکي جو پٽ هو. ميان نور محمد جو سپہ سالار هو. 1138هہ (1725ع) ۾ ميان نور محمد جي حڪم سان شڪارپور تي چڙهائي ڪئي هئائين.

7. مير چاڪر، مير بهرام، مير ڄام نندو: اهي ٽئي مير شهداد خان جا پٽ هئا ۽ ميان جي دربار ۾ خاص مقام هين. نمايان خدمت جي ڪري دربار۾ خاص مقام حاصل هوندو هن انهن کان سواءِ سلطان، خيرو، دادو، مير شاهو بلاول، خيرو ڪمال، بلاول فقير نائچ، فضل علي، عارف خان، مير متارو، تاج محمد، ڀائي خان، شيخ محمد، تاج محمد ، بختاور کهاوڙ مسو سانيهہ، شير بخشو دريا خان ابڙو، شيخ شڪرالله، رول کوسو، بلاول ڦتوحل وغيره اهڙا سپهہ سالار جن جي زندگيءَ جو وڌيڪ احوال نہ ٿو ملي.

ميان نور محمد 12 صفر 1167هه مطابق 9 ڊسمبر 1753ع تي وفات ڪئي. سندس پٽ ميان غلام شاهه گاديءَ تي ويٺو.

ميان غلام شاهه ڪلهوڙو: هي پيءُ جي وفات کان پوءِ گادي تي ويٺو. جنهن جي دؤر ۾ جيڪي سپهه سالار ٿي گذريا آهن. سي هن طرح آهن.

1. راڄه حمزه ليکي: تاجي ليکي جو پٽ ۽ راڄه همزه ليکي جو پاءُ هو. ميان غلام شاهه جو خاص مشير ۽ سپهه سالار هو. هن 1071هه (1661ع) ۾ راڄو ديرو نالي ڳوٺ ٻڌو. (49) جڏهن ميان غلام شاهه ۽ سندس ڀائرن ميان احمد يار ان ۽ عطر خان جي وچ ۾ 7 جون 1758ع ۾ روهڙي کان ٻاهر جنگ لڳي تہ ميان غلام شاهه طرفان لڙيو. جڏهن ٽنهي ڀائرن ۾ صلح ٿيو تہ هنن سنڌ کي ورهايو. ميان غلام شاهه کي ٺٽي وارو علائقو مليو. تڏهن ميان صاحب ٺٽي ۽ نصرپور واري پرڳڻي تي راڄو ليکي کي نگران مقرر ڪيو. چيو وڃي ٿو تہ ميان غلام شاهه راڄو ليکي جي مشوري سان ٺي نيرون ڪوٽ جو قلعو جوڙايو هو.

2. مير بهرام: ميان غلام شاهه جو خاص وزير ۽ سپهه سالار هو. جڏهن عطر خان، افغاني دربار مان حڪومت جو پروانو وٺي آيو ۽ احمد يار خان بہ اچي ساڻس مليو تہ، ميان غلام شاهه حالتن جي پيش نظر 8 نومبر 1757ع تي سنڌ وطن ڇڏي جيسلمير روانو ٿيو. جيڪي ماڻهو ميان صاحب جو ساٿ ڇڏي ڀڄڻ لڳا مير بهرام تن مان هڪ هو. وري جڏهن ميان غلام شاهه ۽ سندس ڀائرن، ميان عطر سان ۽ ميان احمد يار خان جي وچ ۾ 7 جون 1758ع تي روهڙيءَ لڳ جنگ لڳي ۽ ميان غلام شاهه سوڀارو ٿيو. تڏهن وري اچي معافي ورتائين ۽ ميان صاحب کيس معاف ڪري ڇڏيو. ميان سرفراز جي دؤر ۾ سپهه سالار ۽ درباري هو. ڪڇ ديره جات ۽ ڪنجهي جي جنگين ۾ ڀرپور حصو ورتائين. ميان سرفراز کيس قتل ڪرايو.

3. مير شهداد ٽالپر: ڪلهوڙن جو سپهه سالار هو. ميان دين محمد جي دؤر کان هو. غلام رسول مهر، ميان يار محمد جي خطن مان نتيجو ڪڍندي لکي ٿو: "ميان يار محمد خان جي خطن ۾ سندس نالي سان گڏ هر هنڌ "فقير" جو لقب استعمال ٿيو آهي. ان ڪري يقين آهي تہ ان جو مريد هوندو."(50)

جيئن تہ اڳ ۾ ٺي بيان ڪري آيو آهيان تہ ڪلهوڙن جي مريدن نہ پر سپهه سالارن "فقير" لقب اختيار ڪيو. مير شهداد ٽالپر، ڪلهوڙن جو سپهه سالار هو. تنهنڪري "فقير" سڏيو ويو. مريدن کي فقير لقب نہ هو. هو ميان

نور محمدجي زماني ۾ بہ سپهہ سالار هو. ميان نور محمد جي زماني ۾ دائود پوٽن سان جنگ ۾ سڪارپور واري گهيري ۾ مير شهداد سپهہ سالار هو.

4. حسڻ لاکو: والد جو نالو پير بخش ذات جو لاکو هو. ميان غلام شاهہ جو مريد خليفو ۽ سپهہ سالار هو.(51)

5. ميان سرفراز ڪلهوڙو: ميان غلام شاهہ 1186ھ مطابق سن 1772ع ۾ وفات ڪئي. هن جي وفات کان پوءِ سندس فرزند ميان سرفراز تخت تي ويٺو. هن بہ جنگيون ڪيون. راڄو ليکي جي سازش سان ميان سرفراز جي دربار ۾ مير بهرام قتل ٿيو جنهن کان پوءِ ٽالپرن بغاوت ڪئي ۽ ميان سرفراز کي هٽائي قيد ڪيو ويو. ميان سرفراز خان جي مصاحبن مان سندس خاص صلاحڪار هي هئا: ”مير بهرام خان، راڄو ليکي، الله بخش جهنجهڻ، فيروز پتافي، محمد حسن کهاوڙ فريد سامٽيو سداري اوٺيواڻ، روحل جويو ۽ روحل کوسو.(52) ميان سرفراز کان پوءِ ميان غلام نبي، پوءِ ميان عبدالنبي ٿئي ٿورڙو عرصو تخت تي ويٺا، نيٺ 1782ع ۾ ڪلهوڙا دؤر حڪومت جو خاتمو آيو ٽالپرن جو دؤر حڪومت شروع ٿيو.

ڪلهوڙن جي دؤر جا ڪي ٻيا سپهہ سالار هن طرح آهن. جن سپهہ سالارن جي زندگيءَ جا وڌيڪ حالات نہ ٿا ملن. ٿورو گهڻو جيڪو مواد ملي ٿو سو هن طرح سان بيان ڪجي ٿو.

1. تاج محمد لغاري: دولت خان لغاري جو ٻيو نمبر پٽ هو. ميان سرفراز ڪلهوڙي جي فوج جو سپهہ سالار هو. ميان نصير محمد جي مقام ۾ مدفون آهي.(53)

2. هوت خان لغاري: دولت خان دولتاڻي لغاري جو پٽ هو ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙي جي لشڪر جو سپاهي هو.(54)

3. بلاول فقير: ليکي خاندان جو فرد هو. ميان عبدالنبي جي زماني ۾ فوج ۾ سپهہ سالار هو. هالاڻي جي جنگ ۾ مارجي ويو. ”سنڌ جو ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو“ جو ليکڪ لکي ٿو تہ: ميان نصير محمد جي قبرستان ۾ مدفون آهي.

4. حاجي مري: حاجي مري ڪلهوڙن جو سپهہ سالار هو. سندس زندگيءَ جو احوال نہ ٿو ملي. البت ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ، ڳيريلي وٽ مغلن جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿيو.

5. صوڀيو خان لغاري: هو دولت خان لغاري جو وڏو پٽ هو. ڳوٺ دولتاڻي جو ويٺل هو. ڪلهوڙن جو سپهه سالار هو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي مقام ۾ مدفون آهي.

6. الهه بخش ليڪي: ڪلهوڙن جي نامياري سپهه سالار راڄو ليڪي جو پاٽيو هو ۽ ڪلهوڙن جي فوج ۾ سپهه سالار هو. تمام وڏو بهادر هو. ڪيس مير صوبدار ترار سان ماريو هو.(55)

7. سهراب فقير: سهراب فقير ذات جو ڪٽي هو. ڪلهوڙن جي فوج جو بهادر سپاهي هو. هن جي قبر ميان نصير محمد جي قبرستان ۾ آهي.(56)

8. دولت فقير: سريوال فوج جو نامور سپهه سالار هو. ميان نصير محمد جي قبرستان ۾ مدفون آهي.(57)

9. طاهر فقير: چيو وڃي ٿو ته وڏو عابد ۽ زاهد هو ۽ ڪلهوڙن جي فوج جو بهادر سپاهي هو.(58) ميان نصير محمدجي قبرستان ۾ مدفون آهي.

10. مرزو فقير: ذات جو موچي هو. ڪلهوڙن جو سپهه سالار ۽ بهادر ماڻهوهو.(59)

11. چتو فقير جهنجهڻ: الهه بخش جهنجهڻ جو پاٽج هو ۽ ڪلهوڙن جو سپهه سالار هو.(60) ميان نصير محمد جي قبرستان ۾ مدفون آهي.

12. لاٽو فقير اوٺوال: هي نهايت وڏو پهلوان ۽ بهادر هو.(61) ڪلهوڙن جي فوج ۾ هو. (61)

13. آڊو فقير: ڪلهوڙن جي لشڪر ۾ هو ۽ ميان نصير محمد جي قبرستان ۾ مدفون آهي.(62)

14. پڊو فقير: پڊو فقير ذات جو ڪليري هو. ڪلهوڙن جي فوج جو سپهه سالار هو. ميان نصير محمد جي قبرستان ۾ مدفون آهي.(63)

15. عرضي فقير: عرضي فقير ذات جو نائچ هو ۽ نائچ قبيلي جو چڱو مڙس هو. ڪلهوڙن جي فوج جو سپهه سالار هو. ميان نصير محمد جي قبرستان ۾ مدفون آهي.(64)

16. قادر بخش فقير: قادر بخش فقير ذات جو پتافي هو. وڏي عقيدي وارو مريد ۽ خليفو هو. ميان نصير محمد جي قبرستان ۾ مدفون آهي.(65)

نتيجو:

ڪلهوڙن جي فوج سٺ هزارن کان ٻه مٿي هئي. شروع ۾ ويهن هزارن جي لڳ ڀڳ هئي، وقت بوقت ان ۾ واڌارو ايندو رهيو. ميان نور محمد جي دؤر ۾ ان جو تعداد سٺ هزارن کي پهتو. ڪلهوڙن جي فوج ۾ سپهه سالار گهڻو ڪري برادرين جا چڱا مڙس، برادرين جا وڏا ۽ پڳدار هئا. اهي پهرين ڪلهوڙن جي مريديءَ ۾ آيا ۽ پوءِ فوج ۾ شامل ٿيا ۽ فقير لقب اختيار ڪيائون. ڪن مريدن ۽ سپهه سالارن کي ميان وارو لقب مليو. ميان لقب ڪجهه مٿيرو هو.

حوالا:

1. مولائي شيدائي: تاريخ سکر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. ڇاپو پهريون، سال 1992ع، ص. 188
2. غلام رسول مهر: تاريخ ڪلهوڙا، (ج-ا) ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي- 1996ع، ص. 148
3. ساڳيو، ص. 144
4. مير علي شير قانع ٺٽوي: تحفة الڪرام، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو- سال1957ع، ص. 104
5. ساڳيو.
6. غلام رسول مهر: تاريخ ڪلهوڙا، (ج-ا) ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 1996ع، ص. 148
7. ساڳيو
8. هيوز: سنڌ گزيٽيئر، ص. 31
9. غلام رسول مهر: تاريخ ڪلهوڙا، ج-ا، ص. 158
10. مير علي شير قانع ٺٽوي: تحفة الڪرام، ص.259
11. ساڳيو، ص. 258
12. مير علي شير قانع ٺٽوي: تحفة الڪرام،ص. 259
13. غلام رسول مهر: تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر (ج-ا) ص. 165
14. محمد مٺل ڪمالاڻي: مورو ناهي ٿورو، مهراڻ ڪلچر سوسائٽي مورو- سال جنوري 1988ع، ص. 21
15. مرزا قليچ بيگ: قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، بحوالہ: مورو ناهي ٿورو، ص. 35
16. مير علي شير قانع ٺٽوي: تحفة الڪرام، ص. 259
17. ساڳيو
18. ساڳيو
19. ساڳيو
20. نواز رڪڻائي: ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دؤر جا دادو ضلعي ۾ تعمير ڪرايل آثار (مقالي) ڪتاب ميان غلام شاهه ڪلهوڙو (سنڌ جو شهنشاهه- مرتب اسلم عباسي، نومبر 2002ع، ص. 143
21. حڪيم خليفو عبدالحميد خان چانديو: سنڌ جو اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو- شفا خانہ حڪيم عبدالمجيد خان چانديو شهر ماڏو ضلع دادو- 2000ع، ص. 257
22. ساڳيو، ص. 294

23. ساڳيو ص. 458
24. ساڳيو
25. ساڳيو
26. غلام رسول مهر: تاريخ ڪلهوڙا (ج-ا) ص. 165, جلد پهريون.
27. ساڳيو
28. تاريخ انشاء مڪتوب، ص-20, بحواله تاريخ ڪلهوڙا ص. 172
29. تاريخ ڪلهوڙا, (ج-ا) ص. 73-172
30. حڪيم خليف عبدالحميد خان چانڊيو: سنڌ جوا تر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو ص. 502
31. ساڳيو
32. غلام رسول مهر: تاريخ ڪلهوڙا (ج-ا), ص. 171
33. سنڌ جوا تر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو ص.463
34. ساڳيو
35. ساڳيو ص. 458
36. ساڳيو
37. ساڳيو
38. ساڳيو ص. 257
39. تاريخ ڪلهوڙا, (ج-ا) ص. 329
40. ساڳيو
41. محمد اسلم شيخ: شاداب شهدادڪوٽ, 1992ع, ص-83
42. مرزا قليچ بيگ: قديم سنڌ ان جا
43. ساڳيو ۽ خادم حسين شاهه: لاڙڪاڻي جون ڪجهه شخصيتون لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو (مرتب) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- 19ع, ص. 222
44. ساڳيو
45. سنڌ جوا تر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو ص. 483
46. تاريخ ڪلهوڙا(ج-ا) ص.266
47. ساڳيو ص. 435
48. عظيم سنڌي: مراداياب خان ڪان ميان غلام شاهه تائين: ڪتاب: ميان غلام شاهه ڪلهوڙو (سنڌ جو شاهجهان. مرتب: اسلم عباسي- عباسي ڪلهوڙا اتحاد حيدرآباد- سال 2002ع, ص.21
49. سنڌ جو ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو ص. 492
50. تاريخ ڪلهوڙا, ص.257
51. سنڌ جوا تر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو ص. 102
52. مرزا عباس علي بيگ: خدا يار خاني ميان سرفراز خان عباسي-انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي- 1980ع, ص 28
53. سنڌ جو ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو ص.480
54. ساڳيو ص.482
55. ساڳيو ص.495
56. ساڳيو ص.503
57. ساڳيو ص.502
58. ساڳيو ص.405
59. ساڳيو ص.503
60. ساڳيو ص. 502
61. ساڳيو ص. 501
62. ساڳيو

63. ساڳيو
64. ساڳيو
65. ساڳيو

مددي ڪتاب:

1. مهر غلام رسول: تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر (ٻه جلد) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. 1963ع
2. چانڊيو خليفو عبدالحميد خان: سنڌ جو اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو شفا خانه حڪيم عبدالحميد خان چانڊيو- سال 2000ع
3. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر: لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو ميونسپل ايمپلائيز يونين لاڙڪاڻو.
4. مولائي شيدائي:تاريخ سکر- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو- سال 1992ع
5. مير علي شير قانع ٺٽوي: تحفة الڪرام- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو- سال 1957ع
6. هيوز: سنڌ گزيٽيئر
7. ڪمالاڻي محمد مٺل: مورو ناهي ٿورو- مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو- سال 1988ع
8. بيگ مرزا قليچ: قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو سنڌي ادبي بورڊ.
9. عباسي اسلم: ميان غلام شاهه ڪلهوڙو (سنڌ جو شهنشاهه) عباسي ڪلهوڙا اتحاد، حيدرآباد، سال 2002ع
10. مرزا عباس علي بيگ: خدا يار خاني ميان سرفراز خان عباسي- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي- 1980ع
11. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: ”شڪارپور- ماضي ۽ حال“ سال 1984ع
12. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق-مهراڻ اڪيڊمي- سال 1994ع.

ڪلهوڙا دؤر جو عظيم سپهه سالار جرنيل شاهه بهارو

جهانگير عباسي

سنڌ جي سرزمين تي تاريخ جي هر دؤر ۾ ڪيترائي سپهه سالار، جرنيل ۽ بهادر ٿي گذريا آهن جن پنهنجي حڪمت، همت، شجاعت ۽ اعليٰ اخلاق سان اهڙا ڪيترائي غير معمولي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، جن ڪارڻ ڪين تاريخ هر دؤر ۾ ٻڌائي ڇڏيو آهي. سورهيه جرنيل ميان شاهه بهاري جو شمار به تاريخ جي اهڙن سپهه سالارن ۾ ٿئي ٿو. هيءُ سنڌ جي ڪلهوڙا حڪمران دؤر جي ڏينهن ۾ ان وقت جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي جو نائب ۽ سندس فوج جو اڳواڻ هو.

ميان شاهه بهاري جو جنم 5 ذوالقعد 1076ع مطابق 21 نومبر 1656ع تي بويڪ ڳوٺ ضلعي دادو ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو غلام حيدر هو جيڪو ڪلهوڙن جو ڪاردار (ايلچي) هو. شاهه بهارو ذات جو جنجهڻ ۽ سندس پاڙو شاهاڻي هو جيڪو پنهنجي ننڍپڻ کان ئي ذهين ۽ اورچ هو. سندس ذهانت کي ڏسندي، والد هن کي اعليٰ ا تعليم جي لاءِ نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) ڏياري موڪليو جتي هو تعليم سان گڏوگڏ فوجي سکيا به حاصل ڪندو رهيو.

شاهه بهارو پنهنجي ننڍپڻ واري عمر کان وٺي هڪ سچو ايماندار ۽ اصول پرست انسان هو. هن کي ڪوڙ کان سخت نفرت هوندي هئي. جڏهن هن جي سچائي ۽ بهادري جي واڪاڻ، وقت جي حڪمرانن وٽ پهتي ته، انهن کيس پنهنجي فوج ۾ سپاهي ڀرتي ڪيو جتان ٿوري ئي وقت اندر هو پنهنجي اعليٰ اخلاق ۽ ذهانت سبب هڪ جانباز سپاهي ثابت ٿيو. انهيءَ بدولت کيس ميان نور محمد ڪلهوڙي سن 1132هه مطابق 1719ع ۾ چانڊڪا پرڳڻي (موجوده لاڙڪاڻي) جو ناظم اعليٰ مقرر ڪرڻ سان گڏوگڏ فوج جو سپهه سالار پڻ بڻايو. 28 سالن جي مختصر عمر ۾ ايڏي وڏي ترقي شاهه بهاري جي همت ۽ حوصلي کي پهرين کان به وڌيڪ مضبوط ڪيو.

ڪلهوڙن جي حڪمراني وارن ڏينهن ۾ چانڊڪا پرڳڻو سُڪيو ۽ سَتابو هوندو هو جتي هر قسم جو ميوو ۽ باغات هوندا هئا. سرسبزي جام هوندي هئي. جيئن محترم بدر ابڙو پنهنجي سفرنامي واري ڪتاب ”سنڌوءَ جو سفر“ ۾ لکي ٿو ته ”لاڙڪاڻي جي هڪ سچاٽپ زيتونن جا باغ به آهن. هتان جهڙو منو زيتون پاڪستان جي ڪنهن به علائقي ۾ ڪو نه ٿو ٿئي. هونئن به لاڙڪاڻو ڪنهن وقت ۾ سنڌ جو باغ لکيو ويندو هو.(1) انهيءَ وقت ۾ چانڊڪا جي خوشحاليءَ جو ٻيو وڏو سبب گهاڙ واهه به هيو. جيڪو ميان شاهل محمد ڪلهوڙي 1595هه مطابق 1657ع ۾ کوٽايو هيو هن واهه جي کوٽائي جي بعد، ڪراچي کان پنجاب تائين ايندڙ ويندر جهاز هتي اچي لنگر انداز ٿيند هئا. هن ئي واهه تي گڏوگڏ ڪيترن ئي ملڪن جا واپاري به ايندا هئا.

شاهه بهاري شهر جي ناظم اعليٰ جي حيثيت ۾ ٻيا به ڪيترائي ننڍا وڏا واهه کوٽايا. پليون جوڙايون ۽ رستا تعمير ڪرايا. ان کان علاوه هن اتر اوڀر جي ڪنڌ تي، گهاڙ واهه جي پرسان هڪ ننڍڙو قلعو پڻ جوڙايو جيڪو پوءِ هن جي نالي سان بهارپور طور سڏجڻ لڳو. اهو علائقو هينئر به لاڙڪاڻي شهر جي اتر ۾ موجود آهي، جتي شاهه بهاري جي مزار مٿان هڪ عاليشان مقبرو جوڙيل آهي. جڏهن ته هن جي نهرايل قلعي ۽ کوٽ جا ڦٽل نشان ڳوٺ ڦلن وٽ موجود آهن جنهن کي مرزا قليچ بيگ صاحب، ڪلهوڙن جو نهرايل قلعو قرار ڏنو آهي.(2) هن قلعي بابت وضاحت ڪندي محترم بدر ابڙو صاحب، پنهنجي ڪتاب ”سنڌوءَ جو سفر“ ۾ لکي ٿو ته ”گهاڙ ڪئنال جي اتر ۾ هڪ ڪچو قلعو هوندو هيو جنهن کي چار مورچا هئا. اهي نشان هاڻي ڊهي چڪا آهن.(3) محترم بدر ابڙي اهو ڪونه ڄاڻايو آهي ته، اهو قلعو ڪنهن جوڙايو آهي. منهنجي ناقص خيال مطابق اهو قلعو به شاهه بهاري جو ئي تعمير ڪرايل آهي، جيڪو چانڊڪا پرڳڻي جي ترقيءَ واري سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.(4)

شاهه بهارو جنهن پنهنجي ذاتي اثر رسوخ، خوش اخلاقي ۽ سياسي تدبيرن جي ڪري، لاڙڪاڻي جي شهر کي ترقي ڏياري پنهنجن اعليٰ حڪمت ذريعي ڪلهوڙن جي فوجي حيثيت ۽ تعداد کي وڌايو. هن جي هٿ هيٺ ڏهه هزارن کان به وڌيڪ فوجي لشڪر هوندو هو. جيڪي هر وقت هن

جي هڪ اشاري تي مرڻ ۽ مارڻ جي لاءِ تيار رهندا هئا. تاريخ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ اچي ٿو ته. هن ڪل 84 جنگيون ڪيون جن جو ذڪر هن جو خاص خدمت گذار هوت خان ڪيو آهي جيڪو خود به شاعر هو. هو لکي ٿو ته شاهارو 84 جنگيون ڪيون ۽ سمورين جنگين ۾ سوڀارو ٿيو(5)

ڪلهوڙن جي دؤر جو هي عظيم سپه سالار، جنهن پنهنجي اعليٰ قيادت سان ڪلهوڙن جي حڪمراني کي اوج تي رسايو. ستر سالن جي عمر ۾ 24 ربيع الثاني سن 1150ع مطابق 12 مئي 1736ع ۾ وفات ڪئي. کيس بهارپور ۾ ئي دفن ڪيو ويو. هن جي معتبري مٿان ميان غلام شاهه ڪلهوڙي 1774ع ۾ هڪ عاليشان مقبرو جوڙايو. انهيءَ مقبري جي ڊيگهه 39 فوٽ، 76 فوٽ ڊگهي ۽ 71 فوٽ ويڪري آهي. مقبري جي اندر ڪل ڇهه قبرون آهن. جن مان ٽيون نمبر قبر، شاهه بهاري جي آهي. باقي سندس اولاد ۽ مٽن مائٽن جون ڇيون وڃن ٿيون. جن جي نالن جي وضاحت، يا ڪو ذڪر ڪٿي به نه ٿو ملي.

شاهه بهاري جي مزار مٿان جوڙيل مقبري کي ڪلهوڙن جي دؤر جي اعليٰ فنِ خطاطي جو هڪ شاهڪار ڪري مڃيو وڃي ٿو. جنهن جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ ڪتاب سنڌوءَ جو سفر ۾ محترم بدر ابڙو صاحب لکي ٿو ته: ”مقبري جي چوٽي تي سهڻو شمعدان ان جي سجاٽپ آهي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ٻئي مقبري تي، اهڙي بندوبست جو وجود ناهي. مقبري جي خاص ڳالهه ڪاٺ جو دروازو آهي، جنهن تي شاهڪار ڪم ٿيل آهي.“ هن عظيم جرنيل شاهه بهاري جو اهو آخري آرام گاهه حڪومت جي خاص توجهه نه هجڻ سبب زبون ٿي ويل هيو. جنهن کي تازو ئي آرڪيالاجسٽ اشتياق انصاري جي ڪوشش پاران ٻيهر جوڙيو ويو آهي.

شاهه بهارو جي شجاعت، همت ۽ دليري جي واکاڻ ڪندي، مولانا غلام رسول مهر تاريخ ڪلهوڙا (جلد ڇهون) ۾ لکيو آهي ته ڪلهوڙن جي نالبرن جرنيلن مان شاهه بهارو خاص طور تي قابل ذڪر آهي. ميان يار محمد خان جي دؤر کان وٺي، پنهنجي وفات جي عرصي تائين، سيني لڙائين ۾ اڳتي رهيو. زياده لڙائين ۾ سندس بهادري سان ڪاميابيون حاصل ٿيون.(7)

تاريخ پنهنجي دؤر جي سورمن ۽ جرنيلن کي ڪڏهن بہ وساريندي ناهي. جيستائين تاريخ جا ورق اٿلائبا رهبا ۽ سورمن جو ذڪر ٿيندو رهندو. شاهہ بهارو بہ هميشہ ۽ هر دؤر ۾ زندهہ امر رهندو.

حوالا:

1. ابڙو بدر "سنڌو جو سفر سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي سال....
2. مرزا قليچ بيگ "سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشور سنڌ
3. ابڙو بدر "سنڌو جو سفر" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
4. ايضاً
5. مهر, غلام رسول "تاريخ ڪلهوڙا دؤر" جلد پهريون, سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ
6. Project Completion Report, Larkana Shah BaharoTom by Endorment. Find Trust far ….Of th e hervtage of sindh.
7. رحيمداد, مولائي شيدائي "تاريخ تمند سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

ڪلهوڙا دؤر جون جنگيون

گوهر سنڌي

سرزمين سنڌ دنيا جي قديم مذهبن، تمدن ۽ ملڪن مان هڪ آهي. ان دنيا جي عام دستور موجب گهڻائي لاها چاڙها ڏٺا آهن، هن جي قديم عظمت جا نشان آمري- ڪوٽ، ڪوٽڏجي، رني ڪوٽ ۽ موهن جي دڙي کان علاوه سوين تاريخي ماڳ هزارن سالن جو يادگار اوچي ڳاٽ سان بيٺا آهن. سنڌ ديس تي ڪڏهن ملڪي حاڪمن حڪومت ڪئي آهي، ته ڪو وقت ڌارين جي قبضي هيٺ اچي ڏکيا ڏينهن گهاريا آهن. اسان جا وڏا ڪشمير پونچ ۽ رجستان ۽ اتر ايران تائين حاڪم هئا. عربن جي ڪاهن کان پوءِ ٽي سئو سال غلام رهيا، آخر جند ڇڏائي. پنهنجي راڄڌاني قائم ڪيائون. انهيءَ کان پوءِ غزنوي، تغلق، ارغون، ترخان، (مغل) پڻ حملا ڪندا رهيا ۽ اسين لڙندا وڙهندا رهياسين، پر پنهنجي ديس لاءِ محبت ۾ ڪمي نه آئي ۽ ڌارين سان مهاڏو اٽڪائيندا رهياسين. اهڙيون حالتون رڳو سنڌ لاءِ نه پر پوري برصغير جي سيني قومن سان رهيون آهن.

آفريڪي ۽ مشرقي قومن جي حملن کان جند ڇڏائي سين ته وري يورپي قومن هلائون ڪيون. انهن سان وڙهندي انهن کي نيٺ ڏکي ڪڍيوسين، ته پاڙي سري قومن ڪنڌ اچي ورتو. سنڌي ماڻهو بهادريءَ سان وڙهندا رهيا آهن. سنڌ جي ناميار محقق دادا سنڌي جي تحقيق مطابق ته ”ڪلهوڙا سنڌ جي اصل رهاڪن جو هڪ مک قبيلو هئا، جيڪي سنڌ جي ٻين پاڻ جهڙن مک قبيلن وانگر سدائين سنڌ جي ويرين، ڌارين خلاف پنهنجي منهن وڙهندا رهندا هئا. سندن وڏو ”ڄام چنو“ ستن مک قبيلن، ڪوريجن، سهتن، چنن، سمن، مهرن، ٻلالن ۽ ڏهرن جو پڳدار هو. هن سيوهڻ کان ڇهه ڪوهه پري جهانگارا باجارا جا شهر ٻڌايا. هو هڪ وڏو پاڳيو ۽ سجاڳ زميندار هو ۽ وڏي ساک وارو، سخي پهلوان مڙس هو. هن 1220ع ۾ وفات ڪئي. هن قبيلي مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙو پيدا ٿيو جنهن جا ڪافي مريد هئا. هو الله وارو ۽ درويش صفت انسان هو. سندس ڏينهن ۾ خان خانان سنڌ تي ڪاهه ڪئي. هن ترخانن ۽ مغلن جي تصادم جو فائدو وٺي، پنهنجن مريدن

ڪي منظم ڪري ڏارين فاتحن جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. ”لب تاريخ سنڌ“ ۾ لکيل آهي تہ ”علائقي جي زميندارن ملتان جي حاڪم وٽ ميان صاحب جي شڪايت ڪئي جنهن تي مغل سپاهي ڪيس قيد ڪري ملتان وٺي ويا ۽ ملتان جي گورنر هن کي بغاوت جي الزام ۾ شهيد ڪرائي ڇڏيو.“ سندس وصيت مطابق سکر شهر جي اتر، اولهہ ۾ هڪ ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو. جيڪا آدم شاهہ جي ٽڪري جي نالي سان مشهور آهي.

ڪتاب سر ۾ سانجهيءَ وير جي خالق محترم عبدالواحد آريسر سنڌين جي جنگ جي حڪمت عملي بابت لکندي چوي ٿو تہ ”سنڌ ۾ ڪنهن مرڪزي حڪومت نہ هئڻ سبب سنڌي عوام جنگ جي باقاعدي صفبنديءَ واري صورت ڇڏي ڇڙ وڇڙ جنگ ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪيو. اهڙي قسم جي جنگ کي اسان موجوده دؤر جي (گوريلا جنگ) سان ڪنهن حد تائين ڀيٽي سگهون ٿا“ پر گوريلا جنگ ۾ جنهن ترتيب تنظيم ۽ منصوبي بنديءَ کي مدنظر رکيو ويندو آهي. هن جنگ جو نہ هڪ هيڊ ڪواٽر هوندوآهي، نہ هڪ سربراهہ ۽ نہ ئي هڪ تنظيم ملڪ جوهر محب وطن ماڻهو وٽس موجود معمولي هٿيار بہ دشمن جي خلاف استعمال ڪرڻ جو موقعو هٿان نہ وڃائيندو آهي. ملڪ جي وسيع ايراضيءَ ۾ پکريل هزرين لکين ڳوٺ انهيءَ جنگ جا مرڪز ۽ هيڊ ڪواٽر هوندا آهن. ۽ لکين عوام مان هرهڪ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي مڪمل مورچو ۽ سپهہ سالار هوندو آهي. اهڙي قسم جي جنگ جيڪا ڇڙ وڇڙ صورت ۾ لڙي ويندي آهي سا ڪامل فتح جا نتيجا پيدا ڪري نہ ٿي سگهي. پر ان جنگ سان حاڪم ٽولن کي آرام سان حڪومت ڪرڻ ۽ مفتوح ملڪ جي دولت محفوظ جاين ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ سخت دشواريون پيش اينديون آهن ۽ هو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڪمزور ٿيندو رهندو آهي. سنڌين بہ مخالف حاڪمن خلاف اهڙي ئي جنگ وڙهي اها سنڌي عوام جي ڇڙ وڇڙ جنگ ئي هئي، جنهن مغل شاهيءَ کي ايترو تہ ڪمزور ڪري ڇڏيو جو ان ڪمزوريءَ مان فائدوونٺي نہ صرف سنڌي عوام ڪلهوڙن جي دؤر ۾ آزادي حاصل ڪئي، پر پنجاب، بنگال، دکن ۽ ميسور جي عوام بہ مغل آقائيت کان پنهنجي جان آزاد ڪرائي ورتي.

آدم شاهہ جي شهدت ڪانپوءِ سندس پٽ ميان دائود گادي سنڀالي. ان جي وفات ڪانپوءِ ميان الياس گادي تي ويٺو ميان الياس جي وفات ڪان پوءِ ميان شاهل محمد پنهنجن مريدن کي گڏ ڪري مغلن جي خلاف جدوجهد ڪئي. هو هڪ زرعي سڌارڪ انسان هيو هن چاهيو پئي تہ گهاڙ واهہ جي ڪپن سان پيل زمين آبادڪرائجي، ان ڪري هن هڪ طرف گهاڙ واهہ جو سڌارو آندو تہ ٻئي طرف زرعي زمينون آبادگار هارين ۾ ورهايون. جيڪي سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو هئا. پر اها ڳالهہ مغل حاڪميت کي راس نہ آئي، جنهنڪري کيس شهيد ڪيو ويو.

آريسر صاحب سَر ۾ سانجهيءَ وير ڪتاب جي 96 صفحي تي وري لکندي چيو تہ "سنڌ جي ممتاز اديب محمد ابراهيم جويي جي تحقيق مطابق ڪلهوڙا سنڌي آهن، جن سنڌ ۾ قومي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ شاندار جدوجهد ڪئي هئي. سنڌ جي انهيءَ نامور گهراڻي جي عظيم فرزندن مان ميان نصير محمد ڪلهوڙو آهي." "تحفة الڪرام" ۾ آهي تہ "ميان شاهل جي شهادت ڪان پوءِ سندس پاٽتو ميان نصير محمد 1068هہ ۾ پنهنجي بزرگن جي مسند تي ويٺو. هيءُ پنهنجي بزرگن ڪان بہ گوءِ کٽي ويو. سندس همعصر هن جي جماعت ڏسي ساڙ کائڻ لڳا، نيٺ مقامي ماڻهو جنگ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ بکر جي مغلن کي سنڌ جي هنن فقيرن تي چاڙهي آيا." ان ڪري فقير نصير محمد ٿر ڏانهن هليو ويو پر اتي پوک جو انتظام نہ هئڻ ڪري هو وري موٽي پنهورن جي علائقي ۾ آيو. مير پنهورن جو سردار فقير صاحب کي تڙي ڪيڙڻ لاءِ بکرجي حاڪم جي صلاح سان وڏي لشڪر سان ڪهي آيو. ان لشڪر ۾ تيپي پناڻ سبيءَ جو حاڪم مرزا خان بہ شريڪ هو. ڪجهہ جهڙپن ڪانپوءِ اهو پناڻ حاڪم صلح جي بهاني سان فقير صاحب کي قيد ڪري، بادشاهہ عالمگير وٽ وٺي ويو. فقير صاحب اتي ڪافي عرصو قيد رهيو. پنيان سندس فقيرن تي ڪيترا ڀيرا مغلن حملا ڪيا تہ جيئن هيءُ مذهبي روپ ۾ قومي سنڌي تحريڪ بلڪل ختم ٿي وڃي. انهيءَ وچ ۾ ميان نصير محمد بہ مغلن جي قيد مان ڀڄي نڪتو ۽ پنهنجي وطن پهچي ويو. اهي حالتون ڏسي، سنڌي ماڻهو سندس چوڌاري گڏ ٿيڻ لڳا. فقير نصير محمد پنهورن جي اهڙي علائقي ۾ اچي رهيو جنهن جي هڪ طرف جبل ۽ ٻئي پاسي پاٽي هو. اتي هن شهر "گهاڙي" آباد ڪيو. پنهنجو اصلي

علائقو ”فوج فقير“ ۽ ڪاڇو عنايت فقير کي ڏنائين. سندس اهي فقير جيڪي اڳي تاجو دواري زندگي گذاريندا هئا، سي شاديون ڪري عيالدار ٿي پيا. ملڪ ۾ زمين وڌائڻ جو فڪر ڪرڻ لڳا. مير يعقوب بکر جي حاڪم کي زبردست شڪست ڏنائون. اهڙي ريت مغلن جي اقتدار جي حامين سان ڪيترين جنگين ۾ فقيرن کي سوڀ نصيب ٿي. نيٺ هنن لاڪاڻ پرڳڻو مغلن کان مقاطعي تي ورتو ۽ ساهتي پرڳڻي تي طاقت سان قبضو ڪري ورتائون. انهيءَ پرڳڻي ۾ ڪلهوڙن جي هڪ فقير ”فيروز ويرڙ“ نئون شهر ٻڌايو جيڪو اڳتي هلي نوشهري فيروز جي نالي سان مشهور ٿيو. انهيءَ ريت ميان نصير محمد جي مريدن سنڌتي هڪ قسم جو اقتدار حاصل ڪري ورتو. هن سن 1103 هجريءَ 1692ع ۾ وفات ڪئي.

ميان دين محمد، پنهنجي پيءُ نصير محمدجي فقيريءَ واري مسند تي ويٺو. هن پنهنجو آبائي طريقو جاري رکيو. اهي زميندار جيڪي ميان نصير محمد جي زماني ۾ ناڪام ٿي خاموش زندگي گذاري رهيا هئا سي موقعو ڏسي، ميان دين محمد سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مير پنهور جنهن جو شهر ”فتح پور“ فقيرن جي قبضي ۾ هو سو دهليءَ جي بادشاهه وٽ فريادي ٿي ويو ۽ مرزا خان پني پناڻ جي نالي شاهي حڪم وٺي آيو ته اهو مير پنهور جي مدد ڪري، پر مرزا پني فقيرن جي مقابلي ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو. آخر دربار شاهيءَ مان انهيءَ مهم لاءِ امير شيخ جهان مقرر ٿيو ته اهو فقيرن کي ختم ڪري، ان حڪم پٽاندڙ امير شيخ جهان، مير پنهور جي ڏس تي فقيرن تي حملو ڪيو. ڪلهوڙن طرفان سندن مريدن، ڏيري جي قلعي مان نڪري مغليه لشڪر جو مقابلو ڪيو ۽ ڳوٺ ڳيريلي وٽ مغليه فوجن تي راتاهو هنيو جنهن مغليه لشڪر جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. هيڏانهن ميان دين محمد گهاڙيءَ مان هڪ لشڪر فقيرن جي مدد لاءِ موڪليو. ٻنهي لشڪرن گڏجي امير شيخ جهان جي لشڪر تي سخت حملو ڪيو جنهن ۾ امير شيخ جهان مارجي ويو ۽ بکر جي حاڪم الله يار پيڇي جان بچائي. ٻئي دفعي قنبر بروهين وڏو لشڪر وٺي فقيرن تي ڪاهي آيو. ليڪن ان کي به سخت ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو.

امير شيخ جهان جي قتل ۽ بکر جي حاڪم الله يار جي ڀاڄ جي خبر ٻڌي شهزادي معزالدين (جيڪو عالمگير جو پوٽو لاهور ۽ ملتان جو گورنر ۽

سنڌ جو نگران هو) سڌو سنڌ جو رخ ڪيو. جڏهن ميان دين محمد شهزادي جي اچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن ميان صاحب پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير محمد کي ٻن وڪيلن سان گڏ ٻکر موڪليو جن شهزادي کي سڀ حالتون سمجهائي، سندس دل صاف ڪري ڇڏي، جنهن ڪري هو مطمئن ٿي، لاهور واپس روانو ٿي ويو. پر اوچتو ئي اوچتو انهيءَ وچ ۾ عجيب واقعو پيش آيو. ٿيو هيئن جو شهزادي جي واپس وڃڻ ڪانپوءِ ڪلهوڙا خاندان جي ناមياري سپهه سالار شاهه بهارا جي وڏي ڀاءُ مقصود فقير جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته شهزادي اسان جي بهادريءَ جا جوهر ته ڏٺا ئي ڪونه. ان ڪري ڪيس پنهنجي طاقت جو اندازو ڏيکاري اهو خيال ايندي ئي هن لشڪر تيار ڪري ميان دين محمد کي ٻڌائڻ ڪان سواءِ ماٿيلي تي حملو ڪري ڏنو ۽ پوءِ اڳتي وڌي اُچ ۾ مغليه ماڻهن جو قتلام شروع ڪري ڏنائين.

شهزادي معزالدين کي جڏهن ڪلهوڙن جي لشڪر جي هن ڪاروائي جي خبر پئي ته هو سخت ڪاوڙ ۾ واپس آيو. شاهي فوجن سيوهڻ ۾ ترسي ميان دين محمد جي علائقن ۾ لٽ ما شروع ڪري ڏني، مغل فوج ڇهه مهينا سيوهڻ ۾ رهي. نيٺ ميان دين محمد صلح جي لاءِ درخواست ڏني ۽ پاڻ شهزادي و ٽ هلي آيو. شهزادو معزالدين، ميان دين محمد کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. باقي ميان صاحب جي رهيل ماڻهن جي نگراني لاءِ هڪ فوج ڇڏي ويو ته اها باقي ماڻهن کي گرفتار ڪري وٺي.

ميان دين محمد جو ڀاءُ ميان يار محمد سندس جي غير موجودگيءَ ۾ قائم مقام هو سو ان ڳالهه لاءِ تيار نه ٿيو ته ڪو پنهنجي ماڻهن ۽ واسطيدارن کي مغل فوج جي حوالي ڪيو وڃي. هن مغل فوج سان جنگ جو اعلان ڪندي انتهائي ثابت قدميءَ سان مغل فوج جو مقابلو ڪيو. ٻنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ تاريخدانن جي تحقيق مطابق رت جون نديون وهي هليون. ميان يار محمد جي طرفان تاجي فقير، جدي فقير ۽ بختيار فقير پنهنجن پنهنجن جٿن سان گڏجي واهه جو پاڻ ملهايو. انهيءَ جنگ ۾ مغل فوج جا ٻه زبردست بهادر راجه گجه سنگهه پٽي ۽ سورج مل اوڏپور واري ميدان جنگ ۾ مارجي ويا ۽ نئين گاج جي ڪناري تي ڪلهوڙن جي لشڪر مغل فوج کي زبردست شڪست ڏني. اها جنگ 1799ع ۾ ٿي. شهزادي

انهيءَ شڪست کان بي پرواهہ ٿي، ميان دين محمد ڪلهوڙي کي شهيد ڪرائي ڇڏيو.“

”شاهہ سچل، ساميءَ جي مصنف سائين ابراهيم جويي جي تحقيق جي حوالي سان تہ ”ميان نصير محمد جي پٽ ميان دن محمد دشمنن خلاف پهنجي جنگ جاري رکي ۽ اورنگزيب جي پٽمعزالدين ۽ان جي نوابن ۽ سپهہ سالارن کي ڪيترن ئي هنڌن تي شڪستون ڏنيون پر نيٺ هو دشمن جي فريب ۾ اچي ويو ۽ قرآن شريف جي ضمانت تي پنهنجن ٻن قريبي عزيزن سميت ڳالهين لاءِ معزالدين وٽ پهتو. جنهن وعده شڪني ڪري، کيس گرفتار ڪيو ۽ملتان نيئي، کيس ۽ سندس ٻن ساٿين کي ڇيچلائي، ڇيچلائي سنڌَ کان سنڌَ الڳ ڪرائي مارائي ڇڏيو. ميان دين محمد ۽ سندس ساٿين جي شهادت جو هيءُ واقعو 1700ع ۾ پيش آيو.

ميان دين محمد کان پوءِ سندس وچون ڀاءُ ميان يار محمد گاديءَ تي ويٺو پر حڪمت عملي تحت پنهنجي اهل عيال ۽ ٻين پنهنجن ماڻهن سميت جابلو علائقن ۾ پناهہ ورتي ۽ اتان مغل شهزادي معزالدين جي فوج سان جنگ جاري رکي ۽ ان کي شڪست ڏني. ان کان پوءِ هو جبلن تان هيٺ لهي آيو ۽ نئينگ کان ٺيندي منڇر ڍنڍ ڪناري وارا شهر، سامتاڻي ۽ ڳاهن جي ايراضي، فتح پور، شڪارپور، (خداآباد) گچير، ڪاري ڪنڊيارو ۽ لاڙڪاڻو آزاد ڪرائي پنهنجي قبضي ۾ آندائين. ترت ئي پوءِ مغلن پنهنجي اختيار جي سج جو زوال ڏسندي پهريائين سبي ۽ ڍاڍر جو انتظام، بطور رشوت جي ۽ پوءِ بحالت مجبوري سڄي بکر ۽ سڄي سيوهڻ جي علائقي جا اختيار ميان يار محمد جي حوالي ڪيا. کيس ”خدا يار خان“ جي لقب سان گڏ خلعت ۾ سونيءَ جڙت واري ڪلنگي، ترار، گهوڙو ۽ هاٿي بہ هن جي پذيرائي طور ڏنا. سرزمين سنڌ جي هڪ حصي (اتر سنڌ) جي اقتدار جي هيءَ منتقلي 1708ع کان 1711ع تائين عمل ۾ آهي. هن خدا آباد کي پنهنجو تختگاهہ بڻايو. ”جنت السنڌ“ ۾ لکيل آهي تہ ”سمن کان پوءِ ڪلهوڙا پهرين سنڌي قوم هئي، جنهن جي سردار ميان يار محمد کي مغليہ دربار کان سنڌ تي حڪومت ڪرڻ جو پروانو مليو. هيءُ ڪلهوڙن جي ڪاميابيءَ جو پهريون دؤر هو.“

محترم داد سنڌي، سنڌين جي فوجي مهارت“ ۾ لکندي چئي ٿو ته ”ڪلهوڙن جي فوج هڪ طرف بهادر ۽ بيباڪ هئي ته ٻئي طرف تربيت يافته به هئي. هي فوج هر وقت تيار رهندي هئي. ان وقت سنڌي فوجن جي طاقت جو اندازو ”آئين اڪبري“ ۾ هن ريت ڏيکاريل آهي. ڪلمتي بلوچ لکيءَ وارا ويهه هزار سوار ميدان ۾ آڻيندا هئا، نومڙيا سيوهڻ جي تر ۾ سئو سوار ۽ ست هزار پيادل فوج جي طاقت رکندا هئا. مزاري بلوچ هڪ هزار جوان هر وقت سر ميدان ۾ آڻيندا هئا.“ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي فوجي طاقت اعليٰ پائي جي هئي. هن جي فوج ۾ بلوچ ۽ سنڌي سپاهي هئا. هن سنڌي بلوچن کي دعوتون ڏئي فوج ۾ ڀرتي ڪيو ۽ سندن سردارن کي جاگيرون ڏنيون. هن بلوچن جي مدد سان سڄي سنڌ واري حڪومت قبضي ۾ ڪئي. هن پنهنجي آرمي فورس جي طاقت ۽ سورهيائي سان ئي مغلن کان سنڌ آزاد ڪرائي.“ ميان يار محمد سال 1719ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مقبرو خدا آباد (ضلعي دادو) کان هڪ ميل تي آهي. ميان يار محمد جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان نور محمد تخت ڌڻي ٿيو. جنهن لاڙ ۾ ڪڪرالو ۽ سري ۾ شڪارپور ۽ سيوي تائين قبضي هيٺ رکيو. 1736ع ۾ دهلي سسرڪار کان بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽو فتح ڪري ساري سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳو.

محترم عبدالله خان مگسي جي تحقيق مطابق ته، ”ميان نور محمد جي دؤر حڪومت کي سنڌ جي تاريخي عمل کي اڳتي وڌائڻ ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي تاريخ ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي شخصيت ۽ ڪارنامن بيروني دشمنن سان مقابلن، داخلي سازشن کي ختم ڪرڻ، سنڌ جي مادي ۽ پيداواري وسيلن کي ترقي ڏيارڻ سبب ان وقت جي سياسي شعور ۽ سماجي وجود جي تاريخي، جاگرافيائي ۽ ثقافتي اتحاد جي علامت پئي رهيا آهن.“ سنڌي قوم مغل دؤر حڪومت جي غلاميءَ جا جيڪي سور ۽ سختيون پئي سنيون آهن، تن جي تذڪرن سان تاريخ جا باب ڀريا پيا آهن. مغلن سنڌ جي مادي پيداواري قوتن کي جنهن نموني سان پائمال ڪيو، تنهنجو مثال پڻ ڪنهن دؤر ۾ نظر نٿو اچي.

”ميان نور محمد والي سنڌ ايراني سلطنت کي اهو احساس ڏياريو ته سنڌ، هنڌ جي ماتحت نه آهي، ان ڪري ميان نور محمد نادر شاهه جي انهيءَ

حڪم ڏانهن ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو تہ هو (نور محمد) ڪابل اچي ساڻس ملاقات ڪري ۽ ڪيس خراج ادا ڪري، ميان جي انهيءَ بهادريءَ واري رويي مان ثابت پئي ٿيو تہ سنڌ ان وقت سياسي طور تي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت سان صدين کان پوءِ سياسي، ثقافتي، تاريخي ۽ جاگرافيائي وحدت حاصل ڪري چڪي هئي. ان ڪري مغلن طرفان سنڌ کي ايراني سلطنت جي ماتحت ڏيڻ وارو عمل هڪ غير آئيني، غيرقانوني، غير اخلاقي ۽ غير فطري عمل هو. انهيءَ آئيني بحران ۾ ميان نور محمد جو برتاءُ منصفانہ هو. ڇاڪاڻ تہ هو قومي ۽ سياسي خودمختياري، اقتصادي ۽ سماجي ترقي جي بچاءَ جي لڙائي لڙي رهيو هو. اهڙي طرح سفاق رهزن نادر شاهہ جارحيت ۽ ڌاڍ جي غير منصفانہ لڙائي لڙي رهيو هو.

جيئن هر راند جا ڪي (اصول هوندا آهن، ساڳي طرح هر لڙائي جا ڪي اصول ۽ قسم هوندا آهن. سنڌ پنهنجي بچاءَ ۾ جيڪي اصول ڪم آندا آهن، تن ۾ سڀ کان پهريون اصول هو (Declarration of war) يعني ”جنگ جو اعلان“. بحوالہ: مقالو (ميان نور محمد ڪلهوڙي جي جنگي حڪمت عملي ۽ نادر شاهہ جو حملو) مصنف: عبدالله خان مگسي.

”تاريخ ڪلهوڙا“ جو مصنف غلام رسول، مهر، لکي ٿو تہ جڏهن مير متاري سان گڏ نادر شاهہ جو سفير مير محمد علي بيگ ميان سان ملاقات ڪري ڪيس نادر شاهہ جي طرفان خراج جي ادائگي جو مطالبو ڪيو تہ هن ڪيس جواب ۾ چيوتہ مون مان پئسن جي اميد رکڻ فضول آهي. منهنجي هٿ ۾ فقط هڪ خزانو آهي ۽ اهو خزانو آهي تلوار، ان ڪري مان ڪنهن بہ لشڪر کان نٿو ڊڄان.“ نادر شاهہ جي حڪم عدولي ڪيس خراج جي بدران طاقت جي استعمال وارو جواب موڪلڻ هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن کي سنڌ جي طرفان اعلان جنگ سمجهيو ويو. ميان نور محمد گنجا بہ کي پنهنجو دفاعي علائقو قرار ڏئي پنهنجي هڪ بهادر سالارمراد ڪليري کي مقرر ڪيو تہ جيئن نادر شاهہ قنڌار کان دره بولان مان گذري سنڌ تي حملو ڪري تہ ڪيس گنجابہ ۾ روڪيو وڃي. يعني گنجابہ جنگ جو پهريون مورچو يا محاذ هوندو. مگر نادر شاهہ جيڪا حڪمت عملي اختيار ڪئي، تنهن مطابق هو دره گومل مان گذري ديره اسماعيل خان کان ٿيندو ديره غازي خان پهتو، جتان دائود پوٽن جي تعاون سان درياهہ سنڌ وسيلي لاڙڪاڻي

پهتو. نادر شاهہ جي انهيءَ غير متوقع رستي کان ڦري اچڻ ڪري ميان نور محمد ٻئي دفاعي مرحلي طور طويل لڙائي (Protracted war) جي تياري ڪئي. يعني جڏهن جارح قوت تمام مضبوط حالت ۾ هوندي آهي، ۽ حريت پسند قوتون ڪمزور هونديون آهن. اهڙي صورتحال ۾ اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪئي ويندي آهي، تہ جيئن دشمن کي وڌ ۾ وڌ نقصان پهچائي سگهجي. هن مرحلي ۾ اڳرائي پسند قوتن جي طاقت ٿيٽي هوندي آهي تہ پوءِ ان جي مقابلي ۾ محب وطن قوتن جي نسبت هڪ هوندي آهي. ان وقت اڳرائي پسند جارح جي خلاف مختلف داءَ يا گُر استعمال ڪندي، ڪڏهن اڳتي وڌڻ تہ وري ڪڏهن پوئتي هٽڻ يعني (Advance Retreat) واري حڪمت عملي اختيار ڪئي ويندي آهي، تہ جيئن دشمن کي منجهايو وڃي. انهيءَ وچ ۾ مواصلات سرشتي (Line of communication)۾ جنگي ڦهلاءُ وارو گُر استعمال ڪندي دشمن کي وسيع علائقي ۾ ڦهلايو ويندو آهي، تہ جيئن سندس فوجي قوت کي گهڻن حصن ۾ تقسيم ڪري سندس مرڪزي قوت کي ڪمزور بڻائي تہ ٻئي طرف وري پاڻ کي محدود ڪري پنهنجي مرڪز کي سگهارو بڻايو ويندو آهي.

ميان نور محمد جو پنهنجي مرڪز خداآباد کي خالي ڪري عمرڪوٽ ۾ اچڻ جو مقصد بہ اهو هو تہ اهڙي نموني هو هڪ طويل لڙائي (Protracted war) لڙي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ ميان نور محمد اهو اندازو لڳايو تہ نادر شاهہ گاديءَ واري شهر خداآباد ڏانهن ايندو. اتان پوءِ سيوهڻ واري ڏکئي ۽ خطرناڪ جابلو لڪ کان لنگهي سندس پيڇو ڪندو. انهيءَ دوران سندس فوجي سگهہ ڪمزور ٿي ويندي. انهيءَ صورت ۾ يا هو موٽي ويندو يا وري شڪست کائي ويندو. ميان نور محمد خداآباد مان ويندي ملڪ جي سيني عاملن ۽ ڪارندن کي حڪم ڪيو تہ رسد جو جيترو بہ سامان هجي، تنهن کي ساڙيو وڃي ۽ باقي جيڪو بچي تنهن کي زمين ۾ دفنايو وڃي. ٻئي طرف وري نادر شاهہ پنهنجي جنگي حڪمت عملي تيز حملي (Surprise attacke) واري تدبير اختيار ڪئي ۽ هو جڏهن لاڙڪاڻي پهتو تہ کيس سندس جاسوسن اطلاع ڏنو تہ ميان نور محمد عمرڪوٽ ڏانهن روانو ٿي ويو آهي. جنهنڪري نادر شاهہ خداآباد سيوهڻ جي جابلو لڪ واري رستي بدرا ن درياهہ ٽپي نوشهري واري ميداني علائقي

واري رستي سان شهدادپور پهتو. شهدادپور پهچڻ تي اهڙن ايجنٽ فوتن نادر شاهه کي عمرڪوٽ ڏانهن ويندڙستن ۽ ٻين جنگي اهميت وارن رازن کان واقف ڪيو. جنهن ڪري نادر شاهه کي عمرڪوٽ پهچڻ ۾ فقط هڪ ڏينهن لڳو.

اهڙن ديش دروهين ضمير فروشن ۽ ڌرتي غدارن لاءِ اديب انقلابي پنهنجي ڪتاب ديش دروهي ۾ لکندي ٻڌائي ٿو ته، ”ڌرتيءَ جي گولي تي وسندر ملڪن ۽ قومن ۾ وقت بوقت محب وطن، سورهيه، سرويچ، سچا، پڇا ڏڳ، غدار، انل وقت، وطن ويڪائو ڌارين جا دلال ڇسا ۽ خوشامدڙيا پيدا ٿيندا رهيا آهن. اهو هڪ عجيب اتفاق آهي ته وقت جي وير ۾ ڪڏهن، ڪڏهن انقلابي جدوجهد جا مهرا ٻه ترڪيو گپ ۾ گڇي ڊپ، لالچ ۽ احساس ڪمتريءَ مرض وچان نڱجي ملڪ مٿان نادر شاهه عذاب آڻي وجهندا آهن.“

ماهوار نئين زندگي 1971ع واري شماري ۾ ڪريم بخش خالد پنهنجي مقالي (سنڌ ۾ آزاديءَ جي جدوجهد) ۾ لکندي چوي ٿو ته، ”ڪلهوڙن ايشيا جي ٻن عظيم ڦورن ۽ ڌاڙيلن نادر شاهه ايراني ۽ احمد شاهه ابداليءَ سان جيڪي جنگيون جوتيون سي سندن ملٽري فورس ۽ عسڪري نظام جو زندهه ثبوت آهن.“ چون ٿا ته جڏهن نادر شاهه عمرڪوٽ وڃي رهيو هو، تڏهن ماڇي قبيلي جي فوج جو هڪ دستو نادري لشڪر جي سامهون رستو روڪي بيهي رهيو ۽ وڏي بهادريءَ سان وڙهيو. اها جنگ اڃا جاري هئي ته رڻ پٽ جي پاسي کان هڪ ٻي فوج نمودار ٿي،اها مهيري قبيلي وارن جي فوج هئي جنهن ۾ فقط نو سئو سوار هئا پر انهن اهڙي ته تيزيءَ سان حملو ڪيو جو ايرانين جا پير اکڙي ويا. پر وطن جي ويرين نادر کي ڪامياب ڪرايو.

ميان نور محمد صاحب پنهنجي دفاعي پوزيشن جو جائزو ورتو. هن محسوس ڪيو ته عمرڪوٽ جو قلعو جيڪو بارود کان اڳ جي دؤر جو قلعو هو ۽ بعد ۾ منجهس توپن رکڻ لاءِ ٿلهي جو واڌارو ڪيووبو. سو نادري توپخاني آڏو ڪمزور هو. ان کان سواءِ اتي وڏيڪ اناج ۽ پاڻي جي ذخيري گڏ ڪرڻ جي گنجائش موجود ڪانه هئي جو دشمن جي گهيري وقت ڊگهي عرصي تائين پنهنجو بچاءُ ڪري سگهجي. ان ڪري هن خزاني کي زمين ۾ دفنائي پاڻ ٿر جي جي رڻ پٽ يا سامونڊي علائقي ڏانهن نڪري وڃڻ جي

تياري ڪري رهيو هو. پر نادر به هڪ تجربيڪار جنرل هو ۽ هن ميان جي انهيءَ حڪمت عملي کي ڄاڻي ورتو. تنهن ڪري هن اڳرئي پسند قوت طور سپ کان پهريائين اها ڪوشش ڪئي ته ميدان جنگ ۾ مقابلي کان اڳ ۾ عوامي سگهه کي ختم ڪري ۽ عوام ۾ مايوسي پيدا ڪرڻ لاءِ هن وڏ ۾ وڏ تشدد ڪيو ۽ سڄي علائقي ۾ ڦرلٽ، قتل و غارت مچائي ڇڏي ته جيئن حڪمران پنهنجي عوام کان ڪٽجي ڌار ٿي وڃن. هيو طريقو هن تيز حملي (Surprise attacke) جو اختيار ڪيو ۽ تيزيءَ سان شهدادپور مان هڪ ڏينهن اندر اڳتي وڌي ميان نور محمد کي عمرڪوٽ جي قلعي مان ٻاهر نڪرڻ ئي نه ڏنو. ميان نور محمد هٿيار اڇلائڻ جي دوران پسپائي واري پاليسي اختيار ڪئي ۽ هن نادري ڪئمپ ۾ پنهنجو سفير موڪلي صلح جي درخواست ڪئي، جيڪا نادر شاهه قبول ڪئي.

ميان نور محمد ۽ نادر جي شاهه صلح کان پوءِ ٻنهي ڄڻن ۾ ملاقات ٿي، جنهن ۾ ميان صاحب جنگي تاوان طور هڪ ڪروڙ رپيا نادر کي ادا ڪيا ۽ باقي ويهه لک رپيا سالياني خرچ ادا ڪندو رهيو. پنهنجن ٻن پٽن کي ٻن هزار گهوڙ سوارن سان گڏجي پنهنجي مرڪزي سرڪار جي حوالي ڪيا ته جيئن سنڌ جي مرڪز ۾فوجي نمائندگي ٿي سگهي. اهڙي طرح ميان فوجي طور تي پسپائي حاصل ڪئي پر سياسي طور وري به فائدي ۾ويو.

نادر شاهه سنڌ کي ٽن حصن ۾ورهائي ڇڏيو. يعني سبي ۽ ڪڇي پرڳڻا عبدالله خان جي پٽ صحبت خان بروهيءَ کي ڏنائين، شڪارپور جو علائقو دائود پوٽن جي رئيس صادق محمد خان جي حوالي ڪيو ويو ۽ باقي سنڌ تي ميان نور محمد کي ”شاهه قلي“ جو خطاب ڏئي ڪيس پنهنجي سلطنت ۾ داخل ڪيو پر داخلي طور تي سنڌ خودمختيار حاصل رهي. ميان نور محمد سياسي طور تي ڳالهه ٻولهه ذريعي سنڌ ملڪ کي وڏي پيماني تي قتل و غارت کان بچائي ورتو.

جڏهن نادر شاهه واپس هليو ويو ته ميان نور محمد سنڌ ديس جي اندروني بدامنيءَ کي ختم ڪرڻ تي ڌيان ڏنو. هن ڪانجيءَ جي قلعي تي حملو ڪري ان کي فتح ڪري ورتو. ميان صاحب سنڌوندي ۽ عربي سمنڊ جي ڊيلٽائي علائقي ۾ ننڍين، ننڍين رياستن ۽ جاگيرن، جن مغلن جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو هو. تن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽

ڏاريجن ۾ ڪڪرالين ڪي شڪست ڏئي مطيع بڻايو. هوڏانهن نادر شاهه فتح جي نشي ۾ هر طرف حملا ڪندورهيو. مٿس قاتلانه حملا به ٿيا، جنهنڪري هو وڏيڪ ظالم بڻجي ويو. ايتريقدر شڪي ٿي پيو جو پٽ جون به اکيون ڪڍائي ڇڏيائين. نيٺ امير ۽ سپهه سالار سندس ظلم کان بيزار ٿي پيا ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيائون. نادر شاهه سنڌ ۾ آمد وقت جيڪو ظلم ۽ تشدد، قتل و غارت ڪئي، تنهن لاءِ "بياض کهڙوي" (قلمي نسخو) ان کي "مثل القيامت" ورتي آهي، جنهن مان مراد آهي ته نادر شاهه سنڌ ۾ سن 1739ع ۾ آيو. اهڙي طرح نادر شاهه جي قتل ٿي وڃڻ تي اهل سنڌ خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ سندس وفات جي تاريخ لاءِ "جن خراب" شد جا اکر ڪم آندا آهن. جن جو ابجد جي حساب مطابق نادر شاهه جي وفات جي تاريخ 1190هه مقرر ٿيل آهي.

نادر شاهه جي سپهه سالارن مان احمد شاهه ابدالي به هڪ هو. نادر شاهه جي قتل کان پوءِ سندس نظرون به سنڌ ڏانهن هيون ۽ خواهش هئس ته نادر شاهه وانگر سنڌ جو خزانو حاصل ڪري، احمد شاهه جڏهن هندستان آيو ته هن ميان نور محمدجي نالي فرمان جاري ڪيو ته هو خراج ادا ڪري. ميان صاحب کيس ديوان گدو مل جي هٿان تحفا موڪليا ۽ کيس خوش ڪيو.

جڏهن نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪيو هوته هن ميان نور محمد جي پٽن کي پاڻ وٽ يرغمال بڻائي رکيو هو ۽ بعد ۾ ٽئين پٽ کي به پاڻ سان وٺي ويو هو. جڏهن ايران ۾ هنگاما شروع ٿيا ته ميان صاحب جي پٽن، جيڪي تهران ۾ نادر شاهه جي ڀائٽي ابراهيم وٽ هئا. تن فيصلو ڪيو ته اسان مان هر هڪ کي هر حالت ۾ سنڌ پهچي پنهنجي پيءُ جي مدد ڪرڻ گهرجي. اهوفيصلو ڪري محمد مرادياب خان هڪ هزار لشڪر وٺي سنڌ ڏانهن اچڻ جو ارادو ڪيو ۽ خزاني مان نقد رقم ۽ جواهرات ڪٽي ڪاشان ڏانهن روانا ٿيا. اهي سن 1162هه ۾ سنڌ پهتا. ميان غلام شاهه اٺ سال ۽ عطر خان چار سال پيءُ کان ڏار رهيا. محمد مراد جيڪو انهن ٻنهي کان پهرين روانو ٿيو هو، سو ڪنهن سبب ڪري سنڌ پهچي نه سگهيو. بهرحال جڏهن پيءُ کي پٽ جي مسقط اچڻ جواطلاع مليو ته گهڻو خوش ٿيو. هن پٽ کي آڻڻ لاءِ جهاز روانا ڪيا ۽ ان جي موٽڻ تي حڪومت سندس حوالي ڪري، پاڻ احمدآباد ڏانهن هليو ويو.

جڏهن احمد شاهه جي اچڻ جو اطلاع مليس تہ پاڻ ريگستاني علائقي ڏانهن هليو ويو ۽ گدو مل کي پنهنجي سفارت لاءِ احمد شاهه جي خدمت ۾ موڪليائين. ميان صاحب ريگستاني علائقي ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مڙهه کي محمد آباد ۾ آڻي دفن ڪيو ويو. سنڌ جي اقتصادي تاريخ: (1592ع-1842ع ڊاڪٽر ايس پي ڇبلاڻي جي تحقيق مطابق 1754ع ۾ احمد شاهه ابدالي سنڌ ڏرتيءَ تي ڪاهه ڪئي ۽ ميان نور محمد ڀڄي ويو. ان ئي (ريگستان) علائقي ۾ وفات ڪيائين. ميان نور محمد جي وفات ڪان پوءِ سنڌ جي اميرن اتفاق راءِ سان سندس وڏي پٽ مرادياب خان کي تخت تي ويهاريو. هن جي ڪڪرالي ڇامن سان لڙايون ڪري زور ڀڃي ڇڏيو. پر ڇوٿين سال هن اهي قدم کنيا جو سمورو انتظام درهم برهم ٿي ويو. هو رعيت سان ظلم ڪرڻ لڳو. ان ڪري اميرن پاڻ ۾ صلاح ڪري هڪ رات سندس حويليءَ کي گهيرو ڪري کيس پٽن سميت قيد ڪيو ۽ ملڪ جون واڳون ميان غلام شاهه جي حوالي ڪيون. مرادياب خان ڪجهه وقت بعد آزاد ٿيو ۽ پنهنجي موت مري ويو.

مرادياب سن 1757ع ۾ معزول ٿيو تہ ميان غلام شاهه سنڌ جو حاڪم بڻيو. ساڳي سال جي سيپٽمبر مهيني ۾ درياهہ جي آبڪلاٽيءَ ”مراد آباد“ جو شهر ختم ٿي ويو. تڏهن غلام شاهه هڪ نئون شهر ”الهہ آباد“ جي نالي سان اڏايو ۽ ان کي سرڪاري مرڪز طور ڪتب آندو. غلام شاهه نئون شهر ٻڌي اڃا مس مسند نشين ٿيو جو افغانن طرفان سنڌ لاءِ عطر خان جي نالي حڪومت جو پروانو جاري ٿيو. ان ريت هن پيري ڪيس صرف اڍائي مهينا (ذي الحج 1170هہ- 25 صفر 1171هہ) سنڌ تي حڪومت ڪرڻ جو موقعو مليو. هن فيصلي بعد غلام شاهه ٿر ڏي هليو ويو. عطر خان کي پروانو تہ مليو پر سنڌ تي حڪومت ڪرڻ سندس وس ۾ نہ هو. ظلم ۽ ستم وڌي ويو تہ غلام شاهه ٿر کي ڇڏي اتر سنڌ ڏي راهي ٿيو. آخرڪار ٻنهي ڀائرن ۾ جون 1758ع رمضان (1171هہ) ۾ روهڙي وٽ سخت جنگ لڳي. عطر خان جنگ هارائي قلات ڏي هليو ويو ۽ غلام شاهه سوڀارو ٿيو.

ڪتاب (تاريخ سنڌ) مؤلف مشتاق ”مسرور“ باريڇي جي تحقيق مطابق تہ ”ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ عطر خان افغان دربار ۾ پهتو جتان هڪ افغان سردار جي مدد وٺي افغان لشڪر سميت سنڌ ۾ آيو ۽ ڦرلٽ شروع

ڪري ڏنائين. ميان غلام شاهه سندس مقابلو ڪيو ۽ عطر خان صلح جي ڪوشش ڪئي، ميان غلام شاهه صلح ڪيو. جنهن مطابق حڪومت ٽن حصن ۾ ورهائجي ويئي. يعني غلام شاهه، عطر خان ۽ احمد يار خان ۾ حڪومت تقسيم ٿي، پر بعد ۾ صلح برقرار رهي نه سگهيو جنهنڪري غلام شاهه سنڌ تي پنهنجو ڌاڪو ڄمائي پوري ملڪ (ديس) تي قبضو ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪانپوءِ عطر خان ۽ احمد يار خان بهاولپور جي سردارن جي پناهه ۾ رهيا. جتان احمد يار هندستان هليو ويو. جڏهن ته عطر خان دائود پوٽن سان گڏجي سنڌ تي حملي جون تياريون ڪرڻ لڳو. غلام شاهه جهيڙي کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ويڙهه کان سواءِ چارو نه ڏسي اوباوڙي ۾ دائود پوٽي سردار بهادر خان جو مقابلو ڪيائين، جنهن ۾ بهادر خان مارجي ويو ۽ عطر خان ڀڄي ويو. ميان غلام شاهه جي غير حاضري ۾ ڪڪرالي ڄام شورش ڪئي پر هن کين ختم ڪرائي ڇڏيو. ان کان پوءِ هن کي افغان دربار مان ”شاهه وردي“ جو خطاب مليو ۽ حڪومت جي سند عطا ڪئي ويئي. اهوسڀ ڪم ”ديوان گدو مل“ جي ڪوشش سان ٿيو جيڪو ان وقت سنڌ پاران افغان دربار ۾ وڪيل هو. سال 1762ع ۾ ميان غلام شاهه ڪڇ تي پهريون حملو ڪيو واٽ تي لکپت کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي سندريءَ جو قلعو فتح ڪيائين. ڪڇ جي ڇهه هزار فوج جاره جبل تي گڏ ٿي. هنن ميان غلام شاهه جو رستو روڪڻ لاءِ سمورا کوهه پٿرن سان پرائي ڇڏيا ته جيئن سندس لشڪر کي پاڻي نه ملي، پر ميان غلام شاهه رستي جيتري تڪليفن کي سهندي اڳتي وڌيو پر سيٺ پونجي جي معرفت ڪڇ جي راءِ کي صلح لاءِ پيغام موڪليائين، جنهن جا شرط هي هئا.

1. بسته بندر ۽ لکپ بندر غلام شاهه جي حوالي ڪيا ويندا.

2. ڪڇ جي راءِ جي ڀيڻ جي شادي ميان غلام شاهه سان ٿيندي. وقتي طور تي ٻنهي ۾ صلح ٿيو ۽ ميان غلام شاهه واپس موٽي آيو.

ميان غلام شاهه جي واپس ٿيندي ئي راءِ اهي شرط مڃڻ کان نٽائڻ لڳو. سيٺ پونجي گهٽو ڊيجاريس ۽ ڌمڪايس پر هن نه مڃيو ۽ موقعو ملندي ئي سيٺ پونجي کي زهر ڏيئي مارائي ڇڏيو. ميان غلام شاهه کي جڏهن اها خبر پهتي ته هن وري سال 1764ع ۾ ڪڇ تي حملو ڪيو. هن پنجاهه هزار لشڪر سان لکپت مان نڪري ”مورو“ قلعي تي حملو ڪري، ان کي فتح

ڪيو. هن پيري راءِ ڪوهن ۾ زهر وجهائي ڇڏيو. پر ميان صاحب ٿورڙو ڦيرو ڪائي پُڄ ڏانهن پيش قدمي ڪئي. ڪڇ جي راءِ جڏهن ميان صاحب کي ويجهو ايندو ڏٺو ته صلح جي درخواست ڪيائين ۽ پنهنجي سئوٽ ايسوجيءَ جي ڌيءَ ميان صاحب جي نڪاح ۾ ڏنائين، جنهن کي ميان صاحب ”سنڌ راڻي“ جو لقب ڏنو. انهيءَ ڪاميابيءَ تي افغان دربار مان کيس ”صمصام الدوله“ جو خطاب مليو.

سال 1761ع ۾ جڏهن احمد شاهه ابداليءَ هندستان تي حملو ڪيو ۽ هن پاڻي پٽ جي ميدان ۾ مرهٽن کي شڪست ڏني ته انهيءَ جنگ ۾ بلوچ ۽ بروهي سردار به احمد شاهه سان گڏ هئا. انتظام کي بحال ڪرڻ لاءِ هن پنجاب جا ڪي علائقا پنهنجي اعتبار جوڳن ساٿين جي حوالي ڪري ڇڏيا. احمد شاهه ميان غلام شاهه جو بهتر انتظام ڏسي ديره جات جو ٽن ميلن جو علائقو سندس حوالي ڪيو. ميان غلام شاهه پاڻ اوڏانهن ويو ۽ سرڪش بلوچ سردارن کي مطيع ڪري پنهنجو انتظام ڪري واپس آيو. ڪجهه وقت اتي سرڪشي رهي، پر 1769ع ۾ ساڳيو علائقو وري ميان غلام شاهه جي قبضي ۾ آيو ۽ ملتان جي حڪومت به سندس حوالي ڪئي ويئي.

ميان غلام شاهه ڪلهوري سنڌ تي 16 سال حڪومت ڪئي ۽ 2 آگسٽ 1772ع ۾ لقوي ۽ اڌ رنگ (فالج) جي بيماريءَ ڪري وفات ڪيائين. کيس به پٽ ميان سرفراز ۽ ميان محمود هئا. ميان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو تخت تي ويٺو. انهن ڏينهن ۾ احمد شاهه ابداليءَ به وفات ڪئي، جنهن جي جاءِ تي سندس پٽ تيمور شاهه تخت تي ويٺو. جيئن ته سنڌ انهيءَ زماني ۾ افغان حڪومت جي ماتحت هئي. ان ڪري ميان سرفراز خان مير بهرام ٽالپر کي ان ڏانهن سندس پيءُ جي تعزيت لاءِ موڪليو. جتان ميان سرفراز کي خلعت ۽ حڪومت جي سنڌ ۾ ”خدايار“ جو خطاب به مليو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ کيس ديره جت جي حڪومت به ملي. هن ڪڇَ تي حملا ڪيا، پهرين حملو آڪٽوبر 1774ع ۾ ڪيو. جيڪو ڪيترا مهينا جاري رهيو. جڏهن سندس لشڪر ڪنٿي ڪوٽ پهتو ته هن اتان جي ٺاڪر جي ڌيءَ سان شادي ڪئي.

ديوان گدو مل، جيڪو ڪلهوڙن جو خاص معتمد هو. تنهن ميان سرفراز کي صلاح ڏني ته هو ٽالپر سان اٽڪٽ نه رکي ۽ ڪوڙين شڪايتن

ڏانهن ڏيان نہ ڏي پر آهستي آهستي ڳالهہ وڌي ويئي ۽ ميان سرفراز درٻارين جي چوڻ ۾ اچي مير بحرام خان ۽ سندس پٽ مير صوبدر خان کي شهيد ڪرايو. مير بهرام ۽ سندس پٽ جي شهادت ميرن کي ميان سرفراز کان جدا ڪري ڇڏيو. عام ماڻهن ۽ ميرن ۾ ميان صاحب جي وڏي عزت هئي. انهيءَ واقعي ٻين ميرن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ۽ هنن هر طرف کان ميان سرفراز تي هلان ڪرڻ شروع ڪيون جن ۾ مير بهرام جو سئوٽ مير فتح خان انهن جو اڳواڻ بڻيو جنهن پنهنجا ماڻهو وٺي خدا آباد تي حملو ڪيو.

ميان سرفراز پنهنجي جان بچائي، حيدرآباد ڏانهن ڀڳو. اهي ماڻهوجن جو مير بهرام جي قتل ۾ هٿ هو تن ميان سرفراز کي ڀڄندي ڏٺو تہ اهي هڪدم مير فتح خان سان شامل ٿي ويا. مير فتح خان ميان سرفراز جي ننڍي ڀاءُ محمود خان کي تخت تي ويهاريو ۽ پاڻ ميان سرفراز جي پٺيان حيدرآباد ڏانهن روانو ٿيو ۽ حيدرآباد جو قلعو فتح ڪري، ميان سرفراز کي قيد ڪيائين. ميان سرفراز خان ڪلهوڙو قيد ٿيڻ کان پوءِ سندس ڀاءُ ميان محمود تخت تي ويهاريو ويو. مير فتح پاڻ کي حاڪميت جي جهيڙي کان پري رکيو ۽ مير بجار خان جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. راڄي ليکي موقعي جو فائدو وٺو ۽ پنهنجا پير مضبوط ڪرڻ لڳو ۽ ميان محمود بہ سندس هٿن ۾ ڪيڏي رهيو هو. ان کان پوءِ راڄي ليکي سياست ڪري ان کي تخت تان لاهي ميان نور محمد جي پٽ غلام نبيءَ کي تخت تي ويهاريو. اهڙيءَ طرح هن ٽالپرن خلاف هڪ نئون محاذ قائم ڪيو. مير بجار خان جي واپس اچڻ جو ٻڌي راڄي ليکي زهر پي خودڪشي ڪئي. ٻئي طرف ميان غلام نبي بہ مسقط جي حاڪم کي لکي موڪليو تہ مير بجار کي ختم ڪيووڃي يا کيس گرفتار ڪري مون ڏانهن موڪليو وڃي. مسقط پهچڻ تي سندس خط مير بجار کي ڏيکاريا ويا. مير بجار مسقط کان قلات پهتو. جتان خدا آباد آيو. جتي سمورا ٽالپر اچي گڏ ٿيا ۽ بدلي وٺڻ جو فيصلو ڪيائون. مير بجار خان حالتن جو جائزو وٺي جلد ئي ويڙهہ جو حڪم ڏنو. ٻئي طرف ميان غلام نبيءَ وري تاجي ليکي، الله بخش جنجڻ، مهراب جتوئي ۽ فيروز پتافيءَ کي مير بجار جي مقابلي لاءِ تيار ٿيڻ جو حڪم ڏنو ۽ مير بجار کي خط لکيائين تہ سنڌ ڇڏي هليا وڃو. اهو خط ملندي مير بجار کي مصاحبن صلاح ڏني تہ جنگ ڪجي. پر هن ملڪ کي گهرو لڙائيءَ کان بچائڻ لاءِ عمرڪوٽ وڃي،

اتان قلعو ڪوسن ڪان هٿ ڪيو ۽ اتي رهڻ لڳو. تاجي ليڪي حرفت هلائي ۽ ڪيس صلح لاءِ چيو. مير بجار ان تي آماده ٿيو پر جڏهن هن محسوس ڪيو ته اهو فريب آهي، ته هو لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو.

هوڏانهن ميان غلام نبيءَ جو سپهه سالار فيروز پتافي شهدادپور تعلقي جي لنياري ڳوٺ ۾ لشڪر گڏ ڪرڻ لڳو. مير بجار خان ڇهه هزار لشڪر سان مقابلي ۾ آيو. جنهن ۾ فيروز پتافي وڙهندي مارجي ويو ۽ سڄي لشڪر ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. اها صورتحال ڏسي، ميان غلام نبيءَ پنهنجي خاص خدمتگارن هٿان مير صاحب ڏانهن قرآن پاڪ موڪليو ۽ چيائين ته. ”آئون اصل ڪان لڙائي لاءِ تيار نه هئس، پر مون اهو قدم ساٿين جي چوڻ تي ڪنيو. ان ڪري هن قرآن پاڪ کي شفيع سمجهو.“ حالانڪ ميان صاحب اهو پيغام ڳجهيءَ طرح موڪليو هو پر تاجي ليڪي کي ان جي خبر پئجي ويئي. ان ڪري جوش ۾ اچي ميان صاحب وٽ پهتو ۽ تلوار سان ڪيس شهيد ڪري ڇڏيائين. ان ڪان پوءِ هو پنهنجن ساٿين سميت پيچي وچي شاهه ڳڙهه پهتو. سندس ساٿي الله بخش جنجڻ، محمد حسن ۽ محراب جتوئي گڏجي مير بجار وٽ پهتا ۽ معافي ورتائون. مير بجار خان ميان غلام نبيءَ جو لاش دفنائڻ لاءِ حيدرآباد موڪليو ۽ هڪ فوجي دستي کي تاجي ليڪي جي پويان روانو ڪيائين.

ميان غلام نبيءَ جي شهادت ڪان پوءِ حيدرآباد ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جو پٽ ميان عبدالنبي موجود هو. انهيءَ زماني ۾ ميان سرفراز خان سندس پٽ محمد خان، ياءُ محمود خان ۽ چاچو عطر خان حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد هئا. ميان عبدالنبي ڪلهوڙو پنهنجي ياءُ غلام نبي جي آخري رسمن مان واندو ٿي، حڪومت هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجي دوستن سان صلاح ڪري قلعي ۾ قيد چئني قيدين کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ٻئي طرف مير بجار خان پنهنجي وفاداريءَ جي خيال ڪان ميان سرفراز خان کي تخت ڏيڻ لاءِ سوچيو. هو اڃا انهيءَ خيال ۾ هو ته ڪيس سندن شهادت جي خبر ملي. پر پوءِ هن ميان عبدالنبيءَ ڪلهوڙي کي حاڪم بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٻه ماڻهو ان ڏانهن موڪلي، ڪيس هالا گهرايائي، جتي مخدوم نوح رحه جي درگاهه تي مسند نشينيءَ جي رسم ادا ڪئي ويئي. ميان عبدالنبيءَ جي حڪومت سنڀالڻ وقت انتظامي بندوبست مير بجار خان جي هٿ ۾ هو. ته انتظام کي

درست ڪجي ۽ تباهہ ٿيل علائقن جي نئين سر تعمير ڪجي. اهو خيال ڪري هو انهيءَ ڪم ۾ لڳي ويو. اجا هو ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ لڳل هو تہ اوچتو هڪ نئين فتني ڪر ڪنيو. احمد يار خان جو پٽ عزت يار خان جيڪو افغانستان جي دربار ۾ هو. تنهن دربر ۾ سنڌ اندر افراتفري ۽ خراج جي ادائگيءَ جي شڪايت ڪئي. انهيءَ تي تيمور شاهہ ڪيس سڏائي چيو تہ وڃي سنڌ سنڀال. ان ڪان سواءِ محفوظ خان حڪيم شاهيءَ کي ڏهہ هزار لشڪر ڏئي ڪيس چيو ويو تہ عزت يار خان ڪلهوڙي سان گڏجي وڃي ڪيس سنڌ جو حاڪم بڻائي ديره جات جي حاڪم کي حڪم ڏنو ويو تہ لشڪر کي خراج پهچاءِ.

مير بجار خان جڏهن هن جي اچڻ جو ٻڌو تہ مقابلي جي تياري ڪيائي، عزت يار خان ڪيس خط لکيو تہ عبدالنبيءَ کي تخت تان لاهي سندس اطاعت قبول ڪئي وڃي. مير صاحب جواب ۾ ڪيس چيو تہ، ميان عبدالنبي توهان جي والد بجاءِ آهي. ان ڪري اوهان اهو خيال لاهي ڇڏيو.

نيٺ ٻنهي ڌرين ۾ ناهہ نہ ٿي سگهيو ۽ شڪارپور ۾ لکيءَ غلام شاهہ جي وچ واري ميدان ۾ ٻنهي ۾ لڙائي ٿي، جنهن ۾ مير بجار ڪامياب ٿيو. جڏهن تيمور شاهہ کي اها خبر پهتي تہ هو پاڻ لشڪر وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو. مير بجار خان بہ روهڙيءَ طرف روانو ٿيو جتي تيمور شاهہ وٽ پهچي سندس غلطي ختم ڪيائين ۽ ميان عبدالنبي کي حڪومت جي سندَ عطا ٿي. مير صاحب پنهنجي بهتر تدبر سان سنڌ ۾ اطمينان واريون حالتون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهيءَ ۾ گهڻي ڀاڱي ڪاميابي حاصل ڪئي. هو اجا انهن ڪوشش ۾ رڌل هو تہ سندس حاسدن قتل ڪرڻ جي سازش ڪئي ۽ انهيءَ ۾ ڪامياب ويا. مير بجار جي قتل جي خبر سڄي ملڪ ۾ تيزيءَ سان پکڙجي وئي. انهيءَ سان گڏ اهي افواهہ بہ پکڙجي ويا تہ سازش ۾ ميان عبدالنبيءَ جو هٿ آهي. انهيءَ افواهہ تي ڪنهن کي يقين نٿي آيو. ايتري قدر جو مير صاحب جي پٽ مير عبدالله خان بہ اعتبار نہ ڪيو. ڪفن دفن ۽ سوڳ ڪان پوءِ مير سهراب، مير فتح علي ۽ مير عبدالله خان ميان عبدالنبيءَ ڏانهن روانا ٿيا.

هوڏانهن مير بجار خان جي قتل ميان عبدالنبيءَ جي دل تي هيبت طاري ڪري ڇڏي ۽ ضمير ڪيس ملامت ڪندو رهيو. ميرن جي اچڻ جو ٻڌي

راتو رات اهل عيال ساڻ ڪري قلات ڏانهن روانو ٿيو ۽ پٽن کي جوڌپور روانو ڪيائين. جڏهن مير عبدالله کي ميان عبدالنبيءَ جي پڄڻ ۽ قاتل راجه وٽ وڃڻ جي خبر پئي ته ڪيس افواهه حقيقت لڳا. ان جي باوجود مير صاحب، ميان صاحب کي قرآن موڪلي ڪيس واپس اچڻ لاءِ چيو پر سندس صلاحڪارن ڪيس واپس اچڻ نه ڏنو. ميان عبدالنبيءَ کان پوءِ مسند نشينيءَ جو سوال پيدا ٿيو. ته ٽالپر پنهنجي وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندي ڪلهوڙا گهراڻي جي درويش صفت تارڪ الدنيا فقير صادق علي خان کي مسند نشين ڪيو ۽ مير عبدالله خان انتظامي معاملن جو سربراهه ٿيو.

مير بجار جي شهادت ۽ ميان عبدالنبيءَ جي فرار سبب سنڌ جي سياسي حالت ۾ گهٽي تبديلي آئي. ملڪي انتظام ۽ امن امان ۾ خلل پيدا ٿيو. جڏهن هڪ فقير ۽ تارڪ الدنيا درويش حاڪم بڻيو ته پرپاسي جي ماڻهن ۽ راجائن کي سنڌ تي قبضي جو خيال پيدا ٿيو. جوڌپور جي راجه لشڪر گڏ ڪري سنڌ تي حملي جو خيال ڪيو. مير عبدالله خان مير صادق علي خان کي پاڻ سان وٺي وڏي لشڪر سان جوڌپور وارن جو اڳ اچي جهليو. ٻنهي ۾ لڙائي ٿي ۽ جوڌپور جي وڏي لشڪر هئڻ باوجود سنڌي فوج (جنهن ۾ نظاماڻي، لغاري ۽ جمالي شامل هئا) کي ڪاميابي حاصل ٿي.

هوڏانهن ميان عبدالنبيءَ کي خيال ٿيو ته سنڌ جي حڪمراني وري هٿ ڪريان. سو هن مير نصير خان بروهي کي لالچ ڏئي، ڪانئس لشڪر ورتو ۽ پاڻ بروهي فوج جي سپهه سالار زرڪ خان سان گڏجي سنڌ تي حملي لاءِ روانو ٿيو. لاڙڪاڻي پهچڻ تي محراب جتوئي، ڏگاڻو جتوئي، جنجڻ، ڪوسه ۽ نومڙيا قبيلن جا ماڻهو به شامل ٿي ويا. مير عبدالله کي اهڙو اطلاع ملندي ئي هن پنهنجي لشڪر کي وٺي اچي چالڪ جي پل تي بروهين سان مقابلو ڪيو. جنهن ۾ محراب جتوئي ۽مير زرڪ خان بروهي جهڙا سردار مارجي ويا ۽ ميان عبدالنبي ڪلهوڙو وري قلات ڀڄي ويو ۽ سنڌي فوج کي فتح نصيب ٿي.

ميان عبدالنبي پوءِ به ماٺ ڪري نه ويٺو ۽ نيون ڪوششون شروع ڪيائين، نيٺ هڪ ڏينهن تيمور شاهه جي دربار ۾ پهچي ان کان مدد گهريائين. جنهن تي ڪيس مدد خان نالي هڪ سردار جي مدد ڏني ويئي ۽ مير نصير خان کي به حڪم مليو ته بروهين ۽ بلوچن جو لشڪر به سردار سان

شامل ٿئي ميان عبدالنبيءَ جي مددڪري 1780ع ۾ مدد خان سنڌ تي حملو ڪيو جنهن ڪري سنڌ جو امن ۽ سڪون تباهه ٿي ويو. هو جتان به لنگهيو اتي آبادي ويران بڻجي ويئي، لڄون لٽجي ويون ۽ شرافت جو دامن تار تار ٿي ويو. ”جنت السنڌ“ مطابق بدين تائين سنڌ جا دولتمند ڳوٺ ۽ شهر افغانن ڦري ناس ڪري ڇڏيا. جوڻ ۽ فتح باغ جا وسندڙ به شهر جيڪي لاڙ ۾ باغن واري پيداوار جي ڪري مشهور هئا سي هن قيامت صغريٰ ۾ ناس ٿي ويا. سنڌي ڳوٺاڻا پري کان افغانن جا گهوڙا ڏسي ”گهوڙا گهوڙا“ ڪندا ڳوٺ خالي ڪري ڀڄڻ لڳا. ”لب تاريخ سنڌ“ جي ليکڪ جي تحقيق مطابق ته ”سنڌ ۾“ گهوڙا گهوڙا ڪرڻ جو رواج مدد خان جي ڪاهه ڪري پيو. مٿينءَ آفت جي برپا ٿيڻ جي ڪري سنڌ ۾ سخت ڏڪار پيو.

هوڏانهن مير عبدالله خان اها حالت ڏسي بي چين ٿيو ۽ هن پنهنجي عزيزن کي سڏائي صلاح ڪئي. مير فتح علي خان، مير غلام علي خان ۽ مير سهراب خان گڏجي، سنڌ دشمن مددخان پٺاڻ جي مقابلي لاءِ روانا ٿيا. پر واٽ تي ڪن ماڻهن ميڙ وجهي، مير فتح خان کي صلاح ڏني ته اوهان اڳرائي نه ڪريو جنهن ڪري مير صاحب اتي ئي ترسي پيو. ته ٻئي طرف افغان لشڪر کي جڏهن اها خبر پئي ته انهن پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪئي ۽ صلح جي ڪوشش ڪيائون. افغاني لشڪر کي مير عبدالله خان جي بهادريءَ جي خبر هئي. ان ڪري مدد خان مير عبدالله ڏانهن خط لکيو ته هو ميان عبدالنبيءَ جي ظلمن کان واقف آهي ۽ هو رڳو خداآباد جي خزاني هٿ ڪرڻ لاءِ ساڻس گڏجي آيو آهي.

مير عبدالله خان قاصد کي عزت ۽ خط جي جواب ۾ لکيائين ته، ”آئون ۽ منهنجا ساٿي شاهه جا وفادار آهيون، پر مون قسم کنيو آهي ته ڪيڏو به وڏو لشڪر هجي ته مقابلو ڪندس.ان ڪري جيڪڏهن اوهان کي خداآباد وڃڻو آهي ته دريائي رستي کان وڃو اهڙي طرح منهنجو قسم پورو ٿي ويندو ۽ آئون عمرڪوٽ هليو ويندس.“

مير عبدالله جي خط ملڻ کان پوءِ مدد خان دريائي رستي کان خداآباد پهتو. ميان عبدالنبيءَ کي دفن ٿيل خزاني لاءِ چيائين، جنهن پنهنجن ماڻهن کي موڪلي چوطرف ڦرلٽ ڪرائي ۽ جيڪي هٿ آين سو ڪٽي آيا. تاريخن جي کوجنا مطابق، ته ميان عبدالنبي ۽ مدد خان جي ماڻهن سنڌ جي

ماڻهن تي ايترو ظلم ڪيو جو انسان ۽ حيوان ۾ ڪو فرق نہ رهيو ۽ ماڻهن کي بدن تي ڪپڙو بہ نہ بچيو "شاهنامہ سنڌ" مطابق پٺاڻ سنڌ کي ڦري ويران ڪري ڪابل ڏانهن موٽي ويا. نيٺ ڪجهہ وقت کان پوءِ مدد خان ميان عبدالنبيءَ کي اڪيلو ڇڏي پاڻ افغانستان هليو ويو. ميان عبدالنبي پاڻ کي اڪيلو ڏسي نواب بهاول خان وٽ بهاولپور ويو. جتي قرآن پاڪ تي لکي مير عبدالله ڏانهن صلح لاءِ موڪليائين. مير صاحب سڻي موٽ ڏيندي صلح ڪيو.

ميان عبدالنبيءَ جي قسم تي مير عبدالله خان سان ٺاهہ تہ ڪيو پر ميان عبدالنبي هرٺاهہ جي ڀڃڪڙي ڪندي غداري ڪندي مير عبدالله کي قرآن پڙهندي قتل ڪرايو. انهيءَ حادثي ٽالپرن کي سخت ڪاوڙ ڏياري ۽ مير فتح علي خان مير سهراب غلام علي، باگو خان ۽ ٺارو خان گڏجي بدلي وٺڻ لاءِ نڪتا ۽ مختلف حملن بعد هالاڻيءَ جي ميدان تي ٻنهي ڌرين ۾ زبردست لڙائي لڳي، جنهن ۾ ميان عبدالنبي جا بهترين جوڌا مارجي ويا ۽ لشڪر ڀڄڻ لڳو. ميان عبدالنبي اها صورتحال ڏسي وڃي قلات پهتو. اهڙيءَ طرح سنڌ مان ڪلهوڙا گهراڻي جي 80 سالہ دؤر حڪومت جو خاتمو آيو.

مختصر جائزو:

ڪلهوڙا گهراڻو 1220ع جي دوران ئي شروع ٿئي ٿو. ڪلهوڙا سنڌ ڌرتي جا اصلي، نسلي سنڌي ڇنا "ڇنيہ" جي قبيلي مان ڏيکاريا ويا آهن. هنن جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ پنهنجي ذات عربن سان ڳنڍي پاڻ کي عباسي سڏائڻ شروع ڪيو. (اڄ بہ هنن جون) ذاتيون يا پاڙا ڪلهوڙا، دائود پوٽا، عارباڻي، هيسباڻي، فيروزاڻي وغيره مشهور آهن. ڪلهوڙا گهراڻي جا حڪمران 80 سالن تائين حڪومتون ڪيون. هنن جي دؤر ۾ سياسي ثقافتي، سماجي، اقتصادي ۽ فوجي لحاظ کان وڏي اهميت جا حامل آهن. هن خاندان جا ميان يار محمد، ميان نور محمد ۽ غلام شاهہ روشن ستارا هئا. هن دؤر ۾ سنڌ کي آزاد خودمختيار، سرسبز عوام جي خوشحالي، ڳوٺن، شهرن، واهن جا بنياد، زراعت جا سڌارا، ثقافت، تاريخ، ڪلچر تمدن جي پيروي ۽ بچاءُ ڪرڻ، فوجي مهارتون آڻڻ لاءِ پنهنجي محدود وسيلن کي ڪتب آڻڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي.

هڪ پاسي هي صوفي، درويش، بزرگ، الله لوڪ فقير هئا، ٻئي پاسي بهادر، سرفروش، وطن پرست، جاٺا جوان ۽ جنگجو جوان هئا. اهڙي طرح

هنن ۾ ڪي ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا فرد انتهائي لالچي، ڇسا، غدار، ابن الوقت، ڏارين جا دلال نڪتا، انهن جي غداريءَ جي ڪري سنڌ تي ڌارين (مغلن) پٺاڻن کي حملو ڪرڻ سنڌ کي برباد ڪرڻ ۾ اڳ کان اڳرا رهيا. پوءِ ته انهن غازين ۽ سرفروشن کان اهي ئي رڙيون نڪتيون

سوين آيا سنڌ ۾ نوان نادر شاهه
ڪانهي ڪا تاريخ ۾ ويڙهه سوا ٻي واهه
متان سوچيو ساهه، متان موٽو ماڳ کان

انهن غدار ماڻهن جي ڪري سنڌ تي نادر شاهه، احمد شاهه ابدالي، تيمور شاهه ۽ مدد خان جهڙا سفاق لٽيرا، ڌاڙيل ڦورو اچي ڪڙڪيا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سنڌ کي پڙپانگ ڪري ڇڏيو. رت جون نديون وهائي ڇڏيون سنڌي ماڻهن (انسانن) کي رڍن ۽ ٻڪرين وانگي ڪهندا ويا. پوءِ اهڙن مظلومن جون دانهو ايئن نڪتيون ته:

”تاريخ جي خوني ڳلين مان هر وقت صدا ڪا ايندي آ
هر وقت لهوءَ جي لاڙن ڏي ڪا توکي ڇڪ ڇڪيندي آ

80 سالن جي حڪومت ۾ خاص تيرهن حڪمرانن حڪومت ڪئي، جنهن ۾ ڪجهه حڪمرانن کان سواءِ سڀ جو سڀ ڌارين ۽ پنهنجن جي دشمنيءَ ۾ شهيد ٿي ويا.

هنن جو دؤر ۾ سماجي، سياسي ثقافتي ادب شعر و سخن جو دؤر هو، جنهن ۾ قومي شاعر شاهه لطيف جو جوبن، سچل سائينءَ جو جنم، ساميءَ جو سلوڪ، سوشلسٽ عظيم انسان شاهه عنايت جي شهادت جو اثر، اهي سڀ ان دؤر جو حصو آهن. ڪلهوڙن جو دؤر هڪڙو اهم دؤر آهي، جنهن بابت سيني تحقيق ڪندڙن عالمن وضاحت سان لکيو آهي ته ڪلهوڙا ڇڙ وڇڙ هئڻ ڪري قومي اتحاد ۽ مرڪزي وحدت کي وڏو نقصان پيو. پوءِ به ڪلهوڙن جو دؤر سنڌ جي عسڪري نظام جي لحاظ کان اعليٰ پائي جي حيثيت رکي ٿو، جنهن جي زور ۽ قوت تي ڪلهوڙن، سنڌ کي دهليءَ جي مرڪزي تسلط کان آزاد ڪرائي نادر شاهه، احمد شاهه، مدد خان پٺاڻ ۽ تيمور شاهه جي شورشن کي منهن ڏيئي هڪ خودمختيار ۽ پاڻ ڀرو (ملڪ) سنڌ ديس بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

مددي ڪتاب ۽ حوالا:

1. "سنڌين جي فوجي مهارت" ليکڪ دادا سنڌي.
2. "شاهہ، سچل، سامي" 1689ع – 1850ع. هڪ مطالعو: محمد ابراهيم جويو.
3. سَرَ ۾ سانجهيءَ وير" 1981ع ليکڪ عبدالواحد آريسر
4. "سنڌ جي تاريخ جو حصو" "تختگاهہ الهہ آباد"(مهراڻ رسالو 3_1989ع) از: غلام محمد لاکو.
5. "ميان نور محمد ڪلهوڙي جي جنگي حڪمت عملي ۽ نادر شاهہ جو حملو." مهراڻ رسالو 1987ع ليکڪ: عبدالله خان مگسي
6. "تاريخ سنڌ" سال 99_1998ع مولف:مشتاق "مسرور"
7. "ديش دورهي" ليکڪ: اديب انقلابي
8. "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" 1592ع_ 1842ع، از: ڊاڪٽر ايس پي ڇٻلاڻي
9. "تاريخ ڪلهوڙا" مصنف غلام رسول مهر.
10. "سنڌ ۾ آزاديءَ جي جدوجهد" 1971ع ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد. ليکڪ: ڪريم بخش خالد.
11. جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي
12. لب تاريخ سنڌ ۽ شاهنامہ سنڌ

ڪلهوڙا دؤر جو نهري ۽ زرعي نظام

منظور سولنگي

برصغير، ايشيا سنڌ ۾ قدامت جي لحاظ کان پنهنجو ثاني نٿو رکي. تاريخدانن جي بقول سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب برصغير هند پاڪ جي تاريخ ۽ ثقافت جي بنياد جي پهرين سر جي حيثيت رکي ٿي.“(1) ۽ برصغير جا بادشاهہ پاڻ کي سنڌو سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. محمد ادريس صديقي لکي ٿو تہ ”پر بدقسمتيءَ سان زماني جي ڦيرين گهيرين هن سرزمين کي ننڍو صوبو بڻائي ڇڏيو آهي. دنيا جون قريبن وڏيون تهذيبون دريائي ڪنارن تي اسريون ۽ نسريون آهن ۽ اوائيل دؤر کان هت درياءِ سنڌ جو راڄ رهيو آهي. ان ڪري هتان جي زمين لتاسي ۽ زرخيز رهي آهي ۽ تنهن ڪري زراعت لاءِ پڻ موزون خطو. اَنُ پوکي راهي جام هئڻ ڪري ڌرتي سکي ستاب هئي. ”دنيا ۾ وڏيون دولتمند قومون آباد آهن، جي پئسي ڏوڪڙ جو انت شرو ڪونہ هوندو پر هتي جي ماڻهن ۾ وري خوشي ۽ سرهائي ايتري تہ اجهاہ اٿاهہ ۽ اجهال اهي جنهن جو ڪو سنڌو سيڙهو ڪونہ آهي. مزدور بہ هڪ ڏينهن پورهيو ڪندو ۽ باقي ڇهہ ڏينهن ايڏو خوش گذاريندو ڄڻ ڪو بادشاهہ آهي. ڪين محدود ضرورتون ۽ لامحدود خوشيون آهن. دنيا اندر خوشين جي اهڙي نعمت فقط هتي وارن لاءِ مخصوص آهي.“(2)

تاريخ جا ورق شاهد آهن تہ سنڌ ڌرتي سکي ستابي ۽ سندن حالت سڌريل، متمدن هئي. هن بابت ليکڪ چيتن لال ماڙيوالا لکي ٿو تہ ”هنن هميشہ دفاعي جنگ لڙي آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن ملڪ تي قبضي ڪرڻ جونہ سوچيو. ڀلا سوچين بہ ڇو؟ جڏهن تہ سندن وٽ هر شئي جو وافر مقدار هئڻ ڪري پرامن رهيا. تنهن ڪري هن خطي کي امن آشتي واري ڌرتي بہ چيو وڃي ٿو. رچرڊ برٽن جي بيان موجب، هي اميدن ۽ آسرن واري سرزمين آهي.“(3) هي علائقو ميداني ۽ مختلف آبهوا رکي ٿو. ”سنڌو ماٿري جون اهي خصوصيتون جيڪي اسان کي نمايان طور ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اهي اولهہ ايشيا جي قديمي تهذيب ۾ هر هنڌ موجود ڏسجن ٿيون. نيل نديءَ جو علائقو هجي يا دجلہ ۽ فرات جو قارون ندي جي سرزمين هجي يا هلمند نديءَجي يا

سنڌوءَ جا وسيع ميدان. بهرحال هي سموري جا سمورا علائقا انساني تهذيب جي پيدائش ۽ ترقي لاءِ بيحد موافق ۽ موزون آهن. انهن تهذيبن ۾ هڪ قسم جي مشابهت ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

محمد ادريس صديقي وڌيڪ لکي ٿو ته ”ان زماني ۾ جڏهن انسان شڪاري دورن مان گذري رهيو هو ۽ ان دؤر ۾ جڏهن هنن پوک ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پڪا ڳوٺ ٻڌي رهڻ شروع ڪيو. چاڪاڻ ته انهن علائقن جي آبهوا نه گهڻي سرد هئي ۽ نه تمام گرم. ۽ نه هتان جي موسم ناقابل برداشت هئي. هتي پاڻي ۽ خوراڪ جي اڻاٺ ڪانه هئي ۽ درياهي ڪنارن تي سفر ڪرڻ به آسان هو. گويا هتي تهذيب جي وڌڻ ويجهڻ جون سموريون سهولتون موجود هيون.(4)

سنڌ ۾ پاڻي جي وافر مقدار هئڻ ۽ وڻائتي زمين جي دستيابي زراعت لاءِ موزون ماحول ميسر ڪيو آهي. پوک ۽ راهي، ساوڪ، گل گلزاري خوشحالي، شادابي، ڌارين کي هن جنت الارضي تي قبضي ڪرڻ لاءِ هرڪايو آهي ۽ هر طرف يلغارون ٿينديون نظر اچن ٿيون. ارغونن، ترخانن بعد مغلن سنڌ تي قبضو ڪيو. پوءِ سنڌ جي مقامي قبيلي ڪلهوڙن جي دسترس هيٺ آئي، جن ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏئي مضبوط بڻايو. هن سلسلي ۾ اعجازالحق قدوسي لکيو آهي ته ”ڪلهوڙن جو دؤر 1701ع کان شروع ٿئي ٿو. هي دؤر سنڌ جي تاريخ ۾ درخشان باب جي حيثيت رکي ٿو. ڪلهوڙن اعليٰ صلاحيتن کي ڪتب آڻيندي ملڪ لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. سڀ کان پهريان هنن سنڌ جي ڪڙندڙ معيشت تي ڌيان ڏنو. امن امان ۽ هر آفت جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪندي حل ڪڍيائون. جنهن سان عوام سک جو ساهه کنيو. تنهن کان علاوه ماڻهن کي زراعت و تجارت طرف راغب ڪيائون.“(5)

سندن زماني ۾ مٿين شعبن مثالي ترقي ماڻي. هنن نهرن وسيلي ٻنيون آباد ڪرڻ واري طريقي کي ترقي ڏياري. هر اعتبار کان رياست کي طاقتور ۽ خوشحال بڻائڻ جي ڪوشش جاري ڪي. سندن دؤر ۾ ملڪ سکيو ستابو ريهان ڪيهان لڳو پيو هو. ڪڻڪ، چانور، دالين ۽ ٻُهه بوسي ۾ ريهان ڪيان، گهوڙا مال متاع خوش قدرت سنڌ کي وڏي نعمت سان نوازيو آهي. جيڪا سنڌو آهي، قدرت جي هيءَ نوازش ٻارهوئي وهندو رهي ٿو. هي تجارت جو

وڏو ذريعو آهي، جنهن کي ڪاٻه ظالم قوت بگاڙي ختم ڪري ڪانه ٿي سگهي. هن درياهه جي پاڻيءَ ۾ مصر جي نيل درياهه جيان ٻني جو ڀَلُ ڀريل آهي.

سنڌ سنڌو ماتريءَ جي صفا ڇيڙي ۾ آهي تنهنڪري سڌو هن ملڪ کي سدا سکيو ڻائي ڇڏيو آهي. هن مست درياهه جي پاڻيءَ ۾ لٽ وهي ايندو آهي ۽ ڏرتي جي مٽاڇري تي ڇانئجي ويندو آهي. سنڌوءَ جي پاڻيءَ اندرلٽ جي موجودگي ڪري سنڌ جي ٻني ۾ پوک جي طاقتواري خاصيت تمام گهڻي آهي. تنهن ڪري ملڪ سائو سکيو ۽ ستابو ٻڻجي پيو آهي. ڪڻڪ، چانور، دالين ۽ ٻُهه بوسي ۾ ريان کيان گهوڙا مال متاع خوش، سنڌ کي ته اها خبر ئي نه آهي ته ڏڪار ڇاکي چئبو آهي؟ زراعت ڪنهن ٻه ملڪ جي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو. ان لاءِ بهتر پاليسين مرتب ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي، جنهن ڪري ملڪ ۾ پاڻيرو ٿيڻ جا امڪان وڌي وڃن ٿا. سنڌ تي جيڪا مصيبت نازل ٿيندي رهي آهي، سا آهه سنڌو جي بي پايان ڇڙواڳ ٻوڏ. جيڪا زمينن مٿان پنهنجو لٽ وجائي ڇڏي ٿي. ان ڪري سندن وهڪرن ۾ تبديليون اچن ٿيون ۽ سندس موج پرِيا واهڙ طوفاني وهڪرن سان رات وچ ۾ ڪيترن ڳوٺ جا نشان مٽائي ڇڏيندا آهن.

پراڻي دؤر ۾ سنڌ اندر جيڪا زمين آباد هئي، سا گهڻو تڻو سنڌو درياهه جي ڪنارن سان ويجهو هئي. پر اج ايئن نه آهي. اج ته ڪيترا واهه آهن، جيڪي سندن لڙاٿيل پاڻي چوڌس ۽ ڪيترا ميل پري ڪٽي وڃن ٿا. آبپاشي نظام ۾ نظم ۽ ضبط جيڪو اج اسين ڏسون ٿا، تنهن کان اڳي ماڻهو اڻ واقف هئا. نظم ۽ ضبط جي بدران غير يقيني هئي. واهه ڪڏهن وهندا هئا. ڪڏهن سڪي ويندا هئا. درياهه وهڪري جي جاءِ مٽائي ويندو هو ۽ ٻيون ڪيتريون ئي زمينون ٻوڏ هيٺ اچي ويندديون هيون. پراڻو سنڌي نظام اهو هو جنهن ۾ هو درياهه جي فطري وهڪري مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اتان ڪڙيا کوٽيندا هئا ۽ پوءِ کوهاڏا ٻڻائيندا هئا. پوءِ کوهاڏن تي نار جوڙيندا هئا. هيناهين وارن کوهن ۾ درياهه جو پاڻي ڪني تي ويندو هو. ان تي ٻه نار يا هرلا ٻڌندا هئا. انهن هيناهن ڍورن ۾ جن لاءِ سنڌي زبان ۾ گهڻا نالا آهن. انهن ۾ هرڪاهي گهڻي آبادي ڪري سگهبي هئي. جتي ڪن حالتن ۾ ٻوڏ پهچي ڪانه سگهندي هئي. تن وڏين ايراضين کي

ڇن (Chhans) ڇيو ويندو آهي، جتي گاهہ ۽ جهنگل تمام گهڻو ٿي پوندو هو. ان جاءِ تي اُٺ، مينهون ڍور ڍڳا پيا گور چرندا هئا. سنڌ جون اهي ذڪر ڪيل حالتون مغل دؤر وارين اتر هندستان جي حالتن کان بنهہ مختلف هيون ۽ برنيئر انهن حالتن ۽ واهن جي عدم موجودگي ۽ آبپاشي کان لاپرواهہ رويي جي ڪري ڇرڪ نالان هئا. پر سچائي اها آهي تہ سنڌ آبپاشي جي نظام ۾ هندستان کان اڳڀري هئي ۽ ان کان آڳاٽي هئي. ڪيس واهن ۽ ڪڙين جو پنهنجو طريقي ڪار هو ۽ اهي ڇڱي پر ڄاڻندا هئا تہ فطرت جي سخاوت کي ڪيئن ڪتب آڻجي.

ڪلهوڙا سنڌي هئڻ جي ناتي سان پاڻيءَ جي هن فطري نظام کي اڃا موثر بڻائڻ جي اهميت کي محسوس ڪندي وهندڙ واهن، ڪڙين جي صفائي ڪرائي، جن تي خرچ بہ ڪيو ويو. ڪلهوڙن هن فطري نظام ۾ واڌارو ڪيو. قدرتي واهن ڪڙين ۽ ڪسين ڳُورن مٿان ونگ واريون پڪيون سرن جون پليون (موريون) ٻڌي جن ۾ ڪي دروازا نہ لڳل هوندا هئا. پر پرپاسي وارين ٻيٽن ۾ سامهون پيمر رکي وڻن جا ڏار ڪٽي ۽ گند گاهہ وجهي پاڻي کي روڪيو ويندو هو ۽ مٿيءَ جا بند ٻڌي پاڻي کي مورين مان وهايو ويندو هو. جڏهن پاڻي ڪڏن يا ڍنڍين ۾ هوندو هو تہ آبادي نارن وسيلي ڪئي ويندي هئي.

اڄ اهڙي قسم جي آبادي لاءِ تيل وارين مشينن کي ڪم آندو وڃي ٿو. سنڌ ۾ ان جا اڄ بہ نمونا موجود آهن، جن مان هڪ کي نار ڇئبو آهي، جنهن جو ڍينگو وڏو ٿئي ٿو. ان کي اٺ گيڙيندو آهي، جنهن جو ڍينگهو ننڍو ٿئي. ان ۾ ڏاند جوٽبو آهي. اهڙي قسم جي زراعت يا آبپاشي کي چرخي واري آبادي ڇيو ويندو آهي. هن ۾ پاڻي نار جي ڦيري ۾ مالهہ ۾ ٻڌل ڪنگرين (لوٽين) جي وسيلي مٿي اچي "نيسر" مان ڪسي ڏانهن منتقل ٿي زمين ۾ هليو ويندوآهي.نارو سيلي جيڪي فصل پوکيا ويندا هئا، سي خشڪ هوندا هئا. جوئر، ڪمند، ٻاجهر،ڪپهہ ۽ سايون ڀاڄيون وغيره. ڪٽڪ جو فصل اُتل واري زمين ۾ ڪيو ويندو هو جنهن کي سيلابي آبپاشي ڇيو ويندو هو. اها زمين خاص ڪري ڪچي وارين ايراضين، جتي درياهہ جي چاڙهہ ڪري پاڻي اچي وڃي ٿو ۽ پاڻي لهڻ ڪانپوءِ هر ڪاهي ان ۾ جيڪو بہ فصل پوکبو بوسي پوک ڇئبو آهي ۽ اوائلي دؤر کان اڄ تائين اهو سلسلو رائج آهي. ان

ڪان علاوه اوائلي دؤر ڪان هن خطي جي ”هارين“ باراني پوک جو سلسلو بہ رائج رکيو آهي.

باراني يعني مينهن جي پاڻيءَ تي ٽيندڙ پوک، هي طريقو خاص ڪري ڪوهستان، ڪاڇي ۽ ٿر پاسي تي ٿئي ۽ ڪٿي ڪٿي تہ ڪاريزن مان ايندڙ پاڻي کي ڪم آڻڻ لاءِ تڏا ۽ تئوريون، کي بہ ڪم آڻي، انهن کي هيٺان ٽوٽيون ڏئي، ڪسيون ۽ واهہ ٺاهي پوک ڪئي ويجي ٿي. هي طريقو جابلو پٽي تي مروج آهي. جنهن ۾ جوئار، گوار، مڱ، مٽر ۽ ٻيون ڪيتريون ئي فصلن جون جنسون پوکيون ويندون هيون. انهن علائقن ۾ جڏهن برکا برسجي ٿي تہ فطرت جي هن انمول نعمت کي بند ٻڌي هڪ هنڌ ڪنو ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ اتان پاڻي ٻنين کي ڏنو وڃي ٿو. خاص ڪري اهڙي ڪني ٽيل پاڻيءَ کي ”باغ“ چون ٿا.

موجوده آبپاشي نظام هيٺ اڳي ڪان هاڻي تمام گهڻي زمين آباد ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪاڻي واهن تي سائنٽيفڪ نموني سان ڪرائي وڃي ٿي. سندن ترو منڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين انچن جو حساب رکي ڪاڻي ڪئي وڃي ٿي. تاريخدانن اهو بہ لکيو آهي تہ ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌ جو آبپاشي نظام پنهنجي حدن اندر دولت ۽ خوشحاليءَ جو وڏي ۾ وڏو ذريعو هو. هن دؤر کان اڳ سنڌ ۾ ڪوبہ آبپاشي جو منظم نظام نہ هيو. سنڌ جي اقتصادي حالتن جو مدار هميشہ زمين ۽ زراعت تي رهيو آهي. عام طور ڪلهوڙا پيري مريديءَ کان هتي آيا. پوءِ زميندار بڻيا ۽ ان ئي حالت ۾ طاقتور بڻيا ۽ سياسي قوت اختيار ڪيائون. ڪلهڙا دؤر کان اڳ سنڌ بري طرح بدحال ٿي چڪي هئي. ايچ. ٽي سورلي جي بقول، مغلن سنڌ طرف ڪو توجهہ نہ ڏنو جو ڪجهہ بچيو اهو مقامي زميندارن جي توجهہ جو سبب هو.

ڪلهوڙن سنڌ ۾ آبپاشي جو جديد نظام متعارف ڪرايو. اسان 1843ع ۾ واهن جو جيڪو نظام ٽالپرن کان ورتو سو عام پلي جي ڪمن مان هڪ اهڙو نشان هو. جو ڪلهوڙن جي دؤر کان تمام سني طريقي تي جاري هو.(6) اڪثر واهہ ۽ ڪئنال کيرايا ويا. سنڌ جي آبپاشي نظام کي ترقي وٺرائڻ ۾ هونئن تہ ڪلهوڙن حاڪمن جو اثرائتو ڪردار رهيو آهي. پر سنڌ ۾ جديد آبپاشي نظام جو باني ميان نور محمد ڪلهوڙي کي مڃيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر ليمبرڪ تہ ”ميان نور محمد کي سڌ ۾ آبپاشي نظام جو عظيم

معمار تسليم ڪري ٿو. سندس دؤر ۾ گهڻا واهه اتر سنڌ ۾ جڙيا. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي بقول، گهاڙ سسٽم جا ٽي واهه هن ليکي ۾ اچن ٿا. نور واهه جو ڏهه ميل ڊگهو هو. شاهه بهاري ”شاهه جي ڪور“ کوٽايو جو ويهه ميل ڊگهو هو. جڏهن ته ڏاتو کهاوڙ ڏاتي جي ڪور کوٽايو جو ويهه ميل ڊگهو هو. جيڪب آباد ۾ بيگاري سسٽم جو نور واهه به نور محمد ڪلهوڙي جو کوٽايل هو. بيگاري واهه بيگر وسيلي کوٽايو ويو. ڇو ته غير سنڌي قومن سنڌ کي گهلرن جي صورت ۾ تاراج ڪندا هئا تنهن ڪري ميان نور محمد ڪلهوڙي بيگار واهه کوٽايو. جنهن تي شڪارپور ۽ جيڪب آباد جون زمينون آباد ٿين ٿيون. هي ڪئنال مٿين ٻنهي ضلعن جي سرحدي پٽي تي واقع آهي. بيگار ۾ کوٽايل واهه کي بيگاري ڪئنال جو نالو ڏنو ويو. بيگاريکي مٿين ضلعن ۾ عام طور پلوڙ به چيو وڃي ٿو. خاص ڪري مالوند ماڻهو پٺارين کي بيگاي به ڪوٺين. معنيٰ آل جال کير ڏيڻ واري عام چون ”هل هي ته بيگاري آهي“. هل ڙي هل بيگاري) ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ درياهه جي اوپر ۾ به هي سلسلو جاري هو. جيئن غلام محمد لاکو لکي ٿو ته ميان صاحب جي ٽن نامور اميرن مراد ڪلهوڙو، باگو سيال ۽ فيروز ويرڙ تي واهه کوٽايا، جن واهن کي سندن ئي نالن پنيان مراد واهه، باگو واهه، فيروز واهه سڏيو وڃي ٿو. هي واهه پوءِ روهڙي ڪئنال ۾ ختم ڪيا ويا.

ان عمل جي ساراهه ڪندي ڊاڪٽر ايچ.ٽي سورلي رقم طراز آهي ته، ”1843ع ۾واهن جو جيڪو نظام ٽالپرن کان ورتوسون سو عام پلي جي ڪمن مان هڪ اهڙو نشان هو، جو ڪلهوڙن جي دؤر کان تمام سٺي طريقي تي جاي هو.“ ميان شاهل محمد طريل چانڊڪي پرڳڻي موجوده لاڙڪاڻي ۾ گهاڙ واهه کوٽايو. ان واهه جي وجود ۾ اچڻ ڪري هن خطي جي شادابي ۽ زرخيزي جي حد ئي نه رهي. هر طرف سونا سنگ اپرڻ لڳا ۽ ماڻهوخوشحال ۽ شادمان ٿي پيا، جنهن جو اندازو هيٺين تحرير مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. 1847ع ۾ جيمس چانڊڪا جي سارين وارين زمين متعلق ڏاڍي خوبصورت تصوير چٽي ٿو. ”ناري ۽ گهاڙجي وچ تي سارين جو فصل تمام گهڻو ٿئي ٿو. ڳوٺ گهڻو ڪري مٽي جي دڙن تي ٻڌل آهن ۽ ٻوڏ جي پاڻيءَ کان بچاءَ هيئن ڪيو ويو اهي، جو ڳوٺن جي چوڌاري کاهي کوٽي وئي اهي. واهه ۽ ڳوٺ وڻن جي ساوڪ سان سينگاريل آهن ۽ ڏاڍا ملوڪ ٿا لڳن.“ چانڊڪا موجوده

لاڙڪاڻي جي سرسبزي ۽ شادابي صرف ۽ صرف گهاڙ واهہ جي هجڻ سان ممڪن ٿي ۽ ان جي زرخيزي جي ڪري چوڻين وجود ورتو. شاعرن بہ ان جي شاهوڪاري توڙي زرخيزي کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بڻايو.

اگر بيني بهشت اندر زمانہ
بيا کن سير درلارکانہ

*

”هجئي ناڻو تہ گهمہ لاڙڪاڻو“

*

”لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو“

علائقي ۾ باغن جي وسيع رينج ۽ پوکن جي ساوڪ ڪري لاڙڪاڻي کي ”سنڌ جو عدن“ بہ سڏيو ويو آهي. ڪلهوڙن جي اها خاص خوبي ليکي وڃي ٿي تہ هنن واهن جي صفائي تي ڳريون رقمون خرچ ڪيون. ان کان علاوه مرزا واهہ، مقصود واهہ، بيگاري واهہ، اولهہ ناري مان نڪرندڙ نور واهہ، حيدرآباد ۾ سرفراز واهہ، نالي ميان سرفراز کوٽايو. نور واهہ عمرڪوٽ جي علائقي کي سرسبز ڪري ٿو. اهڙي طرح ٻيا بہ مختلف واهہ کوٽايا ويا. اهڙو واهن جو بهتر نظام صرف ۽ صرف ڪلهوڙا حاڪمن جي مرهونِ منت هو جنهن سبب ملڪ تمام گهڻي ترقي ڪئي.

تاريخدانن ڪلهوڙن کي بهترين اڏيندڙ سڏيو آهي ۽ سندن ڪاميابي جو راز ان کي قرار ڏنو تہ انهن ڪئنال سسٽم کي تڪڙو بحال ڪيو ۽ اتي آبادگارن کي آباد ڪري سهولتون مهيا ڪيون. هن دؤر ۾ تباهہ ٿيل زرعي، نهري نظام عروج تي پهتو. زراعت سان لڳاءَ جو پتو واليءَ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙي زميندارن متعلق هن تحرير مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. ”الله تعاليٰ حضرت محمد ڪريمﷺ جي صدقي هي ملڪ جو سنڌ جي زميندارن جو آهي. اسان کي ڏنو آهي. اسان طرفان آبادگارن ۽ زميندارن کي جو ڪجهہ مقرر ڪري ڏنو ويو آهي ۽ ان جي معمول ۽ رعايتن ۾فرق نہ اچڻ کپي. الله تعاليٰ اسان هيٺن کي هي ملڪ ڏنو آهي. ان ريت زميندارن ۽ آبادگارن کي اسان جو حق ڏنو آهي. انهن کان نہ کسجو نہ تہ اهي پٽيندا.“ ان کان علاوه هنن ۾ اها بہ خوبي هئي تہ، هو واهن جي کاٽي ۽ صفائي تي ڳريون رقمون خرچ ڪندا هئا. سنڌو درياهہ پاڻ سان گڏ لٽ جو وڏو مقدار آڻي ٿو ۽

ان مان نڪتل ڏنگا ۽ ڦڏا واهہ ۽ واهڙ هر سال باقاعدي صفائي گهرندا هئا. ان لاءِ تہ پاڻي جي وهڪ ڪي سدائين وهندو رکڻ ضروري هو. وڏن واهن جي صفائي حڪومت ڪرائيندي هئي، پر ڪجهہ حصو هاري کي بہ ڏيڻو پوندو هو. جنهن کي ”شراڪتي“ طريقو سڏيو ويندو هو. حڪومت ننڍن واهن جي ڪاڻي ۽ ان جو الائونس ڪي خاصا مقرر ڪندي هئي ۽ اَنَ جي مقرر خرارن تي سرڪار پنهنجو حصو پري وٺندي هئي. جنهن کي ”مخادمي“ طريقو سڏيو ويندوهو. ٻين حالتن ۾ هاري کي ڪڙيو ياڪسي پاڻ کي صاف ڪرائڻي پوندي هئي، جنهن جو خرچ وغيره هو پاڻ ڀريندو هو. ان ڪان علاوه سڃي علائقي جي واهن جي صفائي ۽ ڪاڻي ڪٽڻ لاءِ هڪ اهو بہ طريقو ايجاد ڪيوڪيو ويو تہ هاري ناري، ڪمي ڪاسبي ۽ مزور مڙي کي صفائي لاءِ گهرايو ويندو هو ۽ مزوري طور انهن کي ماني ڪارائي ويندي هئي، جنهن کي ”بيگر“ طريقو سڏيو ويندو هو. جو اڄ بہ رونبي، لاب لائي، صفائي ڪاڻي وغيره لاءِ سنڌ ۾ مروج آهي. ان تي سنڌي ۾ هڪ اڏ چوئي بہ جڙي آهي، جيئن، ”بيڪار ڪان بيگار ڀلي“. ”واندي ڪان وارتا ڀلي“ وغيره. ڪلهوڙن نهري نظام کي صحيح رخ ڏيڻ ڪانپوءِ زراعت جي سڌاري لاءِ بہ قدم وڌايا. جيئن تہ مغلن سنڌ طرف ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو. آخري مغليہ عهد 1707ع ڪان پوءِ حالتون اجان بہ خطرناڪ ٿينديون ويون. سنڌي ماڻهو نڌڻڪو آبپاشي نظام ختم، زراعت وڻج واپار برباد ۽ سڄو انتظام مفلوج، سڀ مرڪزي شهر پڻ زوال پذير، ملڪ جا سيئي قلعا وسنديون واهڻ، مال ملڪيتون مطلب تہ سڄو ارڪو ترڪو ڌارين جي قبضي ۾ اچي ويو. ارغون ترخان ۽ مغل جيئن سنڌ ۾ آيا هتان جو سڄو ثقافتي ۽ معاشرتي ڍانچو ئي تبديل ٿي ويو. مغلن هندستان کي ٺاهيو. سنڌ کي ڇڏي ٻين هنڌن تي سندن دؤر ۾ خوبصورت مضبوط ۽ اهميت جوڳا يادگارتعميرڪيا. جي اڄ بہ پوري آب و تاب سان موجود آهن. آگرو، دهلي، ڪشمير، پنجاب ۾ شالامار، لال قلعو، بادشاهي مسجد، تاج محل ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ تعمير ڪيو. پر سنڌ کي ان لائق نہ سمجهيو ويو. سنڌ ۾ رهائش جا پاڙا ڏسبا. تڏهن بہ مغلن جا پاڙا الڳ ٿلڳ نظر ايندا. ان لاءِ ٺٽي جو مثال ڏيڻ بهتر ٿيندو. سکر وارو معصوم شاهہ جو منارو مير معصوم شاهہ بکري پنهنجي خرچ سان جوڙايو. ٺٽي جي بادشاهي مسجد هتان جي مقامي حاڪم مير ابوالبقا امير خان جي

ڪوشش سان جڙي. راشدي صاحب جي بقول: هن مسجد جي تعمير ۾ نہ تہ مرڪز جو ڪو پئسو پائي خرچ ٿيو ۽ نہ وري بادشاهي مسجد جي نهڻ لاءِ حڪم جاري ڪياويا هئا. ڊاڪٽر سورلي جي بقول تہ مغل ڪارندا سنڌ ۾ ڪيڏا بہ قهر ڪندا هئا، پر ڪين پڇا ڳاڇا ڪان اجو رڪيو ويو. پنجاب ۾ بهترين آبپاشي نظام ڪم ڪندو هو. پر سنڌ جون نهرون ۽ واهہ سڀ جا سڀ بيڪار بڻجي ويا.

هن دؤر ۾ سياسي بي آرامي سنڌ جي اقتصادي سرگرمين کي ختم ڪري ڇڏيو هو. بدامني انتها تي پهچي چڪي هئي. زراعت نہ هئڻ جي برابر آبپاشي نظام درهم برهم هن دؤر ۾ ان ڪري بہ زرعي نظام تباهہ ٿيو جو هنن کي ان باري ۾ ڪا واقفيت نہ هئي. ۽ ٻيو تہ قبضي ڪيل زمين جنهن کي هو ”قطعات“ ۽ ”قطعيہ“ جي نالي سان سڏيندا هئا، جيڪي زمينون پنهنجن ماڻهن يا ڪارندن کي سندن خدمت جي عيوض ڏنيون ويندڙيون هيون. جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿي، تڏهن اقتصادي سرگرمين جا سڀ پاسا ختم ٿيل ان لاءِ ڪلهوڙن کي انهن سرگرمين کي بحال ڪرڻ لاءِ هر طرح نوان ۽ نوس جتن ڪرڻا پيا. جيئن تہ ڪلهوڙا شروع کان ئي آبادگار ۽ زميندار هئا. اجان حڪومت ۾ بہ نہ آيا هئا تہ لاڙڪاڻي ۾ گهاڙ واهہ کوٽائي هن علائقي کي آباد ڪيائون. گهڻا واهہ ۽ ڪئنال کڍرائي سنڌ جي زراعت کي پاڻ پيرو ڪيائون.

هن دؤر ۾ عام ڪري بہ فصل ٿيندا هئا. هڪ خريف (سانوڻي) ۽ ٻيو ربيع (سيارو). ڇبلاڻي جي بقول، ٻنهي فصلن مان خريف وڏيڪ اهميت رکندو هو. ڇو تہ ان کي پاڻيءَ جي پهچ يقيني هوندي هئي. انهيءَ فصل جي پيداوار بہ وڏيڪ هوندي هئي. ربيع جو دارومدار وري درياهہ جي ڪنڌين وارين زمينن کان سواءِ آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ واهن جي پاڻيءَ جي اڻ يقيني پهچي تي هوندو هو. ان ڪري هي فصل پيداوار ۽ ملهہ جي لحاظ کان گهٽ اهميت رکندڙ هو. ان کان علاوه ڪٽي ڪٽي ٽيون بہ فصل ڪيو ويندو هو جنهن کي ”اڏائون“ چيو ويندو هو. جنهن ۾ موسمي فصلن کان ان اڏ جيترو مشڪل سان ملندو هو. هن ۾ جوئر، مڪئي، ڪرنگهہ ۽ ٻيا اهڙي قسم جا فصل پوکيا ويندا هئا، جيڪي پڇڻ کان اڳ مال جي کاڌي طور ڪم ايندا هئا. خريف سانوڻي هي فصل پوري سنڌ ۾ ڪيو ويندوهو. هن

فصل ۾ ذڪر سنڌ ۾ چانور جوئر ٻاجهر ۽ اتر سنڌ ۾ هنن پوکن سان گڏ تر بہ پوکيا ويندا هئا. پاٽي گهٽو ۽ دائمي هجڻ جي حالت ۾ ڪپهہ ۽ ڪمند بہ ٿيندو هو. ٻيا فصل جيڪي خريف ۾ ٿيندا هئا، تن ۾ چانور، مڱ بہ اچي وڃن ٿا. ٿوري مقدار ۾ تماڪ بہ خريف ۾ ٿيندو هو. ٻيو مکيہ فصل ربيع ۾ ٿيندو هو. هن جي پوکي جا ٽي طريقا هئا. دائمي وهندڙ واهہ، چرخي (کوهن) نارن وسيلي ۽ بوسي طريقي سان بہ پوک ڪرڻ ۾ ايندي هئي. ربيع ۾ ڪڻڪ، جَوَ نير، سرنهن، چڻا مٽر پوکي هيٺ ايندا هئا. ٿوري مقدار ۾ ڀنگ ۽ ڏوڏي بہ پوکبي هئي. ان ڪان علاوه هيرڻ جي پوک بہ ٿيندي هئي.

بوسي طريقو اتر ۽ وچ سنڌ ۾ رائج هو. البت لاڙ ۾ هي طريقو رائج نہ هو. هنن پوکن ۾ ڪپهہ ۽ نير اهم تجارتي فصل هئا. ڪپهہ جو فصل وچ ۽ هيٺين سنڌ ۾ ٿيندو هو. جڏهن تہ نير زمين جي نوعيت ۽ آبهوا جي موافقت سان ٿيندو هو. ان ڪان علاوه هٿ پيدا ٿيندڙ ميون ۽ ڀاڄين جو ذڪر ڪرڻ نامناسب نہ ٿيندو. ٺٽو سيوهڻ، روهڙي، شڪارپور، نصرپور ۽ حيدرآباد باغن جي ڪثرت سبب اهميت رکندڙ هئا. جتي انب، ٻير، توت، ڊاک، ليمون، نارنگي، گدامڙي، جمون، پستا، هنداڻا، گدرو، بادام ۽ ڪيلو آل جال ٿيندو هو. ڀاڄين جي لحاظ ڪان سنڌ هميشہ پوئتي رهي آهي. تڏهن بہ چڻوسرنهن، توريو ونگو گجر، گوگڙو مٽر، پٽاٽو بصر، پالڪ، موري، ٿوم، ڪدو ۽ ٻين جو ذڪرملي ٿو. ڊاڪٽر ڇبلاڻي جي بقول، سنڌ جو زرعي عروج ابتدائي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڏٺو ويو. غلام شاهہ ڪان پوءِ گهرو لڙاين ۽ بيروني حملن هن سنڌ جي شاندار زرعي وهنوار کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. بهرحال ايتروچئي سگهبو تہ ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌ هر طرح خوشحال ۽ شاداب هئي. حڪمرانن پنهنجون اعليٰ صلاحيتون ڪتب آڻيندي هن جنت الارضي سنڌ کي هر طرح سان مضبوط ۽ طاقتور بڻايو. تڏهن تہ کيس جنت السنڌ سڏيو ويو آهي.

حوالا:

2. صديقي، محمد ادريس، ”سنڌ ماٿر جي سڀيتا“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1979ع-ص. 5 ڄامشورو.
3. سنڌ جي تاريخ (مؤرخن جي زباني) مترجم ڀنيرو عطا محمد، نيشنل بڪ فائونڊيشن 2000ع، صد. 337

4. چيتن لال ماڙيوال "قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ" روشني پبليڪيشن حيدرآباد 2004ع، ص.9
5. صديقي، محمد ادريس "سنڌو ماٿر جي سڀيتا" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد1979ع، ص.194
6. قدوسي، اعجاز الحق "تاريخ سنڌ" جلد ٻيو، ص.432
7. ايڇ. ٽي-سورلي "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" ص،129 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992ع
8. ايڇ. ٽي-سورلي "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ"سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992ع
9. "تذڪره امير خاني" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ سال 1961ع، ص. 285-288
10. ڇٻلاڻي ڊاڪٽر، سنڌ جي اقتصادي تاريخ، سنڌي ادب بورڊ ڄامشورو سنڌ.
11. لاکو غلام محمد "ڪلهوڙا حڪومت" انجمن اتحاد عباسيه پاڪستان-سال 2004ع
12. ڇٻلاڻي، ڊاڪٽر، سنڌ جي اقصادي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، حيدرآباد سنڌ-ص. 45-46

مددي ڪتاب:

1. "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو" گل محمد گاد. ميونسپل ايمپلائيز يونين لاڙڪاڻو.
2. "لاڙڪاڻو صدين ڪان" مرتب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد هسٽاريڪل سوسائٽي لاڙڪاڻو

ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌي ادب جي اوسر

پروفيسر موهن لعل ”پريمي“

ڪلهوڙن جو دؤر (1782ع-1719ع) سنڌي بولي ۽ ادب جو سونهري دؤر ليکيو وڃي ٿو. هن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ علمي ۽ ادبي زبان جو درجو حاصل ڪيو. ڪلهوڙا حڪمرن عالمن جي قدرداني ۽ سرپرستي ڪرڻ ۾ اڳڀرا هوندا هئا. مولانا غلام رسول مهر لکي ٿو تہ: ”ڪلهوڙن تقريباً سڀني علمي صنفن جي سرپرستي ڪئي ۽ انهن منجهان ڪيترائي علم و فضل جا صاحب هئا، ڪيترن تہ مختلف علمن ۾ امتيازي حيثيت ماڻي هئي.“(1) ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪيتريون ئي نيون ادبي صنفون وجود ۾ آيون ۽ سنڌي علم و ادب ۾ اضافي جو باعث ٿيون. پروفيسر لطف الله بدوي اظهار خيال ڪندي لکي ٿو تہ: ”ڪلهوڙن جي دؤر ۾ گيتن ڪان سواءِ وائيءَ گهڻي ترقي ڪئي. مداح، مولود، معجزو،داستان ۽ واقعات ٻي سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ٿيا. ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. مذهبي عقيدن، فقہ ۽ تصوف تي رسالا تصنيف ٿيندا رهيا.“(2)

ڪئپٽن هملٽن (جيڪو 1699ع ۾ ٺٽي آيو هو) جي بيان سان بہ هن دؤر جي سنڌ جي علمي ۽ ادبي حالت واضح ٿئي ٿي. هو لکي ٿو تہ: ”شهر ٺٽو دينيات، لسانيات ۽ سياسيات جي تدريس ۽ تعليم جي سلسلي ۾ خاص شهرت رکي ٿو. هتي چار سئو ڪاليج (3) آهن، جتي شاگردن کي انهن علمن جي تعليم ڏني وڃي ٿي.“(4)

هن زماني ۾ ڪيترن ئي علائقن ۾ علمي درسگاهون موجود هيون. اڪثر درسگاهن کي حڪومت طرفان مالي مدد پڻ ملندي هئي. هن دؤر ۾ مذهبي تعليم تي خاص توجهہ ڏنو ويو. ڪلهوڙن جي علم دوستي ۽ قدردانيءَ جي ڪري سنڌ جي ادبي محفل پنهنجو هڪ خاص رنگ ڄمايو. رحيمداد خان مولائي شيدائي لکي ٿو تہ: ”سنڌي شاعرن جي بزلہ سنجين ۽ جادو ڪلامين جي ڪري سنڌ جي ادبي محفل اهڙي رونق ورتي، جو موجوده ترقيءَ جو دؤر شاندار ماضيءَ جي ان زرين عهد اڳيان ڦڪو پيو لڳي. اهو

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو زمانو هو جڏهن شعراءِ ڪرام سنڌي زبان کي حيات جاويد جو جامو پهرايو.“(5)

ميان نور محمد جو ڪتب خانو

ميان نور محمد اهل علم جو قدردان هو. نادر شاهہ جي حملي کان اڳ ميان نور محمدوٽ هڪ وڏو ڪتب خانو موجود هو جنهن کي پڻ نادرشاهہ ۽ٔي ساز و سامان سان گڏ لٽيو ۽ هتان ڪڻائي ويو. بقول مولانا غلام رسول مهر.

”ميان صاحب جي وصيت نامي ۾ هن ڪتب خاني جي ڪسجي وڃڻ جو ماتم بہ هڪ جاءِ تي ڪيل آهي.“(6) مولانا غلام رسول مهر وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”ڪلهوڙا پنهنجي دؤر حڪومت ۾ علم،ادب ۽ شعر جي سرپرستي ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ پٺتي نہ رهيا.“(7)

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ بہ وڏا تصوف جا مرڪز:

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ تصوف جا بہ وڏا مرڪز موجود هئا، جن پوءِ تحريڪن جي صورت اختيار ڪئي ۽ صوفياءِ ڪرام جا بہ وڏا مرڪز بڻيا.

(الف) درازا (ضلعو خيرپور)

هن مرڪز جو باني سنڌ جي منصور ثاني حضرت سچل سرمت رحہ جو ڏاڏو ميان صاحبڏنو فاروقي رحہ هيو. هتان ”همہ اوست“ ۽ ”وحدت الوجودي“ فلسفي جي تعليم ۽ تبليغ عروج تي پهتي، جنهن سنڌ اندر تصوف جي صورت ئي بدلائي ڇڏي. جڏهن حضرت سچل سرمست رحہ وحدت الوجود جو پرچار کليل لفظن ۾ ڪيو تہ پوءِ ٻيا صوفي بزرگ ۽ شاعر بہ انهيءَ راهہ جا پانڌيئڙا ٿيا.

(ب) ڪنڊڙي (ضلعو سکر)

هن مرڪز جو بانيڪار روحل فقير هو. هتان اسلامي تصوف ۽ ويدانت کي گڏي هڪ تحريڪ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو انهن ٻنهي مرڪزن بقول پروفيسر لطف الله بدوي: ”هن افراتفريءَ واري دؤر ۾ انسان ذات کي امن بخشيو ۽ مذهبي اختلافن کي وساري انسان ذات کي امن ۽ سلامتيءَ جو پيغام ڏنو.“(8)

لسٻيلي جا شاعر:

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ لسٻيلو هڪ جدا رياست هئي ۽ انهيءَ جو باني‌ڪار مير ڄام مير خان (اول) هو. هتان جا ٻه شيخ پيءُ ۽ پٽ مشهور شاعر ٿي گذريا آهن. هڪ شيخ حمر ۽ ٻيو سندس فرزند شيخ ابراهيم، ”اٿل“ شهر ۾ شيخ حمر جو مدرسو هو. ان ڪان سواءِ ”اٿل“ جو سيد ڪبير شاهه به ناليوارو شاعر ۽ شيخ ابراهيم جو همعصر هو. لسٻيلي جي ٻولي به سنڌي ٻوليءَ جوئي هڪ لهجو آهي. شيخ حمر جي بيتن ۾ سونهن، سينگار ۽ حقيقي عشق جو بيان آهي. شيخ ابراهيم هر فن مولا شاعر هو. هن ڏوهيڙن ۽ قصيدن جي فن ۾ لوڪ ادب ۾ جوهر ڏيکاريا آهن. ڪبيرشاهه به بلند پايه شاعر هو.

ڪجهه ٻيا شاعر

ڪلهوڙن جي دؤر جي ڪجهه اهڙن شاعرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا جن جو ذڪر سرسري طور تي ملي ٿو:

1. ڄام: شاهه عنايت رضوي رحه جو مريد هو.
2. شاهه شريف: شاهه عنايت رضوي رحه جو فرزند هو.
3. بنگو گوپانگ: خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جومريد هو. درٻيلي لڳ ڳوٺ ”وايون“ جو وينل هو.
4. سيدفقير محمد شاهه: نصرپور جو وينل هو.
5. عنايت ڏيرو: شاهه لطيف رحه جو صحبتي هو.
6. خليفو تماچي فقير: شاهه لطيف رحه جو مريد ۽ خاص خليفو هو.
7. تمر فقير: شاهه سائين رحه جي پيارن مريدن مان هو.
8. صالح فقير گوهري: شاهه سائين رحه جو طالب فقير هو. سندس ڳوٺ جو نالو گوهر هو.
9. عارف ڪلهوڙو: آخري ڪلهوڙي حڪمران ميان عبدالنبيءَ جو فرزند هو.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌي شاعريءَ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪيون ۽ عروضي شاعريءَ جو رواج وڌيو. هن دؤر ۾ سنڌيءَ جا اهم نمائنده شاعر پيدا ٿيا. شاعريءَ جي صنفن ۾ گهاڙيٽن ۾ تبديليون آيون. هن دؤر ۾: ”مخدوم عبدالرحيم ڀٽي جا ڪجهه مولود اسان کي عروض جي پابنديءَ ۾ لکيل ملن

ٿا. سندس شمار هالا جي مخدومن ۾ ٿيندو هو. هن بزرگ جي وفات 1752ع ۾ ٿي. مولود مان مراد نعتيہ شاعري آهي ۽ مخدوم عبدالرحيم پٺي هن صنف جو پهريون موجد هو.“ (9) هن دؤر جي اهم شاعرن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ، ميان صاحبڏنو فاورقي، سلطان الاوليا خواجہ محمد زمان لواريءَ وارو، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ روحل فقير جا نالا خاص طور تي قابل ذڪر آهن.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٻيون بہ اهڙيون صنفون آهن جن جو مختصر ذڪر هيٺ پيش ڪجي ٿو.

1. بيت: ڪلهوڙن جي دؤر کان اڳ سنڌي بيت ”هندي دوهي“ وانگر فقط ”دوبيتي“ تائين محدود هو. پر هن دؤر ۾ بيت جي مصرعن ۾ اضافو ٿيو ۽ هي اضافو ڪڏهن ڪڏهن تہ ست مصرعن تائين بہ پهچي ويو. ان ڪري بيت ۾ مضمون کي تفصيلي بيان ڪرڻ جي گنجائش پيدا ٿي وئي. بيت بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ: ”ڪلهوڙا دؤر ۾ بيت ترقي ڪري عروج تي رسيو ۽ فڪري لحاظ کان گهرن جذبن ۽ انساني زندگيءَ جي اعليٰ مقصدن جي تشريح و توضيح جو ذريعو بڻيو. حُسن و عشق ۽ فراق و وصال جي رنگين، دلڪش، دلچسپ ۽ پراثر حڪايتن جي بيان ۽ قلبي واردات جي اظهار جو وسيلو بہ ٿيو. فني لحاظ کان انهيءَ ۾ اجا بہ پختگي آئي ۽ مصرعن ۾ واڌارو ٿيو. شاهہ عنايت رضوي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سنڌي بيت کي سنواري سينگاري نزاڪت ۽ لطافت پيداڪئي، جنهن سان بيت وڏيڪ اثرائتو ٿعي ويو.“ (10) انهن کان سواءِ مخدوم سليمان پيرو ڪتي، خواجہ محمد زمان، سيد محمد بقا، روحل فقير، صاحبڏنو فاروقي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، جلال ڪتي، صابر موچي، سيد فاضل شاهہ، ميون عيسيٰ ۽ مراد فقير وغيره هن دؤر جا بيت جا اهم ۽ نمائنده شاعر آهن.

2. وائي ڪافي: وائي هن دؤر جي مقبول ترين صنف آهي. پروفيسر لطف الله بدوي لکي ٿو تہ: ”هن دؤر ۾ هڪ ٻي صنف ايجاد ٿي، جنهن کي ”وائي“ جو نالو ڏنو ويو. وائيءَ جي معنيٰ آهي نرالي ڳالهہ. هن جي ترتيب هندي ڀڄن وانگر آهي ۽ مضمون جي لحاظ کان غزل جي تمام ويجهو

آهي.“(11) شاهہ عنايت رضوي ۽ شاهہ لطيف جون وايون تمام مشهور آهن. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ: ”ڪافي بہ قديم زماني کان سنڌ ۾ رائج آهي. سمن جي شڪست ۽ ارغونن جي فتح کان پوءِ ”پاٽ“ جا ڪي بزرگ لڏي وڃي هندستان جي شهر برهانپور ۾ وڃي ويٺا. انهن جي محفلن ۾ شيخ لاڏ جيو ڪافي ڳائي پنهنجن ڳوناٽن کي وندرائيندو هو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ ڪافيءَ جو رواج پراڻو آهي، پر قديم دؤر ۾ ڪافيءَ جا ڪي بہ نمونا ڪونہ ٿا ملن.“(12) درحقيقت ڪافيءَ جي صنف پهريون پيرو ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ملي ٿي. شاهہ لطيف، ميان صاحبڏني فاروقي ۽ روحل فقير جي ڪلام ۾ ڪافيون موجود آهن. هن دؤر جي وائي ۽ ڪافيءَ جي سٽا ۾ تقابلي مطالعي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي. هن دؤر ۾ جلال کتي ۽ خليل لاشاريءَ (سرائيڪي ۾) جون ڪافيون بہ ملن ٿيون.

3. مرثيو: هن دؤر جي مشهور، معروف ۽ عظيم شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ”ڪربلا جي قضيي ”ڪيڏارو“ ۾ ڪافي بيت چيا آهن، تنهن ڪري سندس اهڙي شعر کي ”مرثيو“ چئي سگهجي ٿو.

4. نعتيہ ۽ مدحيہ شاعري: ڪلهوڙن جي دؤر ۾ نعتيہ ۽ مدحيہ شاعري مولود، مدح، مناجات ۽ معجزي جهڙين صنفن جي صورت ۾ نظر اچي ٿي. هنن کان علاوه ڪي ٻيون بہ صنفون هن در ۾ ملن ٿيون.

(الف) مولود:

مولود ۾ نبي ڪريم ﷺ جي ولادت باسعادت جي مناسبت سان خوشيءَ جوا ظهار ڪيل هوندو آهي. اها درحقيقت نعتيہ شاعري آهي. شاهہ عنايت رضوي پهريون شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ اهڙو اظهار ملي ٿو. شاهہ لطيف جي رسالي ۾ بہ نعتيہ شعر موجود آهي. ان کان سواءِ مخدوم عبدالرحيم ڀٽيءَ جا مولود بہ مشهور آهن. مثال:

محمد ﷺ ڏسي من ٺاريان، جنهن لءِ اڪنڊيو آهيان،
سيد ڏسي سک لاهيان، جنهن لءِ اڪنڊيو آهيان.

(ب) مدح:

مدحيه شاعريءَ ۾ نبي صه سائينءَ ۽ ٻين بزرگ سڳورن جي صفتن جو بيان هوندو آهي، جمن چارڻ ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙو هن دؤر جا با ڪمال شاعر آهن. مدح جا مثال:

نام خدا يا مصطفيٰ! يا پير پيران بادشاهه! (ٿل)
تو هئون مڱا صحت و شفا،
صحت و شفا، شرم و حيا،
تنهنجي مريدن سان وفا،
تنهنجي مڱئي سڀ ڪنهن نفعا،
يا پير پيران بادشاهه!

*

بسم الله، لڳ الله، محمد شاهه، ڪر پناهه پرين تون
منجهه درگاهه ڪيم آهه، مٿي راه، رسين تون
ڀلا ڄام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون،
مان جاهل ۽ ڪاهل، آهيان ڪچو ڪمينو
نه مون حال، نه مون قال، ڀلا ڀال، ڪرين تون
ڀلا ڄام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون

(ت) مناجات: مناجات ۾ شاعر الله جي بارگاهه ۾ پنهنجو عرض پيش ڪندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوال حضرت محمدﷺ يا ٻين بزرگن جي خدمت ۾ به عرض رکبو آهي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڀهرين مناجات مخدوم عبدالله عرف ميان موريي (وفات 1763ع) جي ملي آهي. ان کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي شاعرن مناجاتون چيون آهن. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سچا سيد مرسلان عالم جا امام
واڪاٽيل واحد جا اگهيا درعلامِ
اُپن پوينِ پڌرا، خاصا خيرأنام
راهوسڀ روشن ڪيون نرمل انهن جي نام
لڳس اَهنجي لام، فرياد رس يا مصطفيٰ
(ميان موريو)

(ث) معجزو:

هن دؤر جي شاعرن نبي ڪيم ﷺ جن جا معجزا شاعريءَ ۾ بيان ڪيا آهن. سڀ کان پهرين مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا چيل معجزا ملن ٿا جيڪي سندس ڪتاب ”قوت العاشقين ۾ ڏنل آهن.

(ج) غزل:

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ غزل جا آثار بہ مليا آحن. هن دؤر ۾ نور محمد خستہ، مرزا تقي، حافظ عالي ۽ ميان چتن جي ڪلام ۾ غزل جا نمونا ملن ٿا.

(ح) عوامي شاعري:

ڊاڪٽر وفا راشد لکي ٿو تہ: ”عوامي شاعري بہ هن دؤر جي پيداوا آهي. طالب، حبيب، شاهہ حسين، هلال، مڱيل، سيد محمدو قطب جوڻيجو بلاول، شريف، اڪسير، ٻيڙو لکمير، ڪٽي، لطف الله ۽ قاسم نالي عوامي شاعرن ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ رهندڙ ماڻهن جي دلين کي پنهنجي سريلي ٻولن ۽ روح کي متاثر ڪندڙ لطيف گيتن سان موهي وڌو.“(13)

عجيب ۽ عوامي شخصيت وتايو فقير بہ انهيءَ دؤر سان تعلق رکي ٿو. سندس دلچسپ، عجيب ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون اڄ بہ عوام جي دلين تي اُڪريل آهن. هي عجيب انسان شاهہ سائينءَ جو همعصر هو.

مذهبي شاعري:

هن دؤر ۾ سنڌ جي مڪتبن ۾ ديني تعليم سنڌي زبان ۾ ڏني ويندي هئي. ان ڪري ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا ويا. جيئن تہ انهيءَ زماني ۾ سنڌي نثر لکڻ جو رواج گهٽ هو. تنهن ڪري سڀ ڪتاب ”الف اشباع“ (14) جي قافيي سان نظم ۾ لکيا ويا، جن کي ”ڪبت“ جو هڪ قسم چئي سگهجي ٿو. انهن ڪتابن کي سنڌيون سڏيو ويو. انهن ۾ مذهبي مسئلا بيان ڪيل آهن. هن قسم جي شاعري ڪندڙ عالمن ۾ هيٺيان نالا ۽ ڪتاب قابل ذڪر آهن.

(1) مخدوم ضياءُالدين ٺٽوي (1171_1091هہ): ضياءُالدين جي سنڌي: هن ڪتاب ۾ وضو ۽ نماز جا مسئلا ۽ دين سان واسطو رکندڙ ٻيون ڳالهيون سمجهايل آهن. هي مقصديت وارو ڪتاب آهي. ٻولي عام رواجي ڪتب

آندي آهي. نظم جي سٽا ۾ پختگي نہ آهي. فني سٽاءُ ۾ مخدوم ابوالحسن سنڌيءَ جهڙي آهي.

(2) مخدوم محمد شريف راٽيپوري: محمد شريف جي سنڌي يا ملڪي سنڌي (سال: 1160هہ)

(3) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (1174هہ- 1104هہ): فرائض الاسلام- راحت المومنين- زادالفقير- تفسير پاره تبارڪ- تفسير پاره عم- قوت العاشقين. فني سٽا جي لحاظ کان "فرائض الاسلام" جو نظم سادو "قوت العاشقين" جو رنگين ۽ دلڪش آهي. "فرائض الاسلام" کان "زاد الفقير" جو نظم وڌيڪ پختو ۽ ميناج وارو آهي. هن ۾ صحيح قافيي سان ڏگها بيت (ڪبتون) ڏنل آهن. هن ڪتاب جي بيتن ۾ صنعتن جو استعمال پڻ ٿيل آهي.

(4) مولوي علي اڪبر: الاموال و سجل الاموال (سال: 1162هہ)

(5) مخدوم عبدالله ٺٽوي: ڪنزالعبرت (1175هہ) قصص الانبياءَ- خزانۃ الاسرار- تنبيهہ الغافلين- خزانۃ الاعظم- خزانۃ الروايات وغيره.

(6) مولانا احمد: ترجمو روضۃ الاشهداءَ (1172هہ)

(7) مخدوم عبدالخالق ٺٽوي: مطلوب المومنين (1175هہ)

(8)مخدوم محمد ابراهيم پٽي هالہ ڪنڊي: محمد ابراهيم جي سنڌي(1177هہ)

(9) مولوي عبدالسلام: شمائل نبوي (1097هہ)

(10) مولانا محمد حسين: ترجمو قصص الانبياءَ- سيربستان (1177هہ)

(11) مخدوم ابو الحسن ٺٽوي (ولادت:1661ع): مقدمتہ الصلوات (ابو الحسن جي سنڌي): هن ڪتاب ۾ نماز جا مسئلا سمجهايل آهن. هن ضخيم ڪتاب جي سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت آهي. ڇاڪاڻ تہ هي پهريون مڪمل منظوم ڪتاب آهي. فني سٽاءَ جي لحاظ کان هن ۾ "الف-اشباع" جي ڏگهن بيتن کان سواءِ صحيح قافيي وارا ڏگها بيت (ڪبت) ۽ ٻن مصرعن وارا دوها بہ شامل آهن.

(12) قاضي عبدالڪريم: سوره ياسين جو ترجمو ۽ تفسير ۽ دعائن جو ڪتاب.

(13) مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (1778-1739): قرآن ڪريم جي ڪجهہ سورتن جو ترجمو ۽ تفسير لکيائين.

(14)مخدوم غلام محمد بگائي: مداحون، مناجاتون، معجزا، مناقبا، مخدوم عبدالرحمان کهڙائيءَ جي شهادت تي مرثيہ نما نظم ۽ قصيده برده شريف جي شرح لکيائين.
(15)ميون عيسيٰ: ميون عيسيٰ جي سنڌي: هن ڪتاب ۾ معرفت جو راز سمجهايل آهي. مٿين سڀني ڪتابن جو موضوع اسلامي عقيدا، اسلامي مضمون، فقهي ۽ ديني مسئلا آهن. اِهي اُهي ڪتاب هئا، جيڪي درس و تدريس سان گڏ سماجي اصلاح ۽ علم و فن جي فروغ ۾ تمام گهڻو ڪم آيا. هي بزرگ اندرين سنڌ جا رهندڙ ۽ ڪلهوڙا دؤر سان واسطو رکندڙ هئا. انهن بزرگن جي ڪري سنڌي ادب کي بي بها ڪتاب مليا. انهن سنڌي صورتخطي ۽ رسم الخط جو بنياد وڌو ۽ خالص سنڌي اکرن کي عربي آوازن سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي.

زبان ۽ حب الوطني:

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌي زبان تمام گهڻي ترقي ڪئي. درس و تدريس لاءِ سنڌي ڪتاب لکيا ويا تہ جيئن شاگرد ديني علم کي عربي ۽ فارسي زبانن بدران پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ پڙهي سولائيءَ سان سمجهي سگهن. هن زماني ۾ سنڌي زبان مدرسن ۽ مڪتبن ۾ داخل ٿي. فارسي، عربي ۽ هندي اکرن کي ملائي سنڌي لپيءَ جو بنياد رکيو ويو جنهن جي سادي صورت ترمپ جي گرامر ۾ موجود آهي.(15)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ عربي ۽ فارسي لفظن جي گهڻي استعمال بدران سنڌي ٻوليءَ جو جهول نيٺ سنڌي لفظن سان ڀريو. ان ڪانپوءِ ٻين شاعرن بہ ساڳي روش اختيار ڪئي. اهو ئي سبب آهي تہ هن شاعريءَ ۾ نہ سَرو جو ذڪر آهي تہ نہ صنوبر جو، نہ گلاب جو ذڪر آهي تہ نہ ڪنهن ٻئي اجنبي گل جو نہ بلبل جو ذڪر آهي ۽ نہ ئي طائوس جو پر انهن جي جاءِ تي پنهنجي وطني وڻن ٻَبُر ۽ نم، ڏُٿ ۽ سگري، گول ۽ گگر (ٿر جا گل)، ڪانءُ ۽ تاڙي (برسات جو پکي) جو ذڪر ٿيل آهي. ڊاڪٽر وفا راشد لکي ٿو تہ: ”هن دؤر ۾ اسلامي تصوف سان گڏوگڏ هندو ويدانت، حب الوطنيءَ جو جذبو ۽ عارفانہ مضمون شعر ۾ شامل ٿيا.“(16)

سنڌي شاعريءَ مان اسان کي حب الوطنيءَ جو هڪ نرالو ۽ منفرد جذبو حاصل ٿئي ٿو. انهيءَ جون تلميحون وطني آهن. مضمون ماحول مطابق آهن، جتي تصوف جو ذڪر اچي ٿو ته اهو به حب الوطنيءَ کان خالي نه آهي.

سنڌي صورتخطي ۽ نثر جو پهريون ڪتاب:

سنڌيءَ ۾ پهريون لکيل ڪتاب مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ جو نظم ۾ لکيل اسلامي رسالو "مقدمه الصلوات" هو جيڪو 1700ع ۾ نڪتو. هي رسالو مخدوم ابوالحسن جي ٺاهيل الف-بي ۾ هو. ان کان پوءِ 18 صديءَ جا پنجاهه کن لٿو ۾ ڇپيل سنڌي نثر جا ڪتاب، جيڪي عربي ۽ فارسيءَ مان ترجمو ٿيل آهن. هٿ آيا آهن. اهي به مخدوم ابو الحسن جي جوڙيل 28 اکرن واري عربي "آئيوٽا" ۾ آهن. هن دؤر ۾ ٺيٺ سنڌي آوازن لاءِ نيون صورتون به مقرر ٿيون. مڪمل سنڌي ڪتابن لکڻ جو رواج به هن دؤر ۾ پيو. ڪيترن ئي عالمن مذهبي ڪتاب طويل نظم جي صورت ۾ لکيا، جن کي سندن نالن پنيان "سنڌيون" ڪوٺيو ويو. اهڙن ڪتابن کي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گُربخشاڻيءَ قافيه دار نثر جا ڪتاب سڏيو آهي. يعني انهن جا نثري جملا قافين تي ٻڌل آهن. محمد صديق ميمڻ پنهنجي ادبي تاريخ ۾ انهن کي نظم جا ڪتاب ڪري لکيو آهي. جڏهن ته منگھارام ملڪاڻيءَ جي نظر ۾ "اهي ڪتاب گهٽي ڀاڱي هڪ جهوني ۽ اڻ سڌريل نظمي نموني ۾ لکيل آهي، جنهن ڪري بحر وزن جي ڪسوٽيءَ تي لڳڻ سان ڪري ٿا پَوَن، تنهنڪري انهن کي نثر ۾ نظم جوميل جوڙ شمار ڪرڻ گهرجي." (17)

بهرحال 18 صدي ءَ جي وچ ڌاران پهريون سنڌي نثر جو ڪتاب لکيو ويو، جيڪو آخوند عزيز الله جو لکيل قرآن شريف جو ترجمو هو. (1746ع) آهي. ان کان سواءِ 18 صديءَ جي آخر ۾ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جا نثر ۾ لکيل ست گفتا پڻ مليا آهن، جيڪي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوپوٽي پنهنجي مقالي "قديم سنڌي نثر" (1934ع) ۾ ڏنا آهن.

حوالا ۽ حاشيه:

(1) مولانا غلم رسول مهر، تاريخ سنڌ جلد ڇهون، عهد ڪلهوڙا حصو ٻيو(ادو)، ص-978
(2) پروفيسر لطف الله بروي، "ڪلهوڙن جي ابتدائي تاريخ"، تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪسان و هند تيرهون جلد. علائقائي ادبيات حصو ٻيو، ص-531
(3) هتي ڪاليج مان هن زماني جو درسگاهوپن مراد آهي.

(4) مولانا غلام رسول مهر، تاريخ سنڌ جلد ڇهون، عهد ڪلهوڙا حصو ٻيو ص (اردو)،ص-972
(5) رحيمداد خان مولائي شيدائي، جنت السنڌ، ص-564
(6) مولانا غلام رسول مهر، تاريخ سنڌ جلد ڇهون، عهد ڪلهوڙا حصو ٻيو ص (اردو)،ص-976
(7) ساڳيو ص- 1023
(8) پروفيسر لطف الله بدوي، ”ڪلهوڙن جي ابتدائي تاريخ“، تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪستان و هند، تيرهون جلد علائقائي ادبيات حصو ٻيو ص-564
(9) ساڳيو ص-512
(10) حافظ خير محمد اوحدي (اردو مترجم)، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ از ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص-134
(11) لطف الله بدوي، ڪلهوڙن جي ابتدائي تاريخ، تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪستان و هند حصو ٻيو ص-512
(12) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ص-85
(13) ڊاڪٽر وفا راشدي، اردوءَ جي ترقيءَ ۾ اولياءَ سنڌ جو حصو ص-41
(14) الف- اشباع وارن نظمن يا شاعريءَ مان مراد آهي لڳاتار شعر يا نظم جيڪي عروض جي پابندين کان آزاد هجن ۽ شعرن جي مصرعن جي پڇاڙيءَ ۾ الف لڳائي لفظن کي هم قافيہ ڪيو ويو هجي.
(15) تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪستان و هند جلد تيرهو حصو ٻيو ص-531
(16) ڊاڪٽروفا راشد، اردوءَ جي ترقيءَ ۾ اولياءَ سنڌ جو حصو ص-40
(17) منگا رام ملڪاڻي، سنڌي نثر جي تاريخ، ص-40

مددي ڪتاب:

(الف) سنڌي ڪتاب:

(1) جوٽيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز، ايڊيشن ٻيو 1983ع
(2) لغاري، عبدالجبار ”عابد“، ڊاڪٽر، سنڌي شاعريءَ جي مختصرتاريخ، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو ٻيو 2001ع
(3) ملڪاڻي، منگها رام، سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد/ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ٽيون ايڊيشن اپريل 1993ع
(4) مولائي شيدائي، رحيمداد خان، جنت السنڌ، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون 1996ع
(5) ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، بيت (سٽا ۽ اوسر)، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي، جنوري 2002ع
(6) ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2002ع
(7) ميمڻ، محمد صديق،خان بهادر الحاج، سنڌ جي ادبي تاريخ، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو ٽيون، جون 2003ع
(8) آڏواڻي، ڀيرو مهر چند، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڄام شورو/حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پنجون 1998ع

(ب) اردو ڪتاب:

(1) اوجدي، خير محمد، حافظ، (مترجم)، سنڌي ادب کي مختصر تاريخ از ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، جولائي 1983ع

(2) فياض محمود (مرتب)، تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪستان و هند، تيرهوين جلد علاقائي ادبيات مغربي پاڪستان، حصہ دوم، لاهور: پنجاب يونيورسٽي، 1971ع

(3) مولانا غلام رسول مهر، تاريخ سنڌ، جلد ثڻ، عهد ڪلهوڙا، حصہ دوم، ڪراچي: سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع

(4) وفاراشدي، ڊاڪٽر اردو ڪي ترقي مين اولاءِ سنڌ کا حصہ لاهور: مغربي پاڪستان اردو اڪيڊمي، اپريل 1994ع

ڪلهوڙا دؤر جا مخطوطات

ڊاڪٽر هدايت پريم

سنڌ ۾ ڪلهوڙا دؤر علم ۽ فضيلت جو دؤر تصور ڪيو وڃي ٿو. هزارن جي تعداد ۾ عالم اديب ۽ شاعرن عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ پنهنجون قابليتون تحرير وسيلي ڏيکاريون. عالمن ۽ فاضلن جون ڪاوشون قابل ڪاتبن قلمي نسخن ۾ قلمبند ڪيون. اهڙا هزارن جي تعداد ۾ مخطوطات سنڌ جي شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ قائم قديم ڪتب خانن ۾ موجود هئا جن جي مناسب سار سنڀال نہ هجڻ سبب گهڻو ئي خزانو ضايع ٿي ويو. تازو ڪيل سروي موجب سنڌ جي مختلف ڪتب خانن ۾ ڏهہ هزار ڪان مٿي مخطوطات موجود آهن جن جو پهرين جلد ۾ احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.(1) جڏهن تہ هن سروي جا ٻيا جلد بہ تيار ڪيا پيا وڃن، هن ڪتاب يعني " خزية المخطوطات" کي مخدوم سليم الله صديقي صاحب ترتيب ڏنو آهي. مخطوطن جي باري ۾ ڪتابن جو نالو مصنف جو نالو ڪاتب جو نالو، ٻولي، سن ڪتابت، صفحات، خط ۽ سائيز وغيره جي معلومات درج ڪئي وئي آهي. ڪتاب 2006ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. ڪتاب موجب سنڌالاجي جي لائبريريءَ ۾ 1425 مخطوطا موجود آهن. اٽڪل چار سؤ کن ٻيا مخطوطا بہ هٿ ڪري هن لائبريريءَ جي زينت بڻايا ويا آهن. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ لکيل ۽ ڪتابت ڪيل ڪل 51 نسخا موجود آهن، جن کي ضميمو پهريون ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

ڪلهوڙا حڪمران پاڻ بہ عالم هئا تہ علم پرور بہ هئا. سندن پاران ڪيل علم ۽ ادب جي سرپرستيءَ جي باري ۾ غلام رسول مهر "تاريخ ڪلهوڙا" ۾ لکي ٿو "ڪلهوڙا پنهنجي عهد حڪومت ۾ ادب ۽ شعر جي سرپرستيءَ ۾ حت الامڪان ڪابہ ڪثر ڪانہ ڇڏي. بي شڪ ڪلهوڙن جي دؤور ۾ مغل شهنشاهن يا عبدالرحيم خان خانان جهڙو داد ۽ انعام ڪونہ ڏنو ويندو هو. ان جو هڪ سبب هيءُ ٿي سگهي ٿو تہ ڪلهوڙن وٽ مغل شهنشاهن ۽ اميرن جهڙا وسيلا ڪين هئا. هڪ سبب هيءُ بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت سرپرستيءَ جو تصور مختلف هو. هڪ سرپرستي هن طرح جي

آهي تہ پلوڙ اديبن ۽ شاعرن جي قصيدن ۽ ادب پارن تي وڏيون وڏيون رقمون انعام طور ڏنيون وجن ۽ هڪ سرپرستي هيءَ بہ آهي تہ پلوڙ شاعرن ۽ اديبن جي گذر سفر جو بندوبست ڪيو وجي، تہ جيئن هو فڪرات کان آجا ٿي تخليق جي ڪم ۾ مصروف رهن. ڪلهوڙن جي سرپرستي بہ هن ٻي قسم جي هئي، جنهن کي سرپرستي ئي سمجهيو وجي ٿو. ”ڪلهوڙن جي دؤر ۾ اهڙا تمام گهڻا ئي عالم اديب هئا، جن کي ڪلهوڙن جي سرپرستي حاصل هئي.(2)

ڪلهوڙن جي دؤر جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو گهڻو ئي ذڪر غلام رسول مهر ڪيو آهي. ڪلهوڙن جي دؤر جي مکيہ عالمن ۽ شاعرن جا نالا هن طرح آهن. مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم ضياءَالدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، ملوي عبدالخالق، مولوي محمد حسن، مخدوم محمد ابرهيم پٽي، محمد شريف راٽيپوري، قاضي عبدالڪريم، مخدوم عبدالله نرئي وارو، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم غلام محمد بگائي، ميون عيسيٰ، مخدوم عبدالله واعظ، شاهہ عنايت رضوي، مخدوم سليمان، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، خواجہ محمد زمان لواري شريف، سيد محمد بقا، روحل فقير، صاحبڏنو فاروقي ۽ جلال ڪٽي وغيره.

ڪلهوڙن جي دؤور ۾ فارسي عالم ۽ شاعر جن جا نالا ۽ ڪلام ملي ٿو سي هي آهن. ابوالفتح قابل خان، منشي عبادلرؤف، محسن، مير علي شير قانع، محمد پناهہ رجا، مير مرتضيٰ الهام آزاد، چتر ڀوج، شوقي، احسن، اشرف اڪسير، ابرهيم، اسراه، سرشار، سرخوش، محمد صادق، عالي، مير حازالله شاهہ مير، قويطالع، آخوند فياض الله طپش منشي شيوڪ رام عطارد ٿاريو مل بينا. (3)

ڪلهوڙا دؤر جو وڏي ۾ وڏو شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، (1102هہ۔ 1165هہ) آهي. شاهہ جو رسالو سندس حياتيءَ ۾ ئي لکيو ويو، پر اهڙو ڪوبہ نسخو محفوظ نہ رهي سگهيو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ شاهہ جو رسالو ترتيب ڏيڻ دوران اوائلي دؤر وارا قلمي رسالا پنهنجي اڳيان رکي تن جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي. اوائلي دؤر جا رسالا شاهہ جي وفات 1165هہ کان بعد چاليهن پنجيتاليهن سالن واري دؤر ۾ لکيا ويا. هن ريت اهڙن رسالن جا نالا رکيا ويا آهن.

ث. عبدالڪريم طبيب ٺٽوي جو قلمي نسخو
ث. عبدالڪريم طبيب ٺٽوي جو ٻيو قلمي نسخو
ڪيپٽن اسٽئڪ وارو قلمي نسخو. جيڪو 1844_1849ع) سالن دوران سندس ملڪيت هو.
ط. برٽش ميوزم لنڊن وارو قلمي رسالو
ف. انڊيا آفيس لنڊن وارو قلمي رسالو
ص. درسگاهہ منصوره وارو قلمي رسالو
ع. مير علي احمد خان ٽالپر وارو قلمي رسالو
ڻ. آڳاٽو اٽپورو قلمي رسالو.

نوٽ: ”گنج“ 1207هہ ۾ لکايو ويو يعني هيءَ تہ ڪلهوڙا دؤر کان پوءِ ٽالپورن جي دؤر ۾ تيار ڪرايو ويو هو. شاهہ جي رسالي جو هڪ قلمي نسخو 1169هہ ۾ تيار ڪيل آخوند فضل علي نصرپوريءَ جو سنڌالاجي لائبريري ۾ محفوظ آهي، هن رسالي جي هڪ صفحي جو فوٽو ضميمي ۾ طور درج ڪجي ٿو. ڪلهوڙن جي دؤر جي مشهور عالمن ۽ اسڪالرن جي تصانيف جو ذڪر ڪجي ٿو. جيڪي تصنيفات ان دؤر ۾ تہ قلمي نسخن تي مشتمل هيون انهن مان ڪيترائي مخطوطات سنڌ جي ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

علامہ مخدوم محمد معين ٺٽوي (1093_1161هہ)

علامہ مخدوم محمد معين ٺٽوي عرف مخدوم ٺارو سندس والد جو نالو محمد امين هو. مخدوم محمد معين وڏو صوفي بزرگ هو. فارسي شاعريءَ ۾ ”تسليم“ تخلص اختيار ڪيائين. جڏهن تہ هندي شاعريءَ لاءِ ”بيراڳي“ تخلص ڪم آندو اٿائين. علامہ مخدوم جا ڪتاب عربي ٻوليءَ ۾ آهن، جن جو موضوع تصوف، منطق وغيره آهي. سدا رنگاڻيءَ مخدوم صاحب جي 14 ڪتابن جا نالا درج ڪيا آهن.(4) مخدوم صاحب جو لطيف سائين سان نينهن جو ناتو هو. شاهہ ڀٽائي هڪ ڏينهن پنهنجن مريدن کي فرمايو ”هلو تہ ٺٽي هلون ۽ پنهنجي دوست سان آخري ڀيرو ملي اچون. شاهہ صاحب مريدن ساڻ ٺٽي آيو. راڳ جي محفل منعقد ڪئي وئي. مخدوم صاحب تي وجد طاري ٿيو ۽ اُٿي اندر هليو ويو ۽ اندر ئي وفات ڪئي. لطيف سائين جنازي نماز پڙهي موٽي ڀٽ تي آيو. فرمايائون تہ

پنهنجي دوست خاطر ٺٽي وڃڻ ٿيندو هو. وري ڪڏهن بہ ٺٽي نہ ويا. مخدوم محمد معين 1160هہ ۾ وفات ڪئي. سندس هڪ ڪتاب ”درسات اللبيب“ عربي سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو آهي.

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي

مخدوم ابوالحسن ٺٽي جو هڪ وڏو عالم ۽ استاد هو. هن پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو درس ۽ تدريس، تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاريو. مخدوم ابوالحسن جي تصنيف مقدمـة الصلواة“ 1700ع جي آهي، يعني ڪلهوڙن جي دؤر جي آهي. جڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا مستند الف بي مقرر ڪانہ هئي ۽ عربيءَ جا فاصل ان ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏئي رهيا هئا. هر ڪو ان کي پنهنجي نموني پيو لکندو هو ۽ ان کي اوٺ تي پيو پڙهبو هو. مخدوم صاحب نج سنڌي آوازن لاءِ حرف مقرر ڪيا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جون تقاضائون پوريون ڪري سگهن پيا. سچ پچ تہ ڪي حرف اهڙا بنيادي ٿاهيائين، جن تي 1853ع واري ڪاميٽي غور ڪيو ۽ اهي حرف جيئن جيئن جو تيئن منظور ڪيا. ان نئين جوريل صورتخطيءَ ۾ ابوالحسن پنهنجو ڪتاب ”مقدمـة الصلواة“ لکيو. اهو ڪتاب پاڻ پنهنجي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. سندس وفات کان پوءِ جڏهن مخدوم محمد هاشم پنهنجو ڪتاب ”فرائض الاسلام“ پڙهائڻ گهريو، تڏهن مخدوم ابوالحسن جي جهونن شاگردن اعتراض اٿاريو ۽ ان ڪري مخدوم محمد هاشم مجبور ٿي ڪن ترميمن ۽ اضافن سان وري ”مقدمـة الصلواة“ مدرسي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. ابوالحسن پنهنجي ڪتاب ۾ هيٺين معاملن تي نظم ۾ لکيو آهي نماز جي ضرورت، وضوءَ جا فرض، وضوءَ جون سنتون، وضوءَ جا مستحب، غصل جو بيان، تيمم جو بيان، ميت جو غسل، نماز جو وقت، فرض، واجب ۽ سنتون نماز جا پيچنڊ وغيره ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي فرزند عبدالعزيز جو نانءُ آڻيندي هنن مسئلن جي سکڻ جي تاڪيد ٿو ڪري، پنهنجي نجات لاءِ مناجات ٿو ڪري.

ابول عبدالعزيز پٽ پڇي پڙهين ڪان
هي مسئلا نماز جا ساري سنڌي واءُ
مقدمـة الصلواة جو خاتمو هن مصرع تي ٿئي ٿو.
مولٰي مرهي تن ڪي ڪلمو جي چون.

ڪتاب مقدمة الصلواة نهايت ئي اهم ڪتاب آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نئين صورتخطي ۾ لکيل پهريون ڪتاب آهي. متاخرين لاءِ هي ڪتاب مشعل راهه بڻيو.(5)

مقدمة الصلواة جي باري ۾ بيگم خديجه بلوچ هڪ ڪتاب لکيو آهي، هن ڪتاب جا ڪيترائي نسخا سنڌ جي ڪتب خانن، مدرسن ۾ موجود آهن.

مخدوم ضياءَالدين (1091هه ـ 1171هه)

مخدوم ضياءَالدين بن مخدوم هارون بن مخدوم عجائب بن مخدوم الياس 1091هه سنڌ جي قديم شهر جوڻ ۾ ڄائو هو. حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جي اولاد مان هو. سندس پڙ ڏاڏاو مخدوم الياس سومرن جي دؤر ۾ عراق کان ترڪ وطن ڪري سنڌ ۾ اچي رهيو. مخدوم ضياءَ الدين ٺٽي جي مشهور عالم ۽ فاضل مخدوم عنايت الله کان تعليم حاصل ڪئي. مخدوم محمد معين به مخدوم ضياءَالدين جو هم سبق ۽ دوست هو. علم جي تحصيل ڪرڻ کان پوءِ مخدوم ضياءَ الدين پنهنجو مدرسو کولبو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سندس شاگردن جي زمري ۾ اچي شامل ٿيو. مخدوم ابوالحسن جي سنڌي جي طرز تي مخدوم صاحب جو سنڌي ٻولي ۾ ڪتاب آهي. مخدوم ضياءَالدين جي سنڌي سندس اسلوب ۽ انداز بيان ابوالحسن جي انداز بيان کان ڪي قدر سلجهيل آهي. (6)

مخدوم ضياءَالدين جو شعر الف اشباع جي طرز جو آهي، جنهن جو هڪ مثال هت پيش ڪجي ٿو.

جي نه رسين امام کي ته ڇڏج سنتا
ڪج اقتدا امام سين فرض کي رسجا
ري فرض سنت کي قضا ناهه روا
ڏني انهم قول تي عالمن فتوا

مخدوم ضياءَالدين جي ڪتاب مخدوم ضياءَ الدين جي سنڌي ڪلهوڙا دؤر کان ڪيترن ئي مدرسن ۾ پڙهايو ويندو هو. هن ڪتاب جا ڪجهه نخسا سنڌ جي ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ڪلهوڙا دؤر جي سنڌ جو هڪ وڏو عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي، سندس نالو اڄ تائين عام توڙي خاص ۾ مشهور ۽ معروف آهي. مخدوم صاحب 1104هه ۾ ميرپور بٺوري ۾ ڄائو. سندس والد بزرگوار جو نالو عبدالغفور هو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم ٺٽي وڃي مولوي محمد سعيد مخدوم ضياءُالدين کان حاصل ڪيائين. مخدوم صاحب ڏيڍ سؤ کان مٿي ڪتابن جو مصنف آهي. مخدوم صاحب عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ ڪتاب لکيا آهن. محقق ڊاڪٽر عبدالرسول قادري مخدوم صاحب جي ڪتابن جو تعداد هن ريت ڄاڻايو آهي. عربي ڪتاب 94، فارسي 21، ۽ سنڌي 10 ڪتاب پر مخدوم امير احمد جي حوالي سان لکي ٿو ته ”مخدوم محمد هاشم جي تصنيفات جو تعداد ٽن سون کان به وڌيڪ آهي ۽ مختلف مسائل ۾ هزارن کان وڌيڪ تحريرون انهن کان سواءِ آهن.“

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي پونيئرن مان عورتن کان سواءِ ڪوبہ ڪونہ هو تہ ٺٽي ۾ زبردست مينهن وسيو عورتون اهي هزارين ڪتاب محفوظ ڪري سنڀالي نہ سگهيون. اهڙي حالت ۾ جهنڊي وارن پيرن مان ڪو پير صاحب اهي ڪتاب ان جاءِ مان ڪڍرائي پاڻ سان اُٺ ڀرائي کڻي ويو. اهڙي طرح ٺٽي ۾ مخدوم صاحب جا ڪتاب محفوظ رهي نہ سگهيا.(7)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا تصنيف ڪيل ڪيترائي ڪتاب سنڌ جي ڪتب خانن ۾ محفوظ آهن. سنڌ الاجي جي لائبريري ۾ بہ ڪجهہ نسخا موجود آهن. ڊاڪٽر عبدالرسول قادري بہ مخدوم صاحب جي سوانح ۽ تصنيفات جو گهڻو ئي احوال پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز ۾ ڏنو آهي. ڊاڪٽر بلوچ وٽ بہ ڪيترائي نسخا محفوظ آهن.

مخدوم عبدالله نرئي وارو:

ڪلهوڙن جي زماني جو هي يگانو عالم ڪيترن ئي علمي ۽ ديني ڪتابن جو مصنف آهي. مخدوم صاحب ذات جو منڊرو هو. هو اصل بدين تعلقي جو وينل هو. سندس ڳوٺ جو نالو ماندر ڄاڻايل آهي. هن ٺٽي ۾ تعليم حاصل ڪئي. هو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو شاگرد هو. مخدوم عبدالله کن اڻٽر سببن جي ڪري سنڌ مان لڏي ڪڇ ڏانهن هليو ويو. اُتي

نري ڳوٺ ۾ وچي رهيو. سندس قبر سري ۾ آهي. ڪڇ جو راجا بہ مخدوم صاحب جو معتقد هو. مخدوم صاحب جي ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو سندس پوين وٽ ڪڇ ۾ محفوظ آهي. مخدوم صاحب جي سنڌي ڪتابن مان گهڻا ڇپجي چڪا آهن. هڪ اڻڇپيل ڪتابن مان خزانہ اعظم هڪ آهي، جيڪو اٺن جلدن ۾ قلمي صورت ۾ آهي، پير جهنڊي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي، مخدوم صاحب جي هيٺيان ڪتاب مشهور آهن:

ڪنزالعبرت، قمرالمينر، نورالابصار، هفت بهشت بدرالمنير، تفسير يوسف، غزوات ۽ خزانہ اعظم، مخدوم صاحب جي ڪتابن جا مخطوطات سنڌ جي قديم ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

ميون عبدالرحيم گرهوڙي

ڪلهوڙا دؤر جو هڪ وڏو صوفي شاعر هو. ڪپري تعلقي جي ڳوٺ واڙ ۾ 1152هہ ۾ ڄائو. عبدالرحيم گرهوڙيءَ فقہ ۽ تفسير جي تعليم چوٽيارين ۾ وچي ورتي، پنهنجي ذهن ۽ ذڪاوت، فهم و فراست طفيل ظاهري علوم مان سينگاري يگانو عالم ٿيو. لنواري شريف وڃي حضرت سلطان الاوليا خواجہ محمد زمان صاحب جو مريد ٿيو. مرشد کان فيض وٺي واپس وطن موٽيو ۽ خلق کي فيض مان ورڇ ڏيڻ لڳو.(8)

گرهوڙي صاحب بہ پنهنجو ڪلام مخدوم ابوالحسن ۽ ٻين عالمن جيان مذهبي رنگ ۾ چيو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ان ڪلام کي عبدالرحيم گرهوڙي جي سنڌي چئي ٿو. مذهبي يا صوفيانہ شاعريءَ کان علاوه گرهوڙيءَ صاحب جون مکيہ تصنيفون هن ريت آهن. فتح الفصل (عربي) هن ڪتاب ۾ حضرت سلطان الاوليا جن جا اقوال عربيءَ ۾ سمجهايا ويا آهن.مڪتوبات (فارسي) هي امام رباني جي مڪتوبات جو اختصار آهن.

رسالہ گل نما (فارسي) هيءَ هڪ مثنوي آهي، جنهن ۾ مصنف حضرت محبوب الصمد خواجہ گل محمد جن جي مدح ۽ تعريف ڪئي آهي. شرح ابيات سنڌي (عربي) هن ڪتاب ۾ خواجہ سلطان الاوليا جن جي سنڌي بيتن جي سمجهاڻي لکي وئي آهي. گرهوڙي صاحب جي قلمي نسخن کي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ پروفيسر علي نواز

جتوئي پنهنجي اڳيان رکي پنهنجا ڪتاب لکيا. گرهوڙي صاحب جي قلمي نسخن جي وڏي اهميت آهي ۽ ڪيترن هنڌن تي محفوظ آهن.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري

مخدوم ابوالحسن ڏاهري نوابشاهه ضلعي جو ناميارو عالم هو. سندس والد جو نالو بادل بن عبدالرشيد هو. سندس ولادت 1116هه ۾ ٿي. پاڻ علمي تحصيل ابوبڪر هالائي واري نورالدين محمد ۽ مرزا محمد خليل بدخشانيءَ کان حاصل ڪئي. طريقن ۾ عبدالرسول صديقيءَ کان نقشبندي سلسلي ۾ بعيت ڪري خلافت حاصل ڪيائين. مخدوم ابوالحسن ظاهري ۽ باطني علمن ۾ وڏو ماهر هو. ان سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جو به سٺو شاعر هو. سندس هيٺيان ڪتاب يادگار آهن (1) ينابيع الحيايٰ الايه (2) اساس المصلي (3) رفع الفريه والمريه (4) ڪچڪول نامه. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ينابيع ڪتاب بابت لکي ٿو مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جو ڪتاب ينابيع الحياة الابدة امام غزالي جي ڪتاب ڪيميائي سعادت جي پايي جو ڪتاب آهي. مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي وفات 1181هه ۾ ٿي. سندس مزار دوڙ شهر جي ويجهو ڳوٺ ابوالحسن ڏاهري ۾ آهي.

مخدوم جعفر بوبڪائي

مخدوم صاحب ڪلهوڙن جي دؤر کان اڳ جو هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. سندس هڪ ڪتاب حاصل النهج ڪلهوڙا دؤر ۾ 1126هه ڪتابت ڪيو ويو آهي.

مخدوم عبدالله وعظ

مخدوم عبدالله وعظ عرف ميان مورو ميان عبدالقادر جو فرزند هو جو مخدوم ابوالحسن جو سؤٽ هو. تعليم مخدوم ابوالحسن کان حاصل ڪيائين، جنهن جو ساٿس ڏاڍو پيار هو. مخدوم ابوالحسن پنهنجي جيئري ئي کيس پيش اماميءَ جي پڳ ٻڌائي هئي. 1150هه ۾ سندس ولادت ٿي 1177هه ۾ وفات ڪئي. عام طور تي وعظ ڏاڍو سٺو ڪندو هو. تنهنڪري کيس ميان عبدالله وعظ ڪري سڏيندا هئا.(9) هڪ ٽيهه اکري ڻاهي هئائين، جا لوڪ ادب جي ڪتاب ٽيهه اکريون“ ۾ شامل آهي. مخدوم عبدالله وعظم

حسين هڪ ڪتاب ”راحـة المومنين“ جو هڪ قلمي نسخو سنڌ الاجي ۾ محفوظ آهي.

ڪلهوڙا دؤر سنڌ ۾ علم ۽ فضيلت جو دؤر هو. قرآن پاڪ جا نسخا، فقه جا ڪتاب ۽ ٻيا جيڪي مذهبي ڪتاب، تصوف جي تشريح فارسي توڙي سنڌي شاعريءَ جا ڪتابي قلمي نسخن جي صورت ۾ لکيا ويا. گهڻا تہ ضايع ٿي ويا، ڪيترن ڪتابن ۽ مصنفن جا صرف نالا معلوم ٿي سگهيا آهن. مالڪ شل مهر ڪري، باقي بچيل ذخيرو سلامت رهي ۽ ايندڙ نسلن تائين علم ۽ عرفان جي روشني پهچي سگهي.

حوالا:

1. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو ڪتاب خزينـة المحفوظات. مرتب مخدوم سليم الله صديقي 2006ع. ص. 696.
2. غلام رسول مهر تاريخ ڪلهوڙا (اردو) جلد پهريون 1996ع، ص. 1023.
3. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌيون 1970ع، ص.44.
4. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو حوالو ساڳيو ڪتاب، ص. 51_44.
5. عبدالرسول قادري مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، 2006، ص.215.
6. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو حوالو ساڳيو ڪتاب، ص. 89_88.
7. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو حوالو ساڳيو ڪتاب، ص. 92.
8. عبدالرسول قادري مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، 2006ع، ص 192.
9. ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو. 2002ع، ص.75.

ڪلهوڙا دؤر ۾ ٺٽي جا نامور عالم

پروفيسر محمد شريف ”شاد“ سومرو

سنڌ صدين کان سکيو ستابو ساڌيھ رهيو آهي جنهن جي پنهنجي هڪ الڳ، دنيا کان نرالي تاريخ ۽ تهذيب رهي آهي. انهيءَ تاريخ، تهذيب ۽ تمدن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. ڌارين بہ هت اچي هن ملڪ جي تعريف ڪئي ۽ ان جي تاريخ تي ڪتاب جوڙيا. سنڌ جي نرالي تاريخ، تهذيب ۽ سکي ستابي هئڻ سبب سدائين ڌارين جي بري نظر هيٺ رهي آهي. انهيءَ ڪري هي ملڪ سدائين انقلابن جي زد ۾ رهيو آهي جنهن ڪري مختلف قومن جي هٿ هيٺ رهيو آهي. سنڌ سدائين امن جو گهوارو رهي آهي، پر ڌارين جي يلغار سبب لتجندي رهي آهي. تاريخ شاهد آهي تہ هن وقت تائين هن ملڪ تي ستاويهن قومن حملاڪيا آهن. عربن کان وٺي ويندي ارغون ترخان، مغلن تائين، سڀني پئي لٽيو ۽ ڦريو آهي.

مغل جڏهن ڪمزور ٿيا تہ ڪلهوڙن زور ورتو. جيئن تہ ڪلهوڙا مقامي ماڻهو هئا، جن جي مادري زبان سنڌي هئي، جنهن ڪري عوام انهن جو ساٿ ڏنو. ڪلهوڙن جي حڪومت تہ قائم ٿي وئي ليڪن سياسي طور ڏچي ۾ رهيا. ميان يار محمد ڪلهوڙو حقيقي معنيٰ ۾ سنڌ جي آزادي جو علمبردار هو.

هن دؤر ۾ شاهہ عنايت شهيد جي شهادت جو دردناڪ واقعو ٿيو. ٽر جي سوڍن شورشون ڪيون، نادرشاهہ حملو ڪيو ۽ شڪارپور واري پرڳڻي کي قنڌار سان ملائي ڇڏيو. ان کان پوءِ احمد شاهہ ابدالي بہ سنڌ جي ڦرلٽ ڪئي، جنهن کان پوءِ سنڌ افغانن جي ڏن ڀرو ٿي. آخري ڏينهن ۾ مدد خان بہ چڙهائي ڪئي ۽ وڏي ڦرلٽ ۽ خونريزي ڪئي، نتيجي ۾ سنڌ جو سڪون تباهہ ٿيو. نياز همايوني لکي ٿو تہ: ”ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ تي ڌارين جيڪي ڪاهون ڪيون، تن مان نادر قلي (نادر شاهہ 1739) احمد شاهہ ابدالي 1754ع ۽ مدد پٺان 1780ع بدنامي جي روپ ۾ مشهور آهن. نادر قلي، ازبيڪن جو ٻچل قيدي هڪ ايراني امير جو نوڪر هو جنهن کي وجهہ وٺي قتل ڪري سندس ڏيءَ پڃائي ويو. پوءِ ڌاڙيلن جي وڏي ٽولي ناهي سڄي

ملڪ ۾ ڏاڍڙا هڻڻ لڳو.(1) اهڙي صورتحال ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت ڏڇن ۾ رهي، پر تنهن هوندي بہ سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ هنن زرعي سڌارا آندا. پنهنجي دؤر حڪومت ۾ ٺٽي کي ڇڏي خدا آباد کي گادي جو هنڌ بڻايو. پوءِ بہ ٺٽي جو اوج ۽ حيثيت برقرار رهي. مير علي شير قانع ”مڪلي نامہ“ ۾ ٺٽي جي علمي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي تہ ان جي علمي حيثيت ڪلهوڙا دؤر ۾ بہ قائم رهي ۽ ”خدا يار سنڌ، ٺٽي ۽ بکر کان پري خدا آباد جو نئون شهر ٻڌرائي ان کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو.“ (2)

هن متعلق وڏيڪ پروفيسر عبدالله مگسي ائين لکيو تہ ”سنڌ جو مشهور تاريخي شهر ٺٽو اڄ هڪ ننڍو شهر آهي، پر ڪو وقت هو جو سنڌ جو اهو عظيم، شهر، علم ۽ فضل، تجارت ۽ حڪومت جو مرڪز هو ۽ عظيم اسلامي شهرن قرطبہ ۽ بغداد سان ٺٽي ڪلهو هنيائين. ڪيترو وقت هي شهر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ ڏارين جي نظرن ۾ هميشہ رهندو آيو.“ (3)

”تحفة الڪرام جي مصنف ٺٽي بابت مختصر ڄاڻ ڏني آهي. هو لکي ٿو تہ ”ٺٽو ٻن معنائن سان آباد آهي. ڪي چون ٿا تہ معنيٰ آهي ”تہ تہ“ يعني ”هيٺاهين هيٺاهين“ ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ٺٽو يعني ٺٽ جا سنڌين جي اصطلاح ”ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو هنڌ“ جي معنيٰ رکي ٿي. هيءَ سرزمين پراڻي زمين بہ ٺٽي جي نالي سان سڏبي هئي. جيئن تہ سنڌ جي مٿين طرف کي عام ماڻهوسرو چوندا آهن ۽ هن هيٺين طرف کي لاڙ سڏيو ويندو آهي. اهو ٺٽي جي وجهہ تسميہ جو ڪليو ثبوت آهي.“(4) مرزا قليچ بيگ بہ ساڳئي ڳالهہ ڪئي آهي: لفظ ”ٺٽو“ ”ٺهہ، ٺهہ“ مان نهيو آهي،جنهن جي معنيٰ آهي، هيٺاهين ٺٽ چون ماڻهن جي گوڙ کي، ۽ ٺٽ چون خشڪ ميدان کي، شايد انهن مان نالو نڪتو هجي.“(5)

اصل ۾ ٺٽو لفظ ٺٽ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٺٺوارو شهر. يعني اهو شهر جتي ٺٽ هجن يعني آسودائپ هجي. اها ئي معنيٰ صحيح آهي. ڇو تہ ٺٽو سدائين خوشحال رهيو آهي ۽ اتان جا باشندا بہ خوشحال هئا ۽ عيش واري زندگي گذريندا هئا. فارسي ۽ عربي دانن هن شهر کي تتہ ڪري لکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ فارسي ۽ عرگي ٻوليءَ ۾ (ٺ) جو آواز آهي ئي ڪونہ. تنهنڪري انهن ٻولين جي مصنفن هن شهر کي (ٺ) جي بجاءِ (ت) ڪري لکيو آهي، ٺٽوي کي تتوي ڪري لکيو ويو آهي. لفظ ٺٽو آهي جنهن

مان ڦري ٺٽو ٿيو آهي. ٺٽي کي بغداد سان بہ تشبيهہ ڏني وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ بغداد بہ تاريخ ۾ تاراج ڪيوويو هو ۽ ڦري لٽيو ويو آهي. اهڙي ريت هن شهر سان بہ اهائي ساڳئي ويڌن رهي. شاهہ بيگ ارغون بہ ٺٽي کي لٽيو ۽ تاراج ڪيو. ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جي لکڻ مطابق "ٺٽي ۽ سنڌ جي سڀاجهي سرزمين تي ڪئي ويل وهايا ويا آهن ۽ ابوجهہ عوام سان ڪيئي عقوبتون ٿينديون رهيو آهن. شاهہ بيگ ارغون جي ٺٽي ۾ ڦرلٽ، قتل عام ڪرڻ ۽ باهہ ڏيڻ کان پوءِ گواجي عيسائين ٺٽي ۾ اچي قتل عام ڪيو باهہ ڏني ۽ ڦرلٽ ڪئي. ايڏي تہ ملڪيت ڦري وئي جو سڄي ايشا ۾ اهڙي ڦرلٽ ڪا ورلي ٿي هوندي."(6)

مطلب تہ هن شهر سان ويڌن رهي آهي. "ٺٽي کي ٽين باهہ مرزا جاني بيگ ڏني، جيڪو جڏهن اڪبر بادشاهہ جي سپہ سالار خان خانان سان وڙهيو ٿي. تڏهن هارائڻ کا اڳ ٺٽي کي باهہ ڏنائين. خان خانان 1000هہ ۾ ٺٽو فتح ڪيو ۽ سنڌ مغلن جي قبضي ۾ آئي، ان کان پوءِ مغل طرفان گورنر اچڻ لڳا. زماني جي ايڏي گردش کان پوءِ بہ ٺٽي پنهنجو اوج نہ وڃايو."(7)

مذڪوره حوالن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ٺٽو سدائين خوشحال رهيو آهي. ڪوهہ مڪليءَ جي دامن ۾ هي بدنصيب شهر جنهن پنهنجي سيني ۾ هزارها سالن جي تاريخ سانڍي رکي آهي. هي شهرڪلهوڙن جي زماني ۾ بہ اوج تي رهيو جنهن جو ذڪر مير علي شير قانع ٺٽوي بہ ڪيو آهي، جيڪو انهن واقعن کان پوءِ ٿي گذريو آهي ۽ ڪلهوڙن جي دؤر جو هڪ عالم، شاعر ۽ مصنف هو. هن بابت ائين بہ لکجي تہ "1739ع ۾ نادر شاهہ جڏهن هن شهر تي حملو ڪيو هو تہ ان وقت شهر ۾ چار سئو مختلف عالمن جا مدرسہ هئا، جن کي اڄ جي ڪاليجن جي حيثيت حاصل هئي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسڪول ۽ پرائمري اسڪول ڪيترا هوندا."(8)

ٺٽي جي خوشحالي جو ذڪر مغربي خواہ مشرقي عالمن ۽ سياحن بہ ڪيو آهي. فريد بکري تہ ٺٽي کي جنت جي ڌرتي سڏي ٿو. فريد بکري بخاري جنهن جو ڪتاب "زخيرت الخوانين" لکيل آهي، جنهن ۾ لکي ٿو تہ "ٺٽي جي رهواسين ڪڏهن بہ ڏکي گهڙيءَ ۾ پير نہ رکيو آهي. هنن جي دلين تي خوشي ۽ راحت جو راڄ آهي. ٿوري ۾ جيڪو ايئن چئجي تہ ٺٽو عراق ثاني آهي."(9)

ڪيترائي سياح ٺٽي شهر ۾ آيا جن هن شهر جي تعريف جا ڏڪ ڀريا آهن. ٺٽي جي خوشحالي سندس علم، هنر، صنعت ۽ واپار سبب هئي. جيڪو ان وقت هندستان جي شهرن کان بہ وڌيڪ آمدني وارو شهر هو. اليگزينڊر هئملٽن جو سنڌ ۾ 1699ع ۾ هڪ وڏي جهاز سان آيو هو. ٺٽي لاءِ لکي ٿو تہ ”هي شهر ملڪ جي مارڪيٽ آهي ۽ تمام وڏو ۽ آسودو شهر آهي. اٽڪل ٽي ميل ڊگهو ۽ ڏيڍ ميل ويڪرو آهي. ٺٽي جو شهر مذهبيات، علم لغت ۽ علم سياسيات جي ڪري مشهور آهي. منجهس چار سئو کان بہ مٿي ڪاليج آهن، جن ۾ نوجوانن کي مختلف علمن جي تعليم ۽ تربيت ڏني ويجي ٿي.“(10) مذڪوره حوالن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ٺٽو نالو ٺٽو مان نڪتل آهي. هن لفظن جو ٺٽ سان واسطو ئي ناهي پلا هن وقت جيڪڏهن گنجان آبادي واري ۽ اچ وڄ واري شهر کي ٺٽ ڪونہ سڏبو. اهڙي ريت ڪيتريون غلط روايتون سنڌ جي تاريخ ۾ درج ڪيون ويون آهن. تنهنڪري تاريخ جي ڇنڊ ڇاڻ سائنسي ۽ علمي بنيادن تي ڪئي وڃي. ٺٽو قديم تاريخ رکندڙ شهر آهي،جنهن جو واسطو عرب دؤر حڪومت کان بہ اڳ سان آهي.

ٺٽو ڪلهوڙا دؤر حڪومت جي آخر ڌاري ڦٽڻ لڳو هو جيڪو ٽالپور دؤر ۾ تباهہ ٿيو جنهن جو سبب سنڌو درياهہ جورخ تبديل ٿيڻ ٻڌايو ويو آهي ۽ سمنڊ گهٽو پري هليو ويو جنهن سبب بندرگاهہ بہ ڦٽي ويو ۽ واپارين جي اچ وڃ ۽ مٿا سٺا متاثر ٿي، جنهن ڪري هي شهر ڏينهون ڏينهن ويو پوئتي پوندو. جنهن جي تباهي لاءِ اليگزينڊر برنس لکي ٿو تہ :”شهر سنڌو نديءَ کان ٽي ميل پري آهي، اوپر جي تاريخ مطابق ڪيترن شاندار روايتن سان لاڳاپيل مشهور شهر آهي. سندس تجارتي خوشحالي دهليءَ جي مغل شهنشاهي دؤر سان گڏ ختم ٿي ويئي. هي شهر موجوده ٽالپور گهراڻي جي حڪمرانيءَ دوران تباهہ ٿيو. هن وقت سندس آدمشماري 15,000 کان مٿي ڪانہ ٿيندي،سندس گهر هن ڦٽل شهر جي کنڊرن ۾ وچ واڙيءَ پکڙيا پيا آهن. ڪل آدمشماريءَ جي اڌ ماڻهن وٽ تہ رهڻ لاءِ بہ گهر بہ ڪونہ آهن.“(11)

هن بابت غلام رسول مهر وري لکي ٿو تہ: ”ٺٽي جي قدامت سان ڪنهن جو بہ اختلاف ڪونهي، يونانين جي تاريخ ۾ بيان ڪيل پٽالا جو شهر ٺٽي جي ماڳن وٽ موجود هو.“(12)

مذڪوره حوالن مان ٺٽي جي قدامت تاريخ، تهذيب ۽ علمي مقام معلوم ٿئي ٿو. ٺٽي شهر ۾ صرف ان وقت چار سئو مدرسه هئا، جيڪي ڪاليج جو درجو رکندا هئا. باقي سڄي سنڌ ڇا هوندي، سنڌ جوعلمي مقام گهڻو مٿانهون هو. ڇاڪاڻ ته سڄي دنيا ۾ قرآن شريف جو ترجمو پهريون ڀيرو سنڌي زبان ۾ ڪيو ويو.

ڪلهوڙن جو دؤر علمي ۽ ادبي لحاظ کان، ٻين دورن کان گهڻو مٿانهون رهيو. جنهن ڪري هن دؤر کي سنهري دؤر ڪري ليکيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته هن دؤر ۾ علمي ادبي ۽ مذهبي طور ڪتاب لکيا ويا ۽ سنڌي صورتخطي تيار ڪئي ويئي، ان کي هڪ مستقل شڪل ڏني ويئي، جيڪا عربي لپيءَ تان ورتي ويئي. ان حوالي سان به هي دؤر اهم ليکيو وڃي ٿو جو ان وقت جي مدرسن جي نصاب ۾ سنڌي ٻوليءَ کي شامل ڪيو ويو. هن دؤر ۾ ايترا ته عالم ٿي گذريا آهن جو. ڪاٿو لڳائڻ مشڪل آهي. صرف ٺٽي جا عالم ئي ايترا آهن جو انهن جو صحيح انگ معلوم ئي نه ٿي سگهيو آهي. باقي جن عالمن جو ذڪر تذڪرن ۽ تاريخن ۾ آيو آهي، انهن کي هت شامل ڪريون ٿا. ان سلسلي ۾ تاريخ ڪلهوڙه جو مصنف لکي ٿو. ”ڪلهوڙن جي دؤر ۾ جيترا به عالم ۽ فاضل ٿي گذريا آهن، انهن سڀني جا نالا ۽ حالات معلوم ٿي نه سگهيا.(12) هتي ان دؤر يعني ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٺٽي جي نامور عالمن جو ذڪر مختصر طور تي پيش ڪجي ٿو.

(1) مخدوم ابوالحسن سنڌي: (1661ع-1751ع)

مشهور محدث، فقيه ۽ سنڌي علم ادب جو ابو مخدوم ابوالحسن ولد مولوي محمد مبين صديقي 1661ع ڌاري ٺٽي ۾ ڄائو. وڏو فاضل ۽ ڪامل شخص هو. ننڍپڻ کان ئي ذڪي طبيعت هيس، جنهن ڪري استاد به سندس حافظي ۽ حوصلي جا معترف هئا. فارغ التحصيل ٿي، فقه ۽ حديث ۾ مقام پيدا ڪيائين. درس و تدريس ورثي ۾ مليس.“(14)

”سنڌي علم ادب جو بنياد وجهندڙ عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪافي ڪتاب قلم بند ڪيائين. نماز ۽ وضوءَ بابت سنڌي زبان ۾ 1700ع ۾ ”مقدمه الصلواة“ نالي نظم ۾ پڻ ڪتاب لکيائين، جيڪو ابوالحسن جي سنڌي نالي سان مشهور آهي.“(15) سنڌي الفابيٽ جي ترتيب ڏيندڙ پهريون عالم

آهي، جنهن کان پوءِ سنڌي الفابيٽ کي هڪ مستقل شڪل ملي ۽ ڪتاب لکجڻ شروع ٿي ويا. هي ڪلهوڙا دؤر جو وڏو عالم ۽ ڪامل انسان هو.

(2) ابوالحسن ڪبير ٺٽوي: 1630ع-1718ع)

”ابوالحسن ڪبير محدث سنڌي مدني. هن جو نالو محمد بن عبدالهادي آهي. ۽ لقب نورالدين ۽ ڪنيت ابوالحسن اٿس. ٺٽي ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي علم پرايائين. علم ۾ سيني کان ابوالحسن وڏيڪ فائق هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ هن کي ٺٽي جي عالمن جو اڳواڻ سڏيو آهي. ٺٽي کان مديني منوره ڏانهن هجرت ڪري ويو ۽ اتي شيخ محمد بن عبدالرسول برزنجي، شيخ ابراهيم بن حسن، نوراني مدني ۽ شيخ عبدالله بن سالم بصري ۽ ٻين مشائخن کان حديث جي سند هٿ ڪيائين. حرم بلوي ۾ درس ڏيڻ شروع ڪيائين، ٿوري ئي وقت ۾ سندس درس جي شهرت اطراف عالم ۾ پکڙجي ويئي. عرب ۽ عجم جي سوين عالمن ڪانئس علم حديث پڙهيو.“(16)

(3) ابوالحسن صغير (1732ع -1773ع)

سندس اصل نالو غلام حسين بن مخدوم ميان محمد صادق نقشبندي هو جيڪو ٺٽي ۾ پيد ٿيو. جنهن جي ڪنيت ابوالحسن صغير آهي. علامه صاحب محمد حيا سنڌيءَ کان علام پرايو. هن بابت علامه مصطفيٰ قسمي لکي ٿو تہ: ”مخدوم محمد صادق، شاهہ پٺائي، رحہ جو وڏو معتقد هو. محمد حيات سنڌي کان علم پرايائين. هي اصل ٺٽي جو هو. اتان هجرت ڪري مديني منوره هليو ويو. محدث محمد حيات سنڌيءَ جي وفات ڪانپوءِ ان جي جاءِ تي حديث جو درس ڏيندو رهيو ۽ ڪيرن ئي برگزيده عالمن جو استاد آهي. ڪيترا علمي ڪتاب پڻ تصنيف فرمايا اٿس، جيئن 1. شرح نخبتہ الفڪر 2. حواشي مختيار مختيار 3. مختارالاطوار في اطوار المختار 4. رجال مسند احمد بن عنبل وغيره. هن بزرگ محدث جي وفات مدينہ منوره اندر ٿي ۽ جنت البقيع ۾ مدفون ٿيو.“(17)

(4) مخدوم محمد معين ٺٽوي (1680ع-1741ع)

محمد معين بن محمد امين قوم جودل، ٺٽي جي قديم مولوين جي خاندان مان هڪ چمڪندڙ ستارو آهي. علامہ معين جو والد بزرگوار بہ هڪ وڏو عالم ۽

درويش صفت بزرگ هو. شاهه ولي الله جو شاگرد ۽ سندس علومن مان فيض يافته هو. مخدوم محمد معين ٺٽوي کي مخدوم ٺارو به سڏيندا آهن. هن بزرگ جو مختصر ذڪر حضرت مولانا عبيدالله صاحب به پنهنجي ڪتاب شاهه ولي الله ڪي سياسي تحريڪ ۾ ڪيو آهي."(18) هن بزرگ جا ڪافي ڪتاب تحرير ٿيل آهن، جن مان 19 ڪتابن جا نالا تذڪرن ۾ ملن ٿا. "مخدوم محمد معين مخدوم عنايت الله جو شاگرد آهي. هيترين علمي ڪماليتن هوندي به سلوڪ جي رستي جو واقف هو. ڪيترن دين جي بزرگن سان صحبتون ڪيون هيائين. ميان ابوالقاسم نقشبندي سان ڏاڍو عقيدو هوس. پوين ڏينهن ۾ جناب ڪرامت نصاب سيد عبداللطيف "تاريڪ" لقب واري سا ڏاڍو ياراڻو ۽ عقيدتمنداڻو رستو رکيائين."(20)

مخدوم معين ٺٽوي سنڌي، عربي، فارسي ۽ هندي ٻولين ڄاڻيندو هو ۽ انهن ۾ شعر و شاعري به ڪيائين. قانع لکي ٿو ته، سماع پسند ۽ علم موسيقي جو ڄاڻو هو.

"هو مخدوم محمد هاشم شروع ۾ علامه مخدوم محمد معين جو شاگرد هو، مگر پوءِ پاڻ ۾ سخت مناظرا به رهين."(20)

(5) مخدوم ضياءُالدين ٺٽوي (1671ع-1751ع)

"مخدوم ضياءُالدين مخدوم ابراهيم بن مخدوم هارون بن عجائب بن الياس الصديقي پاڻ شيخ شهاب الدين عمر السهروردي (المتوفي 632 هه) جي پوٽن مان آهي."(21)

"مخدوم ضياءُالدين مخدوم عنايت الله جي شاگرديءَ جي بدولت فضيلت ۽ ڪماليت وارن جي هڪ وڏي گروهه جو استاد ٿيو. هو سن 1091هه ۾ ڄاڻو ۽ باوجود وڏي علميت جي فقيريءَ جي راهه جو سالڪ ۽ نهايت نوڙت وارو هو. پنهنجي همعصرن ۾ وڏي هدايت ۽ ڪافي فيض سان زندگي گذاري، سن 1171هه ۾ 80 ورهين جي ڄمار ۾ جهان فاني مان ڪوچ ڪري ويو."(22)

"مخدوم ضياءُالدين ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم عنايت الله کان علوم حاصل ڪيا ۽ انهيءَ ساڳئي بزرگ وٽان علامه محمد معين ٺٽوي به ظاهر علمن جو فيض پرايو ۽ آخري ڄمار ۾ مخدوم محمد هاشم وٽانس پڙهيو.

ايڏي وڏي عالم جو شاگرد مخدوم ضياءُالدين هڪ وڏو نامور عالم ۽ فاضل پيدا ٿيو جهن علمي تحصيل کان پوءِ پنهنجو جدا مدرسو قائم ڪيو جنهن مان سوين ماڻهو فيضياب ٿيا. جنهن مان مخدوم نعمت الله ولد عبدالجليل سندس ڏوهٽو مخدوم محمد هاشم ۽ ميان محمد ولد مخدوم احمد ٺٽوي آهن.“(23) مخدوم صاحب جي تصنيفن ۾ فقهي مسئلن تي لکيل ڪتاب مشهور آهن. جنهن ڪي عام طور تي مخدوم ضياءُالدين جي سنڌي سڏيو وڃي ٿو. جيڪي سنڌي نظم ۾ آهن ۽ الف اشباع تي قافيي تي آڌاريل آهن.

(6) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (1692ع-1761ع)

”مخدوم صاحب جو نالو محمد هاشم، والد جو نالو عبدالغفور ۽ ذات جو پنهور هو. پنهورن جو نسب حارث بن عبدالمطلب سان وڃي ملي ٿو. مخدوم محمد هاشم تاريخ 10 ربيع الاول 1106هه/19 نومبر 1692ع تي خميس جي رات بنوري ۾ ڄائو. مخدوم ضياءُالدين وٽ علم حديث جي تحصيل ۽ باقي ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين. يعني 9 سالن جي عرصي ۾ فارسي ۽ عربي علوم جي تڪميل ڪري فارغ ٿيو. اڃا بہ علم حديث ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ جو شوق هيس، جيڪا سعات ڪيس سن 1135هه/1722ع ۾ حرمين شريفين جي سفر دوران حجاز مقدس جي عالمن کان حاصل ٿي.(24)

ٺٽي جي عالمن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي صاحب آفتاب جي حيثيت رکي ٿو. ڊاڪٽر قادري سندس 30 همعصرن جي ذڪر کان علاوه 9 سنڌي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان علاوه 51 عربي ڪتابن جو تفصيل ڏنو آهي. 22 ڪن فارسي ڪتابن جو وچور ڏنو آهي. سندس مشهور سنڌي ڪتاب زادالفقير، قوت العاشقين، راحت المومنين، سالہ نامہ، بنات الاسلام، تفسير هاشمي، اصلاح مقدمتہ الصلات ۽ تنبيهہ نامو قال ذڪر آهن.

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري مخدوم صاحب جي حيات ۽ علمي خدمتن تي تحقيقي مقالو لکي ڊاڪتوريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

(7) مخدوم عنايت الله ٺٽوي (ولادت: وفات: 1702ع)

”مخدوم عنايت الله بيمثال ڪرامت سان موصوف هو. نابين هودي بہ حافظو غير معمولي حد وارو هو. ننڍپڻ جي ڏينهن کان جڏهن نابينا ٿيو هو

فوت ٿيڻ تائين، جڏهن هو پوري بالغ ٿي وڏيءَ عمر کي پهچي چڪو هو سڄو عرصو عام ماڻهن کي فائدو رسائڻ ۾ گذاريائين. سندس واعظ جي مجلس پر اثر هوندو هو. وٽائنس ڪيترا فيضياب ٿيا.“(25)

مخدوم عنايت الله ميان احمد ڪتابيءَ جو شاگرد هو. ٺٽي سان تعلق رکندڙ هن وڏي ۾ وڏي عالم ۽ پلي ۾ پلي متقي، سچي زندگي درس جو عمل جاري رکيو. علم جا بہ روشن مينار ۽ عالم مخدوم ضياءُالدين ۽ مخدوم محمد معين سندس جا شاگرد آهن.“(26) اصل ۾ تحفة الڪرام جي مصنف هڪ ئي نالي سان ٻن هنڌن ذڪر ڪيو آهي. هڪ هنڌ سندس وفات جو سن 1114هہ ڄاڻايو اهي، جنهن مطابق 1694ع سن بيهي ٿو. جيڪو ڪلهوڙا دؤر حڪومت کان اڳ ئي وفات ڪري ويو. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هڪ ئي نالي سان بہ عالم ٿي گذريا آهن. اهڙي قسم جا تاريڪن ۾ تضاد ڪوڙ سارا ايندا آهن. مير علي شير قانع ”هن جا بہ فرزند ٻڌائي ٿو“ 1. محمد سعيد واعظم 2. مولوي محمد صادق (جيڪو مخدوم محمد معين جي شاگردن مان هو) ۽ وقت جو علامہ لياقت پريو استاد پيدا ٿيو.“(27)

(8) مخدوم عبدالخالق ٺٽوي (1702ع- 1785ع)

مخدوم عبدالخالق ٺٽوي جو عالم، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو شاگرد هو. سندس زندگي بابت جوڳو مستند احوال ڪونہ ٿو ملي. ”مولانا فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ مخدوم هاشم ٺٽوي جي درسگاهہ ۾ نائب معلم بڻيو. 1157هہ/ 1744ع ۾ سنڌي ”مطلوب المومنين“ نالي ڪتاب لکيائين، جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي درست ڪري مڪتبن لاءِ منظور ڪيو.“(27)

مولانا عربي فارسي ۽ سنڌي ٻولين جو عالم هو.

(9) مخدوم رحمت الله (وفات: 1724ع)

”هن جو خاندان پيڙهين کان ٺٽي ۾ علمي طور سرگرم هو ۽ هميشہ شرعي حڪمن جي تعمير ۾ مصروف رهندو هو. هن عالم سالن جا سال درسگاهہ هلايائين. هن جي شاگردن مان مخدوم ضياءُالدين ۽ ميان ابو

القاسم وڏي اهميت رکن ٿا. 1137هه/1724ع ۾ وفا ڪيائين.“(28) ”مخدوم رحمة الله جي والد جو نالو مخدوم علي احمد هو. سندس پٽ مخدوم عبدالجميل بہ وڏن گڻن وارو ٿيو. هو مخدوم ضياءُالدين جو نياڻو ٿيو. عبدالجميل 1154ـ1726ع ۾ وفات ڪئي.“

(10) مرا ابوالقصا ٺٽوي (وفات: 1726ع):

پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ استاد ٿي گذريو آهي. فارسي زبان تي وڏو عبور حاصل هيس.(26) فارسي جو عالم ۽ مدرس ٿي گذريو. شاعري ۾ ڏاڍي ڪمال جو مالڪ هو. شيخ سعدي جي گلستان کي نظم بحر ۾ ڪيائين. هن سال 1146هه مطابق 1726ع ۾ وفات ڪئي.(29)

(11) مخدوم احمد ڪتابي ٺٽوي:

”احمد بن مخدوم اڪرم اگهمي محمد اڪرم ٺٽي ۾ اچي رهيو ۽ علمي ڪماليت ۾ وڏي شهرت جو مالڪ هو. سندس فرزند ميان احمد حال ۽ قال جو صاحب هو. شروع واري زماني ۾ درس تدريس جو شغل جاري رکيائين ۽ سندس وڏن ۽ مشهور شاگردن مان مخدوم عنايت الله ٺٽوي آهي، جنهن جي فيض مان هزارين ماڻهو فائديمند ٿيا. آخري عمر ۾ دنيا کان ترڪ تعلقات ڪري گوشہ نشين ٿي رهيو. حضور رسول ڪريمﷺ جي دربار مان ڪتابي جو لقب عطا ٿيل هو. هي بزرگ ٻارهين صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي.“(30)

(12) ميان عنايت الله ٺٽوي:

”مخدوم محمد معين جي مدرسي ۾ نائب هو. مخدوم صاحب جي وفات کانپوءِ بہ درس ۽ تدريس ۾ مشغول رهيو.“(31)

(13) مخدوم محمد سعيد ٺٽوي:

”هن بزرگ کي مخدوم محمد هاشم جي استادن ۾ شمار ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب پنهنجي والد کان پوءِ ڪجهہ وقت مخدوم محمد سعيد وٽ پڙهيو. هن بابت وڌيڪ معلومات نہ ٿي ملي.“(32)

(14) مخدوم عبدالله واعظ ٺٽوي (وفات: 1747ع)

”ميان عبدالله واعظ عرف ميان موريو پڻ هڪ باصفا عالم، بزرگيءَ ۽ برڪت ۾ ملڪان ملڪ مشهور هو. پنهنجو برڪت پريو وقت هميشہ واعظ ڪرڻ ۾ مصروف رکندو هو.“(33) ”سندس اولاد مان ميان عبدالقادر حرمين شريفين جي زيارت ڪانپوءِ پيءُ جي جاءِ تي واعظ جي مجلس سينگاري ۽ سن 1186هہ ۾ گذاري ويو.“(34) ”ميان عبدالله ولد ميان محمد حفيظ، مخدوم ابوالحسن سنڌي واري جو پاڻتيو/ پاڻيجو هو. سندس ئي شاگرد ۽ مريد پڻ هو. ميان موري جي نالي سان مشهور هو. وڏو پرهيزگار صاحب علم ۽ عمل ۽ خدائي توفيق ۽ ذات جو مالڪ هو. تمام وڏي ڄمار ڪي رسي 1167هہ ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.“(35)

(15) مخدوم عبدالرحمان ٺٽوي (1711ع-1761ع)

مخدوم عبدالرحمان بن مخدوممحمد هاشم ٺٽوي، ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. هيءُ ڀلارو صالح عالم فاضل پنهنجي والد جو صالح فرزند، قرآن جو حافظ، وڏو عالم ۽ صوفي هو. سندس ولادت 16 شوال المڪرم 1131هہ تي ٿي. پنهنجي والد کان پوءِ سجاده نشينيءَ جو ڪيس ئي شرف حاصل ٿيو. سندس والد جا مريد سنڌ کان ٻاهر ڪانياواڙ ۽ ڪڇ ۾ بہ پکڙيل هئا، جنهن ڪري هيءُ بزرگ سنڌ کان ٻاهر مريدن ڏانهن هدات ۽ تلقين لاءِ بہ ويندو هو.“(36)

”هڪ دفعي ڪانياواڙ جي علائقي جي ڪوتياڻي ڳوٺ ۾ پنهنجي معتقدن وٽ مقيم هو تہ اتي 51 سالن جي ڄمار ۾ اجل جو قاصد اچي پهتو. 5 ربيع الاول 1182هہ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو.“(32)

(16) مخدوم عبداللطيف ٺٽوي (1724ع- 1769ع)

”عالم، فاضل، محدث، فقيہ مخدوم عبداللطيف ولد حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ولادت 14 شعبان 1144هہ. پنهنجي والد بزرگ جي آغوش شفقت ۾ پرورش حاصل ڪيائين. قرآن جو حافظ، حديث جو وڏو عالم هو. فقہ ۾ يڪتاءِ روزگار هو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ مدرسو سنڀالي ورتائين. مخدوم عبداللطيف بدعات جي رد ۽ حنفي مذهب جي نصرت ۾ ڏاڍو متشدد هو. هن علامہ مخدوم محمد معين ٺٽوي جي ڪتاب

دراسات اللبيت جي رد ۾ هڪ وڏو عالمانہ ڪتاب ”الذب الذباب“ لکي پنهنجي علمي فضيلت جو ڌاڪو ويهاريو آهي. پنهنجي والد جي عربي ڪتابن جو ترجمو بہ ڪيو اٿائين. مخدوم عبداللطيف 55 سالن جي ڄمار ۾ 17 ذي القعد 1189هہ ٺٽي ۾ وفات ڪري ويو.“ (38)

(17) محمد احسن ٺٽوي (وفات: 1771ع)

ٺٽي جو رهاڪو ۽ محمد عاقل جو پٽ هو. سندس مامو محمد حسن دهلي ۾ رهندو هو. احسن کي شاهي منصب حاصل هو. پيءُ ۽ پٽ ٻئي قرآن جا حافظ هئا. کين عربيءَ تي وڏي مهارت حاصل هئي. ٺٽي ۾ درس ۽ تدريس جوڳم ڪيائون. احسن 1185هہ / 1771ع ۾ فوت ٿيو.“ (39)

(18) ميان محمد ٺٽوي:

ميان احمد ڪتابي جو پٽ هيو. ميان احمد خود بہ وقت جو وڏو علام ۽ استاد هو. ميان محمد والد وانگر علمي مدرسو سنڀاليو. پاڻ نهايت فضيلت ڀريو انسان هو. هن بعد سندس پٽ ميان احمد سندس جاءِ تي گادي نشين بڻيو جيڪو مخدوم ضياءالدين جي شاگردن مان هو.(40)

”مخدوم عبدالجميل جو پٽ ۽ مخدوم رحمت الله جو پوٽو هو. علم منقول نامي مخدوم ضياءُالدين ۽ علم معقول مولوي محمد صادق وٽ پڑهيو. ويهن سالن جي عمر ۾ علمي مدرسو کولي اڪثر شاگردن کي درس ڏنائين.“ (41) هن بزرگ جي ولادت ۽ وفات جون تاريخون نہ ٿيون ملن.

انهن بزرگ هستين ۽ نامور عالمن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي عالم سڳورا ملن ٿا، مگر انهن جو احوال اعتبار جوڳو نٿو ملي. هتي صرف انهن نامور عالمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن جو ڪلهوڙن جي ايام ۾ سڄيءَ سنڌ ۽ هند ۾ چرچو هو. ڪلهوڙا دؤر ۾ ٺٽي کان علاوه سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيترائي ٻيا بہ عالم، فاضل، شاعر ۽ محقق موجود هيا.

حوالا:

1. همايوني نياز حسين حڪيم ”سنڌ جي طبي تاريخ جلد ٻيو ڇاپو پهريون 1976، ص.
2. رحميداد خان، مولائي شيدائي ”جنت السنڌ“ ڇاپو پهريون، 1958ع مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو حيدرآباد سنڌ، ص. 522

3. مگسي، عبدالله پروفيسر سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو ڇاپو پهريون، ص. 144
4. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر ”سنڌ جي تاريخ“ (مقالا ۽ مضمون) ڇاپو ٽيون، اپريل 2003ع ص. 229.
5. ٺٽوي، مير علي شبير قانع تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو ڇاپو ٻيو 1976ع مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ حيدرآباد، ص. 164
6. بيگ، مرزا قليچ ”قديم سنڌ“ ڇاپو ٽيون 1921ع، مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، ص. 105
7. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر”سنڌ جي تاريخ (مقالا ۽ مضمون) ڇاپو ٽيون. اپريل 2003ع، ص. 232
8. سنڌ گزيٽيئر، ص 105 اصل حوالو ڊاڪٽر مرحوم بہ سنڌ گزيٽيئر جو ڏنو آهي. مطابق 1580ع.
9. ڇٻلاڻي، ايس-پي- ڊاڪٽر ”سنڌ جي اقتصادي تاريخ“ڇاپو ٻيو 1968ع، مطوبعہ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، ص. 75
10. تميمي، رسول بخش ”ٺٽو صدين کان (تاريخ) ڇاپو پهريون 2003ع، ص. 125 روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
11. ”برنس، اليگيزينڊر”سنڌو جو سفر“ سنڌي ترجمو ﭘﻨﻬﻮر عطا محمد، ڇاپو ٻيو 1998ع، ص. 31 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
12. مهر غلام رسول، ”تاريخ ڪلهوڙا دؤر“ (جلد ٻيو)، ڇاپو پهريون، 1964ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو سنڌ، ص 816
13. انصاري، محمد ابراهيم: ”سنڌ جي تاريخ“، ڇاپو پهريون، جون 1976ع، ص 570
14. مولائي شيدائي، رحيمداد ”تاريخ تمدن سنڌ“ ڇاپو پهريون 1959ع، ص. 570
15. انصاري محمد ابراهيم، ”سنڌ جي تاريخ“ ڇاپو پهريون، 1959ع، ص. 570
16. ميمڻ عبدالغفور سنڌ ”عظيم سنڌي انسان“ ڇاپو پهريون 1981ع مطوبعہ ماڊرن بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو ص. 83_284
17. بيدار، عمرالدين ”اڳوڻا ناميارا سنڌي“ مرتب. ڇاپو پهريون سال 65 مطبوعہ سنڌيڪا اڪيدمي ڪراچي.
18. قاسمي، غلام مصطفيٰ علامہ ”مقالات قاسمي“ مرتب، پروفيسر ڊاڪٽر مظهرالدين سومرو، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر 2000ع.
19. ٺٽوي، مير علي شير قانع ” تحفةالڪرام“ سنڌي ترجمو سال 1976ع، ص. 64_563
20. روزانہ ”الوحيد سنڌ آزاد نمبر“ 1936ع.ص. 34
21. مگريو، رفيق احمد ڊاڪٽر ”شيخ محمد حيات سنڌي“ ڇاپو پهريون، جولاءِ 2009ع، ص. 309
22. ٺٽوي، مير علي شير قانع “تحفة الڪرام“ سنڌي ترجمو ڇاپو ٻيو سال 1976ع، ص. 561
23. دين محمد وفائي ”تذڪره مشاهير سنڌ“ جلد ٽيون، ڇاپو پهريون 1968ع
24. قادري، عبدالرسول ڊاڪٽر ”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح ۽ خدمات“ ڇاپو ٻيو سال 2000ع، ص. 59، ....، 57،60
25. ٺٽوي، مير علي شير قانع “تحفة الڪرام“ سنڌي ترجمو ڇاپو ٻيو، سال 1976ع
26. لاکو غلام محمد ڊاڪٽر ”ڪلهوڙا دؤر“ ڇاپو پهريون 2004ع، ص. 367

27. ٽتوي، مير علي شير قانع ” تحفة الڪرام“ سنڌي ترجمو ڇاپو ٻيو سال 1976ع، ص.588
28. ايضا:
29. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ”سنڌي ثقافت تي اسلامي اثر“ ڇاپو پهريون، 1989ع، ص.257
30. ٺٽوي، مير علي شير قانع ”مقالات السنڌ“ (فارسي) ڇاپو پهريون، 1957ع، ص.248
31. ٺٽوي، مير علي شير قانع ”تحفة الڪرام“ سنڌي ترجمو ص.555
32. لاکو، غلام محمد ڊاڪٽر ”ڪلهوڙا حڪومت“ ص.368
33. ايضا: ٺٽوي، مير علي شير قانع، ”مقالات الشعرا“ ص.78
34. وفائي، دين محمد مولانا ”تذڪره مشاهير سنڌ“ جلد پهريون، ڇاپو ٻيو 1985ع، ص.115ـ 116
35. ايضا:
36. ٺٽو مير علي شير قانع ” تحفة الڪرام“س نڌي ترجمو ص.568
37. لاکو، غلام محمد ڊاڪٽر ” تحفة الڪرام“ سنڌي ترجمو ص.561
38. ايضا: صفحو ساڳيو
39. وفائي، دين محمد مولانا ”تذڪره مشاهير سنڌي“ جلد ٻيو ڇاپو پهريون 1985ع، ص.227
40. قادري، عبدالرسول ڊاڪٽر ”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي“ (سوانح) ڇاپو پهريون، 1988ع، ص.157
41. وفائي دين محمد مولانا، ”تذڪره مشاهير سنڌ“ جلد ٽيون 1986ع، ص.329.

ڪلهوڙا دؤر جا نامور شاعر

پرويز شمس ڪلوڙ

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙن جي دؤر کي وڏي اهميت حاصل آهي. هن دؤر ۾ نہ رڳو ٽڪرا ٽڪرا ٿيل سنڌ جو وکريل وجود يڪجا ٿيو پر ڌارين حاڪمن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سان ويڙهاند ڪان سنڌ کي پهريون ڀيرو هڪ قومي وحدت پڻ ملي. ڪلهوڙن جي حڪومت جدوجهد جو سلسلو ميان آدم شاهہ شهيد شروع ٿي. عبدالنبي عباسي تائين رهيو هنن مجموعي طور سنڌ تي 81 سال حڪمراني ڪئي.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪلهوڙا دؤر کي سونهري دؤر سڏيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ هن ئي دؤر ۾ سرتاج الشعراءُ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ميان سرفراز ڪلهوڙو، مير علي شير قانع، خواجہ محمد زمان لواريءَ وارو، مخدوم غلام محمد بگائي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم معين ٺٽوي وغيره جهڙا ٻيا بہ ڪيترائي نامور عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا، جن پنهنجي قلم ۽ ڏات سان سنسار کي سنواريو آهي، جن مان هتي چند جو ذڪر ڪجي ٿو

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي

ٺٽي جو هي وڏو عالم 1661ع ۾ ڄائو ۽ 1700ع کان پوءِ وفات ڪري ويو. هن عربي رسم الخط ۾ واڌارو آڻي سنڌي رسم الخط تيار ڪئي ۽ انهيءَ صورتخطي ۾ الف اشباع جي قافيہ تي مشتمل ڪتاب ”مقدت الصلوات“ 1700ع ۾ لکيو. تنهنڪري کيس ”سنڌي علم ادب جو پايو وجهندڙ“ چيو ويو آهي. سنڌي ادب ۾ هن ڪتاب کي وڏي اهميت حاصل آهي. مقدت الصلوات کي عام طور ”ابوالحسن جي سنڌي“ بہ چيو وڃي ٿو. فني سٽا جي لحاظ کان هن ۾ الف اشباع جي ڏگهن بيتن کان سواءِ صحيح قافيہ وارا ڏگها بيت بہ آهن، جن کي ڪبت چيو ويندو آهي. ان کان سواءِ ڪيترن هنڌن تي ٻن مصرعن تي مشتمل دوها بہ آيل آهن. دوهي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ساراهجي سو ڏڻي، سندو جنهن فرمان
مڃيو مڙني مومنين آنديئون ايمان

مخدوم صاحب جو موادي شعر وري هن طرح سان آهي.

چوٿون رڪوع سجدي ۾ ڪرڻ ويرم ڪا
قدر تسبيح هيڪڙي توڙي تي پيرا
پنجون فرض فرض هنڌ. واجب واجب جا
ستون لفظ سلام سين نڪرڻ نمازا
(الف اشباع)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

هن بزرگ جو جنم 1690ع ڏاري ضلعي ٺٽي جي ميرپور بٺوري شهر ۾ ٿيو. عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ تقريبن ڏيڍ سئو ڪتاب لکيائين. سندس عربي ڪتاب مصر جي الازهر يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايا ويندا هئا. سندس سنڌي ڪتاب گهڻو ڪري مخدوم ابوالحسن جي سنڌي جي نموني تي لکيل آهن. البت ڪن ڪتابن ۾ صحيح بيت ۽ ڏگها بيت يعني ڪپتون ب آهن، هن 1760ع ۾ وفات ڪئي.

بقا ناهه بلاد کي، دنيا ناهه دوام
اَجل ٿو اوتون ڪري، ٿي قريب قيام
سمر سندي ساٿيا ڪريو تان تمام
ڪريو ياد ڪريم کي سنجهي صبح شام
مڃڻ ويسارا وهو اپيو منجهه اسلام
کهو ڪلمو صدق سين مٿي محمد ڄام

محمد شريف راٽيپوري

محمد شريف راٽيپوري، خيرپور ضلعي جي راٽيپور جو ويٺل هو هي بزرگ 1160هه بمطابق 1747ع ۾ ڄائو هو. الف اشباع واري نظم ۾ ڪتاب ڪيترائي لکيائين.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي

مخدوم عبدالرحيم گروهوڙي الف اشباع جي نظم ۾ قرآن شريف جي سورتن جو ترجمو ۽ تفسير لکيو. مخدوم صاحب بيت ب لکيا آهن، جن ۾

تصوف جا اونها راز بيان ڪيل آهن. هو 1739ع ۾ سعدالله مگريو جي گهر ڳوٺ واڙ تعلقي ڪپري ۾ ڄائو هو. حضرت خواجہ محمد زمان لواريءَ واري جو مريد ۽ خليفو هو. 1778ع ۾ ٺٽر ۾ هڪ بت خاني جي پوڄارين سان جهاد ڪندي شهادت ماڻيائين.

سرور آخر سورتين مهڙ منجهہ معنا
اصل عالم مون پرين علت ايجادا
آدم ولدان جو توڙي والد آهہ
والد آهہ وڻ جئن، ميوو مولودا
اول الفڪر آخر العمل پرين يا راها
پاڻان سونهون مون پرين، سڀ ان سببا
نرمل نوري پاڻ ۾ ٻين جو راتا

مخدوم غلام بگائي

بزرگ الف اشباع جي نظم ۾ مداحون، مناجاتون، معجزا ۽ مناقبا چيا آهن. ان ڪان سواءِ قصيده برده شريف جو منظوم شرح بہ لکيو اٿائين. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ڪان پوءِ هن قسم جو شعر مخدوم غلام محمد بگائي جو ملي ٿو. هي بزرگ سنڌ جي هاڪاري حڪمران ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ زندهہ هو. هيءُ بزرگ موري تعلقي جو وينل هو. مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت تي الف اشباع ۾ مرثيہ نما نظم لکيو اٿائين.

ميڙو ڪر مخدوم تي اچانڪ آيا
جابر جي جاگير تي ڪاهي ڪل پيا
ماري مومن جا ڦُري مال متاعا
ضرر، ظلم، زيادتون تن کهڙا چوان ڪيا

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

شاهہ عنايت رضويءَ ڪان پوءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بيت جو وڏو ۽ باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. هيءُ عظيم شاعر 1689ع ۾ هالا حويلي ۾ ڄائو. شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جو ٽڙ پوٽو ۽ شاهہ حبيب جو فرزند هو. سندس شعر بيت ۽ وائي جي صورت ۾ موجود آهن. سندس شعر ۾ اهي سڀ

خوبيون موجود آهن, جيڪي هڪ الهامي ۽ وڏي ۾ وڏي شاعر جي شعر جون خوبيون هجڻ گهرجن. شاهه جو شعر, شاهه جو رسالو ۾ يڪجا ٿيل آهي, جنهن تي ڊاڪٽر سورلي سميت سوين محقق پي.ايڇ.ڊي ڪئي آهي.

مون ساريندي سُپرين, اَچين جي هيڪار
تہ پيرين ڏريان پنبڻيون هنڌ وڇايان وار
ساجن سڀ ڄمار هوند گولي ٿي گُذاريان

ڪڙو منجهہ ڪري جيئن لُهار لپيٽيو
مُنهنجو جيءُ جڙي, سُپرين سوگهو ڪيو

خواجہ محمد زمان لواريءَ وارو

خواجہ صاحب جو شعر بيت جي صورت ۾ آهي. جنهن جو معيار مڙني ڪان مٿانهون آهي. سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي جو وڏو بزرگ هو ۽ لواري درگاهہ جو باني هو. 1780ع ۾ سندس ولادت ٿي ۽ 1874ع ۾ وصال ڪيائون. حاجي عبداللطيف شيخ جو فرزند ۽ نسبي سلسلو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سان ملي ٿو. خواجہ محمد زمان لواريءَ جا 85 سنڌي بيت مليا آهن, جن جي عربيءَ ۾ شرح سندن مريد عبدالرحيم گرهوڙي ۽ ان جو سنڌي ترجمو علامہ عمر بن دائود پوٽي مرحوم "ابيات سنڌي" جي نالي سان ڪيو آهي.

جنين ڏٺو پاڻ ڪي, تنين ڏٺو سپرين
غلط اِيءُ گمان, تہ عارف پسي آرسي

هوندا هوت پري, اوڏر نہ اڻ هوند ڪي
سڄن تن سري, لا سين "لا" لاهين جي

سيد محمد بقا

موجوده پير صاحب پاڳاري جو جدامجد ۽ راشدي خاندن جو وڏو 1722ع ۾ جائو هو ۽ 1783ع ۾ سندس شهادت ٿي. سندس ڪجهہ بيت مليا آهن. هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو

جي ڪچان تہ ڪوڪ نڪري, صبر سان آءُ سهان

اکيون لاهيون پرکي ويٺي سُور سهان
ڪنهن کي ڪين چوان، تہ ڪنهن پر اڪنڊي آهيان

روحل فقير

هو ڦريائين غلام شاهہ ڪلهوڙي جو ملازم هو پر پوءِ فقيري اختيار ڪيائين ۽ اچي اردو، روهڙي لڳ ڪنڊڙي جي مقام تي ديرو ڄمايائين وسايائين. وڏو عالم فاضل هو. سنڌي، هندي ۽ سرائيڪي جو بلند پايہ شاعر آهي. سندس ڪلام ۾ تصوف جون باريڪ بينيون جا بجا نظر اچن ٿيون. هنديءَ ۾ سندس من پربوڌ پريم گيان ۽ انيو منظوم تصنيفون آهن. همہ اوست، وحدت، ڪثرت، فنا ۽ بقا سندس شعر جو مضمون آهن.

پنهنجون اکيون پاڻ ۾، جوڙي رکيون جن
سَوُ سَئو پيرا ساعت ۾، ٿا پلپل پرين پسن
تن تحصيلوان تمام ڪيون، محبت جن جي من
روحل مٿان تن لٿا حرف حساب جا

صاحبڏنو فاروقي

ميان صاحبڏنو فاروقي، حضرت سچل سرمست جو ڏاڏو هو. جيڪو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو همعصر هيو ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاقات پڻ ٿي هئي. سندس بيت پنهنجي ذهن ۽ فڪر جا امين، رجودي حلقي و فڪر جا ترجمان ۽ شارح آهن. سندس وفات 1788ع ڌاري ٿي.

ڪنين جو نيهن نهر سان، ڪنين دہايا درياهہ
صاحبڏني جي ساهہ، سارو سمنڊ سمايو

مخدوم عبدالرئوف ڀٽي

هالن جو هي عالم ۽ شاعر مولود جو هڪ ٻيو مشهور شاعر آهي. مداحون بہ چيون اٿائين. سندس ولادت 1682ع ۽ وفات 1752ع ڌاري ٿي. سندس مداح الف اشباع جي نظم ۾ آهن ۽ مولود ڪافيءَ جي شعر جو نمونو آهن

محمد ڏسي منُ ناريان، جنهن لئہ اُڪنڊيو آهيان
سيد ڏسي سڪ لاهيان، جنهن لئہ اڪنڊيو آهيان

ميان سرفراز ڪلهوڙو

مدح جو ٻيو نامور ۽ باڪمال شاعر ميان سرفراز ڪلهوڙو 1772ع ۾ سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو. ميان سرفراز ڪلهوڙو حڪمران هجڻ سان گڏوگڏ فارسي زبان جو بہ صاحب، ديوان شاعر هو. 1774ع دوران اسيريءَ ۾ هوندي هڪ مدح چئي اٿس، جنهن کي سنڌي ادب ۾ غير فاني حيثيت حاصل آهي.

آهيان ڏڏ، غمن گڏ، سچا سڏ سٽج تون
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ، ڏنئين مون

جمن چارڻ

مدح جي سلسلي ۾ جو پهريون شاعر جمن چارڻ کهڙا ضلعي خيرپور جو ويٺل هو. هي پهريون شاعر آهي جنهن جي مدح ملي آهي. ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي حاڪم عبدالله خان جي درميان ٿيل جنگ نظم ۾ بيان ڪئي اٿائين، جيڪا رزميہ نظم ۾ پڻ شاهڪار درجو رکي ٿي جنهن ۾ سنڌين جي سورهيائيءَ کي ساراهيائين. رزميہ شاعري، واقع نگاري ۽ فطرت نگاريءَ ۾ ڪمال جو شاعر هو. 1738ع ۾ وفات ڪيائين. پير ڪٽپر (خيرپور ضلعو) قبرستان ۾ مدفون ٿيو.

هنن خاص ۽ اهم شاعرن جي علاوه ٻيا ڪيترا شاعر ڪلهوڙا دؤر ۾ ٿي گذريا آهن، جن ۾ مخدوم عبدالله، صابر موچي، جلال ڪتي، شاهہ عنايت رضوي ۽ مراد فقير زنگيجو وغيره جي علاوه سون جي تعداد ۾ قابلِ ذڪر آهن. پر جيئن تہ مقالي جو عنوان ۽ موضوع نامور شاعرن جو ذڪر بيان ڪرڻ هو. تنهن مناسبت سان اختصار کان ڪم وٺندي هن نامور شاعر جو ذڪر آندو ويو آهي.

ڪلهوڙن جي دؤر جا مخطوطات ـ هڪ جائزو

راجا ”ڏاهر“ عباسي

سنڌ ۾ 1700ع کان 1783ع تائين ڪلهوڙن جي حڪمراني رهي. ان دؤر جي مخطوطن کي ڪلهوڙن جي دؤر جا مخطوطا سڏيو ويجي ٿو. نبي بخش خان بلوچ لغت ۾ مخطوطا لفظ جي معنيٰ قلمي ڪتاب يا لکيل ڪتاب ڄاڻائي آهي. ”ڪلهوڙن جي دؤر جا مخطوطا“ يعني 1700ع کا 1783ع جي دؤر جا ڪتاب، هن دؤر کي ادبي حوالي سان وڏي اهميت حاصل آهي. ڇو تہ پهريون ڀيرو هن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکجڻ شروع ٿيا. هن دؤر جي ڪتابن جي فهرست تمام ڊگهي آهي، جنهن کي ڏهن صفن تي بيان نٿو ڪري سگهجي. پر هن مقالي ۾ ڪتابن کي مختصر الفابيٽڪلي بيان ڪجي ٿو تہ جيئن وڌ ۾ وڌ ڪتابن بابت ڄاڻ ڏئي سگهجي.

آشڪارا: هي سچل سرمست جو پارسي ڪلام آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

ابيات سنڌي: هي ڪتاب خواجہ محمد زمان جو آهي. هن ڪتاب جو ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب سنڌي ادب جو تاريخي جائزو ۾ ڪيل آهي.

ابيات مثنوي: هي ڪتاب مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جو لکيل آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي مرشدن جي ساراهہ لکي آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

اجارت النجده: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

الرحيق المختوم في وصل اساليدالعلوم: هي ڪتاب مخدوممحمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

السيف الجلي عن سباب النبي: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جولکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

الشفاءَ الدائم: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي، هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

الشفاءِ في مسئلہ الراءِ: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي، هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

الطريقتہ الاحمديہ: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

القول الانور: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

اللئولئوالمڪنون من مدالسڪون: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آ هي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

انتخاب الاڪابر في مرويات للشيخ عبدالقادر: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آ هي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

انيو: هي تصنيف روحل فقير جي آهي. هن جو ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب سنڌي ادب جو تاريخي جائزو ۾ آهي.

بازنامون: هي ڪتاب ميان دائود خان لکيو آهي. هي ڪتاب جانورن جي بيمارين متعلق آهي. هن ڪتاب جو ذڪر حڪيم نياز حسن همايوني جي ڪتاب سنڌ جي طبي تاريخ جلد-2 ۾ آهي.

بدالمنير: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جولکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ ڪيل آهي.

بذل القوي: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جولکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ ڪيل آهي.
بياض هاشمي: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ ڪيل آهي.
تارنامہ: هي سچل سرمست جو پارسي ڪلام آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.
تحفة المغازي بصيع المقازي: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.
تحفة الخوان في شرب الدخان: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.
تحفة الڪرام: هي ڪتاب مير علي شير قانع لکيو جيڪو سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن تي آهي.
تحفة الطاهرين: هي ڪتاب شيخ محمد اعظم جو لکيل آهي. هن ۾ صوفين ۽ شاعرن جو ذڪر آهي. هن ڪتب جو ذڪر مختيار احمد ملاح جي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جديد مطالعو ۾ آهي.
ترصيح الدره: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽو جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ ڪيل آهي.
تصيح المدرڪ: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.
نظم الجواهر بذيل اتحاق الاڪابر: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

تفصير تبارڪ: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ ڪيل آهي.
تفسير يوسف: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ ڪيل آهي.
تمام العنايت: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.
تنقيع الڪلام في تحرير خلق الامام: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ آيل آهي.
تهذيب الاصلاح: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.
پريم گيان: هي تصنيف روحل فقير جي آهي، جيڪا هنديءَ ۾ آهي. هن تصنيف جو ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب سنڌي ادب جو تاريخي جائزو ۾ ڪيل آهي.
جامع الصنائع: هي ڪتاب حڪيم سيد عبدالڪريم رضويءَ جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر حڪيم نياز حسن همايوني جي ڪتاب "سنڌ جي طبي تاريخ" جلد ٻيون ۾ ڏنل آهي.
جامع جفر: هي ڪتاب مرزا احمد جفر جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر حڪيم نياز حسن همايون جي ڪتاب سنڌ جي طبي تاريخ جلد ٻيون ۾ ڏنل آهي.
جنت النعيم في فضائل قرآن العظيم: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.
جامع الازهر: هن ڪتاب جو لکيڪ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي آهي. هن ڪتاب جو ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب سنڌي ادب جوتاريخي جائزو ۾ آهي.

جنتل الفردوس: هي ڪتاب مولانا محمد عرق نصيرالدين جولکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مختيار احمد ملاح جي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جديد مطالعو ۾ڪيل آهي.

حيات القاري باطراف البخاري: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

حيقتہ الصفا الرا السماءَ المصطفيٰ: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

حيات الصائمين: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيو آهي.

حيات القلوب: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيو آهي.

خزانہ اعظم: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جولکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

خلفاءِ راشدين: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

درهم الصره في رقع الدين تخت الصره: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

ذريعتہ الوصرل الي جناب الرسول: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

دبع شڪار عرف راحت المومنين: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيو آهي.

راز نامہ: هي ڪتاب سچل سرمست جو پارسي ڪلام آهي. هن جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

رسالہ سچل جلد 1: هي سچل سرمست جو ڪلام آهي. هن جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

رسالہ سچل جلد 2: هي ڪتاب سچل سرمست جو ڪلام آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

رسالہ في مسئلہ الشڪر: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

رسالہ في وجوه قرآن ومد اهل الڪتاب: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

رشعات الفنون: هي ڪتاب مير امين الدين خان لکيو آهي. هن ڪتاب جو ذڪر حڪيم نياز حسن همايوني جي ڪتاب سنڌ جي طبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

رهبر نامہ: هي سچل سرمست جو پارسي ڪلام آهي. هن جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

زاد السفينہ: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

سنڌي ڪلام ۽ ابيات: هي ڪتاب مخدوم عبدالرحيم شهيد گروهڙيءَ جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

سڱ نامون: هي ڪتاب مخدوم حافظ عباالله نرائي جو لکيل آهي.هن ڪتاب جو ذڪر مختيار احمد ملاح جيڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو ۾ آيل آهي.

سيرستان: هي ڪتاب پارسي ڪتاب قصص الانبياءَ جو ترجمو آهي. هن جو مترجم مولوي محمد حسين مرحوم آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ بيان آهي.

شاهہ جو ڪلام: شاهہ عبداللطيف دنيا جو عظيم ڏاهو انسان آهي، جنهن جو فلسفو انسان جي بنيادي تعليم لاءِ ضروري آهي. هن عظيم فلاسافر پنهنجي ڪلام کي ٽيهن سرن ۾ ورهايو آهي ۽ هن جي انهن ٽيهن سرن تي گڏي سڏي شاهہ جو ڪلام چيو وڃي ٿو.

شاهہ عنايت جو ڪلام: شاهہ عنايت ۽ شاهہ لطيف شعر ۾ هڪ ئي رستي تي هليا آهن. اها ئي ٻولي، اهائي پابندي، اهائي خيالن جي هڪجهڙائي، هن ٻہ بيتن کي شاهہ لطيف وانگر مختلف سرن ۾ ورهايو آهي ۽ سنڌ جي عشقيہ داستانن کي شعر ۾ ڪتب آندو آهي. مثلن عمر مارئي، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچيءَ جي قصن کي وڻندڙ انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

شجاعت سيد الانام: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

شدالفطاق: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

شهادت امام حسين: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

صاحب ڏنو جو ڪلام: هي ڪلام صاحب ڏنو فاروقي جو آهي. هو شاهہ لطيف جو همعصر ۽ سچل سرمست جو ڏاڏو هو. هن جي ڪلام جو ذڪر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب سنڌي ادب جو تاريخي جائزو ۾ ڪيل آهي.

صفت بهشت: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آهي.

طب دائودي: هي ڪتاب ميان يار محمد جي پٽ ميان دائود خان لکيو آهي ڪتاب ماڻهن جي بيماري جي علاج لاءِ آهي. هن ڪتاب جو ذڪر حڪيم نياز حسن جي ڪتاب سنڌ جي طبي تريخ جلد 2 ۾ آيل آهي.

عجائب الحيوانات: هي ڪتاب مير امين الدين خان جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر حڪيم نياز حسن همايوني جي ڪتاب سنڌ جي طبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

غاية النيل في افئصارا لاتعاق والذيل: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

غزوات: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

غنية الظريف بجمع العرويات واتصائيف: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ آيل آهي.

ذاڪهة البستان: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو ذڪر مرحوم خانبهادر الحاج محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڪيل آهي.

فتح الفضل: هي ڪتاب مخدوم عبدالرحيم گروهڙي جو لکيل آهي.

فتح القوي: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي.

فتح الڪلام: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي.

فرائض السلام: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي.

فيض الغني في تقدير صاع النبي: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي.

قصو سيدنا امير عمر جو اسلام آڻڻ: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي.

قمرالمنير: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي.

قوت العاشقين: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي.

ڪتاب العظمر: هي ڪتاب مخدوم عبدالرئوف جو لکيل آهي.

ڪشف الدين عن مسئلہ رفع الدين: هي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي.

ڪنزاالعبرت: هي ڪتاب مخدوم عبدالله جو لکيل آهي.

هنن ڪتابن جي علاوه ٻيا بہ اهڙا سوين ڪتاب آهن، جيڪي ڪلهوڙا دؤر ۾ لکيا ويا، جن ڪي ڪلهوڙا دؤر جا مخطوطا چٽجي ٿو پر انهن جو مستند حوالو نہ ملي سگهيو آهي. ان ڪري جو علمي، ادبي طور تي ڪلهوڙا دؤر سنڌي ٻولي ۽ ادب جو شاهوڪار دؤر رهيو آهي.

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book